

انور پيرزادو

# بابا

امر پيرزادو

پيڪاڪ

# بابا
# انور پيرزادو

ليکڪ

**امر پيرزادو**

**پيڪاڪ پبلشرس**
**ڪراچي**

**انور پيرزادو اڪيڊمي**
**ڪراچي**

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪتاب نمبر 226

ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري ۽ ليکڪ وٽ محفوظ آهن. پبلشر ۽ ليکڪ جي اجازت کان سواءِ ڪتاب جو ڪو بہ حصو ڪاپي يا شايع نہ ٿو ڪري سگهجي.

# بابا_انور پيرزادو


ليکڪ: امر پيرزادو

ڇاپو پهريون: جنوري 2022ع

تعداد: 1000 ڪاپيون

لي آئوٽ: سيد آفاق شاهہ

ٽائيٽل: خدا بخش ابڙو

قيمت: 400 رُپيا

ڇپيندڙ: ايچ اينڊ آر پرنٽرس، ڪراچي، سنڌ

ڇپائيندڙ: پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي سنڌ
انور پيرزادو اڪيڊمي، ڪراچي

peacockpublishers@gmail.com

ڪتاب ملڻ جو هنڌ

**پيڪاڪ ڪتاب گهر**

ڪراچي: رفيق سينٽر، زينب مارڪيٽ صدر. قمر آفتاب: 0300-2152634

حيدرآباد: عبرت پريس واري گهٽي. ديدار شاد گوپانگ: 0304-3018400

لاڙڪاڻو: پرگڙي پلازه جي سامهون. ڪامران شيخ: 0315-3578801

خيرپور: تهذيب نيوز ايجنسي. عمران عباس: 0308-3475569

سکر: الفتاح نيوز ايجنسي. اشفاق احمد: 0300-3293790

سارنگ بوڪ ورلڊ. فون: 0301-3431537

دادو: مدني ڪتاب گهر: شوڪت ڪوڪر: 0300-3556788


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انتساب

انور پيرزادي جي اسڪول آف ٿاٽ

**شاهه عبداللطيف ڀٽائي**

نالي

جيڪو انور پيرزادي جو

فڪري ۽ روحاني رهبر هو.



زندگي ڪيڏي بہ رکي
ڪيڏي بہ ڏکي
ڪيڏو بہ ڏچو
جي سچ پڇو
موت کان پياري آهي.

**انور پيرزادو**

# فهرست


- كتاب لکڻ جو مقصد — امر پيرزادو — 9
- هو راڻو رامڪلي جهڙو (مهاڳ) — حسن مجتبیٰ — 13

01 ابتدائي زندگي، خانداني پسمنظر ۾ تعليمي سفر۽ روزگار 17
02 ايئر فورس مان ڪورٽ مارشل ٿيڻ جي ڪٿا 30
03 بهادر، آدرشي ۽ جاکوڙي صحافي 35
04 بينظيرڀٽو سان هڪ ملاقات 46
05 ٻٽائيست 49
06 جديد ۽ ٽرينڊ سيٽر شاعر 61
07 سياسي مورچي جو انقلابي ڪردار 75
08 سنڌي ادبي سنگت سان وابستگي ۽ اڳواٽي وارو پاسو 90
09 ٻلهڙيجي کي ماڊل ڳوٺ بڻائڻ 99
10 سنڌ سان عشق 108
11 سنڌو درياهه جو ڪيس ڪيئن وڙهيائين 112
12 آرڪيالاجي ۾ وجود ڳولينڌڙ 124
13 سنڌ جي جبلن ۾ ٽتيءَ ٽڏيءَ ڪاهيندڙ محقق 132
14 ٿر ۾ سنڌو تهذيب ڳولينڌڙ 141
15 بحيثيت هڪ ترقي پسند نقاد 148
16 انور پيرزادو هڪ مترجم 163
17 انور پيرزادي جون سنڌ تي لکيل گزيٽئرز 169
18 انور پيرزادي جي ڪمپئرنگ 175
19 هڪ فيمينسٽ 180


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 20 | علم فيلڊ ۾ آهي | 190 |
| 21 | موسيقي سان لڳاءُ | 192 |
| 22 | ماءَ جهڙي دل رکندڙ پيءُ | 199 |
| 23 | خودپسندي کان پري رهندڙ شخص | 207 |
| 24 | نوجوانن جو اتساهه | 209 |
| 25 | انور پيرزادي جي دوستي | 213 |
| 26 | صفائي سٿرائي ۽ سريلي هجڻ واري خاصيت | 214 |
| 27 | گلشن حديد ۾ رهائش وارو دور | 215 |
| 28 | آمريڪا ياترا | 218 |
| 29 | انور پيرزادو ڪڇي جو زميندار | 223 |
| 30 | سينئرز جي عزت | 227 |
| 31 | سحر انگيز شخصيت | 229 |
| 32 | ڪينسر جي بيماري کي بهادري سان منهن ڏيڻ | 233 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪتاب لکڻ جو مقصد

اسان گهر ڀاتي زبير ۽ امان جي وڇوڙي کان پوءِ بابا جي سهاري جي رهيا هئا سي، پنهنجو ڏک لڪائي بابا جو ڏک گهٽائڻ چاهيندا هئا سي پر اوچتو بابا جي جدائي وارو زلزلو اسان لاءِ پهرين ٻن زلزلن کان بہ شديد هيو. اسان بلڪل بہ ان لاءِ تيار نہ هئا سي. بيوس هئاسي، بس يادن جي رانديڪن سان روح جي ٻار کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا سي. گهر ۾ اهڙو ڪو ڏينهن ڪو نہ هوندو آهي جڏهن ڪيس ياد نہ ڪيون سو اڪثر رات جو زرار، زيد ۽ مان ڊرائنگ روم ۾ بابا تي ڪچهري ڪندا هئاسي، سندس ساروڻيون هڪٻئي سان ونڊيندا هئاسون. مون بابا تي شاعري بہ گهٽي ڪئي آهي، بہ تي مضمون بہ لکيم پر ڳالهيون ۽ يادون ڪٽڻ جون نہ هيون. سوچيم اهي ڳالهيون لکڻ گهرجن نہ لکبيون تہ اڳتي منتقل نہ ٿينديون. انور پيرزادو اڪيڊمي ۽ سندس ڪتاب شايع ڪيا ۽ هڪ ڪتاب تون ڪيڏو ڏور هليو ويو آن سندس شخصيت تي بہ آندو آهي. پوءِ بہ لڳو تہ هن جي شخصيت تي لکڻ جي اجا گهٽي ضرورت آهي. زرار ۽ زيد کي چيم مان بابا تي ڪتاب لکڻ ٿو چاهيان، جنهن ۾ سندس اهي ڳالهيون لکان جيڪي ڇپيل ناهن، جن جي ماڻهن کي خبر ناهي، جيڪي ڳالهيون آف دي رڪارڊ آهن. زرار ۽ زيد ٻنهي هڪدم چيو زبردست آئيڊيا آهي. انهن جي راءِ مون کي اتساهہ ڏنو ۽ بنا سوچي تہ ڪتاب ڪيئن لکندس ان ۾ ڇا ڇا هوندو ڪهڙا مرحلا طي ڪندس، مون 2018ع ۾ فيس بڪ تي اسٽيٽس لکي ڇڏيو تہ بابا جي زندگي تي ڪتاب ٿو لکان.... فيس بڪ تي بہ ان آئيڊيا کي دوستن دل سان ساراهيو تہ منهنجي دل اجا وڌي تي وئي ۽ ان ڪم ۾ لڳي ويس.

شروع ۾ منهنجو خيال هو تہ جن ڳالهين جي رڳو مون کي ڄاڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، اهي لکندس، اهي لکڻ لڳس تہ سوچيم بابا جي زندگي جا مختلف پهلو بہ ڪتاب ۾ اچڻ گهرجن. پوءِ وري جنهن بہ پاسي تي لکان پيو تہ ان بابت سڀ کان پهريون اهو مرحلو هيو تہ بابا پاڻ ڪتابن ۾ ڇا لکي ويو آهي ان جو هڪ ڀيرو وري مطالعو ڪيان. ايئن بابا جا سڀ ڪتاب ٻيهر پڙهيا. ڪتاب پڙهي بس ڪيم تہ خيال آيو تہ جيئن انور پيرزادو چوندو هيو تہ علم فيلڊ ۾ آهي تيئن خود انور پيرزادو ڪتابن کان بہ وڌيڪ ماڻهن ۽ دوستن جي دلين ۾ محفوظ آهي ۽ ان مهين جي دڙي جي اڃا کوٽائي رهيل آهي سو خيال آيو تہ ڇو نہ بابا جي ڪجهہ دوستن سان ڪچهريون ڪجن، انٽرويوز ڪجن جنهن سان اهڙيون ڳالهيون معلوم ٿين جيڪي اڃا لکيل ناهن. ايئن ڪافي دوستن سان ڪچهريون بہ ڪيم ۽ انهن جي ٻڌايل ڳالهين جا حوالا بہ ڏنا آهن پر بابا جو حلقو تمام وڏو آهي، هن جا پنڌ سڄي سنڌ ۾ ٿيل آهن سو اهو وڏو ڪم آهي جيڪو ڪنهن هڪ ڪتاب جي وس ۾ ناهي، ان لاءِ گهڻن ماڻهن کي ڪم ڪرڻو پوندو. بابا سيني کي رڪارڊ ڪندو هيو، اسان ڏسندا هئاسي تہ جن ماڻهن جي معلومات بابا کان گهٽي گهٽ هوندي هئي انهن جي آڏو بہ شاگرد ٿي ڪين رڪارڊ پيو ڪندو هيو، ڪين هر نئين ڳالهہ تي حيران ٿي مان ڏيندو هيو پر اسان جي ڪوتاهي تہ اسان خود انور پيرزادي کي ايترو رڪارڊ نہ ڪري سگهيا سي جنهن ڪري اهو خزانو ڪچهرين جي صورت ۾ دلين ۾ دفن ٿي ويو. هاڻي ضرورت آهي ان خزاني کي ڳولڻ جي جنهن جي ابتدا ڪرڻ جي مون ڪوشش ڪئي آهي. جس آهي انور ابڙي ۽ محمد علي پٺاڻ کي جن بابا جي زندگي ۾ انٽرويو وٺي، رڪارڊ ڪري، ڪائنس لکرائي ڪيس ڪنهن حد تائين محفوظ ڪيو هو. هن ڪتاب ۾ منهنجو فوڪس بابا جي علمي زندگي رهيو ۽ ڪجهہ ذاتي ڳالهيون بہ شامل ڪيون آهن.

ڪتاب جي فهرست بہ سندس زندگي جي ترتيب جي حساب سان رکي آهي. هن ڪتاب ۾ مون ڪوشش ڪئي آهي تہ انور پيرزادي جي مختلف پاسن کي اهڙي طرح محفوظ ڪجي جو ان ۾

سندس ڪنٽريبوشن پڌائي سگهجي، ان ڪري ئي سندس چيل ۽ ڪتابن ۾ لکيل جملا ڪوٽ ڪيا آهن جيئن سندس پنهنجو موقف موضوع جي حساب سان هڪ هنڌ پسي سگهجي.

جيئن بابا چوندو هيو تہ پٽائي تي ڪيل ڪا بہ تحقيق مستند ناهي ائين انور پيرزادي تي ڪيل هي يا ڪا بي تحقيق بہ حتمي ناهي بس ڪيس سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جون ڪوششون آهن. اهڙن ماڻهن تي ادارا ڪم ڪندا آهن سو ادارن جي اڻهوند ۾ جيڪي هن جي ويجهو رهيا انهن کي اهو ڪم ڪرڻ گهرجي. هن وقت محمد علي پٺاڻ بابا جي زندگي تي منظوم انداز ۾ ناول لکي رهيو آهي، انور ابڙو بہ انور پيرزادي تي ڪتاب ترتيب ڏئي پيو، ائين ئي ٻين پرستارن کي بہ اهو ڪم ڪرڻ گهرجي. سو هي ڪتاب پنهنجا گس پيچرا پاڻ طي ڪندو هن حال تي پهتو آهي جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي. سچ پڇو تہ ڪتاب لکڻ ڪري مون کي پاڻ ڪيترين ئي نيئن ڳالهين جي ڄاڻ ملي سو هن ڪتاب خود مون کي بابا کي سمجهڻ ۾ مدد ڏني آهي.

هن ڪتاب لکڻ ۾ منهنجي سڀ کان گهڻي همت افزائي محمد علي پٺاڻ ڪئي آهي ۽ جنهن هن ڪتاب کي بابا جي علمي سوانح عمري چئي مون کي حيران ڪيو آهي. مان زرار جو بہ تمام ٿورائتو آهيان جنهن مون کي هي ڪتاب ايڊٽ ڪري ڏنو آهي ۽ مون کي هر هر احساس ڏياريو تہ هي تمام اهم ڪتاب آهي. مان زيد جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن ڪتاب جي هر باب تي مون کي پنهنجي راء ڏني. انور ابڙي ۽ منير شاهہ جي تمام گهڻي مهرباني جن ڪتاب پڙهي مون کي همٿايو ۽ وڌيڪ بهتري جون صلاحون ڏنيون. مان بابا جي انهن سيني دوستن ۽ شاگردن جو بہ ٿورائتو آهيان جن هن ڪتاب لاءِ مون کي پنهنجو قيمتي وقت ڏنو ۽ انور صاحب بابت تاريخ سهيڙڻ ۾ مدد ڪئي.

انور پيرزادو ڇا هيو اهو سمجهڻ ۾ هي ڪتاب ڪجهہ مدد ڏئي سگهي تہ اهو ئي ان جو حاصل هوندو. هو شاعر، صحافي، پٽائي جو پارکو، ترقي پسند تحريڪ جو اهم ڪردار، آرڪيالوجسٽ، اديب،

مترجم، ڪمپيئر، سنڌ جو عاشق، ڪاڇي ڏر سان سلهاڙيل، تاريخي ڪردار تہ هيو پر ان سان گڏ هو ڪجھ ٻيو بہ هيو جيڪو سمجھڻ جي ضرورت آهي. هو سماج کي متحرڪ ڪرڻ جو ڪم ڪيڏي خوبي سان ڪندو هيو ڪيئن ماڻهن ۾ جذبا اڀاري ڪين مختلف مورچن تان سماج تبديل ڪرڻ جا گر سيکاري ڇڏيندو هيو، ڪيئن سندس رويا سڀني کي پنهنجو ڪري ويندا هئا. هو ڪيترو علم جو پياسو هيو ۽ علم جي تلاش ۾ سدائين ڇو سکڻ چاهيندو هو. ڪيئن سڀ ڪم عشق سان ڪيائين ۽ جيڪو بہ لکيو روح سان لکيو. هو انسان کي نظرين کان وڌيڪ پيار ڏئي نظرين ڏي ڪيئن مائل ڪندو هيو. سنڌ جو هر خالي ڇڏيل مورچو سنڀالڻ ڪيئن پنهنجو فرض سمجھندو هيو، سنڌ جو ڪلچر، ثقافت ۽ تاريخ هن جي زندگي جو معمول ڪيئن ٿيا، ڪيئن هن پريس کي نوڪري بدران سنڌ جي ڪيس وڙهڻ جو مورچو بڻايو ۽ سياست توڙي ادبي فرنٽس تي ايڪٽوسٽ رهي بہ سدائين پاڻ کي پوئتي رکي عملي ڪم کي ڪيئن اوليت ڏيندو هيو، ڪيئن هن جي شخصيت پٺائي جي بيتن جهڙي پرڪشش هوندي هئي اهي سڀ سوال ۽ انهن جا جواب هن ڪتاب ۾ شايد ملن يا ڳولڻ جي جستجو ڏيارن. مون کي ناهي خبر ماڻهو هن ڪتاب کي ڪيئن ڏسندا ۽ ڪهڙي راءِ ڏيندا. هي ڪتاب بابا کي ۽ سندس چاهيندڙن کي منهنجي عشق جو ننڍڙو تعفو آهي.

شال قبول پوي.

**امر پيرزادو**

انور پيرزادو اڪيڊمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هوراٽورامڪلي جهڙو

مون کي ڪڏهن اهو آئيڊيا ڪونہ وڻيو آهي تہ اولاد يا والدين سندن سيلبرٽي يا مشهور شخصيت والدين يا والدين سندن سيلبرٽي اولاد بابت ڪتاب لکن. پوءِ پلي ارميسٽ هيمنگوي يا عاصمہ جهانگير يا فيض احمد فيض يا ذولفقار علي ڀٽي جون ڌيئر يا شيخ اياز، يا رسول،بخش پليجي جا پٽ ئي ڇو نہ هجن. چاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان نہ تہ والدين يا اولاد جن تي ڪتاب لکيو پيو وڃي سان انصاف ٿي سگهندو نہ وري پڙهندڙ سان. لکڻ واري جي محبت، عقيدت يا عشق پنهنجي جڳهہ پر مان سمجهان ٿو انور پيرزادو جيڪڏهن امر پيرزادي جو پيءُ نہ بہ هجي ها تڏهن بہ هن بابت هو ائين ئي لکي ها. ها اها ٻي ڳالهہ آهي تہ انور پيرزادو جيئين امر پيرزادي لکيو آهي تہ انور سنڌي ۽ سندس ڪيل پورهيي بابت واڪاڻ ٻڌي چوندو هو تہ ڪيس اسٽريس ٿيندو آهي، جي اڄ هجي ها تہ ڪيس اهڙو اسٽريس ٿي ها. جيڪو هر سچي انسان، سچي انسان دوست ۽ انسان دوست فنڪار،شاعر، موسيقار، مصور کي ٿيندو آهي ۽ ٿيڻ گهرجي. بلاشڪ سنڌ جيڪي پل چڪ يا حادثاتي طور سڀاجها جينئس پيدا ڪيا آهن انهن مان انور پيرزادو هڪ هو. انور جيڪو پنهنجي زندگي ۾ ئي سنڌ ڌرتي جو هڪ سڀاجهو سپوت ۽ سنڌ جي عوامي حقن جي جاکوڙ ۾ هڪ اڻموٽ قلم ۽ علم جو جهيڙيندڙ جهونجهار هو تنهنکي سندس عاشقن ۽ سنڌ جي ماڻهن سندس پورهيي ۽ ورچي نہ ويهڻ سبب هڪ سيليبرٽي ٺاٺي ڇڏيو هو. تنهن کي سندس هي جهان رنگ و بو ڇڏڻ پڄاڻان سندس پٽ ۽ ڌي ڪيس هاڻوڪي نسلن سان سندس زندگي ۽ ڪمن کي عام ۽ مشهُور ڪري رهيا آهن. انور پيرزادو جيڪو واقعي منير شاهہ ۽ منهنجي نسل جو راڪ اسٽار هو. اهو ڪم جيڪو انور ۽ انور جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم بابت سنڌ جي سرڪاري ثقافت کاتي، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌيالوجي، سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، ملڪي سطح تي، پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس ادبيات، پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف آرٽس جھڙن ادارن کي ڪرڻ گھرجي ها اهو ڪم هي فرد انور جا پيارا پنھنجي محدود وسيلن يا وسيلن جي اٽاٽ هوندي بہ انور پيرزادو اڪيڊمي جي بئنر هيٺ ڪري رهيا آهن.

مان پانيان ٿو تہ ورهاڱي کان پوءِ طارق اشرف ڪانپوءِ هو پھريون (ضيا امريت ۾ تہ ضرور) سنڌ ۾ پھريون صحافي هو جنھنکي خبر لکڻ ۽ ڇاپڻ سبب ايم آر ڊي وارن ڏينھن ۾ جيل ۾ وڌو ويو هو. جڏهن هن سندي انگريزي اخبار ۾ لکيو "اڄ روهڙي شهر ۾ برف ڪونہ هئي. پر فوجي لاريون قومي شاهراهہ تي رت جي ٽيپن جي لڪير ڇڏينديون ويون ۽ اها رت جي لڪير پري تائين ڏسڻ ۾ آئي". هي اهي ڏينھن هئا جڏهن ميھڙ ۾ ماڻھو چوندا ها "اڄ تاري واري اسپتال وارين گاڏين جي ڊوڙ ڊوڙان هئي معني مقابلا ٿيا آهن". ميھڙ جي ڳوٺاڻن جي " تاري واري سپتال واري گاڏين مان مراد هوندي هئي فوجي ايمبولئنسون. اهي ئي ڏينھن هئا جڏهن انور لکيو هو "هيل مون سون جي موسم ۾ هاري ساڳي وقت سندن ٻنين ۾ هر ڪاهڻ ۽ جلسن ۾ گرفتاريون پيش ڪرڻ وجن پيا."

انھن ئي ڏينھن ۾ منصور ميراڻي لکيو هو
"هاري هليا هر ڪٽي ڪيٽ ڪيڙيندا" .

پو ظاهر آهي تہ انور پيرزادي کي گرفتارڪري سکر سينٽرل جيل ۾ قيد ڪيو ويو. جتي هو سياسي قيدين جو استاد ٿي ويو. امر پيرزادو تڏهن ٽن سالن جو هو. هو هن ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ هو گھر وارن سان سکر جيل انور پيرزادي سان ملاقات تي ويندو هو .تڏهن انور امر جي آڱر جھلي ڪيس جيل جي ميدان ۾ گھمائيندو هو تہ ننڍڙو امر ساٿس ضد ڪندو هو تہ هو ڪيس اتان جيل کان ٻاهر شي وٺي ڏيڻ چو نہ ٿو وڃي!" آهي نہ ڪيڏي دل کي جھوبو ڏيندڙ ڳالھ.

انکان اڳ انور پاڪستان ائر فورس جي پائلٽ هوندي اڳوٽي

اوير پاڪستان ۾ ڪاروائي بابت سنڌ يونيورسٽي جي ڪنهن اڳوڻي ساٿي استاد (جتي انور بہ انگريزي پڙهائيندو هو) ۽ دوست ڏانهن لکيل سندس خط پڪڙجڻ تي ڪورٽ مارشل تي ست سال،سزا ڪاٽڻ لا جيل ويو هو. اهڙي ريت اهڙا ڪيترائي اهم قصا امر هن ڪتاب ۾ سندس، سندس ياتين، مٽ مائٽن ۽ انور جي دوستن ۽ ڪامريڊن واتان يا لکڻين وسيلي انور بابت هن ڪتاب ۾ لکيا آهن. هڪ سٽي پٽ جي سٽي پي بابت سٽيون سٽيون مٽيون مٽيون ڏڏيون ڏڏيون ڳالهيون. انور سان خوني جذباتي رشتن بابت انور ساڻن ڪيئن هو، هن ڪين ڪيئن ماءُ وارو، پاءُ وارو، دوست يار وارا پيار ڏنا، انور جي اسٽايئل، انور جي ذاتي رهڻي ڪهڻي، انور جو ڪاڄ ! پيچ! ياري باشي، انور جو پهرڻ، انور جا سير سفر، انور جو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ ڀٽ شاهہ سان ”الست برڪم “وارالنئون لاڳاپا!

انور جي فيمنسٽ هجڻ ۽ فيمينزم بہ سندي گهر ۽ ڳوٺ جي عورتن يا نياڻين ڏانهن شروع ڪرڻ (ائين نہ انهن سنڌي مردن وانگر جيڪي فيمنسٽ ۽ ڪامريڊ جو تصور جڳ جهان وٽ شوڪيس ڪري رکندا هجن ۽ سڄي گهر جي عورتن ۽ ٻارن ڏانهن هڪ واهيات ايس ايچ او وانگر رويو رکندا هجن يا وري سندن پارٽين ۾ عورت فرنٽ ٺاهيو سلاميون وٺندا وتن، سول سوسائٽي جا نام نهاد ساڃهہ وند هجن پر سندن پنج پنج شاديون هجن. انور جهڙا مرد ورلي هوندا آهن جيڪي سچا پچا فيمنسٽ هوندا آهن) انور جي سونهن ورونهن، سنڌ، سنڌي مارو ماڻهڻ، ٿر سان انور جِي سڪ، (سڪ لفظ جو سواد سنڌي، پنجابي ۽ سيرائيڪي ٻولين جي ٻي ڪنهن بہ ٻولي ۾ نعم البدل يا ترجمو نہ ٿو ٿي سگهي) وارو هن ڪتاب ۾ حصو يا ٽڪرا، هڪ پڙهندڙ جي ليکي چوان ٿو،هن ڪتاب جا سڀ ڪان سگهارا حصا آهن. انور بلاشڪ هڪ گهڻ پاسائين تمام گهڻ پاسائين شخصيت هو. هو سنڌو ماتري جي ڪنهن بہ هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي، ساڳيي وقت هڪ ميگا سٽي ۽ ساڳيي وقت هڪ وڏي جنگل جيان هو. جيئين حسن درس سرمد لاءِ چيو هو:

تون وڏو جهنگل،
جنهن جي ماٿ ۾ ايڏو وڏو آواز آ جو ڏار ڏڙڪن.
امر هن اهڙي گهڻ پاسائين انسان جي شخصيت جا ڪيترا پاسا ڪور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.
انور سهڻو سڀاجهو، ٻاجهارو ڪوي. انور جي خراب ڳالهه ڪهڙي؟ منهجي حساب ۾ انور جي خراب قسمت اها ٿي تہ هو ڪميونسٽن جي ور چڙهي ويو. جيئن جڻ تہ سندن جنم ڀومي ڪي ٻلهڙيجي چوڻ ڪافي نہ هو انکي ”لٽل ماسڪو“ چيائون. اهو نالو سنڌو جي ڪناري مهين پرسان انهي ڳوٺ کي اهو نالو ڪنهن ٻئي نہ پر ڪميونسٽن جي داناءُ دشمن سندن پاڙيسري قربان علي بگٽي ڏنو هو. ٻلهڙيجي ماسڪو کان هزارين ڀيرا بهتر هوانڪري جو اتي نہ ڪي جي بي جهڙا جلادجاسوس هئا نہ وري ڪا فڪر قرهي تي ڪي بندشون هيون. جي روس معنیٰ سوويت يونين اڳ ٽٽي ها تہ انور اجان سندي فيلڊن ۾ بهتر ڪم ڪري وجي ها.
انور پڇاڙاڻ جڻ ينيور کي باهہ لڳي وئي. ٻلهڙيجي ۾ ”چيتا گوريلا“ سماٽا. انهن جي ڪيڏ شڪاري آيا. بس پو نہ انور رهيو نہ ان جو درد بيان ڪرڻ ڪاڻ پتائي جو فقير لطف پيرزادو. بس جيئين لطيف سرڪار چيو ”وهون شهيدن جون نير مهانگو ڪنديون“.

**حسن مجتبيٰ**
**نيويارڪ**
03 جنوري 2022ع

# ابتدائي زندگي،
# خانداني پسمنظر، تعليمي سفر ۽ روزگار

25 جنوري 1945ع تي ڳوٺ ٻلهڙيجي ۾ هڪ اهڙي ٻالڪ جو جنم ٿيو جنهن کي دنيا اڄ انور پيرزادي جي نالي سان سڃاڻي ٿي. سندس اصل نالو محمد پريل هو. ان کان اڳ به محمد پريل نالي سندس ڀاءُ هو جيڪو ٻالڪپڻي ۾ گذاري ويو هو. هي محمد پريل به ڄمندي ئي بيمار رهڻ لڳو هو تنهن ڪري ان جي ماءُ سندس وڏي ڄمار لاءِ درٻيلي جي پيرن ڏي وئي جنهن دعا سان گڏ سندس ٻيو نالو به تجويز ڪيو. سو محمد پريل تي ايئن انور نالو پئجي ويو.

پاڻ چوندو هيو مان انڊين نيشنل هوس ۽ پاڪستان کان به سال وڏو آهيان. سندس والد شفيع محمد مسجد جو پيش امام هيو ان کي ملان جمن ڪوٺيندا هئا ۽ ڳوٺ ۾ اسان جو گهر ملن جو گهر سڏبو هيو. غربت گهڻي هئي ان ڪري خيرات جي ماني تي گذر هوندو هين. ٻين ڀائرن سان گڏ بابا به خيرات جي ماني گهرڻ ويندو هيو. ملان جو گهر هجڻ ڪري غربت هوندي به مختلف ۽ گهڻا ڪاڏا سندن گهر ايندا هئا. اهو خيرات گهرڻ جو سلسلو اسان جي ڀائرن زبير ۽ زرار ۽ سوٽن شاهه محمد، مختيار، امتياز، بشير، رفيق، عزيز ۽ ابرابر تائين هليو ۽ پوءِ حالتون غربت مان نڪري آيون.

انور پيرزادي جو پيءُ پٽائي جا بيت گهر جي پٽين تي لکندو هو ۽ ٻارن کي سبق جيان پڙهائيندو رهندو هيو. خاص ڪري پيءُ جي ان عادت جو اثر انجي وڏي ڀاءُ امام بخش پيرزادي تي هيو ۽ پٽ تي اهو بيت لکندو هيو.

محبتي ميڙي ڳوٺ پڌجي هڪڙو
تنين جي ويڙهي پاڻهين ايندو پاتشاهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس پيءُ ملان هيو پر ڏوڏي پيئندو هو. غريب هو پر مزدوري ڪرائڻ بدران ٻارن کي تعليم حاصل ڪرڻ جون هدايتون ڏيندو هيو. ڪين چوندو هيو آفيسرن جي ڪارن پنيان نہ ڊوڙو. علم حاصل ڪيو پوءِ اهي ڪارون اوهان جي پويان ڊوڙنديون. ملان جمن جي هڪ نصيحت جڻ ڪو ادبي قول آهي جيڪو هو ٻارن کي سمجهائيندي چوندو هيو تہ **پاڻ ۾ پيار نہ پر يار ٿجو**!! انهن پيارن وري ڪمال اهو ڪيو جو سڄي زندگي ان نصيحت تي اهڙو عمل ڪري ڏيکارين جو اهڙي سيڪيولر، محبت پري ۾ هڪ ٻي کي برداشت ڪرڻ واري زندگي گذاري ڏيکاري جنهن جو مثال اسان جي سماج ۾ گهٽ نظر ايندو. اهي چار پيار مختلف سوچ ۾ طبعيت هجڻ باوجود ڪڏهن بہ هڪٻئي کان جدا نہ ٿيا. انهن جا نظريا ذاتي تعلقن ۾ ڪڏهن بہ رنڊڪ نہ بڻيا ۽ انهن پنهنجي خاندان کي ڳنڍيين سارو ڏينهن وانگي اهڙو تہ جوڙي رکيو جو اڄ ڏينهن تائين اهو خاندان ڳوٺ توڙي سنڌ جي ادبي حلقن ۾ ڀڌي ۽ محبت جو هڪ مثال سمجهيو ويندو آهي.

سندس ماءُ شاهہ خاتون جنهن کي شاهان ۽ امان وڏي بہ چوندا هئا بروهين جي نسل مان هئي ان ڪري گهٽي سهٽي هئي ۽ رنگ بہ اهڙو پورو هيس جڻ ڪا انگريزياڻي هجي. سندس سيني ٻارن جي رنگ ۽ وصفن تي ان جو اثر نمايان هيو. جڏهن تہ بابا جي پيُ جو رنگ سانورو هيو.

اسان جي خاندان وارا چوندا آهن تہ وصفن ۽ خوبصورتي ۾ فقير يار محمد ۽ امام بخش انور کان گهڻا سهڻا هئا پر ذاتي طور تي مون کي بابا کان خوبصورت دنيا جو ڪو بہ مرد ناهي لڳندو. انور پيرزادي جو حسن سنڌ سطح تي بہ مرداڻي حسن جو وڏو حوالو هو. ڪيترن ليکڪن ۽ ليکڪائن سندس مرداڻي حسن جو ذڪر ڪيو آهي. عورتون توڙي مرد هن جي حسن تان موهت هئا.

بابا کي پنهنجي ماءُ سان جيڪا محبت هئي اها ڏسي مان حيران ٿيندو هيس، جڏهن ننڍي هوندي ڳوٺ ۾ عيد نماز کان پوءِ اسان قبرستان ويندا هئا سي تہ اچن وارن واري بابا کي مان پنهنجي والدين

جي قبرن آڏو ڳوڙها اگهندي ڏسندو هئس يا جڏهن دوستن جي محفل ۾ چوندو هيو تہ:

جنهن ڏينهن منهنجي مذر جو ٻيٺ ٿيو هو ان ڏينهن شاعري، عشق ۽ انقلاب منهنجي زندگي مان موڪلائي ويا هئا.

هڪ پيري چوي پيو:

مون کي سيني جي ٻيٺ جي تاريخ ياد هوندي آهي سواءِ امان جي!

ماءُ بہ مٿس عاشق هئي ۽ ننڍو پٽ هئڻ ڪري کيس تمام گهڻو پيار ڏيندي هئي. ان جا ناز کڻندي هئي ۽ ان جا پاڻر هن کي ڪجهہ چئي نہ سگهندا هئا. شاهہ محمد پنهنجي آتم ڪٿا "پورائي جا پال" ۾ لکيو آهي تہ:

اسان جي گهر رات دير تائين ٻاهر رهڻ جو رواج نہ هيو پر انور رات دير تائين گهر کان ٻاهر رهندو هيو. گهر ۾ انور تي ڪنهن جو وس نہ هلندو هيو.

لطف پيرزادي پنهنجي مضمون ۾ لکيو آهي تہ:

انور جي ماءُ کيس پيار مان گلو ڪوٺيندي هئي جنهن جي معني انن جي وِڳ يا اڳواڻ واري آهي.

بابا هڪ پيري مون کي ٻڌايو تہ:

"مون کي امان چوندي هئي تہ تون منهنجي سيني ٻارن مان ٻن ڳالهين ۾ مختلف آهين هڪ تہ تو ۾ فيصلي ڪرڻ جي صلاحيت آهي ۽ ٻيو تون بهادر آهين."

سندس سڀ کان وڏو پاءُ فقير يار محمد هڪ صوفي فقير هيو. امام بخش پيرزادو پنهنجو ڪو خاص جذباتي نظريو رکندڙ نہ هئو. ڊاڪٽر پيرزادو مڪمل طور مذهبي ۽ پرهيزگار انسان آهي پر اعلي انساني قدر ان جي زندگي جو تعارف آهن. انور پيرزادو هڪ باغي، ارڏو ۽ ڪاٻي ڌر جي سوچ وارو نوجوان هو پر اهي سڀ هڪٻئي کي

برداشت ڪندا هئا ۽ انهن جي محبت نظرين ڪان متاهين هئي.

پاڻ فيملي ۾ سڀ ڪان گهڻو متاثر وڏي ڀاءُ فقير يار محمد ڪان هيو جنهن هن ڪي ڀٽائي ۽ موسيقي جا ڳوٺ جي مڪان تي ويهي ليڪچر ڏنا ۽ صوفي ازم سمجهايو. جڏهن پاڻ ڪميونسٽ ٿيو ته صوفي ازم تي ان سان بحث به گهڻا ڪندو هيو. پنهنجي سٺ واري ڏهاڪي جي لکيل ڊائرين ۾ به هن فقير يار محمد کي وڏو مان ڏنو آهي. هڪ ڀيري بابا مون کي چوڻ لڳو ته:

پنهنجي فيملي ۾ منهنجي وڏيڪ انڊراسٽينڊنگ وڏن ڀائرن فقير يار محمد ۽ امام بخش سان رهي آهي.

فقير يارمحمد پنهنجي زندگي جي آخري حصي ۾ بابا جي اصرار تي ئي ڀٽائي جي شرح فقيراڻي انداز ۾ لکڻ شروع ڪئي هئي جيڪا سندس لاڏاڻي ڪان پوءِ 1997 ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي هئي. ان ڪتاب تي بابا هڪ تاثر ”فنا جو فڪر“ لکيو هو، جنهن ۾ لکي ٿو ته:

فقير يار محمد چوندو هيو ته ڀٽائي جي شاعري کي صرف اهي فقير ئي سمجهي سگهن ٿا جن پاڻ کي فنا ڪيو آهي، جن وٽ پاڻ ناهي ۽ جن لاءِ هي دنيا ڪنهن ڪم جي ناهي. فقير يار محمد پاڻ فنا جو حامي ۽ پرچارڪ هو ۽ پنهنجي زندگي ۾ ئي پنهنجو پاڻ وڃائي ڇڏيو هئائين.

ڊاڪٽر پيرزادو وري انور پيرزادي سان پٽن وانگي هليو ۽ بابا کيس خاندان جو گاڊ فادر ڪوٺيندو هيو. انور پيرزادي کي ڪراچي ۾ پاڻ سان گڏ رهائي کيس تعليم ڏيارڻ ۾ ڊاڪٽر پيرزادي جو اهم ڪردار هو. بابا جي دوستي پنهنجي ننڍي ڀيڻ بهشت خاتون سان به گهڻي هئي. جڏهن ته وڏي ڀيڻ درناز کي هو ماءُ جهڙي عزت ڏيندو هيو.

بابا جي اڃان ميٽرڪ جي رزلٽ به نه آئي هئي ته سندس شادي تاج خاتون سان ٿي هئي. چون ٿا شاديءَ جي خوشيءَ ۾ بابا پنهنجي گهر جي ڇن به پاڻ ناهي هئي. بابا جيڪا آزاد زندگي گذاري ان ۾ امان ۽ زبير جو ڪيس وڏو ساٿ هو. هو ٻئي بابا جا عاشق هئا اِن ڪري بابا

جي گهر جون ذميواريون پاڻ کڻي کيس سنڌ کي ايڪسپلور ڪرڻ ڏنو. بابا کي ڪڏهن نوڪري هوندي هئي ته ڪڏهن بيروزگاري سو امان وري بابا جي پگهارون مان پئسا بچائي ڏکين ڏينهن لاءِ رکندي هئي ۽ زبير جي نوڪري به گهر کي وڏي سپورٽ هوندي هئي. اسان ڀيا ڀاءُ ڀيڻ تڏهن ننڍا هئاسي. انور پيرزادي کي چار پٽن ۽ هڪ نياڻيءَ جو اولاد هو. پٽ زبير جيڪو سندس دوست به هو بابا سان گڏ ادبي سنگت ۾ به سرگرم رهيو ٻيو پٽ زرار آهي جنهن کي آرڪيالاجيءَ ۾ بابا پڙهايو ۽ فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ماڻڻ باوجود زرار کي بابا جي صحافت پاڻ ڏانهن ڇڪي وئي ۽ اڄ هو ناميارو صحافي ۽ ليکڪ آهي. سندس شارٽ ڪالمن جو هڪ ڪتاب ”نوٽ ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون“ پڻ شايع ٿيو آهي. ثمينا ڪراچي يونيورسٽي مان ايم اي سنڌي پاس ڪئي ۽ فرسٽ وومين بئنڪ ۾ نوڪري ڪيائين ۽ اڄ ڪلهه هائوس وائيف آهي. زيد ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ مائڪرو بائيلاجي ۾ پروفيسر آهي آسٽريا مان پي ايڇ ڊي ڪئي اٿائين ۽ شاعريءَ جو ڪتاب ”خيال“ پڻ شايع ٿيل اٿس. جڏهن ته ننڍو پٽ امر شاعر ۽ فارماسسٽ آهي سندس به ڪتاب ”عشق“ ۽ ”فنا“ شايع ٿي چڪا آهن.

انور پيرزادي جواني ۾ پنهنجي خاندان جي ترقي ۽ واڌ ويجهه لاءِ ڪجهه اهم فيصلا به ڪيا.

مثال ڊاڪٽر محمد حسن پيرزادو پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکي ٿو ته:

> منهنجي فيملي کي ڪراچي شفٽ ڪرڻ واري آئيڊيا مون کي انور ڏني ۽ منهنجي فيملي ڪراچي وٺي آيو جنهن سان نه صرف اسان جي خاندان پر سڄي ڳوٺ ڪراچي اچڻ شروع ڪيو ۽ اسان جي خاندان توڙي ٻين ڳوٺ واسين جا ٻار ڪراچي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لڳا.

جڏهن ڊاڪٽر پيرزادي جي فيملي شفٽ ٿي ته ان کي ڪراچي ۾ ڏي ڄائي جنهن جو نالو شائسته آهي، انور پيرزادي ڇيو هي شهري

ڇوڪري آهي ان ڪري ان کي پيار مان بيبي سڏيندا سي.

اسان جي خاندان ۾ رواج هوندو هيو ته ٻارن جي ڄمڻ سان انهن کي ڪنهن نه ڪنهن جي نالي ڪري ڇڏيندا هئا، هو ڇوڪرو فلاڻي ڇوڪري سان شادي ڪندو. ڄڻ ڄمڻ سان مڱڻي ٿيل هوندي هئي. اهي رشتا خاندان ۾ انور پيرزادي جي ماء ڪندي هئي پر بابا ان رواج کي ٽوڙيو ۽ ڇيو منهنجي ٻارن جا رشتا ڄمڻ سان طي نه ٿيندا اهي وڏا ٿي پاڻ پنهنجي شادي جو فيصلو ڪندا.

خاندان ٽوڙيي ڳوٺ ۾ انور پيرزادو پهريون فرد هيو جنهن پنهنجي پٽ (زبير) سان بي تڪلفي واري دوستي رکي ۽ هن کي ادبي پروگرامن ۾ سنگت جي گڏجاڻين ۾ پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هيو. جنهن کي ڏسندي سندس دوستن به پنهنجي اولاد سان دوستاڻو رشتو رکڻ شروع ڪيو هو.

اوائلي دور جا انور پيرزادي جا لکيل خط پڙهجن ٿا ته هو پنهنجي فيملي کي ترقي ۽ سکي زندگي گذارڻ جا جتن ڪندي نظر ٿو اچي. سٺ جي ڏهاڪي ۾ لکيل هڪ خط ۾ وڏي ڀاء کي لکي ٿو ته:

اوهان وٽ پيسا هجن ته جيڪر گهر جي لوڙهي کي ختم ڪري اتي پٽ جو ڪوٽ ڏيارجي جنهن سان گهر جي جاء به گهٽ والاربي ۽ ٻاهرين ماڻهن جي گهر تي نظر به نه پوندي ۽ ٻيو مسئلو اهو آهي ته گهر جي عورتن کي اڌ رات منجهه رات پاڻي ڀرڻ لاءِ پاڙي ۾ پنڌ ڪرڻو ٿو پوي سو گهر ۾ هڪ نلڪو لڳرائڻ گهرجي.

ايئن پوءِ گهر ۾ پٽ ۽ نلڪي جو انتظام ٿي ويو.

بهشت خاتون پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿي ته:

سياري ۾ گرم پاڻي جو مسئلو حل ڪرڻ لاءِ انور هڪ هٿرادو گيزر ٺاهي گهر جو اهو مسئلو حل ڪيو هو.

اسان جو چاچو ڊاڪٽر محمد حسن ٻڌائيندو آهي ته ڳوٺ ۾ اسان ڀائرن جا ٽي ڪمرا هوندا هئا جڏهن ته امن کي ڪاڪي بالو الڳ جاء ڏني هئي. اهي ٽي ڪمرا فقير يار محمد، ڊاڪٽر پيرزادي ۽ بابا جا هئا. اڳتي هلي ڪاڪي ڊاڪٽر پنهنجي جاءِ نئين سري

ٺهرائڻ پئي گهري، بابا وٽ پيسا نہ هئا، بابا ڪيس چيو منهنجو ڪمرو بہ توهان ڪٽي پنهنجي نئين جاءِ ٺهرايو، جڏهن مون ڪي پيسا ٿيا تہ اسان پنهنجي الڳ جاءِ ٺهرائيندداسي. اسان جو چاچو چوندو آهي اهو انور جو اسان تي احسان هو، نہ تہ ڪير ٿو ڪنهن کي پنهنجي جاءِ ڏي. مون کي ياد آهي تہ اسان ڳوٺ ويندا هئاسي تہ ڪيتري عرصي تائين اسان وٽ رهڻ لاءِ ڪو ڪمرو نہ هوندو هو. پوءِ امان بابا جي پيسن مان زرار سان ڳوٺ وڃي اسان لاءِ گهر ٺهرايو هو، ان گهر کي بہ بابا ڏاڍو انجواءِ ڪندو هو. اسان ٻارن ان گهر تي اڳتي هلي امان جي نالي جي تختي لڳرائي هئي.

انور پيرزادي کي ننڍپڻ کان ڳوٺ ۾ علمي ادبي ماحول مليو. ڪتاب انٽرويوءِ تقريرون ۾ ٻڌائي ٿو تہ:

اسان جا وڏا عربي ۽ فارسي دان هئا. ڳوٺ جي هڪ بزرگ ميان خليفي محمود هڪڙو اسلامي مدرسو کوليو هو جنهن ۾ هدايت منگي جو والد استاد غلام رسول پڙهائيندو هيو جيڪو سندس نظر ۾ هڪ جينئس استاد هيو. وڏي ڳالهہ تہ هو پڙهائڻ دوران رهندو بہ ڳوٺ ۾ هيو ۽ اتي شيڪسپيئر جا اسٽيج ڊراما بہ ڪندو هيو جنهن ۾ عبدلرحيم پيرزادو اداڪاري ڪندو هيو.

شيڪسپيئر جي ڊرامن جو تصور تہ هاڻي بہ سنڌ ۾ ڪونهي سواءِ ڪراچي جي ناپا ۾ ٿيندڙ ٿيئٽرز جي. سو ان دور ۾ ٻلهڙيجي ۾ اهڙا اسٽيج ڊراما ٿيڻ واقعي حيرت جهڙي ڳالهہ آهي.

انور پيرزادو پنهنجي ڳوٺ جي تصوير هڪ انٽرويو ۾ هيئن بيان ٿو ڪري:

”هن ڳوٺ ۾ صوفين جا اوتارا وڏيڪ ۽ مسجدون گهٽ رهيون آهن. منهنجو فادر مسجد جو پيش امام هوندو هو پر اهو روائتي پيش امام نہ هو، وڏي ڏاڙهي نہ پر ننڍي هوندي هيس ۽ اندر ۾ صوفي هوندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صوفين جي مڪان تي وڃي ويهندو هو. ڏوڙي پيئندو هو. مون کي حيرت اها آهي تہ سڄي ڳوٺ ۾ ڪنهن بہ ماڻهو اعتراض نہ ڪيو تہ اسان هن ماڻهو پويان نماز نہ پڙهندا سين ڇو تہ هي نشو ٽو ڪري. هن ڳوٺ ۾ پرپور نالي هڪ ڪيريڪٽر آهي جيڪو ملان مان صوفي ٿيو هو ۽ هندن واري چوٽي هوندي هيس.پيو نانڪ فقير هو جيڪو چوٽي رکندو هو ۽ ان کي بہ ڪنهن سچو مسلمان نہ هئڻ وارو مهڻو نہ ڏنو. اسان پنهنجي ڳوٺ ۾ ملائيت ڪڏهن ڪا نہ ڏٺي. مڪانن ۾ راڳ رنگ ڪري سنڌي سنگيت جي معلومات وڌي."

## تعليمي سفر

1951ع ۾ ڳوٺ جي مدرسي ۽ پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيو. 1956ع کان 1962ع تائين ڏوڪري جي سيڪنڊري اسڪول ۾ پڙهي مئٽرڪ پاس ڪيائين. پڙهائي ۾ سندس سنجيدگي ميٽرڪ کان پوءِ ٿي. انٽر جو امتحان پرائيوٽ اميدوار جي حيثيت ۾ 1965ع ۾ پاس ڪيائين. 1967ع ۾ هن فرسٽ ڪلاس ۾ بي اي پاس ڪئي. 1968ع ۾ سي ايس ايس. 1969ع ۾ ايم اي انگلش. جڏهن تہ ايل ايل بي جي ڊگري 1982ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان حاصل ڪئي.انٽر، بي اي، ايم اي، ايل ايل بي ۽ سي ايس ايس وارا سيئي امتحان پرائيوٽ اميدوار جي حيثيت ۾ سٺن نمبرن سان پاس ڪيائين.

انور پيرزادي جي بي اي پاس ڪرڻ کان پوءِ اڳتي جي تعليمي سفر جا تفصيل سندس لکيل ڊائرين مان ملن ٿا. سٺ واري ڏهاڪي ۾ هو انگريزي ٻولي ۾ روزاني ڊائري لکندو هيو جنهن ۾ ان دور جي سماجي زندگي ۽ تاريخ جي جاڻ ملي ٿي. اهي ڊائريون پڙهي سندس نوجواني واري سوچ پرکي سگهجي ٿي. ان غربت واري دور ۾ علم جي تلاش ۾ ڪيل هڪ سيلف ميڊ ماڻهو جي جدوجهد پڙهي حيرت ٿي

ٿئي. ان زماني ۾ هو مهين جي دڙي اسڪول جو پرائمري ماستر هو ۽ بي اي پاس ٿيل هو پر هو ان کي پنهنجي منزل نہ پيو سمجهي. اها پرائمري ماستري ڇڏي نہ چاهيندي بہ ڳوٺ کي الوداع ڪري ڪراچي ٿو اچي ۽ پنهنجي وڏي ڀاءُ ڊاڪٽر محمد حسن وٽ رهي ايم اي انگلش ۽ سي ايس ايس جي امتحان جي تياري ٿو ڪري. امتحان جي تياري لاءِ برٽش ڪائونسل لائبريري ۾ روزانو ڏينهن جا ٻارنهن ڪلاڪ گذاري ٿو. انهن ڏينهن ۾ اها ئي هن جي مصروفيت هئي.

ڊائري ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو تہ:

”منهنجو هتي ڪو بہ گائيڊ ناهي بس رڳو ڪتاب
آهن ۽ منهنجو شوق آهي.“

ان پڙهائي دوران هو ڪلاسڪ انگريزي ادب جو مطالعو ٿو ڪري. ايم اي انگلش انگريزي لٽريچر ۾ ڪيائين جنهن ڪري شيڪسپيئر، ڪيٽس، وليم وردزورٿ، بيڪن، برناڊ شا، شيلي، پاسترناڪ ۽ ڪيترن ئي بين القوامي اديبن جو گهرو مطالعو ڪيائين. سي ايس ايس جي امتحان لاءِ هو لائبريري جي مطالعي کان سوا روزاني ڊان اخبار پڙهندو هيو ۽ شهر ۾ ٽيندڙ ٿيوسافيڪل هال ۾ ليڪچر پروگرام بہ اٽينڊ ڪرڻ ويندو هيو. هڪ ڀيري ڪراچي نيشنل ميوزم گهمڻ کان پوءِ ڊائري ۾ لکي ٿو تہ:

”منهنجي دلچسپي ادب ۽ آرڪيالاجي ۾ بہ آهي“

۽ هڪ هنڌ اهو خواب ٿو لکي تہ:

”مان جڏهن ايم اي انگلش ۽ سي ايس ايس پاس
ڪندس تہ ان کان پوءِ سنڌي ٻولي ۾ پي ايچ ڊي
ڪندس.“

ان ئي زماني ۾ سي ايس ايس جي امتحان جي تياري ڪرڻ لاءِ سنڌي ۾ کهڙا ڪتاب پڙهجن اها صلاح وٺڻ هو نئين زندگي جي آفيس ۾ شمشير الحيدري سان بہ ملاقاتون ٿو ڪري ۽ اتي ئي پهريون ڀيرو هن جي امرجليل سان بہ ملاقات ٿي ٿئي. ايم اي جا امتحان ڏيڻ لاءِ حيدرآباد هاسٽل ۾ وڃي رهي ٿو ۽ اتي شاگردن کي ڏينهن رات

پڙهندو ڏسي انهن جي محنت جا احوال ٻڌائيندي لکي ٿو ته شاگرد هتي تمام گهڻي محنت ٿا ڪن.

ان دور ۾ ئي سندس خالد مخدوم ۽ زاهد مخدوم سان دوستي ٿي ٿئي.

انهن ڊائرين مان خبر ٿي پوي ته ان زماني ۾ هن کي ايم اي ۽ سي ايس ايس سان گڏ جيڪو جنون هيو اهو پنهنجي ڳوٺ جي ٽن نياڻين (بهشت خاتون، زبيده، ميران) کي انگريزي تعليم ڏيڻ هو جنهن جي تعليم ڏيڻ جي شروعات هو ڳوٺ ۾ ڪري چڪو هو، جڏهن هو ڪراچي ٿو اچي تيستائين انهن کي ڇهون ۽ ستون درجو پڙهائي چڪو هو ۽ هاڻي هو انهن ڪلاس جو پرائيوٽ امتحان ڏيڻ لاءِ تياريون پيون ڪن پر پاڻ اڌ سال کين ڳوٺ ۾ پڙهائڻ ڪان پوءِ ڪراچي اچي ويو هو. هن کي هر وقت انهن جي ڳڻتي هئي پو هو انهن ٽن ڇوڪرين مان پنهنجي ڀيڻ بهشت ۽ ڀائٽي زبيده کي ته ڪراچي گهرائي ٻه پڙهائي پيو پر هن کي ٽين ڇوڪري رحمت جي ٻه ڳڻتي ٿي رهي جيڪا ڳوٺ ئي رهندي هئي. هڪ ڀيري لکي ٿو ته ڇوڪرين جو فارم ڀرائڻو هيو پر ڪو ڊاڪيومنٽ مڪمل نه هجڻ ڪري اهو فارم نه پيو ڀرجي. انور پيرزادي پنهنجي ڀائرن کي چيو ته هي فارم لازمي ڀرائڻو آهي پر منهنجي مجبوري اها آهي ته منهنجو ايم اي جو امتحان آهي سو اوهان مان ڪير اهو ڪم ڪري. هن جي ڀائرن چيو تون پنهنجي امتحانن ڏي ڌيان ڏي، اسان ٻه نه ٿا وڃي سگهون ڇو ته اسان کي هتي پنهنجو روزگار آهي، بابا چيو نيڪ آهي پوءِ مان ايم اي جو امتحان نه ٿو ڏيان ۽ ڇوڪرين جو فارم ڀرائڻ پاڻ ٿو ڳوٺ وڃان. اهو ٻڌي سندس وڏو ڀاءُ ڊاڪٽر پيرزادو پريشان ٿي وڃي ٿو ۽ پنهنجي ٻي وڏي ڀاءُ امام بخش کي ٿو چوي ته تون ڳوٺ وڃي اهو فارم ڀرائي نه ته انور امتحان ئي نه ڏيندو، ايئن پوءِ امام بخش اهو فارم وڃي ڀرايو.

هو لکي ٿو ته:

ڇوڪرين کي تعليم ڏيارڻ منهنجو خواب آهي پر ان ۾
مون کي ڳوٺ جي ته مخالفت آهي پر فيملي ٻه ساٿ نه
ٿي ڏئي پر مان انهن کي قائل ڪري ويندس. رڳو امام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بخش منهنجو ساٿ ڏيندو هو پر اهو بہ اڄڪلهہ مولوي
احتشام الحق جا ليڪچر ٻڌي ڇوڪرين جي تعليم
جي مخالفت پيو ڪري ۽ مان ان ويڙهہ ۾ اڪيلو ٿي
ويو آهيان.

جڏهن ڇوڪرين ڪي انين جو امتحان ڏيڻو هو تہ هو لاڙڪاڻي ۾ انهن ڇوڪرين، رحمت جي ماءُ ۽ پاءُ امام بخش سان هڪ گهر ۾ رهي امتحان جا ڏينهن ٽا گذارن ۽ پوءِ سڀ پيپر ڏئي ڏاند گاڏي تي ڳوٺ واپس ورن ٽا.

ان زماني ۾ ٽي هن جو عورت ڏانهن موقف ترقي پسندي ۽ روشن خيالي وارو هو. تڏهن هو ڪميونسٽ پارٽي ۾ اڃا شامل نہ هئو نہ ٽي ڳوٺ سڏار سنگت ٻلهڙيجي جو بنياد پيو هو. ان زماني ۾ هو ڪراچي ۾ هڪ سنڌي فلم ڏسڻ ٿو وڃي جنهن جي هيروئن سنڌي اداڪاره نہ هئي جنهن تي هو سنڌين جي پنتي پيل سوچ ڪي نندي ٿو تہ عورتن کي گهرن ۾ واڙڻ پنتي پيل سوچ آهي. ڊائري ۾لکي ٿو تہ:

Chastity cannot be preserved by the order or force. it is the foolish philosophy to imprison the women into narrow houses and be happy to declare that they are virgin and noble

1969ع ۾ ايم اي جو امتحان سخت محنت ڪري پاس ڪيائين ۽ سي اي ايس ايس جو بہ امتحان پاس ڪيائين پر ان جي Viva Voce واري امتحان ۾ ڪيس سيليڪٽ نہ ڪيو ويو.

ايم اي انگلش جي امتحانن ڪان پوءِ جڏهن سنڌ يونيورسٽي جو واءِ وا وارو امتحان پيو ڏي تہ استاد پڇيس تون پرائيوٽ ڪينڊيڊيٽ ٿي ڪري ايڏي سٺي انگريزي ڪيئن ٿو ڳالهائين تہ انور پيرزادي جواب ۾ چيو تہ:

”مان مهين جي دڙي تي انگريزن سان ڪوٺائي ۾ گڏ
ڪم ڪيو هو جنهن ڪري انگريزي ڳالهائڻ ۾
بهتري ۽ رواني آئي.“

## پهريون پروفيشن

استاد وارو شعبو سندس زندگي جو پهريون پروفيشن رهيو... سپ کان اڳ پرائمري ماسٽر ٿيو، پوءِ سيڪنڊري کي پڙهايائين ۽ يونيورسٽي ليول جو ليڪچرر به رهيو. مئٽرڪ کان پوءِ مشوري ڳوٺ ۾ پرائمري استاد رهيو، مهين جي دڙي جي پرائمري اسڪول ۾ پڙهائين، ڪاراٽن کان اڳتي ٽڳڙ باغبان هڪڙو ڳوٺ آهي اتي به استاد رهيو. پرائمري جي ٽريننگ جو امتحان لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين جنهن ۾ سڄي سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو هو.

پرائمري ٽيچنگ واري دور ۾ هو والي بال جو مشهور رانديگر هيو. ٻلهڙيجي جو احمد ماڇي جيڪو ساڻس گڏجي والي بال راند کيڏندو هو ٻڌايو ته انور جهڙو رانديگر اسان جي تر ۾ نه هو. انور جي والي گولي وانگي تيز هوندي هئي، هڪ ڀيري سندس والي کي هٿ ڏنم ته چمبو پچي پيو، انور ڊڪندي اچي مون کي پٽي ٻڌي، مان چيومانس ادا اسان سان اسان جهڙي راند کيڏندو ڪر.

بابا ڳوٺ کان علاوه ڏوڪري ۽ تر جي ٻين علائقن ۾ به راند کيڏڻ ويندو هيو. تعلقي سطح تي جيڪي ٽورنامنٽ ٿيندا هئا انهن ۾ کيس سڏايو ويندو هو. انور ابڙي بابا جي پروفائيل ۾ لکيو هو ته هو والي بال ۾ سينٽر تي بيهي کيڏندو هيو ۽ اڄ ادب ۽ صحافت جي سينٽر تي بيهي لکي رهيو آهي.

احمد ماڇي ان زماني جو هڪ واقعو ٻڌايو ته اسان والي بال راند ختم ڪري واپس مڪان تي آيا سي ته فقير يار محمد اتي نياز ڪيو هو، چيائين ابا ويهو پٽ کائي پوءِ وڃو. انور هڪ باگڙي کي ڏسي چيو هيڏي اچ. کيس چيائين ته هن پٽ مان هڪ گرهه ته ناهي ڏي. باگڙي گرهه ناهيو ته انور اهو گرهه هٿ ۾ کٽي مناڻي وانگي سڄي پٽ تي برڪي ڇڏيو. سيني کي چيائين هاڻي کائو پٽ. اسان چيو هاڻي ڪيئن کائيندا سي. انور چيو ڇو نه کائيندا سي، اڳ مان ٿو کاوان. سو انور اڳ ۾ گرهه کاڌو، پوءِ سيني اهو پٽ کاڌو. سو انسان دوستي جا اهڙا واقعا ان اوائلي دور ۾ پڻ انور صاحب جي سڃاڻپ ها.

ڪراچي ۾ 1972ع ۾ گلستان شاهہ عبداللطيف اسڪول ۾ نائين ۽ ڏهين ڪلاس کي انگريزي پڙهائيندو هيو. ان دور جي هڪ شاگرد سهيل انصاري لکيو آهي تہ:

> انور پيرزادي اسان کي نہ صرف ڪورس پر زندگي کي سمجهڻ جا سبق بہ ڏنا. گلستان بوائز سيڪنڊري اسڪول ۾ پڙهائڻ دوران هن سنڌي رسالو لطيف بہ ڪڍيو جنهن جو هو ايڊيٽر هيو. سهيل انصاري چواڻي اتي انور پيرزادي جي ڪري پهريون ڀيرو اسڪول جي فنڪشن ۾ سنڌي ٻولي ۾ اسٽيج ڊرامو پيش ڪيو ويو هو جنهن جي اسڪرپٽ بہ پاڻ لکيائين.

1969ع ۾ ايم اي انگلش پاس ڪرڻ کان پوءِ ويهہ آڪٽوبر 1970ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جي انگريزي ڊپارٽمنٽ ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو جتي هن ڇهہ مهينا انگلش ڊپارٽمينٽ ۾ پڙهايو هو.

ڪراچي ۾ لاڙڪاڻي ۾ رهائش دوران اتي ٽيوشن بہ پڙهائيندو هيو. انگريزي سکندڙن کي اڪثر ڪري انگريزي جي ٻارنهن ٽينسز جو هڪ صفعي جو چارٽ ٺاهي ڏيندو هيو جيڪو انگريزي سکڻ ۾ ڪين بنيادي مدد ڏيندو هيو. بابا جي هٿ اکرن سان لکيل اهو چارٽ هاڻي بہ اسان وٽ محفوظ آهي.

سندس جواني واري دور جو جائزو ونجي ٿو تہ هو ان عمر ۾ هڪ ميچوئر، محنت ڪندڙ هوشيار، روشن خيال، مضبوط ارادا رکندڙ علم جو پياسو نوجوان نظر ٿو اچي. پنهنجي آخري دور تائين هو جيڪو ڪم ڪرڻ جو ارادو ڪندو هو ان کي پورو ڪرڻ جو جنون هوندو هوس، پنهنجو روح ان ڪم ۾ اوتي ڇڏيندو هو. اها سوچ ٽيويهن سالن ۾ سندس وجود جو حصو هئي، تڏهن تہ 1968ع جي ڊائري ۾ لکي ٿو تہ:

> It is the characteristic of my temperament that if I want anything and determine to have it at all ،I do not get piece of mind until I have not received it.

# ايئر فورس مان
# ڪورٽ مارشل ٿيڻ جي ڪٿا

پاڙي جي هڪ ايئر هوسٽس جي عشق ۾ انور پيرزادي کي پائليٽ ٿيڻ جو شوق ٿيو. اهو 1970ع جو زمانو هو. انور پيرزادو ان وقت سنڌ يونيورسٽي ۾ انگريزي ڊپارٽمنٽ ۾ ليڪچرر هيو ۽ هڪ سٺي پوسٽ تي اڳ ۾ ئي نوڪري ڪري رهيو هو پر اخبار ۾ جڏهن ڊاريڪٽ ڪميشن ڪورس جو اشتهار ڇپيو ته بابا ان لاءِ اپلاءِ ڪري ڇڏيو.

ان ٽريننگ ۾ ڇهن ڏينهن جي سخت ٽريننگ ڪرائيندا آهن ۽ ان زماني ۾ هزار ڪن اميدوارن اها ٽريننگ ڪئي جنهن مان صرف 35 پاس ٿيا جن ۾ انور پيرزادو به شامل هيو. سوچيائين ته اها چانس ملي آهي ته ايئر فورس ۾ ڪيريئر ٺاهجي. ٽيسٽائين سويي گيانچنداڻي سان ملاقات ٿي چڪي هيس ۽ سنڌ يونيورسٽي ۾ ڇهه مهينا نوڪري ڪرڻ دوران يونيورسٽي واري قومپرست ماحول جو به اثر هيس. ان وقت جي وي سي غلام مصطفي شاهه، انور پيرزادي کي چيو تون ايئر فورس نه وڃ تنهنجو ذهن پختو ٿي چڪو آهي اتي ايڊجسٽ نه ڪري سگهندين. پر هو پنهنجو ذهن ٺاهي چڪو هيو ان ڪري استعيفي ڏئي ڪوهه مري جي لوئر ٽوپا واري علائقي ۾ ڇهن مهينن جي ٽريننگ لاءِ هليو ويو جتي اها سخت ٽريننگ ڪاميابي سان ڪيائين ۽ سڄي اڪيڊمي ۾ ٻيو نمبر آيو. ان ٽريننگ هن کي لائيف جو ڊسيپلين، جسماني ورزش ۽ صفائي سٿرائي جي وڏيڪ تربيت ڏني.

ان زماني ۾ پاڪستاني فوج بنگال ۾ شيخ مجيب الرحمن خلاف ملٽري آپريشن ڪيو جنهن هن کي اندر ئي اندر بي چين ڪيو ۽ ان وقت پنهنجي اندر جو اوير هڪ خط لکي ڪيڏيو جنهن ۾ هن شيخ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجيب کي ويھين صدي جو ليڊر قرار ڏنو. بنگال خلاف آپريشن کي جمھوريت جو قتل عام سڏيو ۽ اھو انديشو ظاھر ڪيو تہ اھا صورتحال جاري رھي تہ پاڪستان ٽٽي ويندو.

اھو خط سنڌ يونيورسٽي جي ھڪ دوست کي پوسٽ ڪيو جيڪو انھن ڏينھن ۾ اتفاق سان موڪل تي ھيو ۽ اھو خط يونيورسٽي جي ھڪ مذھبي مزاج جي رجسٽرار کي ھٿ لڳو جيڪو اڳ ۾ ئي انور پيرزادي جي خيالن کان ناراض رھندو ھيو. ان اھو خط کولي پڙھيو ۽ واپس ايئر فورس وارن کي موڪليو جيئن اھي غداري جو مقدمو ھلائين. انور پيرزادي کي ٽريننگ پوري ڪرڻ ڏني وئي پر ھن کي ڪميشن ڏيڻ بدران ھڪ ڏينھن گھرائي اھو خط ڏيکاريو ويو. پاڻ جڏھن ان خط لکڻ جي تصديق ڪيائين تہ ان جي خلاف ڪاروائي ڪئي وئي. ٽن ونگ ڪمانڊرس ڪيس جو فيصلو ڏنو ھو جن مان بہ ان جي خلاف ھئا ۽ ھڪ ان جي حمايت ۾ فيصلو ڏنو ھو. پر جيئن تہ اڪثريت خلاف ھئي ان ڪري ڪيس ست سال قيد جي سزا ٻڌائي ڪورٽ مارشل ڪيو ويو.

بابا ٻڌائيندو ھيو تہ ھڪ ڪمانڊر ڪيس ڇيو ھو تہ دل تہ چوي ٿي توکي برسٽ ھٽي ماري ڇڏيان پر ٽن ڳالھين ڪري توکي ڇڏيان ٿو. ھڪ تہ تون ھڪ ننڍي ڳوٺ مان آيو آھين، سيلف ميڊ ماڻھو آھين ۽ توکي ننڍڙا ٻار آھن.

ڪيس پشاور جيل موڪليو ويو. انور پيرزادي جي ڳوٺ ۽ فيملي لاءِ اھا خبر وڏو زلزلو ھئي ڇو تہ اھي ڏاڍا خوش ھئا تہ انور جاڻ ٽريننگ پوري ڪري آيو ۽ اچي پائليٽ آفيسر ٿيندو ۽ اسان جو خاندان غربت مان نڪري ايندو. جڏھن خاندان وارن کي سندس جيل وڃڻ جي خبر پئي تہ انھن کي ڪا ڳالھہ سمجھہ ۾ نہ پئي آئي، انور پيرزادي جي ماءُ صفا جھري پئي. ڊاڪٽر محمد حسن (انور جي ياء) پنھنجي ٻئي ياء امام بخش کي پشاور موڪليو تہ انور کي ڏسي اچ، اھو ھڪ ڏينھن ويو ۽ ٻي ڏينھن موٽي آيو تہ مان انور کي ان حال ۾ نہ پيو ڏسي سگھان. پوءِ وري عبدالرحيم پيرزادي کي موڪليو ويو. انور پيرزادي کي گھر جي

سهولت ڏيڻ لاءِ پشاور مان ڪراچي جيل منتقل ڪيو ويو ڇو ته ان جي
پياءُ جو گهر ڪراچي ۾ هيو.

جنهن ڪور ڪمانڊر سندس حمايت ۾ فيصلو ڏنو هيو ان چيو هو ته اهو عمل سڊيشن جي ڪيس ۾ ان ڪري نه ٿو اچي ڇو ته اهو بيان ڪنهن جلسي يا لائوڊ اسپيڪر يا هجوم سامهون نه هو پر فقط هڪ دوست کي ذاتي خط هيو ان ڪري ايڏو وڏو ڏوهه ناهي. انور پيرزادي ان فيصلي جي روشني ۾ ڪورٽ ۾ پنهنجي وڪيل معرفت پٽيشن داخل ڪرائي ۽ ان زماني ۾ سندس وڏي پياءُ ڊاڪٽر پيرزادي جي ڪلينڪ تي ايئر وائيس مارشل يوسف خان پنهنجا ڪتا ڪٽي ايندو هيو جنهن کي هن سفارش ڪئي ته پياءُ جي سزا معاف ڪرائي وڃي. ايئن ان پٽيشن جي نتيجي ۾ اها ستن سالن جي سزا ڇهن مهينن کان پوءِ ختم ڪئي وئي پر ڪيس اهو چيو ويو ته تون سڄي عمر ڪا به سرڪاري نوڪري نه ڪري سگهندين. جنهن ڏوهه ۾ انور پيرزادي کي سزا ڏني وئي اها ڳالهه ان وقت ئي سچ ثابت ٿي هئي جڏهن انور پيرزادو ڪراچي جيل ۾هيو ۽ 1971ع ۾ پاڪستان ٽٽي ويو هو.

انور پيرزادي زندگي جي ايڏي وڏي واقعي تي نه ڪڏهن ماتم ڪيو نه حڪومت کان سرڪاري نوڪري ختم ڪرائڻ جي ڪا درخواست ڏني، اجا به حق جي حمايت کي هن اعزاز سمجهي قبول ڪيو.

جڏهن 2006 ۾ حمود الرحمن ڪميشن رپورٽ آئي هئي ته انور پيرزادو نجي ڪچهرين ۾ ڪلندي چوندو هيو ته:

ڇا هاڻي مان اهو ڪيس ڪيان ته مان بي ڏوهي
هيس ۽ مون کي غلط سزا ڏني وئي هئي.!

هڪ پيري گلشن حديد ۾ ڪچهري ڪندي شاهه محمد ۽ مون سان هڪ ڇرڪائيندڙ ڳالهه ڪئي هئائين ۽ چيائين ته:

سائين اها هڪ الڳ نفسيات آهي ۽ توهان کي اهو
ٻڌي حيرت ٿيندي ته جڏهن مان ايئر فورس جي اتي
ٽريننگ ڪندو هيس ته منهنجي به اهڙي ڪيفيت
ٿي ويندي هئي جو مان چوندو هيس ته اهي سويلينس

چا ٿيندا آهن....!!!

اهو ٻڌي اسان سان گڏ هو پاڻ بہ حيران پيو ٿئي.

ناميارو اديب احمد سليم پنهنجي مضمون ”نہ وسرڻ جهڙو ماڻهو“ ۾ لکي ٿو:

> هڪ ڏينهن 1971ع جو ذڪر نڪري پيو، هو پنهنجو پاڻ بابت گهٽو نہ ڳالهائيندو هو. منهنجي ڳالهہ ٻڌي مسڪرائي چيائين هتي لکين ماڻهو شهيد ٿيا ان جي مقابلي ۾ اسان جي قرباني ڇا آهي، ننڍڙو قيد...!!

تازو احمد سليم سان موبائيل تي ڳالهہ ٿي تہ اها ساڳي ڳالهہ ورجائيندي هن ٻڌايو تہ جڏهن انور جي اها ڳالهہ مون بنگلاديش جي دوستن سان ڪئي تہ انهن چيو اها وڏي قرباني هئي ڇاڪاڻ تہ هزارن ماڻهن اڳيان ڪجهہ ماڻهن ئي آواز اٿاريو هيو. انور انهن مان هيو.

انور پيرزادي کان بي بي سي وارن ڪورٽ مارشل واري سزا بابت هڪ انٽرويو بہ ڪيو هو جيڪو مون بہ گهر ۾ موجود هجڻ ڪري فون تي ٻڌو هيو. ان جو رڪارڊ اسان وٽ ناهي پر تازو فيس بڪ تي هڪ بنگال جي صحافي ٻڌايو تہ اهو انٽرويو بنگالي ٻولي جي ڪتاب ۾ شايع ٿيو آهي. مون ڪيس چيو هو اهو ڪتاب اسان کي بہ ڏيو ۽ اها اوريجنل رڪارڊنگ جيڪڏهن هجي تہ اسان کي ڏيو، هن حامي تہ ڀري پر اڃا نہ ڪتاب مليو سگهيو آهي ۽ نہ وري ان انٽرويو جي رڪارڊنگ.

بنگلاديش جي گورنمنٽ سال 2012ع ۾ پاڪستان جي انهن شخصيتن کي ايوارڊ ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو جن بنگلاديش جي آزادي لاءِ ان وقت حمايت ڪئي، جيل ڪاٽيا، سزائون ڀوڳيون ۽ پنهنجو روزگار وڃايو. انور پيرزادي کي بہ ايوارڊ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو پر انور پيرزادو تڏهن دنيا ڇڏي چڪو هو. منهنجي خيال ۾ بابا کي زندگي جي ملندڙ ايوارڊن مان جيڪڏهن ڪنهن ايوارڊ تي وڌ مان وڌ خوشي ٿئي هان تہ اهو ئي ايوارڊ هجي هان. ان ايوارڊ وصول ڪرڻ لاءِ بنگلاديش گورنمنٽ ويزا ٽڪيٽ ۽ سرڪاري مهمان نوازي جا بندوبست ڪيا هئا. اسان ڀائرن ايوارڊ وصول ڪرڻ لاءِ زرار کي

موڪليو هيو. ان وفد ۾ پنهنجي پي جا ايوارڊ وٺڻ ڀيون ٻه مشهور شخصيتون ويون هيون جن ۾ غلام جيلاني جو ايوارڊ عاصمہ جهانگير، فيض احمد فيض جو ايوارڊ سليمہ هاشمي، وارث مير جو ايوارڊ حامد مير، قاضي فيض محمد جو ايوارڊ جاويد قاضي، حبيب جالب جو ايوارڊ ان جي ڌي طاهره ۽ احمد سلم جو ايوارڊ ان جي ڌي حميره وصول ڪيو هو. زرار سنڌي اجرڪ پائي شيخ مجيب جي ڌي ۽ بنگلاديش جي وزير اعظم حسينہ واجد کان انور پيرزادي جو ايوارڊ وصول ڪيو هو.

منهنجي پاء زرار ٻڌايو تہ جڏهن هو بنگلاديش ويو هو تہ ملڪ جي مشهور صحافي ۽ اينڪر پرسن حامد مير بنگلاديش جي هڪ ٽي وي چينل کي انٽريو ڏيڻ وقت منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي کين ٻڌايو تہ بنگال آپريشن جي مخالفت ۾ ذاتي طور وڏي قرباني هن جي پيءُ ڏني هئي جو کيس ايئرفورس مان ڪيڏي ڪورٽ مارشل ڪري جيل ۾ بند ڪيو ويو ۽ مٿس سڄي ڄمار سرڪاري نوڪري تي پابندي وڌي وئي.

مون کي نور الهدیٰ شاهہ چيو هو تہ سنڌي توڙي اردو ادب ۾ ڪيترا اديب شاعر هوندا جن بنگلاديش سانحي تي مزاحمتي شاعري ڪئي هوندي، اهو انور هو جنهن بنگال تي مزاحمتي شاعري ڪئي هئي.

انور پيرزادي جي هڪ ورسي کي خطاب ڪندي سنڌ جي ناليواري ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامہ نويس علي بابا ڏاڍو دلچسپ جملو ڳالهايو هو تہ پاڪستاني فوج جو اسان سنڌين مٿان اهو هڪ ئي احسان آهي جو انهن اسان کي اسان جو انور پيرزادو موٽائي ڏنو هو...

# بهادر، آدرشي ۽ جاکوڙي صحافي

انور پيرزادو ايئر فورس مان ڪورٽ مارشل ٿي جيل ويو. اتان آزاد ٿيو ته ان مٿان سرڪاري نوڪري ڪرڻ تي پابندي لڳي چڪي هئي، تڏهن امر جليل ڪيس سراج الحق ميمڻ ڏي وٺي ويو (جيڪو هلال پاڪستان جو ايڊيٽر هيو) ته هي نوجوان باصلاحيت آهي هن کي اخبار ۾ نوڪري ڏيو. 3 سيپٽمبر 1972ع ۾ اخبار هلال پاڪستان جوائن ڪيائين جتي اپريل 1975ع تائين ڪم ڪيائين. سندس سٺي انگريزي ڪيس سنڌي پريس ۾ داخل ڪيو ۽ ابتدا ۾ هن اخبار لاءِ انگريزي مان سنڌي ترجما ڪيا. سب ايڊيٽر رهيو، مضمون لکيائين، اخبار لاءِ رپورٽنگ به ڪيائين.

هلال پاڪستان ۾ هن سان گڏ دوستن جو حلقو ٺهي ويو. اسلم آزاد سان دوستي جي شروعات به هلال پاڪستان ۾ ٿيس. اتي هو ساٿين کي سوٽ چئي مخاطب ٿيندو هو، ايئن آهستي آهستي سڀ هڪٻئي کي سوٽ سڏڻ لڳا، سوٽ لفظ ۾ جيڪا پنهنجائپ آهي اها ساڳي پنهنجائپ ان ماحول جو حصو ٿي وئي.

اسلم آزاد هڪ مضمون ۾ لکيو آهي ته هڪ خبر ناهيندي انور کان پڇيم شب برات کي سنڌي ۾ ڇا چئبو آهي، انور وراڻيو ڦتاڪن واري عيد، سو مان به اهو لکي خبر هلائي ڇڏي جنهن تي صبح جو ڪيترائي مولوي ڪاوڙجي ويا هئا. اها ڳالهه انور کي ٻڌايم ته ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳو.

1976 - 1980ع تائين روسي سفارتخاني ۾ نوڪري ڪيائين جتي هو انهن جي پندرهن ڏينهن واري ميگزين Economic Review جو ايڊيٽر هو.ان روسي سفارتخاني ۾ ماٽڪ، شاهد حسين، احمد سليم، نجم بابر، بابر اياز به سندس ساٿي هئا. انور پيرزادو ڪميونسٽ پارٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سرخ پرچم، ڪامريڊ ۽ هلچل رسالي ڪي بہ ايڊٽ ڪندو هيو.

انور پيرزادي سب ايڊيٽر ڪان صحافتي ڪيريئر جي شروعات ڪئي ۽ آخر ۾ سنڌي توڙي انگريزي اخبارن جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. انگريزي صحافت جي شروعات ڊان اخبار ۾ 1980ع ۾ ڪيائين جڏهن هو لاڙڪاڻي ۾ Correspondent مقرر ٿيو. ان دوران هن ڪي سنڌ جي ٻهراڙين جي رپورٽنگ ڪرڻ جو تجربو ٿيو. ٻن سالن ڪان پو 1982ع ۾ ڪيس ساڳي اخبارجي گروپ ۾ ترقي ملي ۽ هو سکر ۾ اسٽار اخبار جو بيوروچيف مقرر ٿيو.

ضيا جي مارشل لا ۾ ايم آر ڊي دوران بي خوف صحافت جي نتيجي ۾ ڪيس 1983ع ۾ جيل وڃڻو پيو هو. انهن ڏينهن ۾ هن هڪ خبر لکي هئي تہ اڄ صبح ٿيندي ئي روهڙي شهر جي برف ڪپي وئي آهي ۽ روهڙي شهر مان گذرندڙ نيشنل هاءِ وي تي ڏکڻ کان اتر ڏانهن فوجي ٽرڪون گذري رهيون آهن ۽ هر ٽرڪ جي پويان رت جا ٽيپا روڊ تي ڪري هڪ ليڪ ٺاهي رهيا آهن، اها رت جي ليڪ گهٽجو پري تائين ويندي.

جيل مان ٻاهر نڪري صحافت ۾ سچ لکڻ واري ساڳي ريت جاري رکيائين.

1984ع ۾ ڪراچي ۾ اسٽار اخبار جو اسٽاف رپورٽر مقرر ٿيو. ان عرصي ۾ هو سياسي پارٽين جي سرگرمين ۽ سنڌ اسيمبلي توڙي سيڪريٽريٽ جي رپورٽنگ ڪندو هيو. اڳتي هلي اسٽار جي ڊيسڪ واري نوڪري ڇڏي فري لانسنگ ڪرڻ لڳو.

ڊان ۽ اسٽار ۾ نوڪري ڪان سوا انگريزي اخبارن سنڌ ٽربيون، ريجنل ٽائيم آف سنڌ جو ايڊيٽر پڻ رهيو. سنڌي اخبارن ۾ 1990ع ۾ عوامي آواز، 1992ع ۾ سنڌ سجاڳ ۽ پوءِ 1999ع ۾ سچ اخبار جو ايڊيٽر رهيو جڏهن تہ هن 1995ع ۾ يوسف شاهين جي اخبار برسات اخبار جي ايڊيٽوريل سيڪشن ۾ شيخ اياز، بدر ابڙو، نصير اعجاز سان پڻ ڪم ڪيو هو.ان ئي سال انگريزي اخبار سنڌ ٽريبون ۾ ايڊيٽر طور مقرر ٿيو. 1995ع ۾ شڪاگو مان نڪرندڙ ڪمپيوٽر اخبار Indus News

Network جو مئنيجنگ ايڊيٽر ٿيو. 1996ع ۾ اسلام آباد جي ايڊورٽائزنگ ايجنسي انفارميشن لاءِ ڪراچي جي بيوروچيف آفيس ۾ به سال ڪم ڪيائين.

1989ع ۾ انور صاحب پڻ جهڻ جي نالي هلال پاڪستان ۾ پهريون ڪالم لکيو جنهن ڪيس انگريزي صحافت کان وري سنڌي صحافت ڏانهن آندو.

دلچسپ ڳالهه ته 1993ع ۾ پنهنجي وڏي ڀاءِ ڊاڪٽر پيرزادي ڪي ويٽنري ميگزين The Vet ڪڍڻ جو آئيڊيا ڏئي ميگزين شايع ڪرايائين ۽ پاڻ ان جو اعزازي ايڊيٽر ٿيو. ان ميگزين ۾ هو جانورن جي مسئلن تي ايڊيٽوريل به لکندو هيو ۽ ان ميگزين جا ڏهاڪو کن پرچا شايع ٿيا هئا. پهرين پرچي جي ٽائيٽل تي مهين جي دڙي جي سيل تي چٽيل ڏاند واري تصوير ڏني هيائين جنهن جو عنوان هيو 5000Years of Animal Husbandry in Indus Valley.

انور پيرزادي سال ڇهاسي کان ايڪانوي تائين انگريزي اخبار استار ۾ سنڌ سيناريو عنوان سان ڪالم لکيو جيڪو تمام گهڻو مقبول ٿيو. ان ڪالم ۾ هو سنڌي ماڻهن جا مسئلا انگريزي ٻولي ۾ لکي سڄي دنيا تائين پهچائيندو هيو جنهن ڪري سنڌ جي مسئلن توڙي هلندڙ صورتحال جي نمائندگي بين القوامي سطح تي ٿيندي هئي. ان ئي زماني ۾ شيخ اياز هڪ نجي ڪچهري ۾ اهو رمارڪ ڏنو هيو ته اسان سيني جو ڪم هڪ طرف ۽ انور جو ڪم هڪ طرف آهي ڇو ته انور انگريزي ٻولي ۾ سنڌ جو درد دنيا تائين پهچائي رهيو آهي.

انگريزي ۾ ڪالم لکڻ باوجود پنهنجي نالي سان انور پيرزادو لکندو هيو. انور پيرزادا نه لکندو هيو اها ڳالهه فهميده حسين پنهنجي هڪ مقالي ۾ نوٽ ڪئي هئي ۽ لکيو ته انور پيرزادو لکيل ڏسي اسان کي خوشي ٿيندي هئي ته هي اسان جو ئي انور آهي.

سندس اهي ڪالم انور پيرزادو اڪيڊمي سهيڙي ڪتاب ”سنڌ سيناريو“ ڇپائي چڪي آهي. انگريزي اخبار ڊان ۾ سندس هڪ ٻيو مشهور سلسليوار ڪالم 1987ع کان 1993ع تائين شايع ٿيندو هوان جو

عنوان هوندو هيو ”سنڌي پريس ڊائجسٽ“ جنهن ۾ هفتي ۾ نڪرندڙ سيني سنڌي اخبارن جي خبرن، مضمونن توڙي ايڊيٽوريلز جو نچوڙ ڪڍي ٻڌائيندو هيو ته سنڌي ميڊيا ڇا پئي سوچي ۽ سنڌ جا مسئلا ڪهڙا آهن.

ڊان ۽ اسٽار سان گڏ انگريزي اخبارن توڙي رسالن هيرالڊ، نيوزلائين، دي نيوز، فرنٽيئر پوسٽ ۽ دي ڪرونيڪل ۾ پڻ لکندو رهيو.

صحافتي دور ۾ هن ذوالفقار علي ڀٽو، بينظير ڀٽو، نصرت ڀٽو، غوث بخش بزنجو، خان عبدلولي خان، نوابزاده نصرالله خان، ڄام ساقي ۽ رسول بخش پليجي سميت ڪيترن ئي سياستدانن جا انٽرويوز ڪيا جيڪي ڊان ۽ اسٽار ۾ شايع ٿيا ها.

انٽرويو ته هو عام ماڻهن جا به شوق سان ڪندو هيو. محمد علي پناڻ ٻڌائيندو آهي ته انور ڪي زيتونن تي اسٽار جي اسٽوري ڪرڻي هئي، لاڙڪاڻي مان زيتونن جي باغ وڃڻ لاءِ ٽانگي تي چڙهياسي ته انور ٽانگي واري کان زيتونن جي باري ۾ سوال پڇڻ شروع ڪيا، ٽانگي وارو به ڪو زيتونن جي قسمن ۽ باغن جي جهجهي معلومات پيو رکي، اهي تفصيل سفر دواران جاري رهيا، جڏهن باغ تي پهتاسي ته انور چيو اسٽوري ته هتي ئي مڪمل ٿي وئي.“

انور پيرزادو پيشي جي لحاظ کان حياتي جو گهڻو وقت صحافي رهيو پر هن صرف آفيس ۾ ويهي صحافت نه ڪئي. گهڻو ڪري هن فري لانسنگ واري صحافت ڪئي جنهن لاءِ هو چوي ٿو ته:

> اڄ جي صحافي لاءِ فري لانسنگ ۾ گهڻو اسڪوپ آهي. ان صحافت ۾ هڪ صحافي ڪتاب به لکي سگهي ٿو، ريسرچ ۽ ترجما به ڪري سگهي ٿو ۽ فيلڊ ۾ وڃي رپورٽنگ به ڪري ٿو پر اهڙي صحافت لاءِ هن کي ڊيسڪ تي ويهي صحافتي تجربي جي پڻ ضرورت پوندي سو اهڙو تجربو ڪيس هجڻ گهرجي.

محمد حنيف سندس ڪتاب انڊس اينڊ اٽس ڊيلٽا جي مهورتي تقريب ۾ چيو هو ته:

اسان مرندڙ ماڻهن جو تعداد ڳڻڻ واري صحافت
ڪندا آهيون جڏهن ته انور پيرزادي اسان کي ٻڌايو
ته درياهه جا ڪهڙا مسئلا آهن ۽ درياهه جي پرسان ۽
درياهه جي اندر رهندڙ مخلوق جا ڪهڙا اشوز
آهن.هن وڏيڪ چيو هو ته جڏهن گوگل نه هوندو هيو
ته انور اسان صحافين لاءِ سنڌ جي حوالي سان گوگل
هوندو هيو. اوهان وٽ بس سنڌ متعلق ڪو به سوال
هجڻ گهرجي ان جو جواب هن وٽان ملي ويندو هيو.
فرق اهو آهي ته گوگل مسڪرائيندو ناهي جڏهن ته
سمجهائڻ وقت انور جي مسڪراهٽ به ڏاڍي موهيندڙ
هوندي هئي.

هو سنڌ جو پهريون صحافي هيو جنهن سنڌ جي ميلن کي انگريزي پريس ۾ تفصيل سان ڊاڪيومنٽ ڪيو. انگريزي توڙي سنڌي صحافت ۾ سياسي جدوجهد، عوامي مسئلن کان سوا مهين جي دڙي، ٿر، سنڌو درياهه، ڊيلٽا، ڪڇو، ڪاڇو، جبل ۽ سنڌ جي ثقافت جو ڪيس ڀرپور انداز ۾ وڙهيو. ڏڪار، ٻوڏ، ڏاڙيلن جي آزاد، ڪاروڪاري سميت سنڌ سان ٿيندڙ هر زيادتي تي لکندو رهيو ۽ نه صرف لکيو پر سنڌ جي مسئلن جا حل پڻ ٻڌايا جيڪا ڳالهه اجوڪي صحافت ۾ اڻلڀ ٿيندي پئي وڃي.

صحافت کي ڪڏهن به ذاتي مفاد لاءِ استعمال نه ڪيائين.ڪيس صحافت دوران وڏن بنگلن ۽ ڪارن واريون آڇون ٿيون پر پنهنجي ڪردار ۽ نظرئي بابت سدائين چٽو موقف رکندو هيو.

شاهه محمد پيرزادي پنهنجي ڪتاب ”پورائي ۾ ڀيال“ ۾ لکي ٿو ته:

سکر جيل موڪلڻ کان اڳ هڪ ميجر رينڪ جو
ماڻهو رات جي وقت ۾ هن سان ملڻ آيو ۽ هن کي آفر
ڪيائين ته تون انگريزي جي مين اسٽريم اخبارن
جو تجربو رکين ٿو، جيڪڏهن فوج تي تنقيد ڪرڻ
ڇڏين ته اسلام آباد مان نڪرندڙ انگريزي اخبار

مسلم يا پاڪستان ٽائيمز ۾ ايڊيٽر طور نوڪري ڏئي
سگهجي ٿي. تون پنهنجي ٻارن سان وچي رهه، انور
چيس ته مان حقيقت واري رپورٽنگ ڪيان ٿو، مون
کي نوڪري تي به اعتراض ناهي پر ڪنهن به قسم
جي شرط تي قبول ناهي. ايئن ٻي ڏينهن تي ئي هن
کي جيل موڪليو ويو.

انور پيرزادي جي صحافتي سفر ۾ ڪيترائي نوجوان صحافي هن جا شاگرد هوندا هئا انهن سان سندس صحافت توڙي ايڊيٽر هجڻ واري ڪردار تي ڳالهه ٻولهه ٿي جيڪا هتي ڏيان ٿو.

صحافي رزاق ابڙي ٻڌايو ته انور صاحب اسان کي چوندو هيو صحافت نوڪري سمجهي نه ڪيو پر ايئن سمجهو ته اها پنهنجي ماڻهن ۽ ڌرتي سان اسان جي ڪميٽمنٽ آهي، اسان انهن جا نمائندا آهيون انڪري نيشنل انٽريسٽ تي ڪڏهن به سمجهوتي بازي نه ڪنداسين.

حسن مجتبي ٻڌايو ته انور هڪ ٽرينڊ سيٽر صحافي هو، ان کان اڳ اسان وٽ ايڏي بهادر ۽ بيباڪ صحافت نه هئي ان ڪري ئي کيس جيل وڃڻو پيو هو. عوام کي سچ کان آگاهه رکڻ واري حق جو هو custodian هوندو هو.

ڊان جي اڳوڻي ايڊيٽر عباس ناصر لکيو هو ته:
مان ذاتي طور اهڙن ڪيترن ئي صحافين کي سڃاڻان
جن پنهنجو مقام سنڌ جي ماهر طور فقط انور پيرزادي
جي فراخدلانه هدايتن ڪري ناهيو آهي.

انور پيرزادي سنڌي صحافت ۾ پڻ ڪيترائي ڪامياب تجربا ڪيا هئا. هن شارٽ ڪالم لکيا جن ۾ خاص طور تي سندس ڪالم متان وساريو تمام گهڻو مقبول ٿيو. ڪيترا ئي نوان سلسلا شروع ڪيائين مثال اڇو ته پڻائي پڙهون، اچو ته سنڌي سکون وغيره. اخبار جي فرنٽ توڙي بيڪ پيج تي جديد شاعري شايع ڪندو هيو. سينئر صحافي عاجز جمالي موبائيل تي ڳالهائيندي ٻڌايو ته عراق تي جنگ

دوران مون ڪجهه بيت انور صاحب ڪي عوامي آواز ۾ پوسٽ ڪيا هئا، ٻي ڏينهن صبح جو اهو ڏسي حيران رهيجي ويس تہ اهي بيت اخبار جي فرنٽ پيج تي ڇپيل هئا.

صحافي همسفر گاڏهي مون کي ٻڌايو تہ اسان کي عوامي آواز ۾ چوندو هو تہ ماڻهو ڊان اخبار ان لاءِ بہ گهٽي پڙهندا آهن جو ان ۾ انٽرنيشنل خبرون هونديون آهن ۽ سنڌي اخبارن ۾ رڳو هتان جون مقامي خبرون هجن تيون ان ڪري هن اخبار ۾ هڪ صفحو شروع ڪرايو هو جنهن جو عنوان هوندو هو "جيڪي منجهہ جهان" جنهن ۾ اسان بين القوامي خبرون ۽ تبصرا شايع ڪندا هئا سي. همسفر گاڏهي وڌيڪ ٻڌايو تہ اهو بہ اسان انور صاحب جي دور ۾ ئي ڏٺو تہ هو آرڪيالاجي جي خبرن کي ليڊ ڪري هلائيندو هيو يا باڪس ۾ نمايان ڪري هلائيندو هيو. هن ڪامريڊ سوڀي کان پڻ ڪالم لکرايا جيڪي بعد ۾ ڪتابي صورت ۾ سڀني اڳيان آيا.

جڏهن عوامي آواز ۾ ايڊيٽر هوندو هيو تہ جيستائين اخبار جي ڪاپي رات دير سان پريس ۾ ويندي هئي اتي موجود رهي آخري خبر تائين ايڊيٽنگ ۽ پيسٽنگ ڪرائيندو هيو.

آفيس ۾ رات دير ٿيڻ ڪري هو گلشن حديد پنهنجي گهر واپس وڃي نہ سگهندو هيو سو رات اتي ئي نامڪو سينٽر ۾ سوڀي گيانچنداڻي جي ڪمري ۾ سمهي پوندو هيو، وري ٻي ڏينهن اتان ئي ڊيوٽي شروع. ان زماني ۾ هو گهر هفتي ۾ هڪ ڏينهن ايندو هيو. مان سڄو هفتو بابا جي گهر اچڻ جو انتظار ڪندو هيس پوءِ سڪ گهٽي لڳندي هئي تہ ڪڏهن نامڪو سينٽر وڃي بابا سان گڏ بہ رهندو هيس.

ناليواري صحافي رزاق سروهي ٻڌايو تہ انور صاحب پرفيڪشن جو قائل هوندو هيو سو پيسٽنگ دوارن سڄي اخبار ۾ ڪهڙي خبر ڪٿي هجي ان ڪري خبرن جي ترتيب ۾ جايون تيستائين هيٺ مٿي ڪندو رهندو هيو جيستائين ڪيس تسلي نہ ٿيندي هئي.

رزاق سروهي وڌيڪ ساروڻيون سليندي چيو تہ صحافتي سفر

دوران انور صاحب جي همت افزائي وڏو ڪردار ادا ڪندي هئي. هڪ پيري هڪ پوسٽ ۾ تصوير آئي جنهن ۾ هڪ جوڳي مرلي پيو وڄائي ۽ نانگ به تصوير ۾ نظر پئي آيو، انور صاحب مون کي سڏي چيو ته ان تي ڪا فوٽو اسٽوري لکي اچ. مون کي جيڪو سمجهه ۾ آيو لکي ويس. هن پڙهي ايڏي ته واکاڻ ڪئي جو مان چڙهي آسمان ۾ پيو اڏامان. مون کي ان ڏينهن محسوس ٿيو ته مان به لکي سگهان ٿو. پوءِ منهنجي ڪوشش هوندي هئي ته روز انور صاحب کان ڪو ڪم وٺي اچان جيئن ان ليک تي سندس راءِ ٻڌان. اڄ مان نيوز ڊاريڪٽر آهيان ۽ انور صاحب جي اها ٻين جي همت افزائي ڪرڻ واري عادت مان پاڻ تي به لاڳو ڪندو آهيان جنهن سان ڏاڍو فائدو رسندو اٿم.

انور پيرزادي جي نيوز سينس جو هڪ واقعو ناليواري صحافي ۽ سندس شاگرد ظهير ميراڻي ٻڌايو ته هڪ ڏينهن اسان کيس چيو سائين اڄ ڪا ليڊ خبر نه ٿي سجهي. انور صاحب جي نظر هڪ سنگل ڪالم جي خبر تي پئي جنهن ۾ لکيل هو ته سانگي ريل اسٽيشن جو سگنل خراب آهي جنهن ڪري ڪو حادثو ٿي سگهي ٿو. انورصاحب چيو ان کان وڏي ليڊ خبر ڇا ٿيندي، جيڪڏهن حادثو ٿيو ته ڪيڏو نقصان ٿيندو. سو اها ليڊ خبر لڳي ته سانگي ريل اسٽيشن تي سگنل نظام تباهه، وڏي حادثي جو خطرو. ڪجهه ڏينهن کان پو ان اسٽيشن تي واقعي ريل جو حادثو ٿي ويو هو جنهن ۾ ڪيترائي ماڻهو مري ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا هئا.

ظهير ميراڻي وڌيڪ ٻڌايو ته استاد انور اسان کي چوندو هيو ته صحافي اهو آهي جيڪو سٽي سرخي ٺاهي سگهي. هڪ پيري اسان اخبار ۾ ليڊ خبر ڏني ته ڄام صادق اسيمبلي مان زراعت جو بل پاس نه ڪرائي سگهيو. انور صاحب اسان کي گهرايو ۽ چيو سرخي ڪيئن ٺاهجي ان سان وڏو فرق ٿو پوي هاڻي ڏسو اها ساڳي خبر ڊان ڪيئن لکي آهي، هن اسان کي ڏيکاريو ته ڊان جي هي هيڊنگ آهي ته

Jam Sadiq fails to prove his majority in Sindh assembly.

ايئن انور صاحب اسان جي صحافتي تربيت ڪندو هو. استاد

انور پاڻ سرخي ناهڻ جو بادشاهه هوندو هيو.

پريس ڪلب ڪراچي ۾ بابا تي تعزيتي ريفرنس ٿيو هو اتي هڪ عورت صحافي هئي جيڪا استار ۾ بابا سان ڪم ڪندي هئي، ان چيو جڏهن بينظير جلاوطني ختم ڪري پاڪستان آئي هئي ته مون انور کي چيو ته اسان ليڊ خبر تا ڏيون پر ان جي مٿان ڪا پٽائي جي سٽ ٻڌاء جيڪا اسان بينظير جي حوالي سان لکون. هن چيو انور سگريٽ پيئندي چيو هو **ماڻ پهتي مارئي.**"

ظهير ميراڻي فون تي ٻڌايو ته انور صاحب جي خبرن توڙي لکڻين ۾ عام ماڻهن لاءِ درد هوندو هيو. هو اداري جي سڀني فردن کي به هڪ نظر سان ۽ گهر ڀاتين وانگي ڏسندو هيو.صحافتي سفر ۾ اهڙو انسان وري نه مليو. ڪلندو آفيس ايندو هو ۽ ڪلي موڪلائيندو هيو. هن کي لکڻ جو اهڙو ڏان هيو جو سندس لکڻ جو تسلسل نه ٽٽندو هيو. ڪچهري به پئي هلندي هئي ۽ قلم به پيو هلندو هيس، ڪا ڳالهه ڪبس ته جواب ڏئي وري لکڻ شروع ٿي ويندو هيو.

صحافي همسفر سندس صحافتي ڪردار بابت ڳالهائيندي ٻڌايو ته انور صاحب جڏهن ايڊيٽر هوندو هيو ته ورڪرز جي حقن لاءِ اخبار جي مالڪن سان مزاحمت ڪري انهن جا حق ڪين وٺي ڏيندو هيو. عوامي آواز ۾ نقاش صاحب جوت صفحو ڪيندو هيو. ان صفحو ڇڏيو ته انور صاحب مونکي چيو اهو صفحو هاڻي توهان ڪيو. مون صفحو ڪيڻ شروع ڪيو ته پاڻ چيائين ته ان صفحي ڪيڻ جا توکي اضافي پيسا ملڻ گهرجن چو ته اهو ڪم تون نوڪري کان الڳ پيو ڪرين. پوءِ هن مالڪن سان ڳالهايو پر مالڪن ڪيس چيو اها اسان جي پاليسي ناهي، ان تي مزاحمت ڪري ڪين قائل ڪيو ته پاليسي ناهي ته ٺاهڻي پوندي. اهڙي ڪوشش ڪري هن مون کي اضافي ٻه هزار رپيا ان زماني ۾ وٺرائي ڏنا هئا. ايئن انور صاحب جڏهن ڪامريڊ سوڀي کان ڪالم لکرايا ته اداري کان ڪيس هر ڪالم جا پيسا ڏيارڻ جي روايت وڌائين.

صحافي رزاق ابڙي ڳالهه ٻولهه ڪندي ٻڌايو ته هو اسان کي

چوندو هيو تہ انگريزي صحافت جو اسڪوپ وڏو آهي توهان ان ۾ اچو. ان ڪري ئي مان انگريزي صحافت ۾ آيس ۽ اڃا تائين ان سان واسطو آهي. انور صاحب جي صحافت ۾ جيڪا انگريزي ٻولي هوندي هئي اها اسان وڏي شوق سان پڙهندا هئاسي ڇو تہ هڪ تہ موضوع سنڌ هوندو هيو ۽ ٻيو اها ڏاڍي عام فهم هوندي هئي.

انور پيرزادي جي مجموعي صحافت بابت ڪتاب پڙهڻ جهڙ جي تبصري ۾ انور ابڙو لکي ٿو تہ:

انور پيرزادي هڪ اهڙو ليکڪ هو جنهن جي هر سٽ کو نئون سنيهو آڻيندي هئي ۽ هر پيراگراف ۾ هڪ تاريخ بيان ٿيل هوندي هئي. هو پنهنجي دور جو هڪ اهڙو صحافي هيو جنهن جي خبرن جي چونڊ انهن جي ايڊيٽنگ ۽ انهن کي مناسب جاءِ ڏيڻ واري صلاحيت تمام گهٽ ماڻهن وٽ هوندي آهي. ان کانسواءِ هن جي دانشوراڻي ۽ تجزياتي سطح ايتري تہ بلند هئي جو هو جيڪو بہ تجزيو ڪندو هيو اهو چڻ تہ ان موضوع جي هڪ مڪمل ۽ هر ڪنهن کي سمجهہ ۾ ايندڙ تصور هوندو هيو.

بابا ٻڌائيندو هيو تہ:

هڪ ڀيري مان ٿر جي مسئلي تي اسٽار اخبار ۾ رپورٽ ڏني، ان کان پوءِ جڏهن مان ويس تہ ٿر جي ماڻهن مون کي گلن جا هار پارايا. مون انهن کي چيو ادا منهنجو تہ اهو ڪم آهي مون کي اداري ان ڪم جا پيسا بہ ڏنا آهن اوهان مون کي هار ڇو ٿا پارايو. ان تي ٿرين چيو اسان پنهنجي زندگي ۾ اهڙو صحافي ناهي ڏٺو جيڪو اسان جي مسئلن تي ائين دل سان لکندو هجي.

هو ڪچهرين ۾ چوندو هيو تہ:

هاڻي نيوز کان وڌيڪ ويوز جي ضرورت آهي، نيوز تہ

سچو ڏينهن ٽي وي تي هلي ٿي ۽ صبح تائين پراڻي
ٿي وڃي ٿي سو اخبار جي فرنٽ پيج تي خبرن بدران
رويوز ڇپجڻ گهرجن.

انور پيرزادي جي لکيل ايڊيٽوريلز جا عنوان اڪثر پڙهندڙن جي ڪنهن سٽ منجهان هوندا هئا ۽ مضمون پڙهندڙن جي بيٽن سان سجايل هوندا هئا. سندس ٻولي نج سنڌي هوندي هئي، سندس سٽن مان ادب جي خوشبو ايندي هئي. هن صحافت ۽ ادب کي ملائي ڇڏيو ته تخليقي صحافت ڪئي.

ان ڪري ئي شايد انور پيرزادي سوجهري رسالي ۾ انٽرويو ڏيندي چيو هو ته:

صحافت منهنجي زندگي جي سيني پهلوئن کي پاڻ
۾ سمايو آهي.

# بينظير ڀٽو سان هڪ ملاقات

بابا جي ويجهي دوست، ادب جو وسيع مطالو رکندڙ، ملنسار انسان سائين منير شاهه ٻڌايو هو تہ هڪ ڀيري انور ۽ مان اسٽار اخبار ۾ ويٺا هئا سي تہ اخبار وارن ڏي ستر ڪلفٽن مان فون آئي تہ بينظير ڀٽو پريس ڪانفرنس پئي ڪري، هن چيو آهي تہ انور پيرزادي کي ڪانفرنس ۾ موڪليو.

انور مون کي چيو چڏ يار نہ ٿا هلون، وري اتي ويندس تہ چوندي پارٽي جوائن ڪر يا منهنجو سيڪريٽري ٿي.

منير شاهه چيو انور مان زندگي ۾ بينظير سان ڪڏهن روبرو نہ مليو آهيان، هل تہ ان بهاني سان ملي ٿا اچون....

انور چيو، ها پوءِ تون هلين ٿو تہ تي ٿا اچون ۽ ايئن اسان ٻئي نڪري پياسي...

ستر ڪلفٽن پهتا سي تہ ڪو ماڻهو ٻاهر انور جو انتظار ڪري رهيو هو، جيڪو اسان کي اندر وٺي هليو.

اندر داخل ٿياسي تہ ڪانفرنس شروع ٿي چڪي هئي. بينظير صاحبہ انور کي هٿ جي اشاري سان ڪانفرنس دوران ڀليڪار ڪيو.

اها ڪانفرنس دراصل هوءِ ان واقعي جي پسمنظر تي ڪري رهي هئي جڏهن ڪيس لاڙڪاڻي روڊ تان سفر ڪري پهچڻو هو ۽ ڪيس اهو اطلاع مليو هو تہ رستي تي اوهان تي اٽيڪ ٿيندو. پوءِ بينظير تہ ڪار ۾ نہ وئي هئي پر ڪار کي موڪليو هئائين. ان ڪار تي سن ۽ دادو جي وچ تي ڌاڙيلن اٽيڪ ڪيو هو. ان واقعي ڪيس اطلاع جي سچي هجڻ جي پڪ ڏني هئي.

جيئن ئي پريس ڪانفرنس پوري ٿي، بينظير ان ماڻهو ڏي اشارو ڪيو جيڪو اسان کي اندر وٺي آيو هو. ان ماڻهو انور کي چيو توهان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچو. هو اسان کي هڪ ڪمري ۾ وٺي ويو. جتي بينظير ڀٽو گرمجوشي سان انور کان حال احوال وٺي سوال ڪيو ته انور تنهنجو ڇا خيال آهي ته جيڪو منهنجي ڪار تي اٽيڪ ٿيو آهي، ڇا ان ۾ جي ايم سيد يا ان جي پارٽي جا ماڻهو شامل ٿي سگهن ٿا.

انور چيو بينظير صاحبه ڪجهه به هجي پر مان نه ٿو سمجهان ته جي ايم سيد يا ان جي پارٽي جا ماڻهو ايڏي ڪريل حرڪت ڪري ٿا سگهن....

بينظير چيو انور منهنجو به اهو ئي خيال هو پر مان چاهيان پئي ته تنهنجو موقف ٻڌان جيئن مان پنهنجي موقف جو جائزو وٺي سگهان....

بينظير چيو انور اڄا صحافي ٻاهر ويٺا آهن تون ويهجان ته وڏيڪ ڪچهري ڪيون ٿا....

انور چيس اسان کي هاڻي هڪ تمام ضروري ڪم آهي ان ڪري وڃڻو آهي سو وري ڪنهن ٻي پيري ڪچهري ڪنداسي....

ايئن اسان اتان واپس پيا اچون ته مان انور کي چيو يار تون ڇو واپس آئين، مون کي خبر آهي توکي ڪو به ضروري ڪم ڪونهي، اهڙن موقعن لاءِ ته ماڻهو انتظار ڪندا آهن پر تون پيو ٿو لنوائين....

منير شاهه ڳالهائيندي چيو انور ۾ اهڙي ڪنهن به قسم جي لالچ يا موقعي پرستي ڪونه هوندي هئي.

ان واقعي مان انور پيرزادي جي خود داري سان گڏ اها ڳالهه به نوٽ ڪرڻ جي آهي ته بينظير ڀٽو کي انور پيرزادي جي دانشوراڻي راء جي ڪيڏي ضرورت محسوس ٿي هئي.

انور پيرزادي جي زندگي ۾ سندس هڪ سالگرهه تي بينظير ڀٽو پيغام پڻ موڪليو هو جيڪو عوامي آواز ۾ شايع ٿيو هو. ان ۾ هن لکيو هو ته:

”هڪ بي داغ صحافي طور انور پيرزادي کي نه ماري مڃائي سگهجي ٿو ۽ نه جهڪائي سگهجي ٿو. ضيائي آمريت وارن ڏينهن ۾ جڏهن پيا ڪيترائي ماڻهو جمهوريت پسند سياسي ليڊرن سان ڳالهائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان بہ ڊڄندا هئا، تڏهن انور ثابت ڪيو تہ هو هڪ اهڙي مختلف نسل جو صحافي آهي، جيڪو جمهوري اڳواڻن تائين پهچي انهن جي مقصد کي اڳتي وڌائي سگهي ٿو. مون کي ياد آهي هو مون کان انٽرويو وٺڻ جي سلسلي ۾ ڪيڏي پوڳنا مان گذرندو هيو ۽ جنرل ضياء جي فوجي آمريت دوران عوام جي مقصد کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ ڇاڇا برداشت ڪندو هو.“

# پٽائيست

انور پيرزادي هڪ پيري چيو هيو تہ مان پيو ڪنهن کي ناهيان مڃيندو بس پٽائي کي مڃيندو آهيان. پٽائي سان انور پيرزادي جو اٿاهہ عشق ۽ عقيدت ڏسي ڪي ماڻهو پٽائي کي انور جو خدا چوڻ لڳا هئا پر انور پيرزادي اهڙي ڪنهن بہ راء کي مڃڻ کان انڪار ڪندي چوندو هيو مان مذهبي ناهيان. اهڙو اظهار بدر ابڙي ڪتاب سنڌ جي مهاڳ ۾ ڪيو آهي.

هو پٽائي کي پوڄيندڙنہ پر سڃهندڙ هيو. هن جي فڪر، فلسفي، مشاهدي، تصور، ٻولي، موسيقي ۽ فن جو عاشق هيو. انور پيرزادي لاءِ پٽائي رڳو هڪ شاعر ۽ فلسفي نہ هيو پر پٽائي جي شاعري هن لاءِ جڻ زندگي گذارڻ جي طريقت هئي. هڪ انٽرويو ۾ انور پيرزادي کان پڇيو ويو تہ زندگي مان ڪيترو مطمعن آهيو؟ چيائين:

> اوترو ئي جيترو پٽائي جي جيئري مرڻ واري سوچ يا فنا واري فلسفي ۽ طريقت تي عمل ڪري سگهيو آهيان.

انور پيرزادو ان خيال جو هيو تہ پٽائي جي دور جي تاريخ اسان کي نہ ٿي ملي ان ڪري ان کي رسالي ۾ ڳولجي ۽ ان لاءِ انهن سيني جاين تي وڃڻ ضروري آهي جتي جتي پٽائي پنڌ ڪيا هئا. ان سوچ تحت ئي هن سنڌ کي ايڪسپلور ڪرڻ شروع ڪيو هيو. ان ڏس ۾ انور پيرزادي پنهنجي ساٿي دوستن سان پٽائي هسٽاريڪل ۽ ريسرچ سوساٽي ٺاهي هئي جنهن ۾ هن جا دوست بدر ابڙو، لطف، هدايت منگي ۽ ٻيا گڏ هئا ۽ انهن پهريون سفر لاهوت لامڪان جو ڪيو هو. انهن سفرن انور پيرزادي تي واضح ڪيو تہ پٽائي جي ٻولي متروڪ ناهي ٿي، اها اڄ بہ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ڳالهائي ٿي وڃي، ٻولي اسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهري ماڻهن جي متروڪ ٿي آهي.

هو ان خيال جو هو تہ ڀٽائي جو ايڪسپرٽ ڪونام نهاد محقق نہ پر سنڌ جو هاري، ڀڪرار ۽ ريڊار آهي. پوءِ انهن سفرن دوران هو انهن مقامي ماڻهن کان ڀٽائي جي لفظن ۽ بيتن جي معني پڇندو هيو ۽ جڏهن هو انهن بيتن کي سمجهائڻ لڳندا هئا تہ انور صاحب نہ صرف انهن کي رڪارڊڪندو هيو پر ايئن خوش ٿيندو هيو ڄڻ ڪيس ڪو خزانو هٿ اچي ويو هجي. انهن سفرن تان موٽي هو دوستن کي فون تي وڏي جوش سان انهن بيتن بابت ٻڌايندو هيو، اخبارن ۾ لکندو ۽ ڪانفرنسن ۾ پڙهندو هيو.

ڪتاب ڀٽائي جي هڪ انٽرويو ۾ اهڙي ئي سفرن جو حوالو ڏيندي هڪ بدين جي ڪراڙي جا ٻڌايل لفظ ٿو ٻڌائي تہ اسان جيڪو ڀٽائي جو ٻن سٽن جو مشهور بيت تتي ٿڌي ڪاهہ پڙهندا آهيون اهو دراصل ڇئن سٽن جو بيت آهي.

تتي ٿـڌي ڪـاهـہ ڪـانهـي ويـل ويـهـڻ جـي،
لوچي ٻڌ لطيف چئي ڪمر ڪـيـچـيـن سـاڻ،
جيسين آهہ سوجهرو تيسين ڪر هل ڪـاهـہ،
متان ٿـئي اونـداهـہ پـيـر نـہ لـهـيـن پـريـن جـو.

ڀٽائي کي ٽريبوٽ ڏيندي لکندو هيو تہ:

- ڀٽائي سنڌ جي دائمي دردن جو شاعر آهي.
- سنڌ جي ماضي حال ۽ مستقبل جو شاعر آهي.
- سنڌ جو ثقافتي ۽ سياسي وحدت الوجود آهي.
- سنڌ جي تهذيبي اتحاد جو نقطو آهي.
- ڀٽائي پڙهڻ سنڌي سکڻ آهي.

ايستائين جو اهو بہ چيو هيو تہ:

- اسان سنڌي اهل ڪتاب آهيون ۽ ان ڪتاب جو نالو "شاهہ جو رسالو" آهي.

انور صاحب سڄي سنڌ گهمي هئي ۽ ڀٽائي جي رسالي جا بيت

ڪيس ماڻهن جي سيني تي لکيل مليا هئا ان ڪري چوندو هيو تہ

> پٿائي اهو شاعر نہ هيو جيڪي پني تي قافين ۽ رديفن جي لسٽ ٺاهي شاعري ڪندا آهن پر پٿائي اهو شاعر هيو جنهن کي سنڌ جي عوام صدين تائين پنهنجي سيني ۾ سانڍي رکيو آهي.

پٿائيءَ جي ٻوليءَ تي مهارت جي حوالي سان انور پيرزادو ڪتاب انٽرويو ۽ تقريرون ۾ ٻڌايو تہ:

> ”پٿائي سنڌ جو واحد عالم آهي جيڪو سنڌ جي مختلف حصن ۾ ڳالهائجندڙ ٻولي ڄاڻي ٿو نہ تہ هر سنڌي پنهنجي پنهنجي علائقي جي ٻولي ڄاڻي ٿو. سنڌ جي جبلن ۾ رهندڙ ماڻهو ٿر جي ماڻهن جي ٻولي نہ ٿا ڄاڻن ۽ ساموندي پٽي تي رهندڙ ماڻهو جبل جي ٻولي کان واقف ناهي، پر رسالي ۾ سيني لهجن جو ذڪر مجود آهي ۽ ان سان گڏ ٿر، جبل، ساموندي پٽي، ڪڇي ۽ ڪاڇي جي ثقافت پڻ رسالي ۾ موجود آهي.“

محمد علي پٺاڻ پنهنجي سفر نامي بلها شاهہ جي ديس ۾ لکيو آهي تہ انور صاحب ڪيس پٿائي جي ٻولي تي پي ايچ ڊي ڪرڻ جا موضوع ٻڌايا هئا جيڪي خود ڪنهن ريسرچ کان گهٽ ناهن. محمد علي پٺاڻ لکي ٿو تہ:

> رات جي ماني کٽي انور وٽ آيس تہ ڪمپيوٽر تان اکيون هٽائي حڪم ڏيڻ واري انداز ۾ چيائين، ”پين پنو کڻ.“ مون پين ۽ پنو هٿ ۾ ڪيا تہ چيائين، ”تنهنجي پي ايچ ڊي جي پٿائيءَ جي ٻوليءَ واري لاءِ موضوع لاءِ مون وٽ بہ ڪجهہ آئيڊياز آهن. جيڪي نوٽ ڪري وٺ.“
>
> ”ها لکراءِ.“

”نمبر پهريون: ٻوليءَ جو چوٽيون، پهاڪا ۽ محاورا. نمبرٻه: ٻولي جا اصطلاح، نمبر ٽي: ورجيسون، نمبر چار: سنڌي ٻوليءَ جو ٻڻ ٻٽياد، نمبر چوٿون: ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جا مختلف لهجا جهڙوڪ ڄُتڪي ٻولي، ٿريلي ٻولي، لاسي ٻولي، ڪڇي ٻولي، وچولي ٻولي، اترادي ٻولي، لاڙي ٻولي، اوڏڪي ٻولي، مارواڙي ٻولي، سرائيڪي ٻولي ۽ جابلو ٻولي، نمبر پنج: ڀٽائيءَ جي نئين ايجاد ڪيل سنڌي ٻولي، نمبر ڇهون: ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ درد جي زبان، نمبر ستون: ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ عورتاڻي سنڌي ٻولي، نمبر اٺون: ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ فني ٻولي، نمبر نو: ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ اشارن جي ٻولي، نمبر ڏهون: ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ استعمال ٿيل قرآني آيتن جو علمي اڀياس، نمبر يارهون: ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ دراوڙي ٻولين جو اثر، نمبر ٻارهون: ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ گوليءَ جي ٻولي، نمبر تيرهون: ڀٽائيءَ جي شاعري ۾ فارسيءَ جو استعمال، نمبر چوڏهون: ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ هنديءَ جو استعمال، نمبر پندرهون: ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ ان الحق جي ٻولي، نمبر سورهون: ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ جوڳين ۽ سامين جي ٻولي، نمبر سترهون: ڀٽائيءَ جي شاعري ۾ ضميري پڇاڙين جو استعمال، نمبر ارڙهون: عربي، فارسي، ۽ هندي فعلن مان اسم ۽ اسمن مان صفتون ناهڻ جي ڀٽائيءَ جي لسانياتي مشق (حسن مان حسناڪ) نمبر اڻويهه: ڀٽائيءَ جي رسالي جو لسانياتي جائزو، نمبر ويهون: ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ سماجي لسانيات.“

”ڀٽائيءَ جي ٻولي“ جي حوالي سان اهي ويهه عنوان لکرائي انور

چيو، ”منهنجي خيال ۾ انهن ويهن بابن ۾ تنهنجو سبجيڪٽ ڪور ٿي ويندو.

پاڻ اها بہ آئيڊيا ڏنائين تہ ڀٽائي جي رسالي جو موضوع وار اڀياس بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ ان حوالي سان آنڊائون عميق مان جي عنوان سان سلسليوار پروگرام ريڊيو پاڪستان جي رسالي پروگرام ۾ هلندو هيو جنهن ۾ انور پيرزادو پنهنجي موهيندڙ آواز سان ڀٽائي جي شاعري جي موضوعن جي حوالي سان اهڙي تہ سمجهاڻي ڏيندو هيو جيڪا ٻڌندڙن جي دل ۾ پيهي ويندي هئي. ان پروگرام جون هو فقط ويهہ قسطون لکي سگهيو هيو پر اهي پروگرام انور جي ڀٽائي تي دسترس جي گواهي اڄ بہ ڏئي رهيا آهن. انهن ويهن قسطن ۾ انور پيرزادي ڀٽائي جي جن مک موضوعن تي روشني وڌي هئي اهي هئا ڏک، ڀٽائي جو غير روايتي ڪردار ڏکي، ڀٽائي جي شاعري ۾ موت، ڀٽائي جي شاعري ۾ حسن، سونهن، جمال، ڀٽائي جي شاعري ۾ فطرت جو حسن، ڀٽائي جي شاعري ۾ ويڙهہ جو حسن، قيد جي شاعري. ڪاش هو اهو سلسلو پورو ڪري هان تہ اڄ ڀٽائي جي موضوئن تي ٻڌل هڪ الڳ رسالو جڙي راس ٿئي هان. هاڻي بہ ان آئيڊيا تي ڪو محقق ڪم ڪري سگهي ٿو. اهي سڀ قسطون سندس ڪتاب ڀٽائي ۾ ڇپيل آهن.

ڀٽائي جي حوالي سان پهريون مشهور حوالو سندس تحقيقي سلسلو ”جي ور وائي جو لهين“ هو جيڪو هو برسات اخبار ۾ ستر واري ڏهاڪي ۾ لکندو هيو. ان سلسلي جي خاص ڳالهہ هئي تہ هن ڀٽائي جي روايتي مذهبي شاعر هجڻ واري تشريح کان هٽي ڪري کيس ترقي پسند، پورهيت دوست ۽ انقلابي شاعر ڪري سامهون آندو ان ئي ڪري ڀٽائي کي جن محققن نئين انداز سان متعارف ڪرايو انهن انور پيرزادي جو نالو اهم ليکيو ويندو آهي. ان کان اڳ جي ايم سيد پيغام لطيف ڪتاب لکيو هيو جنهن ۾ ڀٽائي جي وطن دوستي ۽ قومي فڪر کي بيان ڪيو ويو هو ۽ انور پيرزادي جي ڀٽائي تي ڇپيل مضمونن کان پوءِ ڊاڪٽر تنوير عباسي جو ڪتاب شاهہ لطيف جي شاعري شايع ٿيو هو. ان حوالي سان رسول بخش پليجي ۽ سراج

صاحب بہ لطيف تي اهم ڪم ڪيو آهي. جديد دور ۾ ميڊم فهميده حسين، جامي چانڊيو، انب گوپانگ، ڊاڪٽر شير مهراڻي ۽ ٻين دوستن جا نالا بہ اهم آهن.

نور الهديٰ شاهہ مون کي هڪ پيرو ڇيو هو تہ انور پٽائي کي بلڪل نئين انداز ۾ متعارف ڪرايو هو، اوهان ان سان اختلاف ڪري سگهو ٿا پر ان جي نئين سمجهاڻيءَ کان انڪار نہ ٿا ڪري سگهو. ان زماني ۾ انور، پٽائيءَ کي بہ جڙ ڪميونسٽ ثاهي ڇڏيو هو.

انور پيرزادو چوندو هيو تہ:

پٽائي سنڌ جو انسائيڪلو پيڊيا آهي ۽ سنڌ جي انسائيڪلو پيڊيا شاهہ جي رسالي مان ثاهي سگهجي ٿي ۽ ان حوالي سان هن صلاح ڏني هئي تہ ڪمپيوٽر جو ڪو سافٽ ويئر هجي جنهن تي پٽائي جو بيت لکيل هجي پوءِ جنهن بہ لفظ تي ڪلڪ ڪجي تہ ان لفظ جي معني، تعارف ۽ تصوير اسڪرين تي اچي وڃي مثال پٽائي جي سٽ آهي تہ جي تو پهڻ پب جا تہ لڳ منهنجا لوهہ تہ ان ۾ پب جبل جي تصوير ۽ تاريخ اسڪرين تي اچي وڃي ائين سڄي سنڌ جو مطالعو پٽائي جي رسالي مان ڪري سگهجي ٿو.

2006ع ۾ انور ابڙي کي انٽرويو ڏيندي ڀٽ شاهہ کي يونيورسٽي ٽائون بڻائڻ جي آئيڊيا ڏني هيائين.

ڀٽ شاهہ يونيورسٽي ۾ ٿيولاجي، تصوف، انٿروپالاجي، راڳ ۽ ٻين سائنسي علمن جي تعليم ڏني وڃي. اها هڪ بين القوامي يونيورسٽي هجي جتي دنيا جي ماڻهن کي ٽيررازم جي اينٽي ٿيسز پڙهائي وڃي جيڪو اڄ جي دنيا جو وڏي ۾ وڏو مسئلو آهي. ڀٽ شاهہ يونيورسٽي ۾ سنڌي نوجوانن سان پرڏيهي شاگردن کي داخلا ڏني وڃي، اها هڪ Singing University پڻ هوندي، اهو هڪ ننڍڙو پر

خاص علمي، هنري ۽ موسيقي جو علائقو هوندو.

انور پيرزادو صرف ڀٽائي جي شاعري جو عاشق نہ هيو پر ڪيس ڀٽائي سان جڙيل هر شي سان پڻ پيار هوندو هيو. تڏهن تہ هو ڪراڙ ڍنڍ جي سڪي وڃڻ ۽ اتي ڇوڪرن جي ڪرڪيٽ کيڏڻ خلاف، يا وري ان ڍنڍ کي جڏهن ڪي ماڻهو بيت الخلا ڪري استعمال ڪندا هئا تہ هو اسٽار اخبار ۾ انهن خلاف اسٽوريون ڏيندو هيو جن جو نوٽيس وٺي ان ڍنڍ جو تقدس بحال ڪيو ويو هو.

ڀٽائي جن ماڳن تي ويندو هيو هو انهن ماڳن تي بہ ويندو هيو انور صاحب انهن تي لکندو هيو جيئن هن ڀٽائي جي لوڙهي تي مضمون لکيو هو. هن جي لکڻين ۾ شاهہ جو ڪندو، ڀٽائي جي کوهي، لطيف جو ڪورو ۽ سياتن جو مقام جا بہ حوالا ملن ٿا.

ڀٽ شاهہ کي هو سنڌ جي روحاني گادي جو هنڌ سڏيندو هيو. هڪ ايف آئي آر ۾ لکي ٿو تہ جيڪڏهن ڀٽائي جي مزار جي اڱڻ جي صفائي سرڪار نہ ٿي ڪري تہ اهو ڪم هن جي عاشقن کي ڪرڻ گهرجي، انهن کي ڀٽائي جا ڀنگي ڪوٺيو وڃي.

انور پيرزادو زندگي جا آخري سال باقائدگي سان ڀٽ شاهہ تي ويندو هيو اتي وڃي رهندو هيو. سڄي رات راڳ ٻڌندو هيو ۽ چوندو هيو تہ ڀٽائي جي مزار تي وڃي مان پنهنجي دل جي زخمن جي ملم پٽي ڪري واپس ايندو آهيان.

1991ع ۾ ٻلهڙيجي جي مور فقير کي ڀٽ شاهہ تي نوڪري وٺي ڏنائين. اتي رهڻ دوران مور فقير پنهنجي روح کي ريجهائڻ لاءِ صوفي تڪيو قائم ڪيو هو جنهن کي بابا جن مور فقير جي ڪافي سڏيندا ها. اتي بابا مور فقير کي چئي هڪ Visitors Book رکرايو. جيائين جيڪو بہ مسافر هتي اچي ان ڪتاب ۾ پنهنجا تاثرات لکي. بابا ان تي نہ صرف تاثرات پر ”در حضور ڀٽائي“ عنوان سان ايف آئي آر بہ لکيائين جيڪي سندس ڪتاب انٽرويو ۽ تقريرون ۾ موجود آهن.

انهن ايف آءِ آرز ۾ هو زندگي جي واردات، سانحن جي داڻهن ڀٽائي کي ڏيندو هو. انهن مان هڪ ايف آئي آر ۾ لکي ٿو تہ:

زندگي جو نئون سال ڀٽائي جي ڀيرن کان شروع ٿئي ته ڀيو چا گهرجي. ان جا گهٽ ۾ گهٽ ٽي وڏا فائدا آهن:

- سنڌي ٻولي ڏانءُ اچڻ لڳي ٿي.
- گهر ڇڏي علم جي تلاش ۾ سيلاني ٿيڻ جو درس ملي ٿو.
- سکن واري سڌ ڇڏي ڏکن جي حوالي ٿيڻ جي سکيا ملي ٿي.

باقي ڀٽائي صاحب جي طريقت اوکي آ، اڄ آديسي مرِ، سيان مري سڀ کو.

بابا سنڌ ۾ ڀٽ شاهه کي سکڻ لاءِ سڀ کان بهتر جاءِ سمجهندو هو. مور فقير وٽ هڪ رجسٽر ۾ بابا انگريزي ۾ لکيو آهي ته:

The highest seat of learning in Sindh is Bhit shah. Here every night the singing Faqirs of Bhittai recite Risalo. The verses of Bhittai takes a thinking person far beyond his self. Rich philosophy, complete documentation of Sindh, the perennial pathos of Sindhi people and his universal message makes one to perceive the world of meditation.

هڪ پيرو ڀٽائي جي هڪ ميلي تي تقرير ڪندي چيائين ته:

”ڀٽائي تي تحقيق جا دروازا بند نه ٿيڻ گهرجن ڇو ته ڀٽائي تي ٿيندڙ ڪا به تحقيق مستند نه ٿي چئي سگهجي.“

پاڻ ڀٽائي تي انگريزي ٻولي ۾ به گهڻو لکيائين، سندس شاعري کي سمجهايو ۽ ترجمو ڪيو.

هن جي هڪ اي ميل ۾ ڏسو ته ڀٽائي جي بيت جي انگريزي ۾ سمجهاڻي ڪيئن ٿو ڏئي:

هتان ڪٽي هت جن رکيو سي رسيون،
ساڄن سونهن سرت وکان ئي ويجهو گهٽو.

It is important to note that Those or they about whom Bhittai says something in this verse belong not to the Masculine but Feminine gender. So, now, the literal translation of the verse would be:

"Those who take (step) from hither and put it thither, they reach (the destination), The beloved (who is) beauty (who is) consciousness, Is closer than a step away.

Explanation: In this verse, Bhittai explains the spirit ،the essence and philosophy of struggle, Pursuit ،the Seekers Destination, The pursuit of seeking. Those (love stricken girls) who take even a single step forward reach the destination. The beloved (symbol of Beauty and wisdom) is just one step away.

In another verse having almost the same sense ،Bhittai addresses the same characters: the love-stricken girls, Sassui and the like, and says: "Others may walk hundreds of miles (towards destination). But, O! you the exhausted woman, you just take one step, the last one, pulling up all energy of your body. You will surely reach the destination. Bhittai considers that "Step" decisive which is taken forward after great fatigue. A fresh man's walk of hundred miles cannot match with that single step. It is the sacrifice which matters, not the coverage of distance. Bhittai has therefore stressed on Travel by Heart not merely by legs and feet.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀٽائي جي ميلن کي به انگريزي ٻولي ۾ ڪيترائي سال رپورٽ ڪيائين، جيڪي سندس ڪتاب ڪلچرل هيريٽيج آف سنڌ ۾ انور پيرزادو اڪيڊمي شايع ڪيا آهن.

پنهنجي هڪ انگريزي مضمون Human rights in poetry of Bhittai ۾ ٻڌائي ٿو ته ايترن سون سالن ڪان پوءِ به ڀٽائي جي شاعري عوام ۾ ان ڪري زنده آهي ڇو ته هن سدائين پيڙيل طبقي لاءِ لکيو آهي، لکي ٿو:

> The secret of Shah Latif still being popular with the Sindhi masses even after lapse of more than two and half centuries is his unconditional love for the downtrodden masses, the enfeebled souls, the miserable who are usually hated by the privileged people. So, Bhittai love for the poor masses, the deprived souls, the have-nots is unflinching.

ساڳي مضمون ۾ هو ڀٽائي کي عورتن جي حقن جي حوالي سان وڏي ۾ وڏو حامي ٿو سڏي، لکي ٿو

> Shah Latif in his unsurpassed poetry awarded the most dignified position to the women about two centuries prior to the drafting of the human rights charter. And so much so that not a single male hero can be found in Risalo. On the contrary all valiant female characters fighting against falsehood of the day with an unflinching faith are the heroines of Shah Latif.

انور صاحب جنهن انداز سان ڀٽائي جا بيت سمجهائيندو هيو ان جو هڪ مثال هتي نموني طور ڏجي ٿو.

ڪتاب ڀٽائي ۾ آندائون عميق مان واري سلسلي ۾ موت جي

موضوع تي لکي ٿو تہ:

ڀٽائي صاحب پنهنجي شاعري ۾ موت بابت علامتي طرح اندر مان انا، تڪبر، وڏائي جي مڪروه احساس کي ڪڍي ٻاهر ڪرڻ جي معني ۾ استعمال ڪيو اٿس. هي ڏاهپ جو ڏس ماڻهو کي اعلي درجي جو انسان ناهي ٿو چاڪاڻ تہ جيستائين مٺهو مفاد پرست آهي، آڪڙيل آهي، پاڻ کي ٻين کان اتم ٿو سمجهي، اندر ۾ انا کي پالي ٿو ۽ خود پرست آهي تيستائين هو مڪمل انسان ٿي نہ ٿو سگهي. ان کري ڀٽائي صاحب چيو هو .

مرڻا اڳي جي مئا سي مري ٿيا نہ مات
هوندا سي حيات جيئڻا اڳي جي جيئا

جيئري ئي مري وڃڻ واري ڀٽائي جي فلسفي ۾ جيڪا گهرائي عقل دانش ۽ عقل جي اونهائي آهي ان جو اندازو صرف انهن ماڻهن کي ٿي سگهي ٿو جيڪي ٻين جي فائدي لاءِ پنهنجا فائدا قربان ڪري سگهندا آهن ۽ عوام کي جيئرو رکڻ لاءِ پاڻ کي موت جي منهن ۾ ڏيڻ جي همت رکندا آهن. وجود وڃائڻ، پاڻ کان پاسي ٿي وڃڻ، پاڻ کي ڪجهہ نہ سمجهڻ ۽ ٻين کي سيڪجهہ مڃڻ، پنهنجي لاءِ ڪجهہ نہ ڪرڻ ۽ ٻين لاءِ سڀ ڪجهہ ڪرڻ اهڙو عمل آهي جنهن کي ڀٽائي صاحب فلسفياڻي انداز ۾ علامتي طريقي سان پنهنجو پاڻ کي جيئري ئي مارڻ ۽ عوام جي مفاد لاءِ، قوم جي ڀلي لاءِ، عوامي ۽ قومي وحدت الوجود جو نظريو اختيار ڪرڻ جو سبق ڏئي ٿو.

ڀٽائي کي سمجهائيندي انور صاحب جو نثر بہ پڙهڻ وٽان هوندو هو، ڪتاب ڀٽائي ۾ پاڻي جي مسئلي تي هڪ بيت:

اصل سندي آسري، آيون ڏور ڏري
ڪنيڙان پونء ڪري، پاٽان پير ڪري

جي سمجهاڻي پڙهو:

شاعر جي اک جي ڪئميرا، سائبيريا جي ڳڱ ٽيل پاڻي تان پڙڪو ڏئي اڏاڻل پکين جو پيڇو ڪري ٿي ۽ هميشه جي هير پٽاندڙ سنڌو جي نيم گرم، سوسڙي ۽ اڇي اجري پاڻي ۾ Land ڪرڻ لاءِ جهازن وانگي پکي جڏهن پنهنجا پير ڪنين جي اوٿ مان ڪڍي اڪير مان پاڻ هيٺ اڇلائين ٿا ته سنڌ جي ٿوٽ ڌرتي انهن نازڪ پکيئڙن جي پيرن جون ريشم جهڙيون ملائيم ترپون ۽ انهن تي آيل سنها زخم سهيڙي ٿي ۽ اها فلم شاعر جي دماغ ڏانهن روانو ڪري ٿي ۽ شاعر جو من اٿل کائي ٿو. سنڌو ۾ سوڪهڙي تي پٽائي سنڌي ٻولي جو اهڙو شعر چوي ٿو جنهن کي سنڌ جي مستقبل جي شاعري چئي سگهجي ٿو. ان ڪري پٽائي جي شاعري سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جي شاعري آهي.

*(مضمون: پٽائي سنڌ جي دائمي دردن جو شاعر)*

انور صاحب لاءِ پٽائي ڇا هيو ان جو اندازو ان مان لڳايو ته:

ڪانس هڪ انٽرويو ۾ پڇيو ويو ته اوهان جي زندگي جو ڪو يادگار واقعو؟ ته انور صاحب جواب ڏنو پٽائي جي فڪر کان آگاهي!!

# جديد ۽ ٽرينڊ سيٽر شاعر

امداد حسيني جو اهو بيان ادبي حلقن ۾ مقبول حوالو رهيو آهي جيڪو هن انور پيرزادي جي شاعري تي لکيل مضمون چانڊوڪي جي پياس ۾ پڻ لکيو آهي تہ:

انور جي سنڌي شاعري ۾ اهميت جو اندازو ان مان بہ ڪري سگهجي ٿو تہ مان جديد دور ڪي اياز کان انور تائين ليکيندو ۽ لکندو آهيان.

هڪ ٻيري حسن مجتبي، فيس بڪ اسٽيٽس ۾ لکيو هيو تہ:

منهنجي نظر ۾ جديد سنڌي شاعري جا ٽي اهم ٽرينڊ سيٽر نالا آهن شيخ اياز امداد حسيني ۽ انور پيرزادو.

حسن مجتبي انور پيرزادي تي لکيل هڪ مضمون جو عنوان ڏنو هو ايندڙ زمانن جو شاعر.

نور الهدیٰ شاهہ مون کي چيو هو تہ انور کي مان پهريون جديد شاعر سمجهندي آهيان.

اعجاز منگي کيس سنڌ جو پبلو نرودا ڪوٺيو هو.

قمر شهباز پنهنجي مضمون ”هڪ اڙڏي ڪردار تي موت جي اوچتي وار ۾“ لکيو تہ:

انور ادب ۾ نواڻ جي علامت ٿي آيو.هن جي شاعري اڳ لتاڙيل راهن کان مختلف ۽ بي نياز هئي.

تاج بلوچ لکيو تہ:

نثري نظمن جو ڪمال انور وٽ هيو. هن روايتي گهاڙيٽن کان پاسو ڪيو ۽ نثري نظمن ۾ فڪري گهرائين تائين ويو.

نصير مرزا پنهنجي مضمون ”اي چنڊ پٽائي کي چئجان“ ۾ لکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو ته:

پنهنجي ٿهي جي شاعرن مان جنهن شاعر جي
تخليقي سگهه تي مون کي رشڪ آيو، اهو به ڪوئي
بيو نه صرف انور پيرزادو هيو.

اها منهنجي ذاتي راءِ آهي ته نظم جو نئون لهجو جيڪو شيخ اياز، شمشير ۽ امداد حسيني کان پوءِ انور پيرزادو ڏئي ويو آهي ان کان پو شايد ئي ڪو نئون لهجو اسان کي مليو هجي توڙي جو جيڪو لهجو شيخ اياز، امداد، شمشير متعارف ڪرائي ويا ۽ خود انورپيرزادي جي لهجي ۾ شاندار شاعري ان کان پوءِ ڪيترن ئي شاعرن ڪئي آهي ۽ اڄ تائين ٿي رهي آهي.

انور پيرزادي جي شاعري جو هڪ ئي ڪتاب "اي چنڊ ڀٽائي کي چئجان" آيو پر اهو ڪتاب سنڌي شاعري تي پنهنجو گهرو اثر رکي ٿو. هن ڪتاب جي هڪ خاص ڳالهه اها آهي ته جڏهن به اها شاعري پڙهجي ٿي اها نئين ٿي لڳي. اها شاعري جيڪا ڪلاسڪ سمجهي ويندي آهي ان جي هڪ اها به نشاني هوندي آهي ته اها هر دور جي شاعري محسوس ٿيندي آهي.

رئوف نظاماڻي هڪ مضمون ۾ لکيو هو ته:

"انور پيرزادو ڀٽائي جو عاشق هيو ان ڪري هن جي
شاعري جي ٻولي به پختي ۽ ڀرپور ڳالهائي ويندڙ
نيٺ سنڌي ٻولي آهي پر اها حيرت جي ڳالهه آهي ته
هن جي شاعري تي ڀٽائي جي شاعري جي اسلوب جو
اثر ناهي ۽ هن پنهنجي لهجي ۾ شاعري ڪئي آهي."

انور پيرزادي جي شاعري کي ادبي لڏي ۾ متعارف ڪرائڻ وارو امداد حسيني هيو جنهن سهڻي رسالي ۾ هي بوڙيندا ۽ چنگ ته ٻڌني جي عنوان سان هن ابرندڙ شاعر جو تعارف لکيو هو. جڏهن شاعري جو ڪتاب ڇپيو ته بابا امداد حسيني کي هي سٽون لکي ڪتاب ارپيو ته:

"امداد حسيني لاءِ جنهن منهنجي شاعري واري
بنگلاديش کي اٽويهه سو ٻاهتر ۾ سيني کان اڳ

تسليم ڪري ڇڏيو هو.“

ڪتاب اي چند پنائي کي ڇئجان ۾ پابند نظم، آزاد نظم، نثري نظم، وايون، ترائيل، گيت، غزل ۽ ٽيڙو موجود آهن پر ڪتاب جو وڏو حصو نظمن جو آهي خاص ڪري آزاد ۽ نثري نظم. نظمن ۾ طويل توڙي مختصر نظم موجود آهن.

امداد حسيني لکيو هيو ته انور کي مختصر نظم لکڻ جو به ڏان آهي ۽ هن جو هي نظم سنڌي شاعري جو مختصر ترين نظم آهي:

وقت به ويٺو
هو به نه اچٹو
آء به نه رهٹو

انور پيرزادي جا طويل نظم هن جي شاعراڻي تخيل جي گواهي ڏيندڙ آهن. هن ڪتاب جو پهريون نظم رتوچاڻ سونهن جو شهيد گل شاهڪار طويل نظم آهي جيڪو اسان جي سماج ۾ موجود استحصال ۽ غربت جو اچو چٽو آهي. حسن جيڪو غربت ڪري بدصورت ٿي وڃي ٿو ۽ غربت جي ڪري جنهن جي جواني جو ٺمڪندڙ ڏيئو اجهامي ٿو وڃي ان جي ايڏي تخليقي منظر ڪشي آهي جو حيران ٿيڻ کان سوا ڪا راهه نه ٿي رهي. سڄو نظم اڇوتين تشبيهن سان پريو پيو آهي اهڙيون تشبيهون جيڪي اڄ به نيون آهن مثال:

- جواني جو سن باٿ
- جذباتي بحرانن جو ورڪشاپ
- اخلاق، ايٽيڪيٽس، افعال
  ۽ طرزعمل
  سڀ چڻ حسن جي محلات جون
  ڪنيزون آهن
- جواني ڪڪري جو پاڇو
  چڻ جهڙ ۾ ڪا نڪانگري

هي نظم هڪ ئي وقت نظرياتي به آهي ۽ تخليقي به آهي ان

ڪري ڇڏي سگهجي ٿو تہ نظريو انور پيرزادي جي آرٽ تي حاوي ناهي ٿي سگهيو. نظم ۾ هن سماج جي المين ڪي شاعر بيباڪي سان هيئن ٿو چئي تہ:

لڳي ٿو
منهنجي دنيا ۾
سونهن سياء
آرٽ ۽ ڪلچر کي
ڪنهن نيوٽران بم سان
تباهہ ڪري ڇڏيو آهي

هڪ ٻيو نظم آهي ڪنتراسٽ جنهن ۾ شاهہ محمد پيرزادي چواڻي تہ سماج جو بنيادي ڪنتراسٽ تخليقي انداز ۾ ستر جي دور ۾ ئي شاعر ٻڌائي ويو آهي ۽ اهڙا نظم سياسي پارٽين کي ڊاريڪشن ڏيندڙ هوندا آهن.

هن نظم جي ٽريٽمنٽ بنهہ نئين وٽندڙ ۽ ڇرڪائيندڙ آهي، نظم ۾ جملن بدران لفظن ۾ سڄو ڪنتراسٽ ٻڌايو ويو آهي مثال:

| | |
|---|---|
| شاعري | لانگ بوٽ |
| گوڏ صدري | نيري خاڪي |
| مٿي تي انگوڇو | ۽ اڇي يونيفارم |
| ڏاند گاڏي | جيٽ ميزائيل |
| پلال ڇنل رلهي | بڪتربند گاڏيون |

جڏهن مان بابا کان اي چند ٻٽائي کي ڇئجان ڪتاب جا پروف پيو چيڪ ڪرايان تہ هو پنهنجي شاعري جا پسمنظر واقعا ۽ ٻيون ڳالهيون بہ ڪندو هيو. ٻڌائيندو هيو تہ:

اسان جي زماني ۾ شاعري ۾ ڪنٽينٽ تي گهڻو زور ڏنو ويندو هيو ان ڪري اسان لاءِ شاعري ۾ بنيادي شرط ڪنٽينٽ هوندو هيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظم آدرشن جي پيگ ٽوٽ رومانس ۽ مزاحمت جو خوبصورت ميلاپ آهي جڻ ڪنهن فلم جي اسٽوري هجي. شاعر محبوبا ڏي لکيل خطن کي ساڙي رک ڪري ميندي جي ٿالهه ۾ ملائڻ جي خواهش ٿو ڪري جيڪا ميندي شادي جي رات محبوبا (ڪنوار) جي هٿن ۽ پيرن کي لاتي ويندي. محبت ۽ بنيادي حقن جي حاصلات جي ناڪامي تي لکي ٿو:

اسان جو ميلاپ
جڻ تہ اسان جا
بنيادي انساني حق آهن
جنهن کان اسان
ورهين کان محروم رهيا آهيون

اهڙي محرومي کي وري سماج سان ڳنڍيندي لکي ٿو:

جت پنهنجي مرضي سان
پيار نہ ٿو ڪري سگهجي
جت پنهنجي پسند تي
حڪومت نٿي بدلائي سگهجي
جتي اڪثر ماڻهن کي
مري وڃڻ ٿائين
آرام ۽ سڪون ڪونهي
جتي تنگ نظر
جنوني نظام رائج هجي
اتي جيئڻ ٽارچر آهي

پنهنجي لاحاصل محبت ۽ سماج جي ٽارچر ۾ جيئندڙ شاعر نظم جو ڪلائيميڪس ڪندي لکي ٿو:

ٽارچر وارو جياپو
۽ توکان سوا زندگي

ڪڏهن منهنجو
آدرش نہ رهيو آهي

نظم زندگي هڪ آپريشن ٿيئٽر پنهنجي والد جي موت تي لکيو هئائين جيڪو آپريشن ٿيئٽر ۾ پهچڻ کان اڳ گذاري ويو هيو پر هن نظم ۾ هن پنهنجي پيءُ تي سڌو سئنون نہ لکيو هيو پر پيءُ جي درد کي علامتي اندز سان هڪ لوئر مڊل ڪلاس پورهيت جي حوالي سان لکيو جيڪو هڪ ڪهول لاءِ زندگي جي بيل گاڏي تي سوار آهي جنهن تي ٻارن جو ميڙ آهي ۽ اها بيل گاڏي نظم جي هڪ تشبيهہ موجب حالتن جي گپ چڪ ۾ گپجي ٿي وڃي. غربت جي اهڙي منظر ڪشي ورلي ڪنهن شاعر بيان ڪئي هوندي.

زندگي جي بيل گاڏي
پست ۽ هيٺين ٽنگن وارو سوار
ٽڙڪندڙ ۽ ٿابا ڪئيندڙ
سوار جون جوڙي ٽنگون
زندگي جي بيل گاڏي ۾ جٽيل
جنهن تي هڪڙي زال
۽ ٻارن جو ميڙ
بک رڌڻ جون ديگڙيون
۽ اڄ پرڻ جا خالي ٿانو
سيءُ لڳڻ واريون رلهيون
۽ اب ڪيڻ وارا پکا
پاڪ ۽ پوتر بدن کي
وائکو ڪندڙ لٽا
هار ۽ سينگار لئہ
ڏگ جي مٽي
ٽڙ ڪرڻ لئہ
اپ ۾ گجگوڙ ۽ ڪنٽيون

مٿان وسندو اچي
وڏ ڦٽڙي سان گڏ
ڇٽي جيڏو ڳڙو
ٻارڙن جي سڏڪڙن جا لوڪ گيت
زال جي پارن ڪيڻ جا
سهرا لاڏا
سر سنگيت
رت سڪل لاچار ۽ بيمار
انهي سوار جون
زندگي جي بيل گاڏي ۾ جتيل
پست ۽ هيٺيون ٽنگون
جن جي گوڏن مان
سڪي ويو آهي تيل
خشڪ ڦيٿن وانگيان
چيڪات ڪنديون ٽيون وڏن
اڳتي جتي وڻراهه ناهه
سچ آهي بک آهي
اج آهي

نظم حياتي جو رومانس هڪ بغاوت آهي اسٽيٽس ڪو جي خلاف ۽ اهڙي بغاوت جي رستي تي هلڻ ڪي شاعر جوکم جو ڪم ڇئي اهو به چوي ٿو ته:

جواني ۾ جوکم کڻڻ
حياتي جو رومانس آهي
حياتي ۽ جنهن کان سوا ٻسي ۽ ڇسي

انور پيرزادي سڄي عمر اهڙا جوکم جا ڪم حياتي جو رومانس سمجهي ڪيا جنهن جي زندگي جي سفر ۾ ڳري قيمت به ادا ڪرڻي پئي هيس.

سندس شاعري ۾ رومانس ۽ انقلاب گڏ گڏ هلن ٿا هو پنهنجي محبوبا سان صرف پيار محبت جي ڳالهين لاءِ مخاطب نہ ٿو ٿئي پر انقلاب جي ڳالهين ۽ راهن تي هن جي محبوبا هن جي ساٿي آهي ۽ هن سان گڏ جستجو ڪندي نظر ٿي اچي جيڪا پڻ سنڌي شاعري

۾ هڪ نواڻ ٿي لڳي.
نظم ڏسو
جنهن ويري تو
نڪ ٿوپائي اکيون هيٺ ڪري
گهوري ڏسڻ سکيو هو
تنهن ويري
هڪ چاندوڪي ۾
هٿ ۾ هٿ ڏئي تو ۽ مان
ڪچڙي تند سان
پنهنجيون دليون جوڙيون هيون
پيار جا توپا ڏئي
اج هن تاڪ منجهند جو
هٿ ۾ هٿ ڏئي
ڳوڙها گيس ۾ ساهہ ڪٽي
اڳتي وک وڌائي
اکيون بند ڪري
مون کي تو آ گهوريو
ايئن لڳي ٿو
پنهنجيون دليون
ڳنڍجي پيچجي
هڪ ٿي ويون آهن

انور پيرزادي ڪتاب جو مهاڳ بہ نہ لکرايو. پنهنجي پاران بہ نہ لکيائين، اداري پاران شاهہ محمد لکيو. جڏهن بابا کي ڏيڪاريوسي تہ

ان ۾ صرف هڪ ست پاڻ لکيائين تہ هن ڪتاب جا ٽي اهم موضوع آهن بنگلاديش، بلوچستان ۽ ضيا ارا باقي سڀ عشق آهي. ڪتاب بہ عشق کي ارپيو هيائين.

ڪتاب ڇپيو تہ اسان مهورت ڪرائڻ جي خواهش ڪئي تہ بابا اها بہ ڪرڻ نہ ڏني ۽ چيو تہ مان نہ ٿو چاهيان تہ منهنجا دوست منهنجي پي آر جي ڪري منهنجي سامهون اچي منهنجي تعريف ڪن. جنهن کي لکٽو هوندو پاڻ لکندو. پو اسان گهر ۾ هڪ ننڍي تقريب ۾ ڪتاب جي جڙ زوري ۽ مهورت ڪئي هئي. ان پروگرام جي آخر ۾ نوجوان شاعر مسرور ڪائنس پڇيو اوهان سنڌي شاعري ۾ پنهنجي شاعري جو ڪهڙو مقام ٿا ڏسو جنهن تي هن چيو هو نو ڪمينٽس. ان پروگرام ۾ هو اهو چئي روٺهارڪو ٿي ويو تہ هي ڪتاب مان عشق نالي نہ ڪيان هان تہ زبير نالي ڪيان هان، ڇو تہ زبير ۽ شاهن هي سجو ڪتاب هٿن سان لکي اتاريو هيو.

رومانس بہ سندس زندگي توڙي شاعري جو اهم موضوع رهيو آهي. ڪتاب ۾ ڪيترائي رومانوي نظم آهن، مثال نظم جون سٽون آهن.

هي ڪنهن جي ساهہ جو پاڇو آهي
هليو وڃڻ ڪان پوءِ بہ
ڪمرو سرهو آهي
هي ڪنهن جي اک جي سرخي آهي
جنهن کي ڏسندي
ڳاڙهي رنگ سان
عشق لڳي ويو آهي....

سندس شاعري ۾ فيمنزم پڻ نمايان آهي جنهن جا ڪيترائي مثال ڪتاب ۾ موجود آهن، ترائيل جون سٽون آهن.

سرخي لڳل چپن جا تاڪا توڙي موڙي ڳاء
سانجهہ بہ سرخي لائي ڪنهن جا راڳ الاپي ويني

سانجهہ ٿيڻ کان اڳ ۾ پنهنجي مونجهہ مروڙي ڳاء
سرخي لڳل چپن جا ٽاڪا ٽوڙي موڙي ڳاء

جنمن جون چٽرون ۾ ٽوڪون روح تان روڙي ڳاء
هو ڏس وينا انڌياري ۾ آڳ الاپي ويٺي
سرخي لڳل چپن جا ٽاڪا ٽوڙي موڙي ڳاء
سانجهہ بہ سرخي لائي ڪنهن جا راڳ الاپي ويٺي

هي ترائيل يوٽيوب چينل تي انور پيرزادي جي پنهنجي آواز ۾ پڻ موجود آهي جيڪو انور ابڙي سندس ڪجهہ ٻي شاعري سان گڏ رڪارڊ ڪري انٽرنيٽ تي سدائين لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ان وڊيو جو لنڪ مون انور پيرزادو اڪيڊمي جي واٽس ايپ گروپ تي رکيو تہ ناليواري شاعر ڪيلاش ان تي ڪمينٽ لکيو تہ:

”لطافت سان پرپور شاعري، فني پختگي جو نمونو، علامت نگاري ۾ مزاحمتي جانبداري سان نباهہ. انهن سيني گڏن جو مجموعو آهي انور جي شاعري. هي ترائيل انور جي شاعري کي سمجهڻ ۾ مزو وٺڻ لاءِ سندس نمائندگي ڪري ٿو.

عورتن جي حوالي سان ٻيا بہ ڪيترائي انقلابي نظم ڪتاب ۾ موجود آهن، مثال ضيا ارا ۾ لکيل نظم جون سٽون آهن.

تنهنجي سهٽي چوٽي جو
جي هڪڙو سنهڙو وار
بہ هينئر
لانگ بوٽ جي هيٺان ايندو
ڊائنا مائيٽ تي ڦاٽي پوندو
رئي جو پلو ورائي (جنهن سان
ڪڪرن وانگي سج
لڪائيندي آهين)

جي رت ۾ ٻڏندو
جهنڊو ٻڌجي پوندو

پورهيت طبقي لاءِ شاعري پڻ هن ڪتاب جو اهم موضوع آهي.

هاري ٽڪجي چور ٿي
چوي ٿو
مان بہ ايئن مري ويندس
جيئن بابو مري ويو هيو

يا

تنهنجي نازڪ
چوپي نڪ ۾
سوني ڦلڙي
ڪيڏي جيڪر
سونهن ڪري
دل ٿي چاهي
پورهيو وڪڻان
پگهر ڪپايان
تولئہ
ڦلڙي آڻيان
پر ڪو
پورهيو پگهر وٺي
ڏوڪڙ ڏئي
پر ڪو
پورهيو پگهر وٺي
ڏوڪڙ ڏئي

شاعر بنيادي طور سونهن، فطرت ۽ حسن جي ڳولا ۾ هوندو آهي،
پر زندگي جي هڻ هٽان ڪيس انهن ڪيفيتن ۾ رهڻ جو موقعو ناهي

ڏيندي، ان ڪيفيت جو موهيندڙ اظهار ڏسو

وس پڇي
هي وايومنڊل
هڪڙي هنڌ بيهاري
گهوري گهوري
هن ڪڙڪي ۾ مان
رات سڄي
مان چنڊ ڏسان!

انور پيرزادي جي شاعري ۾ ڳائڻ جي شڪتي بہ موجود آهي. نظم اي چنڊ پٽائي ڪي چجان تہ جڳ مشهور نظم آهي. جهڙي خوبصورت ۽ سدابهار شاعري آهي اهڙي ئي لازوال ان جي ڌن استاد حنيف لاشاري ناهي آهي. ان ڪلام کي ڀڏي سائين جي ايم سيد جو روئي پوڻ بہ مشهور واقعو آهي. اهو نظم سرمد سنڌي ۽ شفيع فقير بہ ڳايو آهي ان نظم کان سوا بہ سندس شاعري ڳائي وئي آهي مثال سندس مشهور گيت آهي تہ:

اي بادلو
اي بادلو
چو ٽا رلو
مون سان هلو
منهنجي پرين جي چيچ آ
چلڙو آ جنهن ۾ گهر گهلو
اي بادلو
اي بادلو

هي گيت ستر جي ڏهاڪي ۾ پي ٽي وي تي مينا شاهہ بہ ڳايو ۽ غلام علي سنديلي بہ نوي واري ڏهاڪي ۾ پي ٽي وي تي ڳايو هو. ٻلهڙيجي جو شرافت پيرزادو پڻ هي گيت ڳائيندو آهي.

ان کان سوا مهجبين قزل باش پڻ پي ٽِي وي تي سندس گيت ڳايو هو جنهن جون سٽون هيون.

مند جان مست نگهاهون تنهنجيون
ڪارا بادل تنهنجا وار
آء تہ جهڙالو ماڻيون

هڪ وائي عمران سومري ڳائي آهي، اها وائي درد جي ڏنل ڪنهن لولي وانگر آهي.

من جا منڙا سور سمهي پئو
رات لڙي وئي آهي
ڪوئي اچڻو ناهي

عمران سومري سندس بي وائي بہ ڳائي آهي

توبن جاني اوت اتر جي
منهنجو انگ ڏڪائي
تنهنجي ياد ستائي

بيدل مسرور پڻ انور پيرزادي جو نظم جيون جديد موسيقي ڏئي ڳايو آهي جيڪو سندس چواڻي تہ سنڌي جديد شاعري تي ڪمپوز ڪيل پهريون پاپ ميوزڪ وارو ڪلام آهي.
اسان جي ڳوٺ ۾ موسي انصاري ۽ قاسم پيرزادو سندس هي غزل بہ ڳائيندا آهن

آ ڏات رتي ڪي ڏينهن ٿيا
اڄ منهنجا گيت اڏامي ويا

ڪنهن سٽ ڏني ۽ تار ڇني
سو ساز پڳو جنهن گيت ڇيا

ڪا ميچ ملي ڪو پيار ملي
ڪا هير گهلي تون آء پيا

ڪتاب اي چنڊ پٽائي ڪي ڇئجان جي سڄي شاعري معياري ۽ ڪوٽ ڪرڻ جهڙي آهي پر هن شاعري تي جهڙي سنجيده تحقيق ٿيڻ گهرجي اها هيئنر تائين ناهي ٿي. شايد ايندڙ زمانو ان سان انصاف ڪري سگهي.

بابا ڪتاب جي ايڊيٽنگ ڪندي مون کي ڇيو هو هن ڪتاب جا گهڻا نظم اڳتي هلي ماڻهن کي سمجهه ۾ ايندا!!!

# سياسي مورچي جو انقلابي ڪردار

انور پيرزادي جو شعوري سفر متحرڪ رهيو جنهن ۾ هن جو ذهن سوچ جون مختلف شاهراهون طي ڪندو هڪ اهڙي منزل تي پهتو جتي هو خود بہ هڪ فڪري اڳواڻ بڻجي ويو هو.

انور پيرزادي جي زندگي ۾ سڀ کان اڳ جيڪو لاڙو ملي ٿو اهو مذهبي هو ڇو تہ هو خانداني طور تي مسجد جي پيش امام جو اولاد هيو. انور پيرزادو پنهنجي ابتدائي دور ۾ پنج وقت نماز پڙهندڙ رمضان جا سڀ روزا رکندڙ ۽ قرآن شريف پڙهندڙ مذهبي نوجوان هو. اڳتي هلي ڪيس شيخ اياز جو ڪتاب جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي مليو جيڪو سوڀي گيانچنداڻي ڪي منسوب ٿيل هو. انور پيرزادي چواڻي تہ ان ڪتاب سندس زندگي تبديل ڪري ڇڏي ۽ هن جي اندرجو مذهبي تصور شيشي جان ٽٽي ڪرچيون ڪرچيون ٿي ويو. هن ۾ بغاوت وارو جذبو اڀريو. هن مذهب کي الوداع ڪئي ۽ اهڙي بغاوت هڪ پيش امام جي پٽ ڪئي جنهن لاءِ وڏي بهادري ڪپندي آهي.

هو اياز کي هيرو سمجهڻ لڳو. فيض پيرزادو ٻڌائيندو آهي تہ ان زماني ۾ مامو انور ڳوٺ جي ڀتين تي لکندو هو

انقلاب انقلاب

شيخ اياز شيخ اياز

هن سوچيو اياز ايڏو سٺو ڪتاب جنهن ماڻهوءَ کي ارپيو آهي اهو پڪ سان ڪا وڏي شخصيت هوندو ۽ هو رهي بہ اسان جي تر ۾ ٿو تہ پوءِ ان سان ضرور ملڻ گهرجي. هو ان وقت جي چور ۽ هاٽوڪي ڪميونسٽ ۽ سوشل ورڪر گلاب پيرزادي کي رستي تي چٽن ڪٽن کان بچڻ لاءِ ساڻ ڪٽندو هو. سوڀي ۽ انور جي هڪ ملاقات سوين ملاقاتن جي شروعات هئي. سوڀو گيانچنداڻي ٻنڌي ۾ نظربند هيو. هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽ هٿيار صرف ڪتابن جا هوندا هئا. نوجوان انور ۾ هن کي پنهنجو شاگرد نظر آيو.

انور پيرزادي چواڻي تہ جڏهن مان اياز جا قصيدا ڪامريڊ آڏو پڙهڻ شروع ڪيا تہ هن ڏاڍو سانتيڪي انداز ۾ چيو ”اياز بيشڪ وڏو شاعر آهي پر ڪڏهن بہ ڪيس پنهنجو سياسي رهبر نہ سمجهجان. ايئن ڪامريڊ منهنجي سياسي ۽ شعوري تربيت ڪئي.“

جڏهن انور پيرزادي پنهنجي شاعري جو ڪتاب ڪامريڊ سوڀي کي ڏنو تہ تہ پهرين صفعي تي اهي سٽون لکيائين تہ:

”ڪامريڊ سوڀي لاءِ جنهن آئيندي جو گيان ڏنو.“

ڪامريڊ سان انورصاحب جون ملاقاتون جاري رهيون ۽ گلاب پيرزادو بہ انهن ملاقاتن ۾ ڪميونزم ڏانهن اهڙيو لڙيو جو وري سڄي عمر پني ورائي ڪونہ ڏنائين.

انور پيرزادو سنڌ يونيورسٽي ۾ ليڪچرر ٿيو تہ اتان ئي هن جي سليڪشن ايئر فورس ٽريننگ لاءِ ٿي. اتان ڪورٽ مارشل ٿيڻ کان پوءِ انور پيرزادو جڏهن پشاور مان ڪراچي جيل منتقل ٿيو تہ اتي ان جو ڪميونسٽ پارٽي جي ماڻهن جهڙوڪ ڊاڪٽر تنوير شيخ، ڪامريڊ رمضان ۽ ٻين سان ملاقات ٿي جن کيس جيل ۾ مارڪسزم جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنا. تازو ڪامريڊ رمضان سان ملاقات ٿي تہ ان ٻڌايو تہ انور جيل ۾ آيو تہ ايئر فورس مان ڪورٽ مارشل ٿيڻ جو واقعو جيل ۾ مشهور ٿي ويو، جيئن تہ بنگال جي حمايت وارو موقف ڪميونسٽ پارٽي جو بہ هيو ان ڪري انور سان پارٽي وارا ويجها ٿيا ۽ انور اتي اسٽڊي سرڪلز ۾ بہ شرڪت ڪندو هو.

ڊاڪٽر تنوير شيخ سان هاڻي جڏهن ڪچهري ٿي تہ ان ٻڌايو تہ جيل ۾ انورجڏهن اسان سان مليو تہ قوم پرست خيالن جو مٿس گهيرو اثر هيو پوءِ اسان ان کي ڪميونسٽ ليٽريچر ۽ ڪتاب پڙهايا. مان جڏهن کيس ڪميونزم جو ڳالهيون ڪندو هيس تہ انور چوندو هيو تہ سوڀي بہ مون کي اِهي ئي ڳالهيون ٻڌايون هيون چو تہ انور جون سوڀي سان ملاقاتون ٿي چڪيون هيون. جيل ۾ انور جيترو بہ عرصو رهيو

اسان اسٽيڊي سرڪلس ۾ ڪتاب پڙهندا رهياسي ۽ جڏهن انور جيل مان ٻاهر آيو ته هو ڪميونسٽ ٿي چڪو هو. جيل ۾ مون ڏٺو ته انور جو انگريزي ادب جو تمام وڏو مطالعو ٿيل هو ۽ هو اسان کي جيل ۾ شيخ اياز جي شاعري به پڙهي سمجهائيندو هيو.

جيل مان ٻاهر آيو ته محسن زيدي هن جي ملاقات ڪامريڊ ڄام ساقي سان ڪرائي جنهن انور پيرزادي کي سوچي ڪان پوءِ انقلابي سياست جو اتساهه ڏنو. هو ڄام ساقي کي پنهنجي دور جو ڪرشماتي ليڊر سڏيندو هيو.

انور پيرزادو ڪميونسٽ پارٽي جي آڊيالاجيڪل فرنٽ جواهم حصو رهيو. ٻلهڙيجي جي مجيب پيرزادي ڪچهري ڪندي ٻڌايو ته امام علي نازش چوندو هيو ته انور پيرزادي بين الاقوامي سطح تي ڪميونسٽ پارٽي کي متعارف ڪرائڻ ۾ پل وارو ڪردار ادا ڪيو ۽ جڏهن هو روسي سفارتخاني ۾ نوڪري ڪندو هيو ته پارٽي جي حڪمت عملي جي حوالي سان انٽرنيشنل ڪميونسٽ تحريڪ سان رابطي ۾ رهندو هيو.اها ڳالهه شاهه محمد پنهنجي ڪتاب پورائي ۾ پال ۾ پڻ لکي آهي.

نظير عباسي، ڄام ساقي، امام علي نازش، جمال نقوي افراسياب خٽڪ، تنوير شيخ، حسن رفيق ۽ ٻيا انڊر گرائونڊ ڪميونسٽ، بابا جي گهر جي اوطاق کي محفوظ ٺاڪ سمجهي اتي سينٽرل ڪميٽي جون گڏجاڻيون ڪندا هئا. انور پيرزادي جو ڳوٺ به ان زماني ۾ ڪميونسٽن لاءِ ڄڻ هڪ اوطاق هوندي هئي خاص ڪري وڏيري امن جي اوطاق جتي نظير عباسي، ڄام ساقي، ڪامريڊ رمضان سميت ڪيترائي ڪامريڊ روپوشي جي زماني ۾ اچي رهندا هئا. حميده گهانگهرو به پنهنجي مضمون ۾ لکيو آهي ته انور پيرزادي روپوشي دوران ڪيس ٻلهڙيجي ۾ رهڻ لاءِ پنهنجي پٽ زبير سان گڏ موڪليو هو ۽ ڪيترا ئي ڏينهن اها ٻلهڙيجي ۾ رهي هئي.

ڄام ساقي ڪيس سنڌي ادبي سنگت کي ٻيهر سرگرم ڪرڻ جي آئيڊيا ڏني ۽ اها زميواري انور پيرزادي قبولي ان کي سنڌ سطح تي

سرگرم ڪري ڏيکاريو هو.

اسان جي ڳوٺ ۾ ٽينڊڙهڪ پروگرام ۾ سوپي گيانچنداڻي چيو هو ته، انور مون کي احساس ڏياريو ته ڪميونسٽ نظام جيڪڏهن اسان سڄي ملڪ ۾ نه ٿا آڻي سگهون ته ان جو هڪ ننڍو ماڊل اسان پنهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجي ۾ ناهي سگهون ٿا ۽ پوءِ انور اهو ثابت پڻ ڪري ڏيکاريو جنهن جي نتيجي ۾ ٻلهڙيجي ايڏو مشهور ٿيو جو ان کي دشمنن لئل ماسڪو به سڏيو جيڪو نالو ٻلهڙيجي جي جڳ مشهور سڃاڻپ ٿي ويو. ان زماني ۾ سندس سحر انگيز شخصيت، علم ۽ ذهانت هر ان ماڻهو کي ڪميونزم جي رنگ ۾ رنڱي ڇڏيو جيڪو هن سان لهه وچڙ ۾ ايندا هئو. ائين هن هڪ اهڙو نسل تيار ڪيو جيڪو سماجي ۽ سياسي شعور سان پنهنجي چوڌاري مثبت تبديلي آڻڻ جي سدائين جستجو ۾ رهيو.

هن وٽ ماڻهن کي پنهنجو ڪرڻ جو اهڙو طريقيڪار هوندو هيو جو هو سياسي هم آهنگي کان اڳ شخصي هم آهنگي قائم ڪري ويندو هيو. گڏيل مفادن جي ڳالهه ڪري گڏجي ڪم ڪرڻ واري ماحول ۾ جڏهن هو ساٿس جڙندا هئا ته انورصاحب جي شخصيت ڪين نظرين جي به ويجهو آڻي ڇڏيندي هئي.

## آيم آر ڊي دوران سکر جيل وچڻ

1983ع ۾ ايم آرڊي جي رپورٽنگ ڪندي هو پيو پيرو جيل ويو ته اتي جام ساقي به هن سان جيل ۾ هيو ۽ اختيار پتو، مهيش ڪمار، عرس سيلرو، منظور چنديو، فتحياب علي خان ۽ ٻيا ڪيترائي سياسي قيدي به گڏ هيس. انهن جيل کي به انقلابي آستانو بڻائي ڇڏيو هو ۽ اتي وڏا اسٽڊي سرڪل هلندا هئا.

جيل توڙي ڪمينونسٽ پارٽي ۾ انور پيرزادي جي سياسي ڪردار تي ڪجهه جيل ۽ پارٽي جي ساٿين سان ڪچهري ٿي جن مان سندس سياسي ڪردار جي جهلڪ پسي سگهجي ٿي.

صحافي ۽ سياسي ايڪٽوسٽ مهيش ڪمار سکر جيل جون

ساروٽيون سليندي ٻڌايو تہ جنهن وقت مان جيل ويس تہ منهنجي عمر اٺويهہ سال هئي. انور صاحب جڏهن جيل ۾ آيو تہ هو اڳ ئي مشهور صحافي شاعر ۽ ڪميونسٽ هيو. ان وقت جيل جي هڪ ڪميٽي هوندي هئي ۽ هو ان ڪميٽي جو هو اهم ماڻهو هيو. هن جي خوبي اها هئي تہ مختلف پارٽين جي ماڻهن ڪي جوڙي سگهندو هيو، چڻ تہ نوڪلئيس هوندو هيو ۽ سڀ هن جي چوڌاري هوندا هئاسي. سڀ هن جو موقف ان ڪري ٻڌندا هئا جو هن ۾ ٻين سياستدانن واري ٻيائي نہ هوندي هئي، هو پارٽين جو فرق رکي مخاطب نہ ٿيندو هيو. اسٽڊي سرڪل ۾ سياسي سماجي ۽ تاريخي ڪتاب پڙهي اسان ڪي سمجهائيندو هيو. علم ۾ هو تمام مٿي هيو، جام ساقي جو اوج هوندو هيو پر اسان ڏسندا هياسي ان ڪي بہ گائيڊ ڪندو رهندو هيو. جيل جي دنيا ۾ گرم جيل ان ڪي چئبو آهي جڏهن ماحول سخت هجي سو ان ماحول ۾ بہ انور صاحب جي وڏي جدوجهد هوندي هئي. مطالبا مڃائي ويندو هيو، احتجاج بک هڙتالون سڀ هن جي اشارن تي ٿي سگهنديون هيون. جيل ۾ احتجاج جو انداز بہ انوکو هوندو هيو مثال چوندا هئا رات جي ماني کائي سڀ رات ڏهين بجي پليٽ جو آواز ڪيندا سي ايئن هزارين قيدي هڪ آواز ڪيندا هئا تہ جيل وڄي ويندو هيو. انور صاحب جي سياسي تربيت انهن ڇهن مهينن ۾ اهڙي هئي جو مون کي لڳندو آهي تہ مان جيل نہ پر يونيورسٽي ويو هيس، جيڪا بہ اسان کي سياسي سمجهہ آئي ان جو بنياد انور صاحب جون اهي ڪچهريون هونديون هيون. هو اسان سان دوستن وانگر رهندو هيو، اسان سان گڏجي والي بال ۽ بيڊمنٽن بہ کيڏندو هيو، شام جو واڪ ڪندا هئاسي، ماني بہ گڏ پچائيندو هيو ۽ گڏوگڏ اسان جي تربيت بہ هلندي رهندي هئي. اتي فوجي اهلڪار اچي قيدين کان پيپر تي سمجهوتي بازي واري صحي وٺي آزاد ڪندا هئا پر مان اٺويهہ سالن جو هوندي بہ ڪڏهن اهڙن مطالبن تي صحي نہ ڪئي، اسان جي اندر اها ثابت قدمي هن جي ڏنل تعليم ڪري هئي. مهيش ڪمار وڏيڪ ٻڌايو تہ اڄ سنڌي صحافت هڪ مورچي وانگر ڪم پئي ڪري تہ ان جو بنياد

وجهندڙ بہ انور صاحب ۽ ٻيا سندس ساٿي صحافي هئا جن صحافت کي عوامي سياسي لاڙو ڏنو ۽ انهن جا شاگرد مختلف اخبارن ۾ اها جنگ وڙهي رهيا آهن.

عرس سيلرو جيڪو جيل ۾ ساڻس گڏ هيو پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو تہ:

انور جيل اندر واحد ماڻهو هو جيڪو غير تڪراري هو،سيني کي قابل قبول هو، هر سياسي ڪارڪن ان سان اچي ڪچهري ڪندو هو ۽ پنهنجائپ حاصل ڪندو هيو.انور جيل ۾ ڪڏهن پريشان نظر نہ آيو. جيل دوران انور ڪامريڊ چام جو ڪتاب فتح نيٺ عوام جي ٿيندي ايڊٽ ڪيو هو. عرس سيلري سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي تہ هن وڏيڪ تفصيل ڏيندي ٻڌايو تہ هن جي جيڪا صحافتي سرگرمي هئي سا جيل ۾ بہ جاري هئي، هو لاڪات سڪرنڊ، ميهڙ ۽ دادو جا جيڪي فوجين هٿان زخمي ٿيل قيدي هئا انهن کان انٽرويو وٺندو هيو ۽ انهن تي اسٽوري ٺاهي پريس ۾ موڪليندو هو. عام قيدين کان سواءِ ڦاسي گهاٽ جي قيدين کان بہ انٽرويو ڪندو هو. صبح جو اسٽڊي سرڪل هلائيندو هو جنهن ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي جا ڪارڪن ۽ ٽريڊ يونين جا مزدور هوندا هئا ۽ انور کي وطن دوست انقلابي پارٽي ۽ عوامي تحريڪ جا ڪارڪن بہ پنهنجي اسٽڊي سرڪل ۾ وٺي ويندا هئا.

مون کي ياد آهي جڏهن هو پنهنجو هڪ مضمون سکر جيل کيئن ٽٽو لکي رهيو هو تہ هن مون سان انڪشاف ڪيو تہ:

”سکر جيل ۾ مون تي قاتلاڻو حملو ٿيو هو پر هڪ ڪامريڊ دوست مون کي اڳوات اطلاع ڏئي اهڙي هنڌ لڪايو جو مان ڪين نظر نہ آيس. هن چيو مان اهي

تفصيل ڪڍهن لکندس.“

پر ڪيس لکڻ جو اهڙو موقعو نہ مليو.

1984ع ۾ سکر جيل ۾ وڏي پٽ زبير ڪيس جيل ۾ اطلاع ڏنو هو تہ ماڻهو ٿا چون توهان جو ڪيس وڏو آهي، توهان کي آزاد نہ ڪندا. ان ڳالهہ جي جواب ۾ بابا ڪيس جيل مان هڪ خط لکيو هو جنهن ۾ ڪيس سمهجهائي پيو تہ اهڙي ڪا ڳالهہ ناهي، هي مون کي گهڻو قيد ۾ نہ رکي سگهندا. ان وقت گهر جي حالت اها هئي تہ زبير ئي امان سان گهر سنڀاليندڙ هو. ٻيا سڀ ٻاء ٻيڻ ننڍا هئاسي. بابا خط ۾ لکيو هو تہ:

سنڌ جي ماڻهن ايم آر ڊي تحريڪ ۾ جيڪو رت ڏنو آهي ان جي بدلي سنڌ جي ماڻهن سان هاڻي گهٽيون زيادتيون بہ نہ ٿينديون. هاڻي زمانو گهڻو تبديل ٿي چڪو آهي. پر پوءِ بہ جي تنهنجي پيء کي حڪومت ايڏي اهميت ڏئي ٿي ۽ وي آئي پي قيدي ڪري هلائي ٿي تہ تون پنهنجي جيڏن سرتن ۾ اوچي ڳاٽ هلندين. ان ڪري گهٽ ۾ گهٽ توکي گهبرائڻ نہ گهرجي. ٿي سگهي ٿو تہ تنهنجي ماء اها ڳالهہ نہ سمجهي سگهندي هجي. پر پوءِ بہ تون هن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو رهہ. مون کي احساس آهي تو تي وڏو بار پئجي ويو آهي. گهر جو ڪم ڪار، ماڻهن جي گهبراهٽ، منهنجي اڻ ترڻ ۽ پنهنجي تعليم جو اونو وغيره. پر مون کي پڪ آهي تہ ان مرحلي مان گذرڻ کان پوءِ تون پاڻ کي ميچوئر تصور ڪندين. تون پنهنجي همر عمر ڇوڪرن کان وڌيڪ بالغ ٿي چڪو آهين. زندگي ۽ حالتن کي سمجهڻ جي سگهہ رکين ٿو ۽ جواني اٿئي. مان سمجهان ٿو تہ تڪليفن کان پوءِ سک ملڻ سان ماڻهو زندگي کي انجواء ڪندو آهي ۽ زندگي وٽ تنهنجي انجوائمنٽ لاءِ گهڻو ڪجهہ آهي.“

ڪميونسٽ پارٽي سان انورپيرزادي جي وابستگي واري دور تي ڪچهري ڪندي ناليواري ڪميونسٽ اڳواڻ امداد چانڊيو مون کي ٻڌايو تہ:

انور ڪميونسٽ پارٽي جو انٽيليڪچئل ريپريزينٽيٽو هوندو هيو. انور جو وڏي ۾ وڏو ڪم اهو هو تہ هن پارٽي جي سوچ کي سنڌ ڌرتي ۽ عوام جي مسئلن سان ڳنڍي سمجهايو. ان ۾ اجا بہ وڏيڪ اثر تڏهن ٿيو جڏهن هن ٻڌائي جي ترقي پسند، روشن خيالي ۽ انقلابي سوچ کي ڪميونسٽ سوچ سان جوڙيو. ان ۾ ڌرتي جا رنگ ۽ عوام جون امنگون شامل ڪيون. جنهن دور ۾ اسان سياست ۾ آيا سي تہ ڪامريڊ سوڀو عملي سياست ڇڏي چڪو هو ۽ سوڀي ۽ ڪميونسٽ پارٽي توڙي عوام ۾ هڪ خال پيدا ٿي چڪو هيو جنهن خال کي انور اچي ڀريو. انور جي ڪري سوڀو ٻيهر پارٽي سان لهہ وچڙ ۾ آيو ۽ اسان سميت ڪيترن ئي نوجوان سياستدانن جا سوڀي سان ملڻ جا در کلي ويا نہ تہ ان کان اڳ مخصوص ماڻهو ئي هن سان ملي سگهندا هئا. خود سوڀو ان ڏارا ۾ جڻ نئين سري شامل ٿي ويو. انور تمام ڪميٽيڊ ماڻهو هيو پارٽي جي رسالن سرخ پرچم ۽ هلچل لاءِ هو ادارن مان موڪل وٺي بہ ورڪ ڪندو هيو. امداد چانڊئي وڌيڪ چيو تہ جن ماڻهن منهنجي زندگي تي مثبت اثر ڇڏيا مان انور کي انهن ۾ شمار ڪندو آهيان. سندس شخصيت ۾ ايڏي ڪشش هوندي هئي جو اسان ان سان ملڻ جا بهانا ڳوليندا هئا سي. هو ڪچهري جي انداز ۾ ماڻهن سان ملندو هيو ۽ انهن جي سوچ بدلائي ڇڏيندو هيو. هن کي ڳالهائڻ جو آرٽ تہ هيو پر هن وٽ مواد بہ تمام گهڻو هوندو هيو. هن ۾ ليڊر هجڻ واريون سڀ خوبيون هيون پر هو ٿنڪ ٽئنڪ وارو ڪم ڪندو هو، ڪيس گهڻا ڪم ڪرڻا هوندا هئا، اسان حيران ٿيندا هئا سي تہ هڪ ئي وقت هي ماڻهو ايترن فرنٽس تي ڪيئن ٿو ڪم ڪري. هو سياست بہ ڪندو هيو، ادبي ڪم بہ ڪندو هيو، صحافت ۽ روزگار بہ هن جو معمول هوندو هيو. هو ڪميونسٽ پارٽي جي بہ ڪڏهن انڌي تقليد نہ ڪندو هيو چو تہ هو هڪ ريشنل ماڻهو هوندو هيو.هو رڳو فالو نہ ڪندو هيو پر

پاڻ رهنمائي بہ ڪندو هيو.جڏهن سوويت يونين ٽٽو تہ ان جو اثر ضرور مٿس ٿيو هوندو ۽ هو ان جي زوال تي پنهنجي دانشوراڻي راءِ بہ رکندو هيو. انور ۾ هڪ ڊائيورسٽي هئي، ان ڪري ئي انور جي دور جا آخري سال هڪ عالم جي سفر جا سال هئا. هو جاتي ويندو هيو اتي بہ سندس سوچ ۾ پٽائي جون ڳالهيون ۽ فلسفا ساڻ هوندا هئا. هو هڪ گائيڊ هيو ان ڪري ڪميونسٽ هجن يا نيشنلسٽ هو سڀني کي گائيڊلائين ڏيندو رهندو هيو پر هن کي قومپرست چوڻ صحيح ناهي چو تہ انور جي سوچ انهن نظرين کان گهڻي مٿاهين هئي. انور انهن وقتن ۾ ثابت قدم رهيو جڏهن حالتون تمام گهڻيون ڏکيون هيون ان ڪري ئي ضيا جي دور ۾ جيل بہ ويو هو.

ڪميونسٽ پارٽي ۾ انور جو بنيادي ڪم ڪهڙو هيو ان بابت سندس ڪامريڊ ساٿي شبير شر ٻڌايو تہ: انور پارٽي جي آئيڊيالاجيڪل، پبليڪيشن ۽ ادبي فرنٽ (سنڌي ادبي سنگت) جو اڳواڻ هوندو هيو. پبليڪيشن فرنٽ سڄي دنيا جي پارٽين جو اهم فرنٽ هوندو آهي. سوويت يونين ۾ بہ ڪميونسٽ نظرئي کي پبليڪيشن فرنٽ تان ئي پکيڙيو ويندو هيو. پارٽي اهو فرنٽ هن جي حوالي ان ڪري ڪيو هيو جو هو ٻولي جو ماهر ۽ وڏي مطالعي وارو شخص هو. پبليڪيشن فرنٽ تان هو صرف مضمون ۽ خبرون شايع نہ ڪندو هيو پر سڀني کي پارٽي لائين ڏيندو هيو تہ هاري، مزدور ۽ شاگردن جي فرنٽس تان ڪهڙا ڪم ڪرڻا آهن.

انور سرخ پرچم لاءِ ڪم ڪندو هيو. هڪ ڀيري امام علي نازش کيس رسالي لاءِ تجويزون ڏئي رهيو هو، انور کيس ڳالهہ پوري ڪرڻ ڏني چو تہ ان ۾ ابهرائپ نہ هوندي هئي، اڳين ماڻهو جي سڄي ڳالهہ ٻڌندو هيو. جڏهن امام علي نازش ڳالهائي بس ڪئي تہ پوءِ انور کيس تجويزون ڏنيون جن کي ٻڌي نازش پنهنجي صلاحن تان هٿ کڻي ويو. انور کيس چيو تہ اسان ماڻهن کان فيڊ بيڪ نہ ٿا وٺي سگهون ۽ ڪين ساڃيون ساڃيون شيون پيا پڙهايون سو هاڻِ مان نوان ليکڪ ۽ نوان سلسلا آڻيندس جيئن ماڻهن کي نواڻ ملي. سو هن بدر ابڙي، تاج

بلوچ، اسلم آزاد سميت ڪيترن ئي ليکڪن کان فرضي نالن سان لکرايو ۽ سرخ پرچم جي سرڪيوليشن ٻن هزان مان پنج هزارن تائين پهچي وئي هئي. سرخ پرچم کان سوا هلچل ۽ طلوع رسالي ۾ بہ انور جو ڪم نمايان هيو.

انور پيرزادو ڪميونسٽ پارٽي جي ماڻهن سان ويجهو رهيو ۽ انهن ۾ اڳتي هلي هن کي هڪ سطحي پڻو، خودغرضي ۽ ڪرپٽ ذهنيت نظر آئي جنهن ڪري هن جي ڪميونسٽ پارٽي کان دوري ٿي. جڏهن انور ابڙي پنهنجي گهر انور پيرزادي جي ستونجهائين سالگرهہ ملهائڻ جو پروگرام ٺاهيو هو، اتي ڪيترا ئي اديب گڏ ٿيا هئا. انور پيرزادي پنهنجي زندگي جي اهم تقرير ڪندي ان موقعي تي چيو تہ ڪميونسٽ پارٽي کان منهنجي دوري ان ڪري ٿي جو مون کي ڪميونزم جي راهہ ڏيکايندڙ سوڀو هيو ۽ جڏهن بہ مان ڪراچي ايندو هيس تہ امام علي نازش ٺوڪ واري انداز ۾ پڇندو هيو تہ همارا بدبيرا ڪامريڊ ڪيسا هي. مون کي اهو رويو صفا نہ وڻندو هيو ۽ آخرڪار انهن کان منهنجو تعلق ختم ٿيو.

جڏهن بابا جي اِها ڳالهہ مون تازو ڊاڪٽر تنوير شيخ کي ٻڌائي تہ هن متفق ٿيندي چيو تہ بلڪل انهن ڪميونسٽن ۾ اِهو Superiority Complex هوندو هيو ۽ سنڌين سان رويو تعصب وارو هيو جيڪو غلط هو.

ان ساڳي سالگرهہ جي موقعي تي انور صاحب هڪ بيحد اهم ڳالهہ ڪئي هئي تہ مان پنهنجي اندر ۾ جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي کان وٺي اج تائين ڪا ڊسڪنٽينئوٽي نہ محسوس ڪئي آهي. اها تمام اهم ڳالهہ آهي جنهن مان اهو ٿو ثابت ٿئي تہ هو ڪميونسٽ پارٽي کان پري ٿيو هو پر انقلابي سوچ کان پري نہ ٿيو هو. ان ئي تقرير ۾ هن جام ساقي ۽ سوڀي کي ڏاڍي پيار مان ساريو هيو ۽ چيو هو تہ

”مان زندگي ۾ جام جهڙو فائيٽر ناهي ڏٺو ان جي جاء
تي ڪير ٻيو هجي هان تہ ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃي هان.“

هن وڌيڪ چيو تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مان هاٽي بہ ڄام جي تمام گهڻي عزت ڪندو آهيان
باقي هاٽي هو ٻس ايبل آهي تہ ان تي ڪهڙي ميار.“

هو ڪڇهرين ۾ ڪميونسٽ پارٽي جي ليڊرن لاءِ چوندو هيو تہ انهن جي زالن جي سينڊل مان هيرا نڪتا پر هن ڪڏهن بہ سوڀي گيانچنداڻي، ڄام ساقي ۽ نظير عباسي جي شڪايت نہ ڪئي. هو آخر تائين انهن جو عزت ڪندو هيو. هن جي زندگي جي آخري تقرير نظير عباسي جي ورسي ۽ حميده گهانگهرو جي ڪتاب پيڙا جو سفر جي مهورت واري هئي، جيڪڏهن هو ڪميونزم واري سوچ جي خلاف هجي هان تہ ان جلسي ۾ نہ وڃي هان. ان تقريب ۾ بہ هو ڄام ساقي سان گڏ ويٺو هيو. تقرير ڪندي چيائين تہ:

”اوهان نظير عباسي جي بهادري کي جيڪڏهن
سمجهڻ چاهيو ٿا تہ ان جي بهادري جو اهو ڪمال
آهي جو ڪمال وارٿي زندهہ آهي، ان جي بهادري جو
اهو ڪمال آهي جو ڪامريڊ ڄام زندهہ آهي. اسان
کي نظير کي ٽربيوٽ ڏيڻو آهي تہ انقلاب جي جديد
طريقن کي ايڪسپلور ڪرڻو پوندو. هن چيو هو تہ
جديد دنيا ۾ انٽرنيٽ انقلاب جو مورچو ثابت ٿيندي
۽ اها بہ اهم ڳالهہ ڪئي تہ انٽرنيٽ جي موجودگي ۾
اسان سنڌين کي هٿيار کڻڻ جي ضرورت ناهي.“

انهن سيني ڳالهين مان اها خبر ٿي پوي تہ هو پنهنجي فڪر ۾ آخري وقت تائين انقلابي سوچ رکندڙ هيو. سوويت يونين ۽ پارٽي جي ٽٽڻ، ڪميونسٽن جو سطحي پڻو ڏسڻ کان پوءِ هو سياسي پليٽفارم تي اڳ وانگر سرگرم نہ رهيو.

نوي واري ڏهاڪي ۾ هو چوندو هو تہ ڪميونزم وارو نظريو سنڌ ۾ ڪارل مارڪس کان گهڻو اڳ ۾ موجود هيو. پيرس ڪميون کان 154 ورهيہ اڳ جهوڪ ۾ شاهہ عنايت شهيد جو کيڙي سو کائي جو نظريو ڏنو هو.

شاهہ عنايت شهيد تي انگريزي ۾ ڪتاب لکڻ جو ارادو رکندو

هيو ۽ چوندو هيو تہ فلاسافيڪل حوالي سان ٻئي تحريڪون هڪجهڙيون هيون. ڪتاب انٽريو ۽ تقريرون ۾ هڪ سوال جي جواب ۾ چئي ٿو تہ:

”اسان جي بدقسمتي اها آهي جو اسان تاريخ جي ان تمام وڏي واقعي کي دنيا سان روشناس نہ ڪرايو، دنيا کي ان کان واقف نہ ڪيو، اسان ان کي دنيا جي وڏين ٻولين ۾ ترجمو ڪري نہ موڪليوسين جو دنيا کي جهوڪ ڪميون متعلق خبر پيوي هان.“

اهي ڳالهيون هو ان ڪري سمجهائڻ پيو چاهي تہ اسان تاريخ جو مطالعو ڪيون ۽ مهين جي دڙي واري سنڌو تهذيب کي دريافت ڪيون تہ اسان کي خبر پوندي تہ اهي نظريا اسان وٽ اڳ ئي موجود هيا. هو چوندو هيو مهين جي دڙي ۾ جيڪو بہ ماڻهو ايندو هيو ان کي گهرناهڻ لاءِ سرون ۽ سون جا سڪا ڏنا ويندا هيا. اهو هڪ مڪمل سوشلسٽ نظام هيو. سو سنڌ جي تاريخ کي ڪميونزم سان جوڙڻ هن جي اينٽي ڪميونسٽ سوچ کي ثابت نہ ٿو ڪري. هن جي تصور جي سنڌ مهين جي دڙي واري سنڌو تهذيب هئي ۽ هو دنيا کي ان تهذيب جهڙو ڏسڻ چاهيندو هو ان ڪري ئي چوندو هو تہ:

”منهنجو وس پڄي تہ سڄي دنيا کي سنڌ ٺاهي ڇڏيان.“

جڏهن اسان جي دوست اياز جاني کي ڪچهري ۾ بابا ڪميونسٽ پارٽي وارن جي ڪرپشن جون ڪهاڻيون ٻڌائيندو هيو ۽ جذبات ۾ اچي ڳاڙهو ٿي ويندو هيو تہ آخر ۾ جاني کيس چوندو هيو تہ مان پوءِ بہ توهان کي ڪامريڊ ئي چوندس ڇو تہ مون وٽ لفظ ڪامريڊ جو مفهوم ڇٽو آهي ۽ بابا مرڪي پوندو هيو. جاني سدائين کيس ڪامريڊ چئي مخاطب ٿيندو هيو.

انور پيرزادو چوندو هيو اسان دنيا کي ان ڪري سنوارڻ ٿا چاهيون جو اڳ ۾ اسان جي سنڌ سکي ٿي، منهنجي دنيا سنڌ کان شروع ٿيندي، پڻائي بہ سنڌ کي اڳ ۾ رکي پوءِ عالم کي آباد ڪرڻ جي

ڳالهه ڪئي آهي.

هو سنڌ جي ڳالهه ڪندو هو ان ڪري قومپرست بہ ڪيس ايترو ئي پنهنجو ٿا سمجهن جيترو ڪميونسٽ. منير شاهہ ڪچهري ڪندي چيو تہ هو ڪميونسٽن ۾ پهريون نمبر قومپرست هوندو هو. بابا جو دوست ڪيلاش ڪچهري ۾ چيو سوويت يونين ٽٽو تہ انور بہ ڇڙ ڪنهن جيل مان آزاد ٿي ويو، هن جو ڪينواس اجا وڏي ويو.

جيڪو بہ ماڻهو سنڌ جي حق جي ڳالهہ ڪندو هو، بابا ان سان جڙي ويندو هو.

هو جي ايم سيد کي سنڌ جي سياست جي وڏي شخصيت مڃيندو هو. هڪ هنڌ لکي ٿو تہ جيئن شاعري ۾ ٻيو ڀٽائي پيدا نہ ٿيندو تيئن سنڌ جي سياست، جي ايم سيد جهڙو سياستدان شايد ئي پيدا ڪري سگهي. بابا قومپرست سياست تي تنقيد بہ ڪندو هيو. هڪ انٽرويو ۾ چوي ٿو تہ:

> سائين جي ايم سيد 1947ع ۾ پنهنجي ناهيل پاڪستان کان سنڌين کي باغي ڀٽائي وڌو، جنهن ڪري اسلام آباد، مهاجرن تي هٿ رکيو. هنن کي ڪراچي شهر پنڊي تي ماني جيان رکي ڏنو ويو. سنڌين کي غدار سمجهيو ويو. قومپرست سياست سنڌ کي اڄ تائين اهو ڪجهہ نہ ڏنو آهي جيڪو سنڌ جي جاگرافي ڏنو آهي. سنڌو درياهہ، ساموندي ڪنارو، ٿر جو ڪوئلو ۽ زراعت وغيره شاهد آهن. سنڌ ۾ ڪا سياست نہ ٿئي هان، تڏهن بہ پاڪستان ۾ سنڌ جي حيثيت اهم هجي ها.

هن جي سنڌ سان محبت انڌي عقيدت واري نہ هئي. هو سنڌ جو عاشق هو ان ڪري سنڌي ماڻهو هن جي ڪيل تنقيد تي ارها نہ ٿيندا هئا. هو سنڌي قومپرستن تي بہ تنقيد ڪندو هو تہ:

> خدا ڪري توهان جا سڀ خواب ساپيان ٿين پر جيستائين سنڌو ديش آزاد نہ ٿيندو ڇا اوهان

تيستائين ڪا نم جي چڪي بہ نہ پوکيندئو؟.

هو سنڌ جي حقن جي ڳالهہ ڪندو هو ان ڪري قومپرست کيس پنهنجو همدرد سمجهندا هئا. هن جي سوچ هر قسم جي استحصال کان پاڪ هئي ان ڪري ڪميونسٽ آخر تائين هن جا شيدائي رهيا.

رئوف نظاماڻي پنهنجي مضمون انورپيرزادو سنڌ ۾ ادبي تحريڪ ۾ لکي ٿو تہ:

> زندگي جي پوئين سالن ۾ انور سان ڳالهائڻ مهل اهو محسوس ٿيندو هو تہ سياسي ۽ فڪري لحاظ کان سندس لاڙو قومپرستي ڏانهن وڌيڪ هيو، پر ڪميونسٽ پارٽي ۾ غير سرگرم ٿيڻ کان پوءِ هو باقاعدي ڪنهن قومپرست سياسي جماعت سان لاڳاپيل نہ هو. منهنجي خيال ۾ سنڌ متعلق سندس جيڪو ويزن هو، ان ۾ قومپرستي واري تنگ نظري سمائجي نہ پئي سگهي. انور جي لاءِ قوم پرست کان وڌيڪ محب وطن جو اصطلاح استعمال ڪيو وڃي تہ وڌيڪ مناسب ٿيندو.

انور پيرزادي ڀٽائي جي رسالي ۾ انسان جي ڪائنات ۾ رهڻ واري مڪمل فلاسافي ڳولي ورتي هئي. هو چوندو هو

> شاهہ جي رسالي ۾ اوهان کي هڪ بيت بہ اهڙو نہ ملندو جيڪو فلسفي جي نقطہ نگاهہ کان جمهوريت، نيشنلزم يا ڪميونزم سا ٽڪراءِ ۾ ايندو هجي. اڄ تائين ڪو بہ اهڙو فلسفي ناهي آيو جنهن انسان کي ڀٽائي جيتري اهميت ڏني هجي.

هو وڌيڪ سمجهائيندي چوي ٿو تہ دنيا کي تبديل ڪرڻ جو فلاسافيڪل خاڪو اوهان کي رسالي مان ملي ويندو جنهن جا وقتي خال اوهان کي پاڻ پرڻا پوندا.

هڪ انٽرويو ۾ چوي ٿو تہ:

> سنڌي قوم جي وجود جي بقا ڀٽائي جي نظريي ۽

شاهہ عنايت واري واٽ ۾ آهي. سنڌ جي نئين نسل
کي ايڪويهين صدي ۾ داخل ٿيندي سڄي دنيا جي
سياسي نظرين جو ڳوڙهو اڀياس ڪري پنهنجي لاءِ
هڪ اهڙو جديد نظريو جوڙڻو پوندو جنهن جو محور
پٿائي جو پيغام هجي. سوشلزم واري نظرئي جي
باني جو چوڻ آهي تہ هر رياست ۾ انقلاب اتي جي
مخصوص حالتن جي روشني ۾ ايندو، ان ڪري
منهنجو ذاتي خيال آهي تہ سنڌ ۾ انقلاب جي
مخصوصيت پٿائي جو فلسفو ئي ٿي سگهي ٿو.

ان ڪري هو پٿائي جي پيرن تي هليو ۽ حسن مجتبي چواڻي پٿائيسٽ ٿي ويو. انور ابڙي پنهنجي مضمون ۾ لکيو تہ:

انور صاحب جي عشق جا واضح رستا هئا پر جڏهن
هن پٿائي کي ڳولي لڌو تہ پو هن کي ڪنهن ٻئي
فڪر جي گهٽي ضرورت محسوس نہ ٿي هئي.

انور پيرزادي کي سنڌ تڏهن سمجهندي جڏهن پٿائي کي سمجهندي، هو پٿائي کي سمجهي چڪو هو.

# سنڌي ادبي سنگت سان وابستگي
# ۽ اڳواٽيءَ وارو پاسو

انور پيرزادي هڪ انٽرويو ڏيندي ادبي سنگت سان پنهنجي تعلق تي ڳالهائيندي چيو هو تہ:

> مون زندگي ۾ جيڪو بہ ڪم ڪيو آهي سو عشق سان ڪيو آهي، سنگت کي بہ مون پاڻ ايئن ارپيو هو. سنگت سان عشق هاڻي بہ آهي ۽ عهدي سان عشق نہ اڳي هو ۽ نہ هاڻي آهي.

سو انور پيرزادي جي سنگت سان وابستگي بہ سندس عشق جي هڪ ڪهاڻي آهي. ڪورٽ مارشل ٿيڻ کان پوءِ ستر جي ڏهاڪي ۾ هو ڪراچي ادبي سنگت ۾ شامل ٿيو. پنجهتر ۾ تاج بلوچ ڪراچي ادبي سنگت جو سيڪريٽري ۽ انور پيرزادو جوائنٽ سيڪريٽري هيو.

سنگت جي مرڪز جون چونڊون ڪيترن سالن کان نہ ٿيون هيون. انور پيرزادي پنهجي ڪتاب انٽرويو ۽ تقريرون ۾ ٻڌايو هيو تہ ڪامريڊ جام ساقي هڪ ميٽنگ جنهن ۾ شمشير الحيدري، تاج بلوچ ۽ مان موجود هئاسين. ان وقت تاج بلوچ ڪراچي جو سيڪريٽري ۽ مرڪز جو جوائنٽ سيڪريٽري هيو. ڪامريڊ چيو سنڌي ادبي سنگت کي ٻيهر بحال ڪجي، مرڪز کي متحرڪ ڪجي، شمشير ۽ تاج بلوچ چيو اهو ممڪن ناهي هاڻي اينٽي ون يونٽ دور ختم ٿي ويو آهي سو ماڻهن کي ڳنڍڻ ممڪن ناهي. جام ساقي مون کان پڇيو، انور تون ٻڌاءِ، مان چيو سائين بلڪل ٿي ويندو. انور پيرزادي پاڻ چيو تہ اهو بلڪل ٻاڳلپڻي وارو جواب هو پر مان ان ڪري ايئن چيو تہ هڪ شيءَ ڪرڻي آهي تہ ڪري وجهندا سي. تاج کي چيم تہ ڪراچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنگت منهنجي حوالي ڪري مرڪز کي به مان ڏسان ٿو.

تاج بلوچ ان کان پوءِ انور پيرزادي کي سنگت جي چارج حوالي ڪئي. ثريا مخدوم ان ئي موضوع تي لکيل مقالي ۾ لکي ٿي ته انور انهتر ۾ سنڌي ادبي سنگت ڪراچي شاخ جو سيڪريٽري مقرر ٿيو. ان وقت هدايت منگي جوائنٽ سيڪريٽري، خزانچي ستار پيرزادو جڏهن ته ڪاروباري ڪميٽي ۾ تاج بلوچ، فقير محمد لاشاري، بدر ابڙو ۽ بيدل مسرور شامل هوندا هئا.

انور پيرزادو هڪ سال سنگت ڪراچي جو سيڪريٽري رهيو. ان عرصي ۾ هن سنگت ۾ ماهوار پروگرام ڪرڻ جو بنياد وڌو هو. هو ٻڌائيندو هيو ته ٻارهن مهينن ۾ اسان ٻارنهن پروگرام ڪرايا هئا جن ۾ هڪ پروگرام ماڻڪ سان ملهايل شام وارو پروگرام هيو جنهن ۾ ڪيترائي لکت ۾ مقالا پڙهيا ويا هئا. ڪاش اهي مقالا هٿيڪا هجن هان ڇو ته ماڻڪ تي اسان وٽ تمام گهٽ مواد آهي.اهڙي طرح سحر امداد ۽ امداد حسيني، سلطانه وقاصي ۽ نورالدين سرڪي سان پڻ شامون ان ئي دور ۾ ملهايون ويون.

ادل سومرو هڪ مضمون ۾ لکي ٿو ته:

> انور ان دور ۾ اهم مذاڪرا ڪرايا هئا جن ۾ سنڌي ترقي پسند ڪهاڻي ۽ پٺائي ۽ مذهبي ڪٽر پڻو اهم مذاڪرا هئا.

انور پيرزادي پوءِ پنهنجي ساٿين سان گڏ سڄي سنڌ ۾ تحريڪ هلائي. سندس ساٿي ثريا مخدوم، هدايت منگي ۽ بدر ابڙوان زماني ۾ متحرڪ هئا. شاهه محمد پنهنجي ڪتاب پورائي جا پال ۾ لکي ٿو ته:

> ان زماني ۾ انور پيرزادي هلال پاڪستان جي دوستن کي به سنگت لاءِ اتساهيو ۽ هلال پاڪستان ۾ سنگت کي نمايان ڪوريج ملندي رهي.

محمد علي پٺاڻ ٻڌائي ٿو سنگت کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ انور سنڌ جي مختلف شهرن جا دورا ڪيا، اتي جي اديبن سان مليو ۽ ڪين يونٽ بحال ڪرڻ تي راضي ڪيو. ان تحريڪ دوران رشيد ڀٽي

سنگت طرفان لکيل خط جي جواب ۾ ثريا مخدوم لاءِ گارين وارا لفظ استعمال ڪيا. اسان جي سماج ۾ هونئن بہ عورت سافٽ ٽارگيٽ رهي آهي. ثريا صاحبہ ٻڌائي ٿي تہ ان وقت اسان جا ويجها دوست بہ منهنجو ساٿ ڇڏي ويا بس هڪڙو انور هيو جنهن منهنجو ساٿ ڏنو هو.

سنگت جي بحالي لاءِ اها جدوجهد نيٺ سال ٽياسي ۾ مرڪزي چونڊون ڪرائڻ ۾ ڪامياب وئي. انور پيرزادو پارٽ سيڪريٽري جي عهدي تي بيٺو ۽ هو هڪ انٽرويو ۾ چئي ٿو تہ:

> منهنجي خلاف جيئي سنڌ، پليجي ۽ ٻين قومپرست پارٽين گڏيل محاظ جوڙيو ۽ هڪڙا اهڙا ووٽر اچڻ لڳا جيڪي ووٽ ڏيڻ لاءِ صحي ڪرڻ لاءِ جهڪن پيا تہ ور ۾ روالور پيو نظر اچي، جنهن تي رشيد ڀٽي کين چوي پيو تہ اڙي اهو روالور تہ ڍڪيو، اهڙا ووٽر بہ هئا جيڪي سنڌي لکي نہ پيا سگهن ۽ علي نواز الف انب سان پيا لکن. اهڙي صورتحال ڏسي رشيد ڀٽي مون کي چڙي چيو انور اجا ڏسين ٿو بائيڪاٽ نہ ٿو ڪرين، جنهن تي مون ڪيس چيو سائين مان ڪيئن بائيڪاٽ ڪيان مان تہ هي سڄي تحريڪ ئي سنگت جي جمهوري بحالي لاءِ ڪئي هئي.

هو ٻڌائي ٿو تہ اهڙن ڪوڙن ووٽرن جي ووٽن کان پوءِ بہ هنن صرف چوويهہ ووٽ مون کان وڌيڪ ڪنيا. تاج جوئي کي اليڪشن ڪٽڻ جي سيني کان پهرين مبارڪ مان پاڻ ڏني ۽ چيو اسان کي نتيجا قبول آهن. اوهان سنگت کي سنڀاليو ۽ مون سنگت جي سڄي چارج ان جي حوالي ڪئي.

اليڪشن کان پوءِ بہ سندس سنگت سان تعلق جاري رهيو ۽ هو ڪيترائي سال ڪراچي شاخ جي ڪاروباري ڪميٽي جو ميمبر رهيو جيڪو گهٽ ڪري اسي واري ڏهاڪي جي آخر تائين هيو.

سنڌي ادبي سنگت ۾ انور پيرزادي جي ڪيل تنقيد ٻين اديبن خاص ڪري نوجوان اديبن لاءِ اتساهہ هوندي هئي. سنڌ جي

خوبصورت شاعر اياز گل مون کي ٻڌايو هيو تہ جڏهن هو پهريون پيرو سنڌي ادبي سنگت ڪراچي جي گڏجاڻي ۾ ويو هو تہ ان تي تمام سخت ٽيڪا ٽپڻي ٿي هئي، هن چيو،ان وقت رڳو هڪ انور هيو جنهن تعريف ڪري منهنجي همت افزائي ڪئي هئي.

منير شاهہ ٻڌايو تہ هڪ ڀيري مان انور سان ڪراچي سنگت ويس، اتي حسن مجتبي پنهنجو نظم لو 88 پڙهيو جنهن تي اڇي نقادن وٺ وٺان ڪئي، سياسي نظرين جي فٽ پٽين سان نظم مان اوٽايون ڪيڻ لڳا. انور چيو شاعري جي پرک جو بنياد اسان جا نظريا نہ پر شاعري هجڻ گهرجي، هي نظم هڪ خوبصورت تخليق آهي. گڏجاڻي ختم ٿي تہ فقير لاشاري چيس انور اڄ صفا ٻي انداز ۾ پيو ڳالهيائن، انور کلي چيس اڄ صحيح انداز هو.

بابا لاءِ اهو بہ مشهور هوندو هو تہ هو پنهنجي لکيل تخليق تي ٿيندڙ تنقيد جي گهٽي وضاحت نہ ڪندو هو، پاڻ کي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪندو هو. باقي ڪنهن ٻي سان ٿيندڙ ناانصافي، غلط ڳالهہ تي جارهاڻي انداز سان ڳالهائيندو هو.

سنڌي ادبي سنگت سان وابستگي دوران انور پيرزادي انجمن ترقي پسند مصنفين جي پنجاهہ سالن واري جشن ۾ سنگت جي نمائندگي ڪندي ڀرپور حصو ورتو هو. انجمن ترقي پسند مصنفين وارن ان جشن ۾ چاهيو پئي تہ ڪراچي ۾ جيڪي ٻيون ترقي پسند سوچ سان سلهاڙيل تنظيمون آهن انهن جي بہ نمائندگي هجي. ان لاءِ هنن ڪراچي ۾ انور پيرزادي ۽ فقير محمد لاشاري سان رابطو ڪيو. فقير محمد لاشاري ان وقت سنگت جو سيڪريٽري هيو. ان گولڊن جوبلي ڪانفرنس کان پوءِ طلوع افڪار رسالي وارن ان جو نمبر شايع ڪيو هو جنهن ۾ ان ڪانفرنس جا تفصيل ۽ تصويرون ڏنيون ويون آهن، جنهن ۾ خاص ڪري مسلم شميم ان گولڊن جوبلي ڪانفرنس جي تفصيلي رپورٽ لکي آهي. ان رپورٽ ۾ انور پيرزادي جي سرگرمي واضح طور نظر اچي ٿي.

ان رپورٽ مطابق آرگنائيزرس لاءِ پهريون مرحلو مختلف

تنظيمن جو مينڊيٽ حاصل ڪرڻ هيو. ان حوالي سان انهن انور پيرزادي کي چيو ته اسان کي مرڪز ۾ سنڌ جي اديبن جو مينڊيٽ وٺي ڏيڻ ۾ اوهان مدد ڪيو. مسلم شميم پنهنجي رپورٽ ۾ لکي ٿو ته اسان جي پروگرام جي حوالي سان انور سنڌ جي اديبن سان ملي هڪ ماحول ٺاهيو ۽ پوءِ اسان جو وفد جنهن ۾ مسلم شميم، راحت سعيد ۽ ڪجهه ٻيا دوست هئا اهي به سنڌ جي اديبن سان مليا جن ۾ شيخ اياز، تنوير عباسي، ابراهيم جويو، سوڀو گيانچنداڻي، شمشير الحيدري، تاج بلوچ وغيره شامل هئا. مسلم شميم لکيو ته شيخ اياز ۽ تنوير اسان جي آجيان ڪئي ۽ ڪانفرنس جي حمايت ڪئي. ان کان پوءِ مرڪزي سنگت جو مينڊيٽ اچا باقي هيو.ان سلسلي ۾ انور پيرزادي سنڌي ادبي سنگت جي ڪنهن پروگرام ۾ اسان کي حيدرآباد گهرايو، جتي ان حوالي سان ئي گفتگو ٿي رهي هئي ۽ ڪجهه اديبن ڪانفرنس جي حوالي سان اختلاف به رکيا. مون کي چڱي طرح ياد آهي ته اتي انور پيرزادي ڪانفرنس جي حوالي سان ايڏي ته جامع، دليلن سان ڀرپور تقرير ڪئي جو سڄي سنگت اسان جي ڪانفرنس جي حمايت ۽ شرڪت لاءِ راضي ٿي وئي. ان اجلاس مان اسان کي سنگت جو مينڊيٽ ڏيارڻ انور جو نه وسارڻ جهڙو ڪارنامو هيو.

انور پيرزادو ۽ فقير محمد لاشاري ان ڪانفرنس جي آرگنائيزنگ ڪميٽي جا ميمبرز هئا، ان ڪميٽي ۾ احمد سليم، نظير لغاري، سبط حسن، زاهده حنا، بابر اياز، مسلم شميم ۽ ٻيا ترقي پسند اديب شامل هئا. ان ڪميٽي کان علاوه به مختلف ڪميٽيون هيون جن ۾ انور پيرزادو شامل هيو. سڄي سنڌ جي ادبي سنگت ان ڪانفرنس ۾ حصو ورتو. مارشل لا نالي ماتر ختم ٿي هئي سو ان ڪانفرنس جي اهم ڳالهه سوڀي گيانچنداڻي جي افتتاحي اجلاس ۾ صدارت هئي جنهن جي تصوير ٻي ڏينهن تي ڊان جي فرنٽ پيج تي شايع ٿي هئي.ان ڪانفرنس ۾ سنڌي زبان ۽ ٻين زبانن جا مسئلا ۽ ادب بحث هيٺ رهيا. انور پيرزادي ان ڪانفرنس جي مختلف زبانن جي مشاعري ۾ شاعري به پڙهي هئي ۽ هو مختلف سيشنز جو ماڊريٽر هيو.

اسان گهڻو اڳتي هلي ڪراچي ۾ ڪي ايل ايف ڏسي حيران ٿيا هئا سي پرسال ڇهاسي ۾ ملهايل هيءَ گولڊن جوبلي ڪانفرنس بہ هڪ وڏو ادبي ميلو هيو ۽ ان زماني ۾ ايڏا وسيلا بہ نہ هئا پر هن ڪانفرنس لاءِ ڪراچي جو ميٽروپول هوٽل بڪ ڪرايو ويو، ڊيليگيٽس کي ان ۾ رهايو ويو، پريس ڪلب ۾ افتتاح ٿيو ۽ ان ڪانفرنس ۾ اسلم اظهر دستڪ جي پليٽفارم تان گيليليو ڊرامو بہ پيش ڪيو هو جيڪو گهڻو مقبول ٿيو هو. ان ڪانفرنس جو افتتاح وائسز گروپ وارن شيخ اياز جو مشهور ڪلام ميري ديده ورو ميري دانشورو ڳائي ڪيو هو. مختلف اجلاسن ۾ سنڌي اديبن جي نمائندگي هئي جنهن ۾ ڪامريڊ سوڀو، شمشير الحيدري، ابراهيم جويو، تاج جويو، انور پيرزادو ۽ ٻيا شامل هئا. انور پيرزادي سان نوجوان جڙيل هوندا هئا خاص ڪري انور جي پٽ زبير ۽ پائٽئي شاهہ محمد ان ڪانفرنس ۾ والنٽيئر ٿي سرگرم ڪردار نڀايو هيو.

ملڪ پيرزادي ٻڌائي ٿي ان ڪانفرنس ۾ افساني جي ويهڪ جو ميزبان ڪاڪو انور هيو ان ڪري مان اٽينڊ ڪرڻ وئي هيس. اتي ڪشور ناهيد ڪاڪي انور کي چيو اڄ عورتن جو عالمي ڏينهن آهي توهان جون سنڌي شاعرائون ڪاٿي آهن، اتي ڪاڪي انور مون کي ۽ پشپا ولڀ کي چيو تہ پنهنجا نظم اردو ترجمي سان پڙهو. اها ڳالهہ مسلم شميم بہ لکي تہ سنڌي شاعرائن اتي شاعري پڙهي. ڪتاب استوپا سنڌو ۾ چند ۾ انور پيرزادي لکيو تہ جڏهن گولڊن جوبلي ڪانفرنس ۾ ملڪ اتي بيل گاڏي وارو نظم پڙهيو تہ ڪشور ناهيد چيو هيءَ شاعره هن ڪانفرنس جي دريافت آهي.

بابا ان کان پوءِ بہ ادبي سنگت جي پروگرامن ۾ شرڪت ڪندو رهيو. نوي جي ڏهاڪي ۾ مرڪز جي چونڊن ۾ انور پيرزادو ۽ بدر ابڙو اليڪشن ڪمشنر طور فرض نڀايا ۽ اهي چونڊون انهن جي نگراني ۾ ٿيون هيون.

سنڌي ادبي سنگت جي دستوري گڏجاڻين ان وقت جي اديبن جي هڪ ذهني تربيت بہ ڪئي ۽ جيڪي بحث ٿيندا هئا ان ۾ اهم

ڳالهه اها هوندي هئي تہ اسان جيڪا ڳالهه صحيح ٿا سمجهون ۾ ادبي ۽ سياسي لحاظ کان ان تي متفق آهيون اها ڳالهه جيستائين پنهنجي ذاتي زندگي تي لاڳو نہ ٿا ڪيون تيستائين ان جو ڪو فائدو ناهي ۽ جيستائين اسان ائين نہ ڪندا سي اسان ادب توڙي پنهنجي ذات سان سچا بہ نہ هوندا سي. بدر ابڙي مون کي ٻڌايو تہ "ان زماني ۾ اسان هڪٻئي جي ذاتي زندگي ۽ روين تي بہ چيڪ رکندا هئا سي تہ ڪٿي ڪو راهہ تان ٿڙي تہ نہ ٿو ۽ ان احتساب مان فقير محمد لاشاري، بيدل مسرور ٻيا دوست ۽ خود انور بہ گذرندو هيو." ائين ئي انهن جي اها بہ سوچيل سمجهيل راء هئي تہ ادبي راء ۾ اختلاف اسان جي ذاتي تعلق تي اثر انداز نہ ٿيندا ان ڪري هو پنهنجي ادبي راء جارهاڻي انداز سان رکندا هئا اهو ئي سبب هو جو مختلف سياسي پارٽين جا ماڻهو بہ ادبي سنگت ۾ دوست ٿي گڏ گڏ رهندا هئا.

رئوف نظاماڻي پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو تہ:

> ان ڳالهه جي واضح هوندي بہ هڪ سياسي ڌر باقائدي رٿابندي سان جڙتو شاخون کولي سنگت تي قبضو ڪيو آهي، انور پاران ڪن دوستن جي ان راء کي سختي سان رد ڪيو ويو تہ هڪ ڌار سنگت ٺاهي وڃي. هو ڪنهن بہ صورت ۾ سنگت کي ورهائڻ جي حق ۾ نہ هو. منهنجي خيال ۾ اهائي روايت آهي جو سنگت ۾ وقت بوقت پيدا ٿيندڙ اختلافن جي نوعيت ڀلي ڪيتري بہ شديد ڇو نہ هجي ڪنهن ۾ اها همت نہ ٿي ٿئي جو هو سياسي يا انفرادي بنيادن تي ايئن سنگت کي ورهائڻ جي ڪوشش ڪري جيئن سياسي جماعتن جي معاملي ۾ ٿي رهيو آهي.

رئوف نظاماڻي اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ انور مرڪز سان ٽڪراء ۾ اچڻ يا ڇڪتاڻ جي خلاف هوندو هيو ان ڪري جڏهن ڪجهہ سنڌي اديبن جي اردو ٻولي ۾ لکڻ خلاف مرڪز بائيڪاٽ ڪيو ۽ ڪراچي سنگت ان کي غلط لکيو هو تہ انور ان جي مخالفت ڪئي هئي.

انور پيرزادي پنهنجي ڳوٺ ۾ پڻ ادبي سنگت جون عورتن ۽ مردن جون الڳ الڳ شاخون قائم ڪيون.

مان پنهنجي سانير ۾ بابا ڪي ڳوٺ ٻلهڙيجي ۾ سنگت جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندي ڏٺو ۽ گلشن حديد ۾ جڏهن اياز جاني سيڪريٽري هيو تہ هو اڪثر بابا ڪي پروگرامن ۾ گهرائيندو هيو.

انور پيرزادو پنهنجي ڏنل انٽرويوز ۾ ان ڳالهہ تي زور ڏيندي نظر ٿو اچي تہ سنڌي ادبي سنگت جيئن تہ هڪ ادبي تنظيم آهي ان ڪري ان ڪي سياسي نہ پر ادبي بنيادن تي هلائڻ گهرجي. هو لکي ٿو تہ:

> سنڌي ادبي سنگت جا فيصلا پردي پٺيان ويٺل ڪا سياسي تنظيم نہ ڪري پر سنگت جي ئي پليٽفارم تي ويهندڙ اديب ڪن.

هن ديري جي سنڌي ادبي سنگت جي دستوري گڏجاڻي جي صدارت ڪندي چيو هو تہ:

> مهين جي دڙي جي ٻولي سمجهڻ وارو ڪم ڪا سياسي پارٽي تہ ڪا نہ ڪندي اهو ڪم سنڌي ادبي سنگت کي ئي ڪرڻو آهي. هو وڏيڪ چوي ٿو تہ پٽائي کي انٽرنيٽ تي موڪلڻ سنگت کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙي اداري جي ذميواري آهي.

انور پيرزادي کان هڪ اخبار جڏهن امر جليل جي ان آئيڊيا تي راءِ ورتي تہ چا ادبي سنگت کي هاڻي اين جي او جي بنياد تي هلائڻجي تہ پاڻ ان ڳالهہ جي حمايت ڪندي چوي ٿو تہ:

> هاڻ ماضي جي خول مان ٻاهر نڪرڻو پوندو، سنگت کي يونيسڪو ۽ ٻين عالمي ادارن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ گهرجي، سنگت کي دنيا جي وڏين ادبي تنظيمن ۽ ادارن سان رابطا وڌائڻ گهرجن، انهن سان سهڪار ڪرڻ گهرجي. دنيا کان فنڊ وٺڻ جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ تہ وڏا پروجيڪٽس فنڊن ذريعي هلندا آهن، جيڪڏهن سنگت سنڌي ۾ ڪو انسائيڪلوپيڊيا

چاپيندي تہ ان تي ڏهہ ڪروڙ روپين جي لاڳت
ايندي. گهٽو ڪجهہ ڪري سگهجي ٿو شرط اهو
آهي تہ پيسا هڙپ نہ ڪيا وڃن.

انور پيرزادو پنهنجي لکيل ادبي سنگت واري مضمون ۾ جيڪا تجويز ڏئي ٿو اها ئي اصل ۾ سنگت جي سيني مسئلن جو حل آهي. هو لکي ٿو تہ:

”سنگت جي آئين ۾ ترميم ڪري اهڙو ڪو سخت
قانون ٺاهيو وڃي جنهن هيٺ سنگت جي چونڊن ۾
ووٽ صرف ڪو حقيقي اديب ئي ڏئي سگهي ۽ جن
دوستن کي اسان ادب دوست جي خاني ۾ رکون ٿا، سي
هن تنظيم جا همدرد، خيرخواهہ ۽ نماڻا ڪارڪن
ئي رهڻ پسند ڪن، اهو سندن ۽ سنگت جي صحت
لاءِ بيحد ضروري آهي.“

# ٻلهڙيجي کي ماڊل ڳوٺ ٺاهڻ

انور پيرزادي جي عشق جو جنون سندس جنم ڀومي ڳوٺ ٻلهڙيجي بہ هيو جنهن جي هر گهر هر گهٽي ۾ هر ماڻهو سان هن کي محبت هئي. هن پنهنجي ڳوٺ ۾ علم، ادب، تاريخ، سائنس، پٽائي شناسائي، عورتن جي آزادي، سياست، تعليم، انسان دوستي، روشن خيالي، ترقي پسندي، موسيقي، آرٽ، صحافت، سنڌو درياهہ، ڳوٺ جا مڪان، ڳوٺ جا ڪردار مطلب هر موضوع تي هڪ سوشل سائنٽسٽ ٿي ڪم ڪيو ۽ ٻلهڙيجي جو ننڍو ڳوٺ سڄي سنڌ لاءِ انور پيرزادي جي ئي لفظن ۾ جاگيرداري سمونڊ ۾ هڪ هڪ مڊل ڪلاسي ٻيٽ بڻجي ويو.

ٻلهڙيجي جي ترقي پسندي، روشن خيالي، مزاحمت، بهادري، انسان دوستي، پنهنجي مدد پاڻ واري سياسي سجاڳي ڏسي ان جي دشمنن هن کي لٽل ماسڪو جو خطاب ڏنو هو.

شاهہ محمد جي ڪتاب سونهن جون سو صورتون جي مهورتي تقريب ۾ انور پيرزادي جي موجودگي ۾ اعجاز منگي چيو هيو تہ ٻلهڙيجي جي پيرزادن جو جيڪو ادبي قبيلو آهي ان کي انٽرنيشنل ميڊيا تائين پهچائڻ ۾ جيڪو انور پيرزادي جو ڪردار آهي سو شاندار آهي.

انور پيرزادي جو سياسي سماجي ليڊر هجڻ وارو ڪردار ڏسڻو هجي تہ اهو سندس ڳوٺ لاءِ نيايل ڪردار ۾ چٽو ڏسي سگهجي ٿو. هو ڳوٺ جي سيني فرنٽس جو سونهون هو پر پاڻ ڪنهن بہ عهدي تي نہ رهيو. هن سدائين پنهنجي ٽيم کي اڳتي ڪيو ڇو تہ هن کي عهدن سان نہ پر ڪم سان عشق هيو. هن ڪڏهن بہ ڳوٺ کي لٽل ماسڪو يا مثالي ڳوٺ ٺاهڻ يا پنهنجي ليڊر هجڻ جي دعوي نہ ڪئي پر اهو رتبو سندس عاشق ڳوٺ پاڻمرادو کيس ڏنو هيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيض پيرزادي هڪ پيري بابا تي ڳالهائيندي چيو هو تہ انور پيرزادو ٻلهڙيجي جي شعور جو ايڳروناسٽ هيو. هن ڳوٺ ۾ شعور جي اهڙي نرسري قائم ڪئي جنهن جو مالي بہ هو پاڻ هو. ان نرسري ۾ فردن جي صورت ۾ مختلف ٻج پوکيائين ۽ اج جڏهن اهي ٻج وڏي وڻ ٿيا آهن تہ هر ڪنهن وڻ جي ڇانو بہ پنهنجي آهي.

انور صاحب جي ٻلهڙيجي واري ٽيم ۾ وڏا، همعصر توڙي نوجوان سڀ هوندا هئا، جنهن ۾ مک ڪردار گلاب، محب، لطف، رمضان ساريو، قربان، نارو ماڇي هئا جڏهن تہ نوجوانن ۾ عجيب، علي مردان، ذلف، شاهہ محمد، فيض، مجيب، رياض، زبير، ڊاڪٽر زبيده، ميران،، ملڪ، بهشت خاتون جا نالا نمايان آهن. هو هڪ هلندڙ ڦرندڙ تحرڪ جو نالو هو، سيني کي گائيڊ ڪندو مختلف ڪمن سان لڳائي ڇڏيندو هيو جن کي اهي ماڻهو خوشي سان ڪرڻ لڳندا هئا.

انور پيرزادي ڳوٺ جي مختلف ويڙهن ۽ ذاتين کي پاڻ ۾ ويجهو آڻي انهن جا پراڻا سخت گير ويڇا دور ڪيا ها. ان ڏس ۾ هن مختلف رٿابنديون ڪيون، مثال، هن ڳوٺ ۾ پهرين لائبريري قائم ڪئي هئي جنهن کي مهراڻ لائبريري جو نالو ڏنو ويو هو. ان لائبريري جو پهريون انچارج استاد علي مردان پيرزادو هو جيڪو ٻڌائي ٿو تہ مهراڻ لائبريري 1977ع ۾ قائم ڪئي وئي هئي. ان جاء تي اڳ ئي اسان نوجوان جن ۾ محب، عبدالرحمن، شاهہ محمد، زلف، نثار ارباب عليم، منور عجيب شامل هئا اتي گڏ ٿيندا هئا سي تہ اتي انور صاحب بہ اچي ويهندو هو. اسان کي چوندو هيو اوهان هتي ويهو ٿا يلي ڪچهري ڪيو، تاس کيڏو پر گڏوگڏ ڪتاب ۽ اخبارون بہ پڙهو ۽ پوءِ انور صاحب ايندو هيو تہ ڪو ڪتاب ۽ اخبار ڪٽي ايندو هو. ائين اسان نوجوانن ۾ پڙهڻ جو رجحان وڌيو. اتي هو اسان کي بي بي سي ريڊيو ٻڌرائيندو هيو. اتي ئي انور صاحب لائبريري کولڻ جي صلاح ڏني هئي. جڏهن لئبريري کلي تہ ستار، لطف ۽ انور صاحب ڪتاب ڏنا. اسان نوجوانن مهراڻ لائبريري نالو تجويز ڪيو، انور چيو تہ شهيد شاهہ عنايت لئبريري يا ٻيٽائي لئبريري نالو ڏيو پر پوءِ هن اسان جي

تجويز ڪيل نالي جي مخالفت نہ ڪئي جيئن اسان راضي رهون.

هو لئبريري لاءِ نوٽ پيڊ ۽ ٽپا نهرائي آيو. ٽائيم ٽيبل ناهيائين جنهن تحت اسٽڊي سرڪل بہ هلائيندو هيو. لائبريري ڪلڻ جي خبر اخبار ۾ لڳي.ان لائبريري ۾ هزار کن ڪتاب هوندا هئا. ان جو پيو انچارج عجيب پيرزادو هيو اها لائبريري 1985ع تائين قائم رهي. ان لائبريري جي بهاني سان وڏيرن جي ويڙهي مان قربان پيرزادو، منور وارا بہ اچڻ لڳا تہ پين ويڙهن جا نوجوان بہ اچڻ لڳا جنهن سان دوريون گهٽ ٿيون ۽ علمي ادبي ماحول جڙيو.

ان ئي زماني ۾ انورپيرزادي سنڌي ادبي سنگت شاخ ٻلهڙيجي جو بنياد وڌو جنهن جو پهريون جنرل سيڪريٽري گل حسن ٿيو. شاهہ محمد، فيض پيرزادو، عبدالرحمن سنگت ۾ ريگيولر ايندا هئا اڳتي هلي جڏهن انور مرڪز ۾ اليڪشن لاءِ بيٺو تہ ٻلهڙيجي شاخ مرڪز ۾ بہ ووٽ ڏنو هو. جنرل سيڪريٽري علي مردان ۽ نثار مرڪز ۾ووٽ ڏنو. علي مردان تڏهن وطن دوست پارٽي ۾ هيو ۽ ارباب کهاوڙ فيصلو ڪيو تہ وطن دوست وارا انور کي پارٽي پاران ووٽ ڏيندا.

مردن سان گڏ پاڻ ڳوٺ ۾ عورتن جي بہ ادبي سنگت برانچ کولرايائين جيڪا گهٽو ڪري تہ سڄي سنڌ ۾ پهرين عورتن جي ادبي شاخ هئي. پهرين سيڪريٽري ملڪ هئي. ان سان گڏ زبيده، بهشت، قمر جان، افروز وغيره سنگت جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪنديون هون.

ڳوٺ جي تاريخ جو اهم ۽ وڏو پروگرام 1978ع ۾ضيا جي سخت مارشل لا ۾ ٽيٽائي جي ورسي وارو هيو جنهن لاءِ لطف، عجيب ۽ علي مردان ڏوڪري، لاڙڪاڻو ۽ حيدرآباد مان چندو ڪيوهو. ان زماني ۾ انور پيرزادو ڪراچي ادبي سنگت شاخ جو سيڪريٽري هو. ان ڪري سنڌ جي وڏين ادبي شخصيتن ان پروگرام ۾ شرڪت ڪئي هئي جن ۾ شمشيرالحيدري خاص مهمان هو. جنهن اتي پنهنجو اهو شعر پڙهي وڏو داد ماڻيو هو تہ

ڪنهن شهنشاهہ جو فرمان اسان تي نہ هليو،
نينهن وارن جي نياپن تي هليا آيا سي.

تاج بلوچ صدارت ڪئي. بدر ابڙو سميت ڪيترائي اديب ۽ سياستدان ٻلهڙيجي آيا هئا. پاڻ پنهنجو مشهور نظم اي چنڊ ٻڌائي ڪي چئجان ان پروگرام ۾ پڙهيو هئائين، استاد منظور علي خان جو راڳ ٿيو جڏهن ته بيدل مسرور انقلابي گيت ڳايا هئا. ان سڄي پروگرام کي آرگنائيز ڪرڻ ۾ انور پيرزادي جو بنيادي ڪردار هو.

ڳوٺ جي تاريخ جو ٻيو وڏو پروگرام حيدر بخش جتوئي جي 1982ع ۾ ڪيل ورسي هئي جيڪو هاري ڪميٽي طرفان هو جنهن ۾ ڪيترائي سياستدان شريڪ ٿيا هئا. ان پروگرام ۾ سياسي ڪارڪن جلوسن جي صورت ۾ شريڪ ٿيڻ آيا ها. مختلف سياسي پارٽين مان ليڊر آيا جيئن آريسر، جيئي سنڌ محاذ طرفان، طالب لاشاري ڊي ايس طرفان، ممتاز نوراني انجمن جهموريت پسند خواتين طرفان، جڏهن ته فقير محمد لاشاري صحافي جي حيثيت ۾ شريڪ ٿيو هو

ان دور جي مارشلائي گهٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ ٻلهڙيجي جهڙي هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ سياسي ۽ ادبي نوعيت جا ايڏا وڏا پروگرام ڪرڻ به وڏي بهادري ۽ تحرڪ جو مثال هيو.

علي مردان وڏيڪ ٻڌايو ته ڳوٺ سڌار سنگت جو ٻلهڙيجي ۾ يونٽ هجڻ گهرجي اها صلاح به انور صاحب جي هئي. 2 آگسٽ 1982ع ۾ ڳوٺ سڌار سنگت جو بنياد پيو جنهن جو صدر گلاب، سيڪريٽري لطف، جوائنٽ سيڪريٽري محب، خزانچي منور، نائب صدر عيدل سومرو مقرر ٿيا.

ڳوٺ ۾ ان زماني ۾ چورين تمام گهڻيون ٿينديون هيون سو ڳوٺ سڌار سنگت جو پهريون فيصلو اهو هو ته ڳوٺ ۾ چوڪيداري نظام قائم ڪجي. ان سلسلي ۾ چيو ويو ته ڳوٺ جا ڪي به ماڻهو روز رات جو چوڪيداري ڪندا ۽ اها زميواري هر گهر تي هئي. اهو طي ٿيو ته جنهن گهر جو مرد چوڪيداري نه ڪندو سو پنهنجي حصي جا پيسا ڏيندو جيڪي ڪنهن ٻي کي ڏئي ان کان اهو واڌو ڪم وٺبو. عجيب ۽ علي مردان ٻڌايو ته هڪ ڀيري انور صاحب ڳوٺ هيو ته انور صاحب جي پنهنجي گهر جو وارو آيو، سندس وڏو ڀاءُ امام بخش چوندو هو مان

چوڪيداري نہ ڪندس باقي پيسا ڏيندس يا منھنجي بدران لطف اهو ڪم ڪندو، پر ان رات انور صاحب چيو اڄ مان بہ ڳوٺ جي چوڪيداري ڪندس. اسان سڀني چيو انور صاحب اهو مناسب نہ ٿو لڳي، توهان ڪيئن چوڪيداري ڪندوءِ. هن چيو ڇو ان ۾ ڇاهي، مون سان گڏ پيو همراهہ بہ هوندو، سو مان بہ ڏسندس تہ ڇوڪي ڪيئن ڪبي آهي. ايئن انور صاحب پاڻ اهو ڪم ڪري هڪ وڏو مثال قائم ڪيو تہ ڳوٺ جي ڀلائي لاءِ جيستائين پاڻ عملي طور ڪم نہ ڪبو تيستائين تحرڪ نہ ايندو.

علي مردان وڏيڪ ٻڌايو تہ ڳوٺ سڌار سنگت ان ڪان پوءِ ڳوٺ جي گهٽين ۾ مٽي جي ڀرائي ڪرائي ان کي ليول ۾ آندو ڇو تہ اڳ ۾ اهي گهٽيون هموار نہ هونديون هون. اهو سڄو ڪم بہ پنھنجي مدد پاڻ تحت ڪيو ويو. ان زماني ۾ ڳوٺ جا والنٽيئر ماڻهو ڳوٺ جي ڀلائي لاءِ ڪم لاءِ هر وقت حاضر هوندا هئا. ڳوٺ ۾ ڳوٺ سڌار سنگت جي ئي پليٽفارم جي ڪوشش سان بجلي جي حوالي سان ڪيتريون ئي ميٽنگس ٿيون، انور صاحب، قربان صاحب ڪراچي ۾ واپڊا جي آفيسرن سان ڳالهايو، پوءِ گلاب، حيدرآباد وچي اتان بجلي جا پول ڪٽائي آيو، مزدور جيڪي پول هٽندا هئا، انهن کي ڳوٺ وارا ماني ڏيندا هئا. ايئن ڳوٺ ۾ بجلي اچڻ وارو تاريخي ڪم ٿيو. جنهن ڏينهن بجلي آئي اهو ڄڻ ڳوٺ ۾ جشن جو ڏينهن هو. ايئن ئي ڳوٺ سڌار سنگت وارن روڊ ٺهرايو جنهن لاءِ محب پيرزادي جو ڪردار پڻ تاريخي آهي.

ڳوٺ جي مختلف ذاتين ۽ پاڙن ۾ اختلاف ختم ڪرڻ لاءِ انور اها تجويز بہ ڏني تہ ڳوٺ سڌار سنگت جون گڏجاڻيون ڳوٺ جي مختلف اوطاقن ۾ ڪيون جيئن سڀ ان کي پنھنجو سمجهن ڇو تہ انهن جي اوطاق ۾ گڏجاڻي ٿيندي تہ هو پاڻ ميزبان ٿيندا ۽ وڏيڪ سرگرم ٿيندا. ائين هڪ گڏجاڻي پير باغ جي اوطاق ۾ ڪرايائين جنهن ۾ وڏيرا ۽ پيرزادا گڏ ڪيائين، ماڇي بہ آيا تہ شاهہ بہ شريڪ ٿيا.

پراڻي ٻلهڙيجي وارن کي بہ ڳوٺ سڌار سنگت ۾ شامل ڪيائين ۽ ٻچل شاهہ، نارو ماڇي ۽ مامي رمضان کي ان جي ڪاروباري ڪميٽي

کي شامل ڪيائين.

ڳوٺ سڏار سنگت جون گڏجاڻيون ايئن ئي واري واري سان پوءِ وڏيرن جي اوطاق، سائين الله بخش جي اوطاق، رشيد ماڇي، سيدن جي اوطاق، عبدالعليم جي اوطاق ۾ ٿيون ۽ سڀ پاڙا هڪبئي جي ويجهو ٿي ويا ۽ سڀ ڳوٺ سڏار سنگت کي پنهنجو سمجهڻ لڳا.

ان ئي زماني ۾ 1979ع ۾ محب پيرزادي کي تر جي زميندار جي مقابلي ۾ بلدياتي اليڪشن ۾ ڪائونسلر لاءِ بيهاريو ويو. ان اليڪشن جي ورڪ لاءِ انور ڳوناڻن سان گڏجي سڄي تر ۾ ڀرپور جدوجهد ڪئي. هڪ چاٽ ٿاهي ڳوٺ وارن جون سرگرميون طي ڪيائين. ان جدوجهد ۾ مرد توڙي عورتون شامل هيون. انهن سمورين ڪوششن ڪري محب اها تاريخي اليڪشن کٽي. ڳوٺ واسين کي ان سوڀ هڪ يونٽ وارو اتساهه ڏنو.

مامو رمضان ساريو جيڪو ڳوٺ سڏار سنگت توڙي ان کان پوءِ سڄي عمر ڳوٺ وارن جي سيوا ڪندو رهيو. ڳوٺ جي مريضن جا علاج ڪرائيندو رهيو. ان پنهنجي شخصيت تي لکيل ڪتاب سنڌ جو سيوڪ جو انتساب سوڀي گيانچنداڻي ۽ انور پيرزادي نالي ڪيو آهي. پنهنجي پاران ۾ لکيو اٿس ته:

> ”مان زندگي ۾ جيڪو به حاصل ڪيو آهي اهو انورپيرزادي جي طفيل آهي. انور پيرزادي کان سواءِ منهنجي ذات اڻپوري آهي. مان هن جا احسان لاهي ناهيان سگهيو. اهي زندگي جي آخري هڏڪي تائين ڳائيندس پيو.“

ان ئي ڪتاب ۾ مسرور پيرزادي مامي رمضان جو ٻڌايل واقعو لکيو آهي ته هو ٻڌائي ٿو ته ”هڪ دفعي جڏهن پندرهن سالن جو هوس ته تمام گهڻو بيمار ٿي پيس ۽ منهنجي عيادت ڪرڻ لاءِ فقير يار محمد ۽ انور پيرزادو آيا هئا. منهنجي حالت ڏسي فقير يار محمد، انور پيرزادي کي چيو ته هن کي ڪراچي کڻي وڃو اتي علاج ڪرايوس. ان کان پوءِ انور صاحب توڙي ٻيا ڳوناڻا ان ڪم سان لڳي ويا، منهنجي

ڪراچي وڃڻ ۽ علاج ڪرائڻ لاءِ ڳوٺ مان چندو ڪرڻ لڳا. نيٺ ايترا پيسا ٿي ويا جو مون کي ڪراچي علاج لاءِ اماڻيو ويو. ڪراچي اسپتال ۾ انور صاحب ۽ بدر ابڙو مون سان گڏ هوندا هئا. مان صحت مند ٿي ڳوٺ واپس آيس ته مون پاڻ سان واعدو ڪيو ته هاڻي مان به مريضن جي ايئن مدد ڪندس.

ٻلهڙيجي وارن کي سماجي ڪمن لاءِ راضي ڪرڻ ۾ هن سدائين ڳوٺ جي ڀلائي جو شرط رکيو پلي ته ماڻهن جا سياسي نظريا توڙي وابستگيون الڳ هجن.

ڪامريڊ رمضان (جيڪو بابا سان ڪراچي جيل ۾ هو) ۽ شاهينا (جنهن انور صاحب سان شرڪت گاهه ۾ گڏ ڪم به ڪيو هو) اسان کي ٻڌايو ته ان زماني ۾ اسان ٻلهڙيجي ايندا هئاسي ته اتان جي ماحول ۾ ايڏي ته پنهنجائپ هوندي هئي جو اسان کي ايئن لڳندو هو ڄڻ هي اسان جو پنهنجو ڳوٺ هجي، ڳوٺ جا سڀ ماڻهو ڀلي اهي ڪميونسٽ نه هجن متحد، قربائتا ۽ مهمان نواز هوندا هئا.

ڳوٺ سڌار سنگت جي پليٽفارم تان پنهنجي مدد پاڻ تحت ڊاڪٽر زبيده ميموريل اسپتال به 1988ع ۾ نهرائي وئي جنهن اسپتال جو افتتاح ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي ڪيو هو. ان افتتاحي تقريب ۾ ڊاڪٽر سليمان شيخ به شرڪت ڪئي هئي. انور پيرزادي کي ان اسپتال سان ايتري جذباتي وابستگي هئي جو جيستائين ڪو ڊاڪٽر مقرر نه ٿيو، هو هڪ اندازي مطابق ڇهه مهينا ڪن اسپتال ۾ ويهي مريضن جو علاج ڪري کين دوائون لکي ڏيندو هو. انور پيرزادي کي ميڊيڪل جي ڄاڻ به سٺي هوندي هئي.

انور پيرزادي جو ڳوٺ ۾ هجڻ ڳوٺ وارن لاءِ هڪ ايوينٽ هوندو هيو. ميران پيرزادي فيس بڪ پوسٽ ۾ لکيو آهي ته:

> سڄي ڳوٺ تي انور جو تمام گهڻو اثر هوندو هيو
> خاص ڪري جيڪو ڇوڪرين جي تعليم تي زور
> ڏنائين ۽ اتي گرلس اسڪول کولرايائين، ڳوٺ سڌار
> سنگت، لائبريري ۽ ادبي سنگت جو بنياد وڌائين.

چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ الڳ هلال پاڪستان اخبار
جون ڪاپيون ڳوٺ گهرايائين جيڪي سڀ پڙهندا
هئا. انور جي ڳوٺ اچڻ تي خلقون مڙي وينديون
هيون. سڏن جا واڪا، انور او انور. ماسي شاهان
(انور جي ماء) چوندي هئي ماڻهو ماني بہ نہ ٿا کائڻ
ڏينس. اڙي انور ماني کائي پوءِ وڃ. پر انور مرشد
ڪو نہ ٿيو جو ڪنهن تي مرشدن وارا حڪم ڪونہ
ڪيائين. انور سان تہ ڳوٺ جون ليون ۽ ڪبڙ بہ
محبت ڪندا هئا.

انور پيرزادي ڳوٺ جي نوجوان اقرار کي ڳوٺ ڀلهڙيجي هسٽاريڪل سوسائٽي قائم ڪرڻ ۽ ڳوٺ جي گمنام ڪردارن تي لکڻ جي صلاح ڏني. اڳتي هلي ان ئي تسلسل ۾ اقرار جڏهن خاڪن جو ڪتاب لکيو تہ پاڻ ڪتاب ۾ لکيائين تہ:

اهو هڪ خواب هو تہ سنڌ جي ماڳن مڪانن، مختلف علائقي جي ماڻهن، درياهي وهڪرن، زبان جي لهجن، ريتن رسمن، ميلن ملاڪڙن کي دستاويزي صورت ۾ محفوظ ڪجي، اها سنڌ جي تاريخ کي سهيڙڻ جي بنيادي ڪوشش هوندي. ظاهر آهي ان جي شروعات اسان کي پنهنجي پنهنجي علائقي کان ڪرڻي پوندي. ڏهہ پندرهن سال پهرين اها ڳالهہ ڳٽي سنڌ جي بيباڪ صحافي انور پيرزادي ۽ مون هسٽاريڪل سوسائٽي ٺاهڻ لاءِ وڏا وس ڪيا. سنگت ان سلسلي ۾ ساٿ ڏيڻ کان پڙ ڪيدي بيهي رهي. اسان بس ڳوٺ جي شاعرن، صحافين، هنرمندن، دڪاندارن، استادن، راڳين، شڪارين، سازيندن، ڪوهاڻن ۽ رانديگرن جي فهرست ئي ٺاهي سگهياسي. 2007ع ۾ انور صاحب جي لاڏاڻي کان پوءِ ان پنڌ تي هيڪلو هلڻ منهنجي وس کان مٿي هو.

ڀلهڙيجي جي هستاريڪل سوسائٽي جي حوالي سان اقرار پيرزادي ڪچهري ڪندي ٻڌايو تہ هو چوندو هو هتي جيڪي بہ قبرون آهن انهن تي نالي جون تختيون لڳائڻ گهرجن، ٻئيون قبرون کهڙيون آهن اهي نشانبر ڪرڻ گهرجن. اڳتي هلي ان تجويز تي ڪنهن حد تائين عمل ٿيو. ان تي باضابطہ ڪم پير باغ ۾ لطف ڪرايو هو پر آئيڊيا نج انور صاحب جي هئي.

انور پيرزادي ڪڏهن بہ پنهنجي پي آر پنهنجي فائدي لاءِ استعمال نہ ڪئي باقي ان پي آر سان هن ڳوٺ جي ڪيترن ئي ماڻهن کي روزگار وٺرائي ڏنو هو جنهن ۾ قربان پيرزادو بہ شامل هيو.

هو ڀلهڙيجي جو تعارف دنيا آڏو وڏي فخر سان ڪندو هيو چوندو هيو:

اسان جي وڏن سنڌو درياهہ جي ڪناري تي ويد لکيا هئا، هن ڳوٺ جي شاندار جاگرافي آهي اوپر ۾ سنڌو درياهہ آهي اتر پاسي مهين جو دڙو ۽ اولهہ ۾ سوڀي گيانچنداڻي جو ڳوٺ آهي.

عورتن جي تعليم، حقن ۽ سجاڳي جي ڪري هن ڳوٺ جي تاريخ ۾ اوهان کي ورلي ڪو ڪاري ڪري مارڻ جو واقعو ملندو جيڪو هوئڻ سڄي سنڌ جو وڏو مسئلو رهيو آهي.

ڀلهڙيجي هاڻي بہ سنڌ جو اهم ڳوٺ آهي پر سانحا جيڪو خال ڇڏيندا آهن تنهن جو اندازو انور پيرزادي جي وڇوڙي کان پوءِ ڏاڍو شديد ٿيو. شاهہ محمد پيرزادي، انور پيرزادي جي تڏي تي گلاب ۽ محب کي چيو هو تہ هاڻي فيصلا ڪن گهڙين ۾ ڀلهڙيجي شايد پاڻ کي سنڀالي نہ سگهي. اڳتي هلي سرويچ جي وڇوڙي تي اعجاز منگي ڪالم ۾ لکيو هيو تہ ڇا ڀلهڙيجي هاڻي اهو اجهاڻل ڏيئو آهي جنهن جي ٻرندڙ وٽ انور پيرزادو هيو.

پرپوءِ بہ انور پيرزادي پنهنجي ساٿين سان ملي جدوجهد ۽ ڏاهپ جا ڀلهڙيجي جي مٽي ۾ جيڪي ٻج ڇٽيا آهن اهي رڪي رڪي سلن جان ڦٽي پوندا آهن ۽ سڄي سنڌ کي اڄ بہ پنهنجي شعور ۽ سماجي ٻڌي وارن عملن سان حيران ڪندا رهندا آهن.

# سنڌ جو عاشق

خبر ناهي تہ انور پيرزادي جو سنڌ سان عشق، ڀٽائي جي رسالي کري ٿيو يا سنڌ جي عشق کيس ڀٽائي جي عشق ۾ فنا ڪري ڇڏيو هو. سنڌ جي ذري پرزي سان عشق ڪندڙ سنڌ جا سيئي جاگرافيائي يونٽ ٿر، ڪوهستان، ڪڇو، ڪاڇو، ڊيلٽا گهمي ڏسندڙ هن شخص، سڄي سنڌو درياهہ جو سفر ڪيو هو. اهو عشق صرف عقيدت ۽ جذبات وارو نہ هو پر هر ڳالهہ جو پنهنجو دليل ڏيندو هو. هو سنڌ کي پنهنجو گهر سمجهندو هو. ان جون خوبيون، خاميون سڀ قبول ڪندو هو. خوبين کي ساراهيندي ڪو نہ ٿڪبو هو ۽ خامين کي سڌارڻ جا ڪيترائي رستا ٻڌائيندو هيو. سخت تنقيد بہ ڪندو هو پر هن جي تنقيد جيئن تہ عاشق واري هوندي هئي ان ڪري اها سڀ قبول ڪندا هئا. تنقيد جو حق بہ ان کي هوندو آهي جيڪو توهان سان پيار ڪندو هجي ۽ اوهان جو همدرد هجي. هڪڙي ڀيري گهر ۾ بابا اسان کي چيو هو تہ:

ماڻهو ڇڙٻ بہ ان جي برداشت ڪندو آهي جنهن مان ڪڏهن کيس پيار مليو هجي.

هو سنڌ جي ماڻهن کي سمجهائيندو هيو تہ:

اوهان کي دنيا جي ترقي يافتہ ماڻهن وانگر زندگي گذارڻي آهي تہ اوهان کي ٻارن کي انگريزي پڙهائڻي پوندي، سائنس پڙهائڻي پوندي، پيو انهن کي ميٿميٽڪس ۽ ڪمپيوٽر پڙهائيندو، پيو ڪو بہ علم اوهان جي ٻارن کي ڪم ڪو نہ ايندو.

هو صحت تي ڌيان ڏياريندي چوندو هيو تہ:

”صحت جي معاملي ۾ سنڌي ماڻهن کي خبر دار رهڻ گهرجي ڇو تہ جمهوريت نہ هوندي تہ ماڻهو عوامي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقن کان محروم رهندو پر صحت نيڪ نہ هوندي تہ
انسان زندگي کان ئي محروم ٿي ويندو.“

جيئن تہ هو سنڌ جو عاشق هو ان ڪري هن کي سنڌ جي انهن شين تي بہ پيار ايندو هو جيڪي بظاهر خوبيون ناهن لڳنديون. مير محمد پيرزادي سان سڪرنڊ ۾ هڪ رهاڻ رچائي وئي هئي جنهن ۾ چيائين تہ:

”سنڌ پيرس ۽ سوئيٽزرلينڊ جهڙو خوبصورت ناهي،
ان ۾ ايتري ساوڪ ناهي، ايترو مينهن ناهي پر رڳو
بهار تہ خوبصورت ناهي هوندو، خزان کي بہ پنهنجي
خوبصورتي هوندي آهي. سو مير محمد پلي تہ يورپ
جي ملڪ جو شاعر نہ هجي پراها حقيقت آهي تہ هو
سنڌ جو هڪ خوبصورت شاعر آهي.“

ائين بہ نہ هو تہ انور صاحب سنڌ کان ٻاهر جي دنيا نہ ڏٺي هئي هو چار مهينا امريڪا ۾ رهي آيو هو. ٻڌائيندو هيو تہ مان انهن کي چوندو هيم تہ

ٿر ۾ مينهن پوندو آهي تہ ڪشمير ٿي ويندو آهي،
توهان کي بہ فائدو مينهن جو آهي چو تہ هتي اوهان
وٽ هفتي ۾ ٽي ڏينهن مينهن نہ ٿو پوي تہ توهان جي
زمين ڦاٽي ٿي پوي، مينهن نہ پوي تہ توهان بہ اسان
جهڙا آهيو.

هڪ ناماري اردو صحافيءَ جنهن جو نالو مون کي ياد نہ ٿو اچي پريس ڪلب ۾ بابا تي راءِ ڏيندي چيو تہ انور پيرزادو سنڌ ۾ رهندو هو پر هو سنڌ کي ڏسي ايئن حيران ٿيندو هو جڻ ڪو فارينر هجي جيڪو پهريون ڀيرو سنڌ ڏسندو هجي.

هو جڏهن امريڪا ويو تہ ڪيس اتي مستقل رهڻ جي آڇ پڻ دوستن ڪئي. هو انهن کي ٻڌائي جو هي بيت پڙهي ٻڌائيندو هيو جيڪو هن ڪتاب ممبئي ياترا ۾ بہ لکيو آهي تہ:

سجو جي ساٽيهہ تہ بہ ونهيان ئي وترو،
گهوريو سو پرديس توڙي ڦلن ڇانئيون.

يعني پنهنجو ديس پلي غريب هجي پر شاهوڪارن
ڪان شاهوڪار آهي ۽ ان تان پرديس گهوريو. پلي تہ
گلن سان چانئيو پيو هجي. هو ڪتاب ممبئي ياترا
۾ لکي ٿو تہ البتہ ان جي معني اها ناهي تہ ماڻهو
پنهنجو ملڪ ڇڏي ڪاڏي بہ نہ وڃي. دنيا گهمڻ،
سڌريل ملڪن ۾ اعلي تعليم حاصل ڪرڻ يا وڻج
واپار ڪرڻ وغيره انسان کي اڳتي وڌڻ جو ڏڳ
ڏيکارڻ جي برابر آهي پر گهمي ڦري پنهنجي ديس،
وطن، ڳوٺ ۽ گهر اچڻ سان ماڻهو ايئن سڪون
محسوس ٿو ڪري جيئن پار ماء جي هنج ۾.

انور پيرزادو سنڌ جي تاريخ، ڪلچر، ثقافت دنيا آڏو نروار ڪري اهو ثابت ڪندو هيو تہ اسان جو ڪلچر ڪيڏو امير آهي ۽ اسان تاريخي طور ڪيڏا سڌريل ماڻهو هئا سي.

هو ان خيال جو هو تہ سنڌ ۾ درياهہ، جبل، ڊيلٽا، ٿر، سمنڊ سيڪجهہ آهي. هتي سيئي موسمون آهن پر سنڌ جو پاڻي چورايو وڃي ٿو ۽ سنڌ جي مالڪي ناهي، هتي ٽوئرزم ناهي. سنڌ جي ڀلائي ۽ ترقي جا وتس ڪيترائي خواب هوندا هئا جيئن هڪ هنڌ صلاح ڏنائين تہ:

چار ڪروڙ آبادي مان هڪ هڪ ماڻهو سال ۾ وڻ
جي هڪ چڪي پوکي تہ سنڌ ۾ ايترا جهجها مينهن
پون جو سنڌ کي پاڻي لاءِ پنجاب جي ڪاڻ ڪڍڻي
ڪانہ پوي ۽ تربيلا ۽ منگلا جو پاڻي انڊس ڊيلٽا ۾
اچي ساهہ کڻي.

اهڙا ڪيترائي مثال هن جي لکڻين مان پيش ڪري سگهجن ٿا.

بابا پريس جي مورچي تان سچي سنڌ کي ڊاڪيومنٽ ڪيو هو. خاص ڪري بابا انگريزي ميڊيا ۾ سنڌ کي ڀرپور انداز ۾ متعارف ڪرايو. اخبار ريجنل ٽائيمس آف سنڌ ۾ هو رورل سنڌ جي عنوان سان فوٽو اسٽوري لکندو هيو جنهن ۾ سنڌ جي ثقافت، تاريخ،

آرڪيالاجي سان سلهاڙيل مختلف شين تي لکندو هيو جن ۾ اجرڪ، ڪاشي، قديم عمارتون، تاريخي ماڳ مڪان، مختلف ساز، ٽر جو چٽنورو، ٽر جي عورتن جا هنر،سنڌ جون رسمون، سنڌ جا فنڪار مطلب سنڌ سان جڙيل هر خوبصورت تصور انهن ۾ سمايل هوندو هو. اهو ڪتاب انور پيرزادو اڪيڊمي شايع ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي.

هن پڪٽوريل سنڌ نالي به هڪ مضمون لکيو هيو جن ۾ سنڌ جي مشهور ماڳن جو تصويرن سان تعارف لکيو هيائين. ڪتاب سنڌ ۾موجود انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا وارو خاڪو به اهوئي لکي سگهي ٿو جنهن جي ذهن ۾ سڄي سنڌ کي ڊاڪيومنٽ ڪرڻ جو مواد هجي.

هڪ ڀيري اسان جي گهر سنڌ تي ٿيندڙ هڪ وڏي ڪانفرنس جو گليزڊ پيپر تي پرنٽ ٿيل ڪارڊ پهتو. مان بابا کي چيو سنڌ تي ايڏي وڏي ڪانفرنس پئي ٿئي، توهان ته ضرور ويندوء. بابا چيو ته:

مان نه ويندس، هي اسٽيج اسان جي اسٽيج ناهي،
رڳو سرڪاري ماڻهن جي آهي. بابا وڌيڪ چيو مون
زندگي ۾ ڪو به عمل اهڙو ناهي ڪيو جيڪو مون
کي Controversial ثابت ڪري.

انور پيرزادو نه صرف پنهنجي فڪر ۾ پر پنهنجي پوشاڪ مان به سنڌ جو عاشق نظر ايندو هو. اسي جي ڏهاڪي کان وٺي هو پنهنجي معمول ۾ ڳاڙهي رنگ جي سنڌي ٽوپي پائيندو هيو. ڪيترن ئي موقعن تي ٽوپي سان گڏ اجرڪ اوڍيندو هيو. تڏهن اجا ٽوپي اجرڪ ۽ ايڪتا ڏينهن ملهائڻ جو رواج نه پيو هو. سندس گهر ۾ پڻ سنڌي ڪلچر ۽ ثقافت سان سلهاڙيل سووينئر ۽ تصويرون هونديون هون.

انور پيرزادي جي فڪري سوچ جو اڀياس ڪجي ٿو ته محسوس ٿئي ٿو ته تهذيب هجي، سوشلزم هجي، تصوف هجي هو سنڌ کي ئي ان جو بانيڪار ٿو سمجهي.

هو پاڻ کي سنڌ جو شاگرد ۽ نماڻو نوڪر سمجهندو هيو پر سنڌ جي ڪيل خدمت ۽ سنڌ سان ڪيل سندس اٿاهه عشق ڏسي سنڌ جي ماڻهن ڪيس سنڌ جو عاشق سڏيو هو.

# سنڌو درياهه جو ڪيس ڪيئن وڙهائين

هم ٽي وي جي هڪ ٽي وي انٽرويو ۾ انور پيرزادي ناليواري صحافي ۽ پروگرام جي ميزبان مظهر عباس کي ٻڌايو هو ته:

سنڌو ماٿري جي تهذيب سنڌو درياهه ٺاهي آهي. سنڌ نالو ئي ان درياهه جو آهي، سنڌو درياهه جو مطلب اهو ناهي ته اهو درياهه سنڌ جو آهي پر هن خطي تي نالو ان درياهه جي نالي تي پيو آهي. اڄ جي پاڪستان جو جيڪڏهن حقيقي ۽ تاريخي نالو رکيو وڃي ته اهو ٿيندو لوئر انڊس ويلي ڇو ته اڄوڪو پاڪستان لوئر انڊس ويلي جي جاگرافي ۾ قائم آهي.

جيئن ته پاڻ سنڌو درياهه جو سفر ايڪسپيڊيشن انڊس، اٽڪ کان ڪيٽي بندر تائين ڪيائين ۽ فشر فوڪ اداري طرفان ڊيلٽا جي مسئلن تي هڪ تفصيلي رسرچ اسٽڊي ڪئي هئائين، ان ڪري هن جي سنڌو درياهه لاءِ ڪيل هر ڳالهه ۾ هن جو ذاتي مشاهدو شامل هوندو هيو. انور پيرزدو پنهنجي ڪتاب مٽان وساريو ۾ درياهه جي صورت بيان ڪري ٿو ۽ ان کي وڻ سان ملندڙ شڪل ٿو ڇوي، جيئن وڻ کي مٿان جهر ٿيندو آهي، پوءِ ٿڙ هوندو اٿس ۽ آخر ۾ پاڙون هونديون اٿس تيئن سنڌو درياهه جو جهر يا جهڳٽو مانسرور ڍنڍ آهي جيڪا چين لڳ تبت جي علائقي ۾ ڪئلاش جبل وٽ پاڻي سان ڀريل آسمان ۾ ٽنگيل جڻ هڪ پيالو آهي جنهن ۾ گليشيرز جو پاڻي رجي پوندو ٿو رهي ۽ پرجڻ کان پوءِ ان مان وهندڙ ندين مان هڪ نالي جيڪا وهي نڪري ٿي اها سنڌو جو جڻ ٿڙ آهي ۽ جڏهن درياهه جي پڇاڙ ۾ چاڙهون چاڙهون ٿي مختلف ڪاريون ناهي ٿي جن کي ڪريڪ چئجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو سي ان درياهي وڻ جون پاڙون آهن.

هو ان خيال جو آهي تہ سنڌو درياهہ جو قدرتي سفر جيڪو جبلن ۾ ميداني علائقن مان ٿيندي پنهنجي پاڙ ڊيلٽا سان ملي ٿو ان سڄي سفر ۾ جيڪو انسان فطرت سان ڇيڙڇاڙ ڪري ڊيمن، بيراجن، ڪئنالن ذريعي رڪاوٽون ٿو وجهي جنهن ڪري اهو پاڻي پنهنجو سفر پورو نہ ٿو ڪري ۽ سمنڊ سان نہ ٿو ملي ان وقت درياهہ چڙهي مري ٿو وڃي، ماڻهو بک تا مرن، سمنڊ ۾ رهندڙ مڇي جي پيداوار گهٽجي ٿي وڃي، روزگار ختم ٿو ٿئي، ماڻهن ۾ پکين جي لڏپلاڻ ٿئي ٿي، ڪاروبار متاثر ٿا ٿين، تمر جا وڻ ۽ ڳاڙهن چانورن جا فصل تباهہ ٿا ٿين ۽ جيئن تہ سنڌ ان درياهہ جي سفر جي آخر ۾ آباد آهي ان ڪري ان پاڻي جي کوٽ تي پوڳي بہ سڀ کان گهڻو سنڌ ٿي.

جڏهن سنڌو درياهہ جو اوج هوندو هو ۽ ڪوٽڙي بيراج کان هيٺ هڪ سو پنجاهہ ايم اي ايف پاڻي وهندو هو تہ سنڌ بہ خوشحال هوندي هئي. انور پيرزادي پنهنجي سمورين تحريرن ۾ وري وري انگن اکرن سان ٻڌايو آهي تہ انگريزن جي زماني ۾ 1830ع ۾ ڪوٽڙي بيراج کان هيٺ 150MAF پاڻي وهندو هو ۽ هاڻي ايترو پاڻي اسان جي سڄي انڊس سسٽم ۾ ناهي، پاڪستان ٺهڻ کان اڳ انگريزن سنڌ ۽ پنجاب جو پاڻي تي معاهدو ڪيو هو ان معاهدي تحت پنجهتر سيڪڙو پاڻي سنڌ کي ملڻو هو پر پاڪستان ٺهڻ کان پو هو ان تان ڦري ويا. ايئن ٿي هن پنهنجي لکڻين ۾ سيني ٺاهن جا انگ اکر بار بار ٻڌايا آهن تہ ڪيئن هر دور ۾ سنڌ کي پاڻي کان محروم رکيو ويو آهي.

پاڻي جي کوٽ سبب پلو مڇي بہ چڙهہ تہ ختم ٿي وئي. پلي مڇي جي ختم ٿيڻ واري ان الميئي تي متان وساريو جو سڄو ڪالم لکيو جنهن ۾ هو لکي ٿو تہ:

”1958ع ۾ ڪوٽڙي بئراج تعمير ٿيڻ سبب ڄامشوري
کان اڳتي اتر ۾ پلي مڇي جو ڏگ بند ٿي ويو. ون
يونٽ واري دور ۾ سنڌو دريا تي تعمير ٿيل هن آخري
بئراج جي دروازن هيٺان کي اهڙا دڪا ٺاهيا ويا

جن پلي مڇي کي بئراج مان لنگھڻ نہ ڏنو جنھن
ڪري سنڌ ۽ پنجاب توڙي انڊس ڊيلٽا جي لکين
مھاڻن جي پيٽ تي لت اچي وئي. ٻن ڊئمن، اٺويھ
بئراجن، ٻارنھن لنڪ ڪئنالن، واھن، برانچ ڪئنالن
جي تعمير ڪري مجموعي طور مڇي جي پئداوار
ستر سيڪڙو مان پندرھن سيڪڙو تي وئي.

پلي مڇي جي حياتي لاءِ تجويز ڏيندي لکي ٿو تہ:

”جي سنڌ جو ڪو ڏٺي سائين ھجي تہ ھوند ڪوٽڙي
بئراج جي دروازن ۾ تعميراتي تبديليون ڪري پلي
مڇي لاءِ ھڪ باءِ پاس ٺاھي سگھجي ٿو جنھن جي
نتيجي ۾ پلو آزاد ٿي ڪالا باغ شھر تائين مٿي وڃي
سگھي ٿو ۽ جيترو گھڻو سفر ڪندو ۽ درياھي پاڻي
جو لٽ کائيندو اوترو پلو وزندار ۽ خوشبودار ٿيندو
ويندو.“

پنجاب کان پاڻي ڪيئن حاصل ڪجي ان حوالي سان ھو
مختلف لکڻين ۾ لکي ٿو تہ:

سنڌ جو پاڻي منجھہ پساھہ آھي انڪري اھڙي اھم
معاملي تي نہ سياست ڪرڻ گھرجي نہ ماتمي ڪلچر
تي پاڙي رڳو گھوڙا گھوڙا ڪري ويھي رھجي، نہ
جنگ جو سوچجي ۽ نہ پاڻي ڏئي امن حاصل ڪرڻ
واري حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي، ان کي
زندگي ۽ موت جو مسئلو تصور ڪرڻ گھرجي.

ھو لکي ٿو تہ:

پنجاب کان سنڌ جي حصي جو درياھي پاڻي وٺڻ
سڀ کان اھم ۽ سڀ کان ڏکيو ڪم آھي جنھن کي
سرانجام ڏيڻ سنڌي قوم جي جملي ذھانت، عقل ۽
فھم جي آزمائش آھي.

ان سلسلي ۾ ھو سول سوسائٽي، حڪومت، پاڻي جي ماھرن،

سياستدانن جي گڏيل ڪميٽي ناهڻ جي صلاح ڏني ٿو جيڪا پنجاب جي آبادگارن ۽ عوام سان رابطو ڪري. ان حوالي سان سنڌين جي ٻاهرين ملڪن ۾ موجود تنظيمن، عالمي ماحولياتي ايجنسين ۽ گڏيل قومن جي انساني حقن وارين تنظيمن سان به رابطو ڪرڻ جي تجويز ڏي ٿو. ان ئي حوالي سان پنهنجي ڪتاب ”سنڌ“ جي هڪ مضمون ته ”پاڻي ڪيئن حاصل ڪجي“ ۾ لکي ٿو ته:

> ٻيو ته ٺهيو پر اڄ تائين اسان پنجاب جي دانشورن کي به ان تي قائل نه ڪري سگهيا آهيون ته ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ جيڪو پاڻي وڃي ٿو سو ضايع نه ٿو ٿئي. اسان جيڪي به ورڪشاپ سيمينار ۽ ڪانفرنسون ڪيون آهن سي سنڌي ٻولي ۾ ڪيون آهن، يعني اسان پنجاب سان ڊائلاگ ڪيو ئي ناهي ۽ پنهنجو پاڻ سان ڳالهيون وڌيڪ ڪيون آهن.

هو سنڌين تي به تنقيد ڪري ٿو، چئي ٿو ته:

> دنيا خواهشن سان تبديل نه ٿي ٿئي، ٻئي کي پنهنجي ڳالهه مڃرائڻ به هڪ فن آهي.

متان وساريو جي هڪ ڪالم ۾ اهو به لکي ٿو ته:

> سنڌ جي تاريخي ۽ جاگرافيائي مجبوري آهي ته جيڪڏهن ان کي سنڌو درياهه جو پاڻي ڪپي ته پوءِ ڪس رس ڪائي به ان کي پنجاب سان گڏ رهڻو پوندو.

انور پيرزادو پنهنجي زندگي جو حسين ترين سفر سنڌو درياهه جي ايڪسپيڊيشن جو چوندو هو. اها ايڪسپيڊيشن 1989ع، 3 نومبر کان 24 نومبر تائين چوڏهن ميمبرن جي ٽيم ربڙ جي ٻن ٻيڙين تي ڪئي هئي. هڪ ٻيڙي جو نالو نوري ۽ ٻي ٻيڙي جو نالو مورڙو هئو. اها ايڪسپيڊيشن سنڌ جي ثقافت کاتي پاران ڪرائي وئي هئي جنهن ۾ انور پيرزادو ۽ بدر ابڙو صحافي جي حيثيت سان شامل ڪيا ويا هئا. ان ٽيم جو ليڊر ڪليم لاشاري هيو. سنڌ جو ٻيو مشهور مهم جو اشتياق انصاري به ان ۾ شامل هيو. جڏهن ته ٻين ميمبرن ۾ محمد علي قادري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اعظم جعفر، ڪريم ميمڻ، زبير فاروقي، شبير عباس نقوي، انتخاب حسين، افتخار بلوچ، نديم قمر دين شامل هئا ۽ ٻہ ڊرائيور هئا جيڪي ڪنارن سان گاڏي تي سفر ڪندا هئا.

انور پيرزادي جڏهن سرحد صوبي جي شهر پشاور کان اهو سفر شروع ڪيو ۽ سنڌو جي پاٽي جو حسن فطرت جي نظارن سان هن کي موهيندو ويو تہ ان حسن جي بيان لاءِ ڪيس لفظ نہ پئي سجهيا هو ڪتاب انڊس اينڊ اٽس ڊيلٽا ۾ هو لکي ٿو:

> Mere words cannot portray in full the beauty of the legendary River Indus nor still photographs or for that matter the eye of the video camera. The thing of beauty which is Indus ,have innumerable faces ,is therefore only worth seeing.

ڪتاب سنڌ ۾ هو سنڌو ياترا نالي هڪ مختصر رپورٽ ۾ ان سڄي سفر جو تت بيان ٿو ڪري ۽ ٻڌائي ٿو اسان ان يادگار سفر مان ڪهڙا اهم نقطا سمجهي سگهيا سي. مختصر اهي نقطا هتي ڏجن ٿا

- سنڌو جتان بہ وهي ٿو اتي صرف سنڌي ٻولي ٿوري ڦير ڦار سان ڳالهائي وڃي ٿي.
- اٽڪ کان ڊيرا اسماعيل خان تائين سرحد ۾ هندڪو ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي، ڊيرا اسماعيل خان کان وري منڻ ڪوٽ تائين درياهہ جي ٻنهي ڪنارن تي سرائيڪي ٻولي جو راڄ هو ۽ ڪشمور کان ڪيٽي بندر تائين سنڌي ٻولي جي بادشاهي هئي.
- غور سان جائزو وٺبو تہ هندڪو ۽ سرائيڪي معمولي ڦير ڦار سان سنڌي ٻولي جا لهجا ئي معلوم ٿيندا.
- سرحد کان وٺي پنجاب ۽ سنڌ ۾ هن درياهہ جي ساڄي ڪناري هنڌ هنڌ سنڌو ماٿري جي موهن جي دڙي واري تهذيب جا پراڻا آثار ۽ ڪنڊر ملن ٿا.
- موجوده پاڪستان جي اتر واري چوٽي کان وٺي آخري حد تائين وارو علائقو مهين جي دڙي ۽ هڙپا واري سنڌو ماٿري جي تهذيب

وارو علائقو آهي.

- تربيلا کان وٺي ڪالاباغ واري علائقي تائين سنڌو جي ٻيٽ مان سون ملي ٿو. جڏهن تربيلا ڊيم نہ ٺهيو هو تڏهن تربيلا کان اتر ۾ بہ سون ملندو هو سو سنڌو جي نڙي تي ڊيم ٺاهي ننهن ڏيڻ سان درياهہ مان سون جي پيداوار پڻ ان حد تائين متاثر ٿئي ٿي.

ان سفر دوران سنڌو جي انهن مسافرن پنهنجي زندگي خطري ۾ وجهي سفر ڪيو هو. هڪ تہ درياهہ جي دهشت ۾ رڻ جي ٻيڙين کي ٻن هنڌن تي زري گهٽ ٻوڙيو هو پر معجزي طور بچي ويا، ٻيو تہ ان زماني ۾ سنڌ جي اتر ۾ ڌاڙيلن جو راڄ هو سو مقامي پوليس انهن مسافرن کي چيو تہ توهان اهو سفر ٻيڙين تي نہ ڪيو ۽ درياهہ جي ڪنارن سان ڪار تي ڪيو ڇو تہ ڌاڙيلن تي ڀروسو ناهي هو ڪچي ۾ وينا آهن ۽ اوهان کي نقصان پهچائي سگهن ٿا پر سهٽي جي عشق جهڙا هي مسافر درياهہ جا عاشق هئا جن چيو تہ اسان ٻيڙي ۾ ئي اتان گذرندا سين ۽ پاڻ سان پوليس بہ نہ کڻندا سين متان ڌاڙيل پوليس ڏسي وڏيڪ جذباتي ٿي وڃن پر پوءِ بہ ڌاڙيلن خيرپور ۽ لاڙڪاڻي وارن هنڌن تان انهن مسافرن تي فائرنگ ڪئي پر جيئن تہ درياهہ وڏو هو سو اهي گوليون انهن تائين نہ پهتيون ۽ هي بچي ويا. زندگي داوَ تي هڻي انهن علم جي تلاش جاري رکي هئي.

ان سفر ۾ ايڊوينچر بہ گڏوگڏ هليو. انور صاحب انڊس اينڊ اٽس ڊيلٽا واري انگريزي ڪتاب ۾ ٻڌائي ٿو هڪ هنڌ اسان کي پهچڻ ۾ دير ٿي ۽ سج لهي چڪو هو. اسان کي اتان جي مهاڻن چيو تہ رات جو سفر نہ ڪيو ۽ رات ڪناري تي گذاري صبح وري سفر شروع ڪيو. اسان جي ليڊر ڪليم لاشاري چيو سفر جو اصل مزو هي اٿو سو رات هتي ئي ٽينٽ هڻي گذارڻي آهي. ان رات بابت انور پيرزادو لکي ٿو

It was infact the most unforgettable night of the expedition during which we witness the twinkling of the stars in the sky with penetrating light and heard the voice of the waves of Indus in the calmness of the night.

پاڻ ٻڌائيندو هيو تہ اسان جو ليڊر ڪليم لاشاري اسان ڪي روز چوندو هو اڄ توهان کي تتر ڪارائبو اسان خوش ٿيندا هئا سي ۽ رات ٿيندي هئي تہ دال چانور ملندا هئا. ڪليم لاشاري چوندو هو سفر ۾ تتر، دال چانورن کي چوندا آهن.

انور پيرزادي پنهنجي زندگي جو آخري نظم اجايل لڳين تي اي سنڌو نديءَ بہ انڊس ايڪسپيڊيشن دوران لکيو هو.

هو لکي ٿو تہ:

نومبر مهيني باوجود ڪتي تہ پاڻي جو ايڏو جوش هو
جو اسان جون ٻيڙيون پيون ٻڏن پر سکر بئراج کان
پوءِ پاڻي گهٽجندو ويو ۽ ڪوٽڙي بئراج کان پو تہ
اسان کي سنڌو ۾ واري اڏامندي نظر آئي، ڪيترن
هنڌن تي ٻيڙيون اسان جي ڪلهن تي هيون چو تہ
اسان جي ٻيڙين کي ترڻ جيترو بہ پاڻي نہ پيو ملي.

ان صورتحال ڪري ڊيلٽا جي سڄي ڪائنات متاثر ٿي آهي ۽ ماڻهن ۾ غربت ۽ فطرت جي تباهي سيني جي اکين آڏو آهي.

ان مهم کان پوءِ انور پيرزادي ۽ بدر ابڙي کي ايڪسپيڊيشن انڊس تي ڪتاب لکڻا هئا. بدرابڙي صاحب سنڌي ۾ ڪتاب لکيو، جڏهن تہ انور پيرزادي انگريزي ۾ مختلف ميگزينس ۾ مضمون لکيا پر پو هو روزگار جي مصروفيت سبب ڪتاب جو ڪم مڪمل نہ ڪري سگهيو. ڪلچر ڊپارٽمنٽ ڪا آفيشل اسائنمنٽ ڏئي اهو ڪم ڪرائي پئي سگهي پر ايئن نہ ٿيو. تڏهن بہ انور پيرزادو مختلف موقعن تي انڊس تي لکندو رهيو ۽ سندس وڇوڙي کان پوءِ انور پيرزادو اڪيڊمي انڊس ايڪسپيڊيشن تي لکيل اهي چار چيپٽر، صحافتي رپورٽون، تقريرون ۽ انڊس ڊيلٽا واري تفصيلي اسٽڊي گڏ ڪري سندس انگريزي ڪتاب انڊس اينڊ اٽس ڊيلٽا ڇپرايو.

جڏهن بابا ايڪسپيڊيشن ڪري واپس آيو تہ آصف فرخي آڪسفورڊ پريس طرفان انور پيرزادي کان سنڌو درياهہ جي حوالي سان ڪلاس پنجين جي ڪورس جو ڪتاب اردو ۾ لکرايو هو جنهن جو

نالو هو "دریائے سندھ کے ساتھ ساتھ"

انڊس ڊيلٽا تي رسرچ اسٽڊي لاءِ هو روزانو گلشن حديد مان فشر فوڪ آفيس ويندو هو. اها اسئنمنٽ هن کي محمد علي شاهه ڏني هئي. ڊيلٽا جي سمورن مسئلن جو حل به هو پاڻي کي ئي ٿو سمجهي، لکي ٿو:

The remedy to all ailments of Indus Delta is Water and Water only. An abundant flow of sweet and fresh river water in the downstream of Kotri Barrage to the tail end of the river and the sea is the pre requisite and basic requirement for complete rehabilitation of Indus Delta eco region of Sindh.

هو انڊس کي سنڌي ماڻهن جو جياپو سمجهي لکي ٿو

Indus is economic life line of Sindh

هو ان خيال جو آهي ته:

جيڪڏهن پاڪستان سرڪار سنڌ صوبي کي سنڌو درياهه مان پنهنجي حصي جو درياهي پاڻي ئي وقت سر وهائي ڏئي ته هوند سنڌ ۾ غربت نالي ڪا شي نظر نه اچي.

ديلٽا بابت انٽرويو دوران هڪ مهاڻو ڪيس ٻڌائي ٿو ته اڳي اسان هن سمنڊ کي به درياهه ڪوٺيندا هئا سي چو ته تنهن زماني ۾ اسان جيترو سمنڊ ۾ اندر ويندا هئا سي اسان کي مٺو پاڻي ملندو هو.

انور پيرزادي هم ٽي جي پروگرام ۾ انٽرويو ڏيندي چيو هو ته:

درياهه هڪ سئو پنجاهه ميلن جو سمنڊ اندر ڪانٽينينٽل شيلپ ٺاهيو آهي جيڪو جڏهن ايسٽ انڊيا ڪمپني جي انجينئرن ڏٺو ته انهن چيو اهو ته دنيا جو معجزو آهي، هندستان ۽ بلوچستان وٽ رڳو ڇهه ڪلوميٽر ڪانٽينينٽل شيلپ آهي. ان شيلپ ڪري ڪنارو سولو ٿي پوي ٿو.

هاڻي صورتحال اها آهي تہ سمنڊ پوئتي موٽي ڊيلٽا جي زمين کاري ڪري ڇڏي آهي جنهن ڪي ڪري اتي آبادي نہ پئي ٿي سگهي.

انور پيرزادي جيڪا انڊس ڊيلٽا تي ريسرچ اسٽڊي ڪئي هئي ان جو عنوان هو:

Disaster management of Indus delta

جنهن ۾ ماڻهو جي تاهيل ۽ قدرت جي آفتن جا تفصيل، ماڻهن جا مسئلا ۽ ان جا حل تجويز ڪيل آهن. اها سڄي ريسرچ اسٽڊي ان جي انگريزي ڪتاب ۾ شامل آهي، ان رسرچ کان پوءِ هو هيٺيون تجويزون ٿو ڏئي

- اهڙين آفتن کان بچڻ لئہ مهاڻن جا گهر مٿانهن دڙن تي تعمير ڪري ڪين ڏيڻ گهرجن تہ جيئن ساموندي ۽ درياهي ٻوڏن کان بچاءُ ٿي سگهي.
- سائيڪلون وقت تيز طوفان کان بچڻ لاءِ پڪا گهر ۽ لوهہ ۽ سيمنٽ جا ٿنبا هجن جن کي پاڪر وجهي پاڻ بچائين.
- ان سان گڏ سنڌ ڊزاسٽر مئنيجمنٽ پلان يعني سنڌ ۾ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ جامع رٿا جوڙي وڃي جنهن کي جهجهي بجٽ ڏني وڃي ۽ ماهيگير برادرين سان ملي ان رٿا تي عمل ڪري غريب مڇيرن کي موت جي منهن مان ڪيڻ جا اپاءَ ورتا وڃن.

جيڪڏهن ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ 35 MAF پاڻي نہ ٿو وڃي تہ پو ڊيلٽا کي آفت زدهہ علائقو قرار ڏنو وڃي.

- تمر جا وڻ لڳائڻ جي رٿابندي ڪئي وڃي جنهن جي ڪري اهڙين آفتن جو مقابلو ڪري سگهجي.
- سيني ڳوٺاڻن کي ڪنهن هڪ جاءِ تي صاف پاڻي مفت ۾ ڏنو وڃي.

انور پيرزادي سنڌو ۾ ٻيڙين هلڻ جي ڪلچر کي وڌائڻ تي بہ گهڻو زور ڏنو آهي ۽ جڏهن 2006ع ۾ هو سفما وارن جي ٽيهن ماڻهن جي وفد سان گڏ ممبئي ويو هو تہ اتي هن انڊس ڊيلٽا کي ممبئي سان فيري سروس ذريعي ملائڻ جي آئيڊيا بہ ڏني هئي جنهن جا تفصيل هن ڪتاب ممبئي ياترا ۾ بيان ڪيا آهن. هو لکي ٿو تہ:

”هتي ڪراچي توڙي بمبئي ۾ اتان جي پريس آڏو
مون مشورو ڏنو تہ ڪراچي ممبئي فيري سروس يعني
ٻنهي شهرن کي انڊس ڊيلٽا جي سنڌو درياهہ وارين
کارين جي ٽانگهي پاڻي مان ننڍين ٻيڙين ۽ هوڙهن
ذريعي پاڻ ۾ ملايو وڃي، جنهن سان پاڙو ڪرايو گهٽ
ٿيندو، مفاصلو گهٽجي ويندو، گهري سمنڊ جي خطرن
کان مسافر محفوظ رهندا ۽ وقت بہ گهٽ لڳندو.“

ان تجويز جي هندوستان ٽائيمس اخبار حمايت ڪئي هئي ۽ ان تي هڪ اسٽوري بہ ڇاپي هئي.

ان فيري سروس ۾ ڪهڙين ڏرين کي ملوث ڪري
سگهجي ٿو ان جو تفصيلي جائزو ورتو وڃي ۽
ڪوشش ڪئي وڃي تہ ڪنهن وڏي سرمائيدار
ڪمپني کي اهڙو ٺيڪو ڏيڻ بدران اهو ڪم مقامي
ماهيگيرن جي مدد سان ڪرڻ گهرجي تہ جيئن هنن
جي روزگار جي دري بہ کلي پوي. ڪراچي ۽ ممبئي
کي ملائڻ واري ٻيڙي سروس سان ڪراچي جي
پسگردائي ۾ سياحت کي بہ هٿي ملندي ۽ انڊس
ڊيلٽا جي ڪيٽرن ٻيٽن تي جيڪي عوامي ميلا
لڳندا آهن انهن ۾ بہ ان ڪري جان پئجي ويندي
ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ هندوستاني ماهيگيرن جا پڻ
هوڙها شريڪ ٿي سگهندا.

پاڻ نہ صرف درياهہ جو ڪيس وڙهيائين پر سنڌ ۾ موجود مٺي پاڻي جي ڍنڍن جهڙوڪ منڇر، حمل، هاليجي ۽ ڪينجهر ڍنڍ جو بہ ڪيس وڙهيو آهي. هو منڇر ۽ حمل ڍنڍ جي تباهي جو ذميوار

RBOD Right bank outfall Drain

کي ٿو سمجهي جڏهن تہ:

LBOD Left Bank Outfall Drain

کي خاص طور تي بدين ۽ ڊيلٽا جي تباهي جو ذميوار ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهي. محمد حنيف انور صاحب اتي ڳالهائيندي چيو هو تہ انور پيرزادي صحافين جي گهٽ ۾ گهٽ ٽن نسلن کي ويهي سمجهايو هو تہ:

RBOD ۽ LBOD جا ڪهڙا نقصان آهن.

هو لکي ٿو تہ:

”انهن جي ڪري منڇر زهريلي پاڻي سان ڇوليون هڻڻ لڳو جنهن جي نتيجي ۾ اها ڍنڍ تباهہ ٿي وئي، مڇيون مري ويون، ناپا، لوڑهہ، پوري، ڪوٽيون، پٽيون، ڪم ۽ سايون پاڇيون ختم ٿي ويون ۽ باقي وڃي ديو مڇي بچي جيڪا ڏهہ رپيا ڪلو بہ نہ ٿي وڪامي، مهاڻن جا ڪاروبار ختم ٿي ويا ۽ ماڻهو توڙي پکي سڀ اتان لڏڻ شروع ٿي ويا.“

انور پيرزادو ان صورتحال تي پڻائي جي سٽ ٿو ورجائي تہ رنا روهہ وڃن ڪنهن هيٺائي ڪان هنجڙا...!!

سنڌو جي کابي ڪناري LBOD تعمير ڪيو ويو جيڪو وري بدين نوابشاهہ سانگهڙ ۽ ميرپور خاص جو زميني ۽ انڊسٽريز جو ڊرين ۽ زهريلو پاڻي سمنڊ ۾ وجهڻ لاءِ هو.

پاڻي جي موضوع کي سموهيندي لکي ٿو تہ:

”سنڌو درياهہ جي صحت لاءِ اهو ضروري آهي تہ مٿس ڪو بہ ڊئم نہ هجي ڪو بہ بئراج نہ هجي ڪٿي بہ سندس پاڻي جي وهڪري کي نہ روڪجي ۽ نہ ان جو رخ ڦيرائجي. سو متان وساريو تہ سنڌو درياهہ جڏهن سڄي دنيا جي وڏي ۾ وڏي ۽ گهٽي کان گهٽي سڌريل ۽ شاهوڪار سلطنت قائم ڪئي هئي تہ ان جو راز نہ ڪو تربيلا ڊئم هو نہ منگلا.“

وارهہ جي هڪ پروگرام ۾ تقرير ڪندي چيائين تہ:

”پاڻي جي موضوع تي هر پاسي کان جدوجهد ڪرڻ گهرجي. پاڻي تي جيڪا جدوجهد آهي اها علمي، تاريخي، ٽيڪنيڪل، سياسي ۽ ميڊيائي هجڻ

گهرجي.“

ڪي ٽي اين جي هڪ پروگرام ۾ جڏهن ميزبان انور صاحب
ڪان پڇيو تہ اليڪشن ۾ سنڌ جي نون چونڊجي آيل نمائندن جي
ايجنڊا ڇا هجڻ گهرجي تہ انور پيرزادي چيو هو تہ:

”مون وٽ سنگل ايجنڊا آهي جيڪڏهن سنڌ جا
نوان چونڊجي آيل نمائندا سنڌ جي پاڻي جو مسئلو
حل نہ ٿا ڪن تہ پو هو سنڌ جي ڪهين ڪم جا
ناهن...!!“

# آرڪيالاجي ۾ وجود جي ڳولا

**مهين جي دڙي جو ڪيس**

انور پيرزادو پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ ٻڌائي ٿو پنجهڻ چاهڻ ۾ جڏهن هو ميٽرڪ ڪان پوءِ مشورين ڳوٺ ۾ پرائمري ماسٽر ٿيو هو ۽ اتان دڙي واري رستي تان موٽندو هيو ته مهين جي دڙي جي کوٽائي لاءِ امريڪي آرڪيالاجسٽ ڊاڪٽر جارج ايف ڊيلس سان ان جي ملاقات ٿي. ان سان گڏ ٻيو آرڪيالاجسٽ مسٽر هائينز هيو. انهن سان جڏهن انگريزي ۾ ڳالهايائين ته هنن ڪيس چيو ته تون مزدورن ۽ اسان جي وچ ۾ رابطي لاءِ اسان وٽ نوڪري ڪر چو ته توکي انگريزي اچي ٿي. ائين انهن سان ڪم ڪرڻ لڳو ۽ مهين جي دڙي سان هن جي دلچسپي جي شروعات ٿي.

انور پيرزادي ڪين ٻڌايو ته منهنجو اليمينٽري ڊرائنگ جو امتحان به پاس ٿيل آهي، ان تي انهن آرڪيالاجسٽن وڏيڪ سرهائي ڏيکاريندي ڪيس ٻي آفر ڏني ته اسان جيڪي هتي گهگڙا، سيلز ۽ ٻيون شيون کوٽائي مان لهون ٿا تون اسان کي انهن جا ڊرائنگ اسڪيچ ٺاهي ڏي. پوءِ اهي سڀ اسڪيچ به ٺاهيائين ۽ جڏهن اهي انگريز ويا ته انهن ڪيس سرٽيفڪيٽ به ڏنو ۽ لکيو ته هي اسڪيچ اسان لاءِ ايسيٽ جي حيثيت ٿا رکن. اهو سرٽيفڪيٽ اسان وٽ هاڻي به موجود آهي.

ڪيس ان کوٽائي ۾ ڪم ڪرڻ جا ٻه وڏا فائدا ٿيا هڪ ته انگريزي وڌيڪ سٺي ٿيس ٻيو آرڪيالاجي جي معلومات وڌي ويس.

لطف پيرزادي پنهنجي مضمون ”انور پيرزادو ۽ مهين جي دڙو ۾“ لکي ٿو ته:

”انور کي ڊاڪٽر ڊيلس پاران انسائيڪلوپيڊيا آف برٽانيڪا سوکڙي طور مليو جيڪو هن پڙهي پورو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو. پوءِ تہ انور صاحب کي اچي لوري لڳي، هن
انگريزي ۾ سر جان مارشل، مارٽمير ويلر، مجمدار
جا مهين جي ميوزم واري لائبريري جي ڪتابن جو
مطالعو ڪيو، جنهن مان هنن آثارن ۽ تهذيب جي
باري ۾ هن کي ڪافي ڄاڻ ملي."

ان ڪان پوءِ هن سڄي عمر سنڌي توڙي انگريزي پريس ۾ مهين جي دڙي جو ڪيس وڙهيو ۽ ڪيترن موقعن تي بريڪنگ نيوز جهڙيون رپورٽون ڏنيون ۽ ڪهڙا مضمون لکيا جنهن سان مهين جي دڙي جو ڪنهن حد تائين بچاءُ ٿيو.

اهي سڀ تفصيل لطف جي ساڳي مضمون ۾ آهن جيڪي ڪتاب تون ڪيڏو ڏور هليو ويو آن ۾ شامل آهن ۽ پڙهڻ وٽان آهن.

مهين جي دڙي تي انور پيرزادي ايترو لکيو جو اهو موضوع بہ سندس شخصيت جو مضبوط حوالو بڻجي ويو، ڪيس مهين جو دڙو ايوارڊ بہ مليو هو.

ڪتاب "مهين جو دڙو" ۾ مهين جي دڙي جي تاريخ، اتان جي آثارن، ڏند ڪٿا، ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، گهرن جي اڏاوت، گريٽ باٿ، مذهب ۽ مهين جي دڙي واري سنڌو تهذيب بابت سندس تفصيلي انٽرويو آهي جنهن جي آڊيو رڪارڊنگ اسان هاڻي يوٽيوب تي رکي آهي. ثقافت کاتي وارا انور پيرزادي جي پنهنجي آواز ۾ اها وڊيو ڊاڪيومينٽري ڪري عام ڪن تہ ماڻهن کي مهين جي دڙي جي اهميت ۽ تاريخ جي جوڳي معلومات ملندي پر اسان جي سرڪاري ادارن مان اميد سدائين وانگر گهٽ ٿي آهي، خير.

ڪتاب مٿان وساريو جي هڪ ڪالم ۾ اهو بہ دليلن سان سمجهايو اٿس تہ موهن جو دڙو يا موئن جو دڙو چوڻ صحيع ناهي، ان ماڳ کي مهين جو دڙو چوڻ گهرجي. انگريزن بہ ان کي MOHEN JO DARO لکيو آهي جيڪو سنڌي ۾ مهين جو دڙو ٿيندو. اوسي پاسي جي ڳوٺن جا ماڻهو بہ چوندا آهن تہ اسان مهين تي ٿا وڃون، مهون هتان هيترو پري آهي.

ڪتاب مهين جي دڙو ۾ هو تفصيل سان بيان ٿو ڪري ته مهين جي دڙي وارا ماڻهو ڪيڏا سڌريل هئا ڪيئن پنهنجي گهرن ڪي سياري ساوڻ جي موسمن کان محفوظ رکندا هئا. پاڻي جي نيڪال جو کهڙو سسٽم هيو. هو زيورناهڻ جا ماهر هئا ان ڪري جاميٽري جو علم ڪين هوندو هيو. اتان ڪو هٿيار ناهي مليو.

مهين جي دڙي جي ماڻهن جي مذهب جي باري ۾ هو چوي ٿو ته انهن جو مذهب پاڻي جي پوڄا تي سگهي ٿو چاڪاڻ ته گريٽ باٿ سان گڏ باٿ رومن جي وڏي قطار آهي جنهن جو مقصد پاڪ صاف ٿي پوءِ گريٽ باٿ ۾ وڃڻ آهي ۽ مهين جي دڙي واري ڊانسنگ گرل جي هٿ ۾ ڪا پاڻي جهلڻ جي وٿي به آهي سو ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن آرٽسٽ واٽر ورشپ جي دوران ڪنهن عورت جو اهڙو آرٽ پيس ناهيو هجي. سنڌ ۾ هندو ڌرم کان اڳ واٽر ورشپ جو تصور پٽائي جي شاعري ۾ سر ساموندي جي سر سري راڳ ۾ به ملي ٿو. ٻيو جيڪڏهن ڪو مذهب ٿي سگهي ٿو ته اهو مدر گاڊيس وارو آهي.

هو ٻڌائي ٿو ته:

> آرڪيالاجسٽن جو خيال آهي ته هي شهر دنيا ۾ جمهوريت جو پهريون تصور هيو ڇو ته سڀ گهر هڪ جيترا آهن ۽ پڪي سر جا ٺهيل آهن ۽ ڪا محلات ناهي ملي ڪو مندر ناهي مليو ڪا سياسي عمارت ناهي ملي. هن شهر ۾ موسيقي جو ساز بوڙيندو لڌو آهي جيڪو اڃ به سنڌ ۾ موجود آهي. مهين جي دڙي جي تباهي جو سبب سنڌو جي ٻوڏ ڪي ٿو سمجهي.

لطف پيرزادو پنهجي مضمون ۾ لکي ٿو ته:

> انور پيرزادي آثارن جي بچاء لاءِ جيڪا جنگ وڙهي ان جا شاهد ڊان اخبارءِ هلال پاڪستان جا فائيل آهن. هن سلسلي ۾ سندس ڪتاب مهين جو دڙو به ڳڻائي سگهجي ٿو.

مهين جي دڙي بابت انٽرويو ڏيندي انور پيرزادو ٻڌائي ٿو ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1987ع ۾ مون ٻڌو ته خبر ڏني هئي ته درياهه هينئر مهين جي دڙي کي بچائڻ واري جهلي بند کان صرف 158 فٽ پري آهي. پوءِ ان خبر جي نتيجي ۾ سرڪار جڏهن جهلي بند جي هيٺان ايپرن ٺاهڻ لاءِ جيئن ئي کوٽائي ڪئي ته اتان نوان کنڊر ظاهر ٿي پيا ۽ انهن جي ظاهر ٿيڻ سان اسان اخبارن ۾ خبرون هلايون ته سرڪاري ٽيمن کي گهرائي باضابطا طور انهن کي کوٽڻ گهرجي. کوٽائي شروع ٿي ته هڪ نئين سائيٽ نروار ٿي پئي. عاليشان ڪمرا نڪري آيا، باٿ روم نڪري آيا ۽ خاص ڪري اتان جيڪو ڊرينيج جو نظام نڪتو اهو ڏاڍو دلچسپ هيو. ان سائيٽ کي نئون مهين جو دڙو نالو ڏنو ويو.

جنهن تي انور پيرزادي هلال پاڪستان جي ايڊيشن ۾ رنگين تصويرن سان ٻن صفحن جي اسٽوري ڏني هئي. مهين جي دڙي جي اها سائيٽ دريافت ٿيڻ ۾ انور پيرزادي جي صحافتي رپورٽنگ جي اهميت هئي پر پوءِ پاڻ لکي ٿو ته:

هتان جا انڊا ونڊا آرڪيالاجسٽ اها سائيٽ به بچائي نه سگهيا ۽ 88 ۾ درياهه اها سائيٽ ٻوڙي ويو ۽ هاڻي اتي ڪي به آثار نظر نه ٿا اچن.

هو ذوالفقار علي ڀٽو جي دور ۾ گهرايل بين الاقوامي سيمينار ۾ يونيسڪو پاران ڏنل تجويزن جي پيچڪڙي کي مهين جي دڙي جي تباهي جو سبب ٿو ڄاڻائي.

ان سڄي صورتحال کي سموهيندي هو لکي ٿو ته:

متان وساريو ته اسان تاريخ کي بچائڻ لاءِ يونيسڪو کان ملندڙ پئسا کائي ويندا آهيون، قديم ۽ نازڪ کنڊرن تي بوٽ پائي گهمندا آهيون ۽ ان جي ڀتين تي پنهنجي پسند واري سياسي پارٽين جي حق ۾ نعرا لکندا آهيون.

مهين جي دڙي جي حوالي سان هن وٽ ڪيئي تجويزون هونديون هيون مثال:

- مهين جي دڙي بابت پرچاري مواد شايع ڪيو وڃي جيڪو ڪيترن سالن کان نہ ڇپايو ويو آهي.
- ملڪي دانشورن توڙي شاگردن کي سرڪار عام دعوت ڏئي تہ هو مهين جي دڙي تي تحقيق ڪن ۽ کين اهڙي سهولت بہ ڏئي جهڙي غير ملڪي دانشورن وٽ هجي ٿي.
- مهين جي دڙي تي اسڪالرن، محققن ۽ تاريخي ماهرن جي سهولت لاءِ هاسٽل تعمير ڪرڻ گهرجي.
- مهين جي دڙي جي ميوزم ۾ پيل اڻ ڇپيل فيلڊ بڪ ڇپرايا وڃن ۽ انهن جا مائڪرو فلم ٺهرائي محفوظ ڪيا وڃن.
- سياحن لاءِ گائيڊ ۽ سواري جا بندوبست هجن ۽ انهن لئہ تفريح گاهہ بہ تعمير ڪيا وڃن.
- مهين جي دڙي جي پيهر کوٽائي ڪئي وڃي وغيره.

مهين جي دڙي کي بچائڻ لاءِ سرڪاري ڪوشش جي تاريخ کي ناڪام ڏسندي هڪ چرڪائيندڙ مضمون لکيو جنهن ۾ لکي ٿو تہ:

> ”مهين جي دڙي جا انڌا اونڌا ويڄ نہ ان کي بچائي سگهيا آهن ۽ نہ اڳتي ڪجهہ ڪري سگهندا. سچ جيڪو اپرندي تاءِ نہ ڪندو سو لهندي ڇا ڪندو. ان ڪري اسان پاڪستان جي قديم آثارن واري وفاقي کاتي جي مذهبي جنونين کان بہ خطرناڪ ڪامورن عرف مهين جي دڙي جي انڌن اونڌن ويڄن کي اپيل ٿا ڪريون تہ اسان کي مهين جو دڙو پنهنجي اصلي صورت ۾ موٽائي ڏيو، جيڪو ڪجهہ کوٽيو اٿو ان کي وري مٽي سان ڍڪي دفن ڪري ڏيو، اسان کي اوهان جي انڌن اونڌن ويڄن جي علاج جي ڪا بہ ضرورت ناهي.

## ڀٽائي ريسرچ سوسائٽي جو بنياد

1985ع ۾ پنهنجي دوست بدر ابڙي سان صلاح ڪري سنڌ جي ماڳن مڪانن کي ايڪسپلور ڪرڻ لاءِ انور صاحب ڀٽائي ريسرچ سوسائٽي ناهي. بدر ابڙو ڪتاب تون ڪيڏو ڏور هليو ويو آن جي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو

ان تنظيم ۾ ٻيا ساٿي هدايت منگي ۽ لطف پيرزادو هئا. ان ٽيم مختلف سفر ڪيا جن ۾ ٿر پارڪر، اڇڙو ٿر، نارا ٿر وٽ رڻ پراڻ جون ڪنڌيون، ڍيلٽا سنڌو جو چوڙ، ڪينجهر، منڇر، ڪڇو، ڪاڇو، کير ٿر، ڪوهستان، ساڌ ٻيلو، خضدار، لاهوت، هنگلاج، حب، پب، هاڙهو، هالا، گورک، گجو ۽ ڪوڙ سارا سمونڊي بندر شامل هئا.

آرڪيالاجي جي حوالي سان 1989ع ۾ انور پيرزادو جون سرگرميون اجا وڌي ويون جڏهن پاڻ بدر ابڙو، ڪليم لاشاري ۽ اشتياق انصاري سان مليو.

## سنڌ ايڪسپلوريشن اينڊ ايڊونچر سوسائٽي

بدر ابڙو مضمون ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو:

اسان جي گڏيل مهم جوئي سنڌو جو سفر هئي جنهن جي سڄي رٿابندي ۽ اڳواڻي ڪليم لاشاري ڪئي هئي. اهو اسان جو گڏيل يادگار سفر هيو. جلد ئي ان ٽيم سنڌ ايڪسپلوريشن اينڊ ايڊونچر سوسائٽي جي صورت ۾ پاڻ کي منظم ڪيو ۽ نوي ۾ رني ڪوٽ جي ايڪسپيڊيشن مڪمل ڪئي. ”1992ع ۾ انور ۽ مان ايڪسپلوريشن سنڌ جي پليٽفارم تان ڪيترائي سياحتي ماڳ مڪان گهميا ۽ رپورٽ لکي تيار ڪئي. جڏهن تہ 2002ع ۾ انور ۽ مان کير ٿر ايڪسپيڊيشن ڪئي، ان سفر جو يادگار ڪتاب

انگريزي ۾ شايع ٿيو جنهن جو نالو کير ٿر، ريموٽ بيوٽي هيو. بدر ابڙي لکيو ته ان سفر ۾ اسان ڪٽي جي قبر تائين وياسي ۽ مري مري بچيا سين.“

انور پيرزادي سنڌ جون زري گهٽ سڀ آرڪيالاجيڪل ماڳ گهمي ڏٺا، انهن تي لکيو. تاريخي ماڳ مڪانن جي فهرست پڻ پنهنجي ريسرچ ۾ شامل ڪيائين ۽ 132 سائيٽس لکيائين جيڪي ڪلچرل هيريٽيج آف سنڌ ڪتاب ۾ موجود آهن.

انور پيرزدو جڏهن گلشن حديد شفٽ ٿيو ته اتي جي دوستن کي به هن مهم جوئي تي قائل ڪيو ۽ هڪ ٻي ٽيم ٺهي جنهن ۾ انور پيرزادو، منظور چانڊيو، ثناالله شيخ، فيض خاصخيلي ۽ خالد مغدوم شامل هئا. پوءِ اهي به ڪڏهن ٿر ته ڪڏهن وارهه ته ڪڏهن درياهه جا سفر ڪندا هئا. انور پيرزادي جي خوبي هئي ته پنهنجي راءِ سان دوستن کي هم خيال ڪري هڪ ٽيم جوڙي ڇڏيندو هيو. اهڙا ئي سفر خاص ڪري ڊيلٽا جا هن انور ابڙي، محمد علي شاهه، بدر ابڙي ۽ چندر ڪيسواڻي سان به ڪيا هئا.

انور پيرزادو سفرن تان واپس ايندو هيو ته پاڻ سان پٿائي جي بيتن جون نيون معنائون کي نوان بيت کي حيران ڪندڙ قصا ۽ تاريخي پندپهڻ (فاسل) ميڙي ايندو هيو. امان چوندي هيس سڄو گهر ٺڪرن پٿرن سان تو پري ڇڏيو آهي. بابا وٽ هڪ خاص جيولري باڪس هوندو هيو جنهن ۾ عورتن جا زيور رکبا آهن، بابا ان ۾ مهين جي دڙي ۽ ٻين تاريخي ماڳ مڪانن تان لڌل قيمتي پٿر يا ٺڪريون رکندو هيو ۽ گهر آيل دوستن کي وڏي چاهه مان ڏيکاريندو هيو. جيئن اجازت فلم ۾ ريکا پنهنجا زيور ڪيدي مايا جا خط رکي ڇڏيندي آهي ته نصيرالدين شاهه پڇندو اٿس ته هن ۾ ته تنهنجا زيور هئا نه، ته ريکا چوندي اٿس ها مان پنهنجا ڪيدي توهان جا رکي ڇڏيا. سو اسان جي گهر جا زيور به اهي قديم آثارن جا پٿر هوندا هئا. اهو باڪس هاڻي به اسان وٽ محفوظ آهي.

آرڪيالاجي جي لحاظ کان انور پيرزادي جا جيڪي ڪتاب

پڙهڻ گهرجن انهن مان ”مهين جو دڙو“، ”ڪلچرل هيريٽيج آف سنڌ“، ”ڪير ٿر رموٽ بيوٽي“، ”ايڪسپلورنگ سنڌ“، ”متان وساريو“ ۽ ”سنڌ“ اهم آهن.

انور پيرزادي ڪي آرڪيالاجي ۾ ڪا پروفيشنل ڊگري نہ هئي پر هن جي شوق، مطالعي، کوجنا ۽ لکڻين کيس آرڪيالاجسٽ هجڻ جو اعزازي رتبو ڏئي ڇڏيو هو.

انور پيرزادي پنهنجي پٽ زرار کي پڻ آرڪيالاجي جي شعبي ۾ ڊگري ڪرائي هئي.

پي ٽي وي جي پرک پروگرام ۾ اسلم آزاد جڏهن انور پيرزادي کان اهو سوال پڇيو تہ قديم آثارن سان اوهان جي دلچسپي ڇو ٿي تہ هن وراڻيو تہ:

> ”جديد دور جي تاريخ تہ اسان کي اخبار ۾ روز پڙهڻ لاءِ ملي ٿي پر قديم دور جي تاريخ جي خبر صرف قديم آثارن مان ملي ٿي. اها تاريخ ڪتابن سان گڏ قديم آثارن جي پٿرن ۽ سرن تي بہ پڙهي سگهجي ٿي جنهن لاءِ اتي وڃڻ ضروري آهي سو سنڌ جي تاريخي وجود کي سمجهڻ ۽ قلمبند ڪرڻ جي شوق ۾ اها دلچسپي پيدا ٿي. هنن کنڊرن جو جائزو وٺڻ ڄڻ تہ پنهنجي وجود جو جائزو وٺڻ آهي.“

# سنڌ جي جبلن ۾
# تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهيندڙ محقق

سنڌ جي جبلن تي انور پيرزادي جي ڪيل ڪم ۽ ريسرچ تي اجا ناهي لکيو ويو پر جبلن تي ڪيل تحقيق ۾ سندس اهم حوالو آهي. انور پيرزادي، بدر ابڙي، حاڪم علي شاهه بخاري ۽ ايم ايڇ پنهور، سنڌ جي ڪير ٿر تي انگريزي ٻولي ۾ شاندار ڪتاب، ڪير ٿر دي رموٽ بيوٽي لکيو هو جيڪو هڪ آئل ڪمپني شايع ڪرايو هيو. اهو ڪتاب گليزڊ پيپر، پڪي جلد ۽ رنگين تصويرن سان شايع ڪيو ويو هو جنهن جي فوٽوگرافي محمد علي قادري جي هئي. سال 2002ع کي دنيا ۾ جبلن جو عالمي سال ڪري ملهايو ويو هو ۽ان ئي حوالي سان هڪ ڪمپني اي اين آءِ لاسمو جنهن کي ڪير ٿر ۾ تيل جي کوٽائي جو ٺيڪو مليل هو، ڪير ٿر تي ڪتاب لکڻ جي اسائنمنٽ ان ٽيم کي ڏني هئي. اها ايڪسپيڊيشن جون جهڙي گرم مهيني ۾ ڪئي وئي هئي جڏهن گرمي جو پد پنجاهه ڊگري هيو ۽ مٿان جبلن جو ٿڪائيندڙ سفر. سيني مهم ڪندڙن جي عمر به پنجاهه کان مٿي هئي.

ان ايڪسپيڊيشن جو ليڊر به انور پيرزادو هيو. بدر ابڙو لکي ٿو ته جڏهن اها ايڪسپيڊيشن شروع پئي ٿئي ته ڪمپني وارن هڪ اسٽيمپ پيپر ڏنو جنهن ۾ لکيل هيو ته هن مهم دوران جيڪڏهن اوهان کي ڪو به نقصان ٿيندو ته ڪمپني ذميوار نه هوندي، اسان سيني کي هبڪ پئي ٿئي پر انور بنا دير جي سڀ کان اڳ ان اسٽامپ پيپر تي صحي ڪري ڇڏي. جڏهن اهو خوبصورت ڪتاب ڇپجي آيو هو ته بابا گلشن حديد مان بدر ابڙي کي فون ڪري چيو هو ته:

”بدر ڪتي جي قبر تي چڙهڻ سان جيڪو ٿڪ ٿيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو سو هي ڪتاب ڏسڻ سان اڄ لهي ويو آهي!"

اهو اهڙو ڪتاب آهي جهڙا دنيا ۾ گفٽ بڪس ٿيندا آهن. انور پيرزادو چوندو هيو مان ان موضوع تي انگريزي ۾ جيترو لکيو آهي اهو الڳ ڪتاب بہ ڇپرائيندس، جيڪو انور پيرزادو اڪيڊمي ڇپائڻ جو ارادو رکي ٿي.

ائين ئي ان سفر تي بدر ابڙي سنڌي ۾ هڪ شاندار ڪتاب لکيو آهي جنهن جو نالو منڇر گورک گاج دنيا آهي. اهو ڪتاب بدر صاحب منسوب پڻ انور پيرزادي ۽ ان جي مهم جو ساٿين حاڪم علي شاهہ بخاري، ڪليم لاشاري ۽ اشتياق انصاري کي ڪيو آهي.

بدر ابڙي جي ڪتاب جي هڪ اهم ڳالهہ اها بہ آهي تہ ان ڪتاب ۾ انور پيرزادي جا ڪيل انٽرويوز، هن جا ڳالهايل جملا، هن جا پوڳ، هن جو حيران ٿي ابول چوڻ، لاجواب ٿي شاباس چوڻ، اجرڄ ۾ پئجي مار چوڻ، متاثر ٿي واهہ سائين واہ ڪرڻ، عام ماڻهن کي قرب ۾ ڪچهري سان پنهنجو ڪري وجڻ، آبشار جو آواز رڪارڊ ڪرڻ مطلب هن جو ڪيترين ئي اهڙين ڳالهين جيڪي انور پيرزادي جي شخصيت جو حسن وڌائيندين هيون ايڏي ايمانداري سان لکيون آهن جو ايئن ٿو لڳي ڄڻ انور پيرزادو سفر ۾ پڙهندڙ سان گڏ گڏ سفر ٿو ڪري. هن جو عوام دوست پهلو، هن جي کوجنا، تجسس ۽ ڄاڻ گڏ ڪرڻ جو ڏان ڏاڍي خوبصورت انداز ۾ بدر صاحب قلمبند ڪيو آهي.

انور پيرزادي سنڌ جي جبلن بابت زيبسٽ انسٽيٽيوٽ ۾ انگريزي ۾ ليڪچر بہ ڏنو هيو ۽ لاڙڪاڻي ۾ سنڌي ادبي سنگت طرفان سنڌ جي ڪير ٿر جي موضوع تي ليڪچرپڻ ڏنو هيو جنهن ۾ ڪامريڊ سوڀو بہ شامل هيو ۽ محمد علي پناڻ ان ليڪچر کان اڳ انور پيرزادي جي شاعري تي مقالو بہ پڙهيو هيو

ليڪچر جي شروعات ڏاڍي مزيدار انداز سان ڪندي چيائين تہ مون کي سنڌي ادبي سنگت وارن چيو تہ اوهان ڪهڙي موضوع تي ليڪچر ڏيندا تہ مون کين چيو لاڙڪاڻي جي جبلن يا سنڌ جي ڪير ٿر تي. ان تي سيڪريٽري چيو تہ سائين اسان پيا چاهيون تہ ڪنهن ادبي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موضوع تي ليڪچر ڏيو هان. ان تي مون ڪيس چيو تہ اهو ثابت ڪرڻ منهنجو ڪم آهي تہ جبل بلڪل ادبي موضوع آهي.

پوءِ ليڪچر ۾ هن چيو تہ:

سنڌي ادب جو سڀ کان وڏو موضوع سنڌ آهي ۽ سنڌ جو سڀ کان وڏو شاعر ڀٽائي آهي، جنهن پنهنجي رسالي ۾ سڀ کان وڌيڪ سر جبل تي لکيا آهن. هن سر سسئي تي پنج سر لکيا آهن، جيڪي سڀ جبل جي حوالي سان آهن. سو سنڌ جيڪڏهن ادب جو موضوع آهي تہ پوءِ جبل بہ ادبي موضوع آهي، درياهہ بہ ادبي موضوع آهي ۽ ٿر، ڊيلٽا، ڪڇو، ڪاڇو سڀ ادب ۾ بيان ڪري سگهجن ٿا."

ان حوالي سان هو ڀٽائي جو هڪ بيت ٿو پڙهي جنهن ۾ چوي ٿو تہ ڀٽائي جڻ سڄي سنڌ جي جاگرافي ان هڪ بيت ۾ سمجهائي ڇڏي آهي، اهو بيت آهي.

سارنگ کي سارين، ماڻهو مرگهہ مينهون،
آڙيون ابر آسري تاڙا تنوارين.
سپون جي سمونڊ جون، نئين سج نهارين،
پلر پيارين تہ سنگهارن سک ٿئي.

هو جبل جي جاگرافي بيان ڪندي ٻڌائي ٿو تہ کير ٿر جابلو سلسلو 500 ميل ڊگهو آهي ۽ ان جي هڪ هڪ جبل، هڪ هڪ لڪ، هڪ هڪ ڏنڊ، هڪ هڪ ڍورو، هڪ هڪ چشمو ۽ هڪ هڪ برساتي ندي جو الڳ نالو آهي، جنهن جو هڪ خاص ثقافتي پسمنظر آهي.

پاڻ ان خيال جو آهي تہ جبل جيئن سڄي دنيا لاءِ پاڻي جو وڏو ذريعو آهن، يونيسڪو جي چوڻ مطابق دنيا جي اڌ آبادي جبلن مان پاڻي حاصل ڪندي آهي سو جبل سنڌ لاءِ بہ پاڻي جو اهم زريعو آهن ۽ جبل مان وهندڙ چشمن ۽ نئن جي پاڻي کي نہ پنجاب ٿو روڪي سگهي نہ ڪو ان تي ڊئم ٿو ٺهي سگهي. اهو پاڻي درياهہ سان ملي ڊيلٽا

کي بہ آباد ٿو ڪري. هو انگريزي جي هڪ مضمون The Mountains of Sindh and their management ۾ لکي ٿو تہ:

> The rain water descending from western mountains of Sindh comes directly to the indus. There is no Panjab in the way to make water cuts or diversions of the irrigational supplies. There is also no dam in the way to restrict supply of this water through storage in its lake so it flows unrestrictedly into Indus and its tail end in the deltaic region of Sindh thereby flowing also in the sea making the natural cycle of water flow complete. So the water supplied from mountains is the more beneficial for Sindh. But for it abundant rains are pre requisite.

جڏهن تہ مينهن نہ پوڻ ڪري جبلن ۾ ڪارو ڏڪار آهي. جبلن تي رهندڙ ماڻهو پيئڻ جي پاڻي کان بہ محروم آهن.

پاڻ لکي ٿو تہ:

> ”جيئن درياهہ جي پاڻي جو حق پڇڙي وارن تي وڌيڪ آهي ائين وري جبل جي ڪائنات ۾ پاڻي جو حق جبل جي اتاهين چوٽين جو هوندو آهي ڇو تہ اتان پاڻي وهڻ شروع ڪندو آهي ۽ هيٺ لهي ايندو آهي تہ اهو فرض هيناهين جبل تي رهندڙ ماڻهن جو آهي تہ اهي اتاهين چوٽين تي اهو پاڻي پهچائين جيئن اهي پنهنجو گذر سفر ڪري سگهن.“

جڏهن برسات ناهي پوندي، پاڻي جو ڏڪار هوندو آهي تہ سنڌ جي جبلن جا ماڻهو جبل تان هيٺ لهي ايندا آهن پر هاڻي جڏهن هو هيٺ ٿا لهن تہ ڌرتي تي بہ کين ڏڪار جا ڏنڀ ٿا ملن.

هو ڪير ٿر جو درد بيان ڪري ٿو تہ:

”ڪير ٿر جو فطري ماحول ذري گهٽ تباهه ٿي ويو آهي. سنڌ جي ڪوهستان ۾ ڏڪار آهي. ستن سالن کان برسات نه پئي آهي. نديون، نالا ۽ چشما سڪي ويا آهن. گاجي شاهه وٽ به سئو فٽ ڊگهو بنجو آبشار پهريون پيرو سڪل ڏٺو سي. مال جي جوءِ تباهه ٿي وئي آهي جبل جو سائو پن ختم ٿي رهيو آهي. ماڻهو لڏپلاڻ ڪري رهيا آهن، لڏپلاڻ ڪتي جي قبر تان به ٿي رهي آهي.“

انور پيرزادي پنهنجي ساٿين سان گڏ جبل ۾ پٿرن تي ٿيل چٽسالي ۽ انساني اوائلي تهذيب جا جيڪي نشان ڏٺا اهي سنڌ ڊسڪوري هئا. ان ئي حوالي سان پنهنجي ليڪچر Mountains of Sindh and their management ۾ لکي ٿو ته

The Petroglyphs drawn by the stone age man on the banks of Seeta (torrential) River and many other rocks in Khirthar range ،the fossils of trees at Karchat and Rannikot and of the sea life in Khirthar, the petrified bones of some mammoth discovered in 1982 in Laki range of Sindh and a recent discoveries of bones of some long animal in Gajo hills of Hyderabad besides the pre cambriaz rock formation of the mountain of karoonjhar in the desert, the stone age formation of Rohri hills and the site 101 in Thatta district indicates to the evolution of human civilization in the mountains of Sindh.

سنڌ کي ڊاڪيومنٽ ڪرڻ انور پيرزادي جو مشن هيو، ان حوالي سان هو چئي ٿو جيڪي ملڪ پنهنجي ڌرتي ۽ ذريعن جي مالڪي ڪندا آهن، ان جي هڪ هڪ شي کي ڊاڪيومنٽ ڪندا آهن.

بابا جڏهن سنڌ ۾ سفر ڪندو هيو ته فوڪ وزڊم جا انوکا واقعا،

روايتون ۾ قصا بہ ساڻ ڪٽي ايندو هيو. جبل جي ماڻهن جي روايتن تي هن هڪ ڪالم متان وساريو لکيو هيو جنهن ۾ هو ٻڌائي ٿو تہ جبل جا ماڻهو جبلن ۾ رڳو قبرون ناهن ٺاهيندا پر پٿرن جا هڪڙا ڍير بہ ٺاهيندا آهن ۽ پٿرن جي اهڙن ڍيرن کي لعنتي ڪوٺيندا آهن. هو لکي ٿو تہ:

”جن ماڻهن جي نالن پويان قبرستان ۾ لعنتي نالي
پٿرن جا ڍير ٺاهيا ويندا آهن سي يا تہ ڪنهن ڌارئي
دشمن جي مفاد ۾ مقامي ماڻهن خلاف جاسوسي ڪندا
آهن يا ڪنهن پريمي جوڙي خلاف سازشون ڪندا
آهن يا اهڙي دوکيبازي ڪندا آهن جيڪا سنڌي
روايتن مطابق شرمناڪ حرڪت تصور ڪئي ويندي
آهي. اها سماجي روايت سنڌ جي ڳوٺاڻي ماحول ۾
عام ماڻهن کي سماجي براين کان پاسو ڪرڻ جي
تلقين ڪندي آهي.“

جبل جي جهنگلي جيوت جي حسين ترين جانور هرڻ تي بہ هن هڪ الڳ ڪالم لکيو هيو جيڪو پڙهڻ وٽان آهي.

ڪتي جي قبر واري ماڳ لاءِ چوي ٿو تہ ڪتي جي قبر وارو ماڳ جڻ ڪشمير جي ٽڪري آهي. هي ماڳ زمين کان ست هزار نو سو فٽ مٿي آهي. هي ماڳ سنڌ جي ٽوئرازم لاءِ بهترين ماڳ ٿي سگهي ٿو جنهن لاءِ ڪتي جي قبر تي بلوچستان جي دعوي جو پسمنظر واري مضمون ۾ لکي ٿو تہ:

”جيڪڏهن ڪتي جي قبر واري ماڳ کي سنڌ سان
ملائي رکڻو آهي تہ پوءِ سنڌ حڪومت کي گهرجي تہ
دادو ۽ لاڙڪاڻي وارن ٻن پاسن کان ڏاڙهياري جبل
تائين پڪو رستو تعمير ڪرائي، اتي بجلي آٽي ۽
پاڻي جو بندوبست ڪري.ان سان هڪ تہ اتي رهندڙ
ماڻهن جو سنڌ سان لاڳاپو ٿيندو ۽ ٻيو مري ۽ زيارت
کان بہ بهتر تفريح گاهہ جڙي سگهندو. پري پري کان
خاص ڪري اونهاري جون گرميون گذارڻ لاءِ هتي

سياح ايندا ۽ سنڌ حڪومت جي آمدني ۾ اضافو ٿيندو.“

هن ماڳ جي سرحد جي حوالي سان بلوچستان ۽ سنڌ ۾ تڪرار بہ هلندڙ آهي ۽ ان ۾ چيتا ۽ ڳائيچا زاتين جو جهيڙو بہ آهي ۽ ان جا پيا بہ تفصيل آهن جيڪي پاڻ لکيا اٿس پر جيئن اڳ ۾ فوڪ وزڊم جي ڳالهہ هلي تہ هن ان مسئلي جو حل هڪ مقامي ماڻهو جي ڳالهہ سان ڏنو آهي، انگريزي ڪتاب دي ڪلچرل هيريٽيج ۾ لکي ٿو تہ:

However the solution of this controversy suggested by an ordinary inhabitant of Sindh Mountains was bit natural. He aids just watch the rain water falling on the Dogs grave and see in what direction it flows. And you will find that it flows towards Sindh. It is therefore that this site is located in Sindh and not in Balochistan.

انهن ڏکين سفرن سندس صحت کي بہ نقصان ڏنو هو پر سنڌ جو هي عاشق ۽ سيلاني مسافر درياهہ هجي ڪڇو هجي ٿر هجي ڪاچو هجي ڊيلٽا يا ڪوهستان هجي پنهنجي جان جوکم ۾ وجهي بہ سنڌ لاءِ ڪم ڪندو هو.

بدر ابڙو پنهنجي ڪتاب منچر گورک گاج دنيا ۾ لکي ٿو تہ:

”انور جي طبعيت ٺيڪ نہ هئي، هن کي ڪتي جي قبر واري پنڌ دوران تڪليف اچي وئي هئي. هڪ جبل جون اوچايون پيو لاڳيتو پنڌ ۽ بي آرامي، ٺڪ پيچرو جو موقعو اصل نہ هو ۽ سڀ کان وڏي تڪليف صاف پاڻي نہ هئڻ جي. جڏهن سج سوا نيزي تي هجي ۽ جبل جو پنڌ هجي تڏهن بڪين، جيري ۽ ٻئي جسماني نظام کي نقصان ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي. انور جو جيرو ڪمزور هيو، هيءُ سٺ ڪيئن جهلي سگهيو هوندو.“

جڏهن بابا ڪراچي واپس آيو تہ طبعيت صحيح نہ هئس ۽ ڪيس ٻيو پيرو لور ايبسيس ڊائيگنوز ٿيو هو.

اهڙيون ڪيترين ئي تڪليفون انهن سفرن ۾ ڪيس مليون ۽ ڪيترين ئي راتيون هنن مسافرن رڻ ۾ تہ ڪڏهن درياهہ جي ڪناري تي گذاريون.

بدر ابڙو ڪتاب ۾ ٻڌائي ٿو تہ:

> ڪاچي ۾ هڪ هنڌ اسان کي شام ٿي وئي ۽ واپسي جو رستو ڀلجي ويا سي سو اونده ۾ بہ ڪلاڪ رلي رلي هڪ روشني نظر آئي تہ اوڏانهن وياسي، انور ۽ محمد علي قادري گاڏي مان لٿا تہ بہ هٿيار بند انهن ٻنهي تي بندوقون سڌيون ڪري بيهي رهيا، انهن پڇيو ڪير آهيو ڪاٿان آيا آهيو؟ هتي ڇا ٿا ڪيو؟ انور هڪدم چيو مسافر آهيون، رستو ڀلجي ويا آهيون، ڪو ماڻهو ساڻ ڪري ڏيو جيڪو رستو ڏيکاري يا وري رات توهان جا مهمان آهيون... هٿيار بندن چيو ماڻهو تہ نہ ٿا ڏئي سگهون باقي رات رهي سگهو ٿا. انور هڪدم اسان کي چيو اسان رات هتي آهيون... اها رات انهن اسان جي خدمت ڪئي ۽ انور انهن سان دير تائين ڪچهري ڪئي.

سو سفرن ۾ اهڙا ايڊوينچر بابا جي زندگيءَ جو حصو هيا.

ٿوئر ازم جي حوالي سان هن سنڌ جي ڪير ٿر واري ليڪچر ۾ اها صلاح بہ ڏني تہ سنڌي ماڻهن کي گورک وانگر گرمين جي موسم ۾ سيوهڻ جي پرسان بڊو جبل بہ گهمڻ گهرجي جتي پهچڻ سان سنڌ جي گرمي ختم ٿي وڃي ٿي توڙي جو اها جاءِ گورک جيتري ٿڌي ناهي پر پوءِ بہ اونهاري ۾ وٽندڙ ٿڌ جو مزو وٺي سگهجي ٿو. اتي ڪائي جي رستي تي هڪ حسين نخلستان بہ ڏسڻ جهڙي جاءِ آهي.

نئن گاج بہ ڏسڻ جهڙي جاءِ آهي جيڪا سنڌو ڪان پوءِ سنڌ جي وڏي ۾ وڏي ندي آهي.

ٽوئرازم جي لحاظ کان ٿر جو ڪارونجهر جبل جيڪو سڄو گرينائيٽ آهي، ان کان سوا رني ڪوٽ به ورلڊ هيريٽيج سائيٽ ۽ زبردست سياحتي ماڳ آهي پر سياحن لاءِ گهربل سهولتون ڪٿي به ناهن.

سنڌ جي قدرتي وسيلن جي رائلٽي سنڌ کي نه ٿي ملي، سنڌ ۾ ٽوئرازم ناهي ان سڄي صورتحال تي ڪتاب متان وساريو ۾ لکي ٿو ته:

”لڳي ٿو ته سنڌ هڪ اهڙي پيٽرول جي ٽانڪي آهي
جنهن ۾ فطرت متان کان قيمتي تيل پيو رهي آهي
پر ان جي تري ۾ بوڪڙو چورن ڪو اهڙو ڳجهو سوراخ
ڪري ڇڏيو آهي جنهن ڪري ٽانڪي خالي ٿي
وڃي ٿي ۽ سنڌ ۾ غربت راڄ ڪندي رهي ٿي.“

# ٿرِ سنڌو تهذيب ڳوليندڙ

انور پيرزادي پنهنجي ڳوٺ ۽ پٽ شاهه کان پوءِ سڀ کان گهڻا سفر ٿر جا ڪيا هئا. هو ٿر تڏهن کان ويندو هو جڏهن اتي اجا پڪا روڊ نہ ٺهيا هئا ۽ ماڻهو ڪيڪڙي يا ڪيڪڙي تي سفر ڪندا هئا ۽ مٺي کان ننگر تائين اٺ ڪلاڪن جو وقت لڳندو هيو جيڪو هاڻي ٻہ ڪلاڪ وڃي بچيو آهي. ٿر سان ٻہ سندس انسيت اهڙي ئي هئي جهڙي مهين جي دڙي ۽ سنڌو درياهه سان هئي.

هو ٿر کي سنڌو تهذيب جو جيئرو جاڳندو ميوزم چوندو هو. ٿر ۾ مهين جي دڙي واري وڃايل سنڌو تهذيب ڳولڻ ويندو هو ۽ چوندو هو مهين جي دڙي جا اهي سڌريل ماڻهو مهين جي دڙي جي تباهي کان پو گهڻو ڪري هتي لڏي آيا هئا. لکندو هو تہ:

> مهين جي دڙي مان لڌل مورتي جنهن کي انگريزن ڊانسنگ گرل جو نالو ڏنو آهي انجي ٻانهن تي چوڙا اوهان کي هاڻوڪي سنڌ ۾ صرف ٿر ۾ ملندا. مهين جي دڙي ۽ هڙاپا مان مليل مهر تي چپيل ڏاند جا سڱ يا ٿر ۾ آهن يا پاڳنارڙي ۾. ڪولهين جي ڏورن تي هڪ داغ جنهن کي پاڳوڙو چون ٿا سو سنڌو لکت جي هڪڙي حرف جهڙو هو. ان ڪري اصلي سنڌ گهڻو ڪري ٿر ۾ نظر ايندي.

ڪتاب سنڌ ۾ هو سنڌو ياترا تي لکيل رپورٽ ۾ پڻ اهڙي ڳالهہ ڪري ٿو، لکي ٿو تہ ٿر ۾ رهندڙ ڪولهي، ڀيل ۽ مينگهواڙ پڻ موهن جي دڙي جا اصل وارث آهن ۽ انهن سيني ماڻهن جا وصف موهن جي دڙي واري ناچڻي يعني ڊانسنگ گرل وارا آهن، رنگ ڪارو، چپ ۽ نڪ ٿلها ۽ قد پورو سارو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي لکيل مضمون ٽائيم بجيٽنگ ۾ جيڪو ڪتاب سنڌ ۾ آهي هو لکي ٿو ته:

”ڏکڻ ڏورن جي اڻاٺ ٿيندي پئي وڃي، پاڻي جي ڏڪار سبب مال جي جوء تباهه ٿي وئي آهي. ٿر، جبل، ڪاڇي، ۽ ڪڇي ۾ ڏور بک وگهي ڪمزور ٿي بيمارين جو بک ٿي رهيا آهن. ان ڪري مهين جي دڙي جي مهر تي بيٺل ڏڳو هاڻي رڳو ٿر ۾ نظر ايندو باقي سڄي سنڌ تي گڏهه جي حڪمراني آهي.“

هي ست وڏي معني تي رکي ۽ سنڌو تهذيب جي زوال جو اڄو چٽو ظاهر ٿي ڪري.

ٿر کي ان تهذيب سان ملائڻ جا بابا وٽ پيا به دليل آهن. مهين جي دڙي جي هڪ مٽ مطابق مڌر گاڏيس جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. اتي عورت کي ڪاري ڪري اجوکي سنڌ وانگي کهندا نه هئا. سنڌ ۾ ڪارو ڪاري جا واقعا به اسان کي رڳو ٿر ۾ نه ٿا ملن باقي ته سڄو سال اخبارون ڪارين جي لاشن سان پريون پيون آهن. ان حوالي سان هو ڪتاب متان وساريو جي ڪالم ۾ ٿري عورتن جو ملهايل هڪ ڏڻ ٿو ٻڌائي جنهن ۾ چون ٿا ڪاسبي ڳوٺ ۾ ڪانهوڙو يا ڪانوڙهو نالي هڪ رسم ۾ صرف عورتون حصو وٺنديون آهن جنهن ۾ ڪرشن ڀڳوان جي مٽي جي مورتي ٺاهي ان کي عورتاڻا ڪپڙا پارايا ويندا آهن ۽ پوء دهل تي ان جي چوڌاري ڦيچ ۽ سهرا ڳائي ناچ ڪنديون آهن. ان رسم جو پسمنظر اهو آهي ته اهو ٿر جي عورتن جو ڪرشن ڀڳوان کي هڪ خراج هوندو آهي چو ته ڪرشن ڀڳوان هڪ اهڙي راڪشس کي نابود ڪيو هو جيڪو جيستائين جيئرو هو عورتن سان ڏاڍائي ۽ لڄالٽ ڪندو هيو.

اهو واقعو بيان ڪري لکي ٿو ته:

”عورت جو احترام ۽ آزادي وارو تصور دنيا جي مڙني مذهبن کان اڳ پراڻي سنڌو ماتري واري تهذيب ۾ سڀ کان اول ٿو ملي پر اڄ اسان وٽ جيڪا عورت

جي بيعزتي ٿي ٿئي سان مهين جي دڙي واري سنڌو
تهذيب جي زوال جو تسلسل آهي."

ڪتاب متان وساريو جي هڪ ٻي ڪالم ۾ بہ هو ٿرين جي امن پسندي سادگي ۽ فطرت سان عشق ڪي بيان ڪندي هڪ ڪراچي ۾ ٿر جي نوجوان جو مڪالمو ٿو لکي جنهن ۾ ڪراچي جو هڪ پڙهيل لکيل نوجوان هڪ ٿري کان ٿو پڇي تہ هتي ٿر ۾ تہ ڪجھ بہ ناهي اوهان ڪراچي ڇو نہ ٿا هلي رهو، جنهن تي هو ٿري هن کي دليل ٿو ڏئي ۽ چوي ٿو تہ ڪراچي ۾ روز لاش ملندا آهن پر هتي سڄي سال ۾ ٿاڻي تي ورلي ڪا ايف آئي آر درج ٿيندي آهي، اوهان وٽ مينهن پوندو آهي تہ گٽر اٿلي پوندا آهن جڏهن تہ ٿر مينهن کان پو ڪشمير ٿي ويندو آهي، اوهان ڪراچي ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٽريفڪ ۾ ڦاٿل هوندا آهيو اسان کي اهڙي ڪا تڪليف ناهي ٿيندي، اوهان ٽماٽو کائي پاڻ کي پٿري جي بيماري ڪندا آهيو جڏهن تہ ٿر جو ڇيڙ اهڙي بيماري ناهي ڪندو.

سو امن پسندي، قديم سنڌ واري تهذيب، مختلف مذهب هوندي گڏ رهڻ ۽ عورت جي عزت ۽ آزادي وارو تصور ئي هو جيڪو انور پيرزادي کي ٿر ڇڪي ويندو هو ۽ هو باقي سنڌ کي بہ ايڏو سڌريل ڏسڻ جا خواب ڏسندو هو.

جڏهن ٿر کي هو اهڙي شاهوڪار تهذيب هوندي ۽ قدرتي وسيلن سان مالا مال هوندي غربت ۽ ڏڪار ۾ پيڙجندي ڏسندو هو، رستن تي جانورن جا ڍانچا ڏسندو هو ۽ ڏڪار ۾ غذا جي ڪمي ڪري ننڍن ٻارن کي مرندي ڏسندو هو تہ ان تي پنهنجي لکڻين توڙي تقريرن ۾ ٿر جي حقن لاءِ آواز اٿاريندو هيو.

هم ٽي وي جي پروگرام مقدمہ سندھ جيڪو يوٽيوب تي موجود آهي انٽرويو ڏيندي چوي ٿو تہ:

پاڪستان جو سڀ کان اهم ۽ شاهوڪار علائقو
سنڌ آهي.

We have got 200 billion tons of coal in Thar,

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

we have got 125 sq km of granite in Thar, we have got 100 miles of strip of china clay in thar!

۽ ٿر اهو علائقو آهي جنهن ۾ هر سال ڏڪار ٿيندو آهي، ماڻهو مري ويندا آهن. جڏهن اوهان ٿر ۾ سفر ڪندا آهيو تہ رستي جي ٻنهي پاسي اوهان کي جانورن جا ڍانچا نظر ايندا آهن.

سنڌ جو ڪارونجهر جبل جو هڪ ٽائيل ڪراچي جي مارڪيٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ هزار جو ملندو آهي، پر سنڌ جي رائلٽي سنڌ کي نہ ٿي ملي ٿر جي رائلٽي ٿر کي نہ ٿي ملي.

رزاق آباد مشاعري جي تقرير ۾ انور پيرزادي جو چوڻ هيو تہ:

سنڌ جي جاگرافي پنج فيڊريٽنگ يونٽس جي ٺهيل آهي ڪڇو، ڪاڇو، ڪوهستان، ٿر ۽ ڊيلٽا، سنڌ جي سياسي تاريخ کي اڌ صدي گذري آهي پر ٿر کي اسان نظر انداز ڪيو آهي، سنڌ ۾ انهن پنجن ئي حصن جو حڪومت کي هڪ جيترو خيال رکڻ گهرجي.

هاڻي جيڪي ٿر ڪول پراجيڪٽ هلي رهيا آهن انهن ۾ بہ ٿر جي عام ماڻهو کي رليف نہ ٿو ملي.

انور پيرزادو اين ايف سي ايوارڊ جي ورڇ تي بہ اعتراض ٿو ڪري جيڪا آمدني بدران آبادي جي بنياد تي رکي وئي هئي.

ٿر جي ڏڪار جو مقابلو ڪيئن ڪجي ان لاءِ حل ٿو ٻڌائي تہ ٿر ۾ ٻين ڳالهين کي ڇڏي رڳو سياحت کي ترقي وٺائي وڃي تہ هوند اتي ڪڏهن بہ ڏڪار نہ پوي.

هو صلاح ٿو ڏئي تہ:

- اهڙا پئمفليٽ ڇپرائڻ گهرجن جنهن ۾ سياحن کي مينهن کان پوءِ ٿر گهمڻ لاءِ اتساهيو وڃي.

- اهڙا ٽوئرسٽ بروشر ڇپرائڻ گهرجن جنهن ۾ ٿر جو نقشو ڏنل هجي.
- سنڌ جي مختلف شهرن ڏانهن ٿر ڏي اينـدڙ رسـتـن جـي انـهـن ۾ نشاندهي ٿيل هجي.
- مينهن کان پو سڄي سنڌ مان ٿر جي علائقـي ڏي خاص ڪـوچـز هلايون وڃن، ٿر جي هر ننڍي وڏي شهر ڳـوٺ، هـيـڊ ڪـوارٽـر ۽ ضلعي ۾ چئونرن جا ريسٽ هائوس ٺاهيا وڃن.
- ٿر جي روڊن جي ڀرسان پاسن تي هٿ جي هنرن جـا اسـٽـال لڳـايـا وڃن جنهن ۾ هينڊيڪرافٽ سان گڏ ٿر ۾ مينـهـن کـان پـوءِ ڦـٽـي نڪتل تازا ميوا ۽ تازيون ڀاڄيون به هجن.
- پلر جو پاڻي فلٽر ڪري صاف بوتلن ۾ وجهي رستن تي ايئن ڪپايو وڃي جيئن منرل واٽر ڪپائبو آهي.
- اهو سڀ ڪرڻ سان اها آمدني ٿيندي جيڪا هو ڏڪار جي ڏينهن لاءِ بچائي رکندا جنهن سان اڳ ۾ مال جو چارو ۽ پوءِ پنهنجي کـاڌ خوراڪ جو بندوبست ڪندا.

ٿر جي عورتن جي هنر ۽ ٿر جي سماجي ڪلچر ۾ عـورتـن جـي ڪردار تي انگريزي اخبار ۾ هڪ اسٽوري ۾ لکي ٿو تہ ٿـر جـي عـورت تي اتان جو مرد ڪنهن بہ قسم جي بالادستي نہ ٿو ڪري سگهي ڇو تـہ ٿر جي عورت هر ڪم پوءِ اهو چوئنرو ٺاهڻ هجي، مـال چـارڻ هـجـي، ڪوپرت يا ڪپڙي جو هنر هجي مرد جي برابر ساٿياڻي آهي.

ٿر ۾ نواز علي کوسي سان گهٽيون ڪچهريون ٿينديون هـيـس ۽ نوازعلي کوسو ڪيس ٿر جي تاريخ، پٽائي جا بيت ۽ سنڌ بابـت گـهـڻـو ڪجهہ ٻڌائيندو هيو.نواز علي کوسي جي شخـصـيـت تـي بـابـا هـڪ خاڪو لکيو هو جيڪو جڻ تہ خاڪا نگاري جو مثال آهي. اهو خاڪو ڪتاب مهين جي دڙي جي آخر ۾ ڏنل آهي جنهن ۾ هو لکي ٿو تہ:

> هي شخص ڪارونجهر جي تاريخ پنهنجي سيني ۾ سانڍيون وتي. ڪو بہ ٻاهريون ماڻهو ٿر گهمڻ وڃي تہ ننگر پارڪر شهر ۾ هوندي نواز علي کوسي سان نہ ملي تہ چئبو هن نہ ڪارونجهر گهمي ڏٺو ۽ نہ ٿر ڏٺو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندوستان ۽ پاڪستان جي حدن ۾ وڇايل راجستان
ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي تاريخ ۽ لوڪ ڪهاڻيون بر
زبان ياد رکندڙ هن شخص سان اوهان جنهن بہ
موضوع تي ڳالهايو اوهان جي معلومات ۾ اضافو
ٿيندو. ڀٽائي ۽ ڪبير جا بيشمار بيت ياد اٿس ۽
گفتگو دوران سوچي سمجهي اهڙي جاء تي بيت
استعمال ڪندو جو ٻڌندڙ ڪان ڇرڪ نڪري ويندو.
نئين ڪنڊ جي ديو مالائي تاريخ جون ڪٿائون هن جي
گفتگو کي پنهنجي ڪلهن تي کڻي هلنديون آهن.

اقرار پيرزادي بہ پنهنجي ڪتاب ۾ نواز علي ڪوسي تي خاڪو لکيو آهي جنهن ۾ لکيو اٿس تہ نواز علي ڪوسي سان ملڻ کان پوءِ مون کي ڪاڪي انور جي اها ڳالھ سمجھ ۾ اچي وئي تہ علم فيلڊ ۾ آهي ۽ لائبريرين ۾ ڪتاب هوندا آهن.

مون کي ياد آهي تہ اسان جي گلشن حديد واري گهر هڪ ڀيرو نواز علي ڪوسو ٿوري دير لاءِ بابا سان ملڻ آيو هو. اسان پنهنجي پر ۾ هن جي گهڻي خدمت ڪئي پر جڏهن هو هليو ويو تہ بابا مون کي چيو تہ اسان ٿر جي ماڻهن جي اهڙي خدمت نہ ٿا ڪري سگهون جهڙي هو اسان جي ٿر ۾ ڪندا آهن.

پاڻ پنهنجي سنگتين بدر ابڙو، منظور چانديو، قربان پيرزادي سان گڏ روپلي ڪولهي جي شهادت وارو هنڌ ڳولي لڌو هئائين. اهو هنڌ جتي روپلي ڪولهي کي ڦاهي ڏني وئي هئي ڳولرائڻ ۾ پڻ مدد پڻ نواز علي ڪوسي ڪئي هئي. انور صاحب ساڳي خاڪي ۾ لکي ٿو تہ:

وڏي ڄمار جو مهرو ڪولهي سڄي سنڌ ۾ اڪيلو
جيئرو ماڻهو آهي جنهن اهو ٻير ڏٺو هو جنهن ۾ رسو
تنگي جهونجهار روپلي ڪولهي کي امر زندگي ڏني
وئي هئي. نواز علي ڪوسي ان مهرو ڪولهي کي هٿ
ڪيو ۽ گوڙدڙي جي ڇوڙ وٽ ساڄي ڪنڌي تي هڪ
ننڍڙي ڊِب تي چڙهي ويو. مهرو ڪولهي ان ڊب جي

هڪ لاهي تي هڪ لٺ کوڙي، هن هنڌ اهو ٻير هو جتي جهونجهار کي ڦاسي ڏنائون. ٽيم جي ميمبرن هتان هتان پٿر ميڙي ننڍي ماهي ٺاهي. هاڻي روپلي جي ڦاهي وارو هنڌ گمنام نہ رهندو.

تازو مان دوستن سان ٿر ويو هيس تہ اتي اسان اهو پڪو يادگار ڏٺو جنهن جو بنياد انور پيرزادي ۽ ان جي دوستن رکيو هو.

انور صاحب لکڻين ۾ مارئي جو بہ گهڻو ذڪر ٿو ڪري، ڪتاب متان وساريو ۾ لکي ٿو تہ:

سڄي ٿر ۾ پڪا روڊ ٺهي ويا آهن پر مارئي جو کوهہ تائين اجا روڊ نہ پهتو آهي. مارئي جيڪا ٿر جي سڃاڻپ آهي جيڪا محب الوطني جي علامت آهي جيڪا ست ۽ سيل جي ديوي آهي، جيڪا سنڌ جي سيتا آهي. هو هر سال مارئي جو ميلو لڳائڻ تي زور پري ٿو. روپلي ڪولهي جي ميلي لڳائڻ جي پڻ تجويز ڏئي ٿو.

پاڻ لکي ٿو تہ:

ٿر کي سڪار لاءِ 200 ملي ميٽر مينهن هر صورت ۾ کپي پر ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي جو ضرورت کان وڌيڪ مينهن پوڻ سان بہ فصل تباهہ ٿي ويندا آهن.

ان صورتحال ۾ ڪيس ڀٽائي جي ست ڏکي توءِ ڏڪار تـوڙي وسـن مينهڙا لاجواب ٿي ڪري ڇڏي، جنهن تي هو لکي ٿو تہ:

ڀٽائي ٿر جو ڪيڏو نہ ڳوڙهو اڀياس ڪري هي ست لکي هوندي...!!

# بحيثيت هڪ ترقي پسند نقاد

انور پيرزادي جو جڳ مشهور حوالو ڀٽائي جي پارکو وارور رهيو آهي جنهن جو مطالعو سندس ڪتاب ڀٽائي توڙي سندس هر تحرير تقرير ۽ انٽرويو ۾ ڪري سگهجي ٿو پر انور پيرزادي جديد سنڌي ادب ۽ مختلف ليکڪن تي به سڄي عمر لکيو جيڪو انور پيرزادو اڪيڊمي ڪتاب جديد سنڌي ادب ۾ شايع ڪيو هو. ان کان سوا سنڌي لئنگويج اٿارٽي جي ڏنل اسائنمنٽ تي ريسرچ ڪري سنڌي ادب ۽ ٻولي جي تاريخ تي انگريزي ۾ ڪتاب لکيو هئائين جيڪو

Sindhi Language and Literature a brief account

جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيل آهي.

بابا جي ايم اي به انگريزي ادب ۾ ٿيل هئي.

سندس ادبي مضمونن ۽ انٽرويوز جو جائزو ونجي ٿو ته ائين ٿو لڳي ڄڻ هي شخص ادبي لکڻين جون خاميون ڳولڻ کان وڌيڪ انهن جي خوبين جي تلاش ۾ آهي ۽ جڏهن ڪيس اهي خوبيون نظر ٿيون اچن ته انهن تي سمنڊ جيڏي وڏي دل سان ساراهه ٿو ڪري. انهن ليکڪن کي وڌو مان ٿو ڏئي ۽ نوجوانن کي همٿائي ٿو. ننڍين ننڍين چڪن ڪيڻ ۾ وقت ضايع ڪرڻ بدران جڏهن ڪنهن ليکڪ جي لکڻي ۾ ڪيس ڪا خامي نظر ٿي اچي ته ان کي تاريخي ۽ مجموعي ادبي پسمنظر ۾ ٿو ڏسي. خرابين سان ته دنيا ۽ دنيا جو ادب ڀريو پيو آهي پر اسان جو مقصد دنيا ۽ دنيا جي ادب جون خوبيون تلاش ڪرڻ هجڻ گهرجي.

اهو بحث گهڻو پراڻو آهي ته ادب ڪيئن هجڻ گهرجي، ادب براء ادب يا ادب براء زندگي، ادب ڪنهن سياسي نظرئي سان سلهاڙيل هجڻ گهرجي يا نه، فن کي وڌيڪ اهميت آهي يا فڪر کي، پابند


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعري وڌيڪ بهتر آهي يا آزاد، ڪير عظيم شاعر آهي ڪير نمبر ون ڪير نمبر ٽو آهي، اديبن لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي وغيره. انهن سڀني موضوعن تي پاڻ تفصيل سان پنهنجي ڪتابن ۾ ڳالهايو ۽ سمجهايو اٿس. جنهن ۾ پنهنجي الڳ گائيڊ لائين ڏني اٿائين.

سنڌي ادبي سنگت گلشن حديد ۾ جڏهن ناميارو شاعر اياز جاني سيڪريٽري هيو ته هڪ مذاڪرو ڪوٺايو هئائين جنهن جو عنوان هيو ڇا ادب لاءِ نظريو ضروري آهي ۽ ان مذاڪري ۾ انور پيرزادو به پينل ۾ شامل هيو. مذاڪري کان پوءِ سندس اهو مضمون لهرون رسالي ۾ اياز جاني شايع ڪيو هو جيڪو جديد سنڌي ادب ڪتاب ۾ هاڻي شامل آهي. ان مضمون ۾ لکي ٿو ته:

> نظريو پاڻ ادب جي پئداوار آهي ۽ ادب لاءِ نظريو نه پر نظرئي لاءِ ادب ضروري آهي. نظريا سياسي، معاشي ۽ سائنسي نوعيت جا هوندا آهن پر ادب زندگي جو نظريو آهي. سياست، معيشت ۽ سائنس وغيره جنهن جا جزا ٿين ٿا. شاعري، افسانو ۽ ناول وغيره زندگي جي تصوير چٽيندڙ اهو تخليقي ادب آهي نظريا جنهن مان تخليق ٿين ٿا. ڪنهن سياسي نظرئي جي لڪير جو فقير ٿيندڙ ادب پرچاري ادب ڪوٺجي ٿو، پروپئگنڊا وارو ادب هجي ٿو جنهن جو تعلق انساني امنگن واري تخليق سان بنهه ڪونهي. ادب ڪنهن به سياسي ڪوري جو ٻارڻ ناهي، پر پاڻ انقلاب آهي.

هو ڪچهرين ۾ ٻڌائي صاحب جي سٽ پڙهندو هيو ته اوچي ذات اٺن جي وڻ وڻ وات وجهن ۽ چوندو هيو ان سٽ ۾ ڪهڙو سياسي نظريو آهي پر اهو آرٽ آهي ۽ زندگي جي حقيقت آهي جنهن کي تخليقي پيرائي ۾ اظهاريو ويو آهي.

مٿي ڏنل ادب بابت انور پيرزادي جي راءِ ان ڳالهه کي واضح ٿي ڪري ته ڪنهن به موضوع تي لکيل ادب جو بنيادي شرط ان جو آرٽ ۽ تخليقي هجڻ آهي جنهن ۾ فڪري اظهار به تخليقي سطح تي

اپاريل هجڻ لازمي آهي. ان ڪان پوءِ ٻيا سڀ معيار پرکي سگهبا آهن.

هو ادب براء ادب ۽ ادب براء زندگي ٻنهي فڪرن کي نه ٿو مڃي ۽ ٻنهي جي ميلاپ کي سگهارو ادب سڏي ٿو. هڪ انٽرويو ۾ چئي ٿو

ادب براء ادب جي رجحان وارا آرٽ تي زور ڏيندا آهن ۽ ادب براء زندگي وارا رڳو زندگي تي زور ڏيندا آهن. آئون انهن ٻنهي جي خلاف آهيان. ادب ۾ زندگي فٽ ڪئي وڃي ۽ ان ۾ آرٽ نه هجي ته آئون ان کي ادب ڪوٺڻ لاءِ تيار ناهيان ۽ رڳو لفاظي هجي، لفظن جي جگلري هجي، ان ۾ زندگي نه هجي، ته ان کي به آءِ لٽريچر قبول ڪرڻ لئه تيار ناهيان، لٽريچر ٻنهي جو خوبصورت سنگم آهي.

انور پيرزادو ان خيال جو آهي ته اوهان جي فن ۾ به تازگي تڏهن رهندي جڏهن اوهان زندگي جي ويجهو ٿيندوءِ ۽ عام ماڻهن جي مسئلن جو ڳوڙهو اڀياس ڪري سگهندوءِ. هو اڪثر ڪچهرين ۾ چوندو هيو ته ادب ۾ فوڪس انسان تي ڪرڻ گهرجي ۽ بيڪار ڪاغذ ڪارا ڪري مس جو زيان نه ڪرڻ گهرجي پوءِ هو پنهنجي مخصوص انداز ۾ پٽائي جو اهو بيت پڙهي ٻڌائيندو هيو ته:

ڪوهه ٿو ڪاڳر ڪورئين وينو وڃائين مس،
ڏور ٿئائين ڏس، اکر جيئائين جڙيا.

هو سمجهائيندو هيو ته اکر انسان مان جڙندا آهن. انسان وري مٽي مان ٺهيو، ان تي پٽائي جي اها سٽ به پڙهندو هيو ته:

سو نه ٻي ڪنهن شي ۾ جيڪي منجهه تراب.

ڪتاب جديد سنڌي ادب ۾ مير محمد پيرزادي سان سڪرنڊ ۾ ملهايل شام ۾ پڙهيل پيپر ۾ لکي ٿو ته:

سچو فنڪار اهو آهي جيڪو عوام جي تحريڪن سان پاڻ کي ڳنڍي ڇڏي. عوامي هلچل ۽ تحريڪن سان ويجهي رهڻ ڪري هن جي فن تي ڪڏهن جمود

نہ ايندو. عوام کان ڪٽيل اديب ۽ فنڪار محدود
دائري ۾ فن کي ڦيرائيندو گهيرائيندو رهندو، نتيجو
اهو نڪرندو تہ هن جي فڪر جا ساڳيا پهلو وري وري
پيش ٿيندا رهندا، هن جا ڪردار وري ساڳيا موٽي
ايندا ۽ هن جا لفظ وري وري پيا استعمال ٿيندا.
فنڪار کي نئين سر نوان ڪردار، خيال ۽ لفظ تڏهن
ملي سگهندا جڏهن هو عوام جي سداحيات هلچل
جو ساٿ ڏيندو.

اهڙو اظهار هو حسن منصور جي شاعري تي لکيل مضمون نئين ٿهي جا سنڌي شاعر ۾ پڻ ڪري ٿو تہ:

پنهنجي شاندار شاعراڻي ورثي جي مطالعي کان پو
ان ڳالهہ جي ضرورت آهي تہ فنڪار جي عام آدمي
سان سماجي لهہ وچڙ قائم رهي. ليڪڪ جنهن ماحول
۾ اٿي ويهي ٿو اتي جا ڪردار ئي هن جي لکڻين کي
ڪڻي هلندا. قرت العين حيدر ۽ ڪرشن چندر جا
ڪردار ڏسو، هڪڙا وڏ گهراڻا، سهڻا ستابا ۽ اوچي
نسل جا تہ بيا پان وارا، رڪشا هلائيندڙ فٽ پاٿن جا
ڪردار. اهو فرق ليکڪ جي سماجي ماحول جو
آهي. ان ڪري عوامي شاعر اهو آهي جيڪو ڏتڙيلن
۽ غريبن جي وڏي اڪثريت سان رشتو جوڙي،
ڪارن، ڪوجهن، ڪوڙن ۽ اهڙن ماڻهن سان پيار
ڪري جن لاءِ پٿائي چيو هو پاند جنين جي پاند سان
لڳو ٿئي لڄ.

پاڻ عوامي ٻولي ۾ شاعري ڪرڻ واري فن کي بہ ساراهي ٿو.
استاد بخاري لاءِ لکي ٿو تہ:

استاد بخاري جي شاعري ادب جي لڄ رکڻ واري هڪ
وڏي ڪوشش آهي جنهن ۾ ڪنهن حد تائين شاعري
کي سنڌي عوام جي ڳوناڻي ٻولي سان ويجهڙائي پيدا

ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو اٿس. اهو ئي سبب
هو جو ڪجهه نقادن استاد بخاري جي شاعري کي
بازاري ٻولي جا مهڻا ڏنا.

ان کان سوا ڪيس ان ڳالهه تي به افسوس آهي ته سنڌي ادب ۾ گار وارا لطيفا ڇپجي نه ٿا سگهجن. لکي ٿو ته:

اسان جو ادب عوامي ٻولي جي سينسر ٿيل مواد تي
ٻڌل محدود تحرير جو نالو آهي ان ڪري اسان جو
ادب عوام ۽ ان جي ٻولي جو سئو سيڪڙو ترجمان
ناهي جيڪو ٿيڻ گهرجي. ان موضوع تي ڪتاب
متان وساريو ۾ هڪ الڳ ڪالم ۾ لکي ٿو ادب جو
اهو الميو آهي ته ان ۾ گارين وارا لطيفا ۽ اگهاڙن
لفظن وارو چوٽيون توڙي اهڙا اصطلاع ۽ محاورا
ڇپجي نه ٿا سگهن جيڪي ٻي صورت ۾ اعلي ادبي
معيار رکن ٿا. هن بحث مان سيڪس تي لکيل اهي
ڪهاڻيون ۽ جديد ادب جون اهڙيون ڪي ٻيون
لکڻيون شامل ناهن پر ڪلاسيڪل لوڪ ادب ۽
عوامي گفتار شامل آهي جنهن ۾ اعلي شاعراڻيون
خوبيون ته آهن پر ڪي اگهاڙا لفظ به آهن جيڪي
ڇپائي هيٺ آڻي نه ٿا سگهجن. سنڌي ٻولي ۾ فحش
لطيفا ناهڻ وارا چرچائي ٻولي جي مهارت، ادب ۽
لسانيات جي لحاظ کان ڪنهن به صورت ۾ اسان
جي وڏن شاعرن کان گهٽ ناهن.

مٿين ڳالهه کي ادبي تنقيد جو حصو بڻائي ان تي لکڻ به انور پيرزادي جي بهادري آهي.

ان کان سوا اهو ادب جيڪو ماڻهن جي چهرن تي مرڪون آڻي ان کي به هو سنڌي سماج لاءِ اهم ٿو سمجهي. ان حوالي سان هو امر جليل ۽ قمر شهباز جي لکڻين کي ساراهي ٿو. قمر شهباز جي سالگرهه تي لکيل تاثر ۾ لکي ٿو ته:

سنڌ کي هن وقت اهڙي ادب جي شايد سڀ کان
وڌيڪ ضرورت آهي جيڪو ان جي دائمي دردن واري
سور ۾ ڪا گهڙي گهٽتائي آڻي تہ جيئن سنڌي ماڻهو
کلي سگهي مرڪي سگهي ۽ خوش ٿي سگهي.

پنهنجي ادبي مضمونن ۾ بہ جنهن ڳالهہ تي هو زور ڏئي ٿو اها آهي نج سنڌي ٻولي جو استعمال ۽ خوبصورتي. ان سلسلي ۾ هو سنڌي اديبن کي پيٽائي پڙهڻ جو مشورو ڏئي ٿو ۽ فيلڊ ۾ وڃڻ لاءِ اتساهي ٿو چو تہ فيلڊ ۾ علم آهي، ٻولي آهي ۽ پيٽائي جي ٻولي سنڌ جي ڳوٺن ۾ هاڻي بہ ڳالهائي ٿي وڃي جنهن جو اندازو اتي وڃڻ ڪان پوءِ ئي ٿئي ٿو.

گلشن حديد سنگت طرفان غفور ميمڻ جي ڪهاڻين جي ڪتاب تي ڪرايل مهورتي پروگرام ۾ پڙهيل مقالو جنهن جو عنوان هو عالمي سياسي تبديلين جي پيڳ ٽوٽ مان جنم وٺندڙ جديد سنڌي ڪهاڻي تنهن ۾ لکي ٿو تہ:

نئين ٽهي جي ڪهاڻيڪارن کي سخت محنت
ڪرڻي پوندي، هي نسل جنهن ماحول ۾ رهي ٿو ان ۾
انگريزي ۽ اردو ٻولي کي بالادستي حاصل آهي.
سنڌي ٻولي جا پراڻا ليکڪ عربي ۽ فارسي کان
متاثر هئا ۽ اسان جو نئون نسل انگريزي ۽ اردو ٻولي
جا لفظ اچاري ٿو جنهن ڪري هنن جي زبان ڏندن
وچ ۾ اچيو وڃي ۽ ڪاڪڙو پتجڻ لڳي ٿو پر چا
ڪن هنن کان سنڌي ٻولي وسري وئي آهي جيڪا
عام سنڌي لوڪ ڳالهائين ٿا يا جيڪا پيٽائي
پنهنجي شاعري ۾ استعمال ڪئي هئي.

هو سنڌي شاعرن کي علم عروض بدران ڇند وديا واري هندي شاعري جي گهاڙيٽي جي مطالعي جي صلاح ٿو ڏئي جنهن ۾ غير ضروري لفظ حذف نٿا ڪرڻا پون جيئن عروضي شاعري ۾ ڪرڻا پون ٿا.

هو اديب جي فيلڊ ۾ وڃڻ جي اهميت کي سمجهائيندي الطاف شيخ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئون نڪور علم گهر ڪان ٻاهر نڪرڻ سان ملي ٿو،
هڪ هنڌ رهڻ سان ليکڪ جي تصوراتي اڏام ڪي به
ڪٽ لڳيو وڃي. ليکڪ ٽيڻ هڪ ڪل وقتي ڪم
آهي.

هن جي تنقيد جو هڪ مثال امر جليل تي لکيل سندس مضمون مان ڏئي سگهجي ٿو جنهن ۾ هو پنهنجي دور جي هڪ وڏي ڪهاڻيڪار کي ڀرپور انداز سان خراج به پيش ٿو ڪري ۽ جڏهن هن جي لکڻين تي ڪو اعتراض ٿو ڪري ته ان ۾ به تمام گهڻو احترام ۽ عزت محسوس ٿي ٿئي.

ڪراچي ۾ امر جليل سان ملهايل شام ۾ پڙهيل پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو ته:

منهنجي لاءِ امر جليل سنڌ جي صديون پراڻن سورن
واري قديم اسم جي اهڙي درد ناڪ صفت آهي جنهن
جي مطالعي ڪرڻ لاءِ ڪو نويڪلو جنم گهرجي.

ساڳي مضمون ۾ لکي ٿو ته:

امر جليل پنهنجين ڪهاڻين ۾ سنڌين کي هڪ
ڪاهل قوم، ڏتي ماٺهو ۽ چڙوچڙ لشڪر ڪوٺيندو
آهي. آئون ذاتي طور تي هن سان ان حد تائين ته
متفق آهيان ته سنڌين کي ڏکڻ طرف ڪان لڳندڙ
منڙي هير جي جهوٽن ۾ آيل ننڊ مان اٿارڻ جي
ضرورت آهي پر ڇا اسان جي دانشورن، اديبن،
فيلسوفن ۽ ڏاهن اهو ڪڏهن سوچيو ته انهن مڙني
بيشمار ڪوتاهين ۽ ڪمزورين باوجود سنڌي قوم
گذريل ڏهه هزار سالن ڪان وٺي پنهنجي قومي وجود
جو سڏو يا اڻ سڏو، واضح يا اڻ لکو اظهار ڪيئن
ڪيو آهي. آخر سنڌي قوم جيڪڏهن واقعي ايڏو
پنتي پيل آهي ته ختم ڇو نه ٿي وئي آهي ۽ ان جو
ادب وقت جي وهڪرن ۾ لڙهي غائب ڇو نه ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهيو آهي. آخر ان قومي خوشفهمي پويان بہ تہ ڪو
تاريخي جواز هوندو. مون کي اميد آهي تہ امر جليل
منهنجي ان جوابي سوال يا سوالي جواب تي پنهنجي
ڪنهن نہ ڪنهن ڪالم ۾ ضرور لکندو.

انور پيرزادو ادب ۾ نوجوانن جو وڏو وڪيل ٿي سامهون اچي ٿو ۽ سيني لائق نوجوانن جي ادب ۾ آجيان ٿو ڪري. ڪتاب جديد سنڌي ادب ۾ پاڻ کان پوءِ واري ٿهي جي جن ليکڪن تي هو وڏي دل سان لکي ٿو انهن ۾ ادل سومرو، انور ابڙو، محمد علي پٺاڻ، شاهہ محمد پيرزادو، ملڪ، فيض پيرزادو، حسن منصور، غفور ميمڻ، منتار سولنگي، حسن مجتبي، ميران، سلطانہ وقاصي ۽ ٻيا ڪيترائي نوجوان شامل آهن. محمد علي پٺاڻ جو جڏهن اجا شاعري جو ڪو مجموعو ئي نہ آيو هيو تہ بابا ريڊيو پاڪستان تان ان جو تعارف پيش ڪيو هو، توهان اندازو لڳايو تہ هڪ نوجوان لاءِ اهو ڪيڏو وڏو اتساهہ هوندو.

هو لکي ٿو تہ:

”مان هن وقت محمد علي پٺاڻ کي هڪ نئين شاعر
طور متعارف ڪرايان ٿو. ٿي سگهي ٿو ريڊيئي
پاڪستان تان نشر ٿيندڙ ادبي رسالي جي اها هڪ
اڻ وسرندڙ خدمت ليکي وڃي ۽ سنڌي شاعري جي
تاريخ ۾ محمد علي جو نالو جيستائين زنده رهندو
تيستائين هن پروگرام کي ياد ڪيو ويندو.“

فيض پيرزادو چوندو آهي جڏهن مان مامي انور کي شاعري ڏيکاريندو هيس ۽ هو تعريف ڪندو هيو تہ مون کي پوءِ ڪنهن ٻي کان ڪو سرٽيفيڪيٽ ڪو نہ کپندو هيو ۽ نہ ئي ڪتاب ڇپرائڻ جي خواهش ٿيندي هئي.

ائين ئي ادل سومري ٻڌايو تہ جڏهن انور منهنجي شاعري تي هاري جهڙو پيار مضمون لکيو هيو تہ مون کي ڏاڍي خوشي ٿي هئي. اياز جاني جڏهن پنهنجي شاعري جو ڪتاب پيو ڇپرائي تڏهن بابا گذاري ويو هيو، جاني مون کي چيو هو ڪاش انور صاحب هجي هان تہ مان

مهاڳ ان کان لکرايان هان چو تہ ائين وڏي دل سان ڪير نہ لکي سگهندو.

انور پيرزادي، شاهہ محمد جي ڪتاب جي مهورت تي مقالو پڙهيو هيو اهو ئي مضمون شاهہ محمد ان ڪتاب جي ٻي ايڊيشن جيڪو اضافي شاعري سان ڇپيو هيو ۾ مهاڳ ڪري هلايو هيو.

ميران جي شاعري کي بہ انور وڏو مان ڏيندو هيو. هڪ مضمون ۾ حسن مجتبي ۽ انور ابڙي جو ذڪر دنيا جي مشهور ليکڪ گارشيا مارڪيز سان ملائي ٿو ڪري لکي ٿو تہ:

انور ابڙو، حسن مجتبيٰ ۽ گارشيا مارڪيز انسان جي توهين تي جنهن شدت سان ري ائڪٽ ٿا ڪن، ردعمل ڏيکارن ٿا سا فڪري دنيا ۾ زلزلو آڻي ڇڏي ٿي. لفظ درد سان مسلح ٿي پنڌ پهڻ دل کي پگهاري وجهن ٿا.

سلطانہ وقاصي جي شاعري جي ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ:

سنڌي ٻولي ۾ ڪيل شاعري ۾ تي اهڙا نالا ملن ٿا جن سيني مان ڦاٽي نڪرندڙ احساسن کي سوچيل سمجهيل لفظن جو ويس ڍڪائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي، اهي نالا آهن سحر امداد، سلطانہ وقاصي ۽ ميران.

اسان جي ڳوٺ ۾ هڪ مشاعرو ٿيو هو جنهن جي صدارت انور صاحب ڪئي هئي ان ۾ مسرور ۽ مون کي ايڏو تہ اتساهہ ڏنو جو چيائين اسان کي ڪلهہ جي جونيئر ۽ سيڪڙات شاعرن کي هاڻي سينئر شاعر سمجهڻ گهرجي، انهن جا ٽي وي تي پروگرام ڪرائي انهن جي شاعري سنڌ جي فنڪارن کان ڳارائڻ گهرجي.

اها ايتري همت افزائي رڳو مٿي ڄاڻايل ليکڪن جي نہ ڪندو هيو پر اديبن، صحافين ۽ سياسي، سماجي ورڪرز جي پڻ ڪندو هيو جيڪا هڪ لحاظ کان تمام ضروري بہ آهي. جڏهن اوهان جو سينئر توهان کي ايڏو اتساهہ ڏئي ٿو تہ توهان وڌيڪ زميوار ٿي اجا بہ سٺو لکڻ جي ڪوشش ٿا ڪيو پر اها ڳالهہ گهٽ سينئرز کي سمجهہ ۾ ايندي آهي ان ڪري هو ادبي ڪنجوسي مان ڪم وٺندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس سينئر اديبن جي بي قدري تي بہ وڏي تشويش هئي ۽ انهن لاءِ چا ڪرڻ گهرجي ان تي هو انيڪ تجويزون پيش ٿو ڪري. اهي تجويزون پڙهي مون کي لڳندو آهي جڻ هي تہ سڀ خود انور صاحب لاءِ بہ ڪرڻ گهرجن هان. اسان انور پيرزادو اڪيڊمي ٿاهي بابا جا ڪتاب ڇپرايا، پروگرام ڪيا ميلو ڪيو پر مون کي حيرت لڳي جڏهن هو رشيد ڀٽي لاءِ لکي ٿو تہ:

اسان سڀني کي گڏجي مطالبو ڪرڻ گهرجي تہ رشيد ڀٽي اڪيڊمي نالي هڪ علمي ادارو قائم ڪيو وڃي جنهن جي مالي امداد ڪرڻ جو حق جيترو سنڌ جي نجي ادبي ادارن تي هوندو اوترو سنڌ حڪومت تي بہ آهي. اهڙي قسم جي اڪيڊمي سنڌ جي هيڏي وڏي ليکڪ جي لکڻين، ذاتي زندگي ۽ فن تي تحقيق ڪري سنڌي ادب جي تاريخ جي هڪ اهم ڪڙي کي محفوظ ڪري سگهي ٿي.

جمال ابڙي تي لکيل تاثر ۾ وقت جي حڪومتن تي چٿر ڪندي لکي ٿو تہ:

جمال ابڙي جهڙي وڏي سنڌي دانشور جي ڪنهن صلاح مشوري جي وفاقي يا صوبائي حڪومت کي ڪڏهن بہ ڪا ضرورت پيش نہ آئي. نہ ڪارو ڪاري اشو تي، نہ پاڻي مسئلي تي، نہ ٿر جي ڏڪار تي، نہ گوڊ گورننس تي ۽ نہ غربت جي خاتمي تي. ۽ شايد اهو ئي سبب آهي جو جمال ابڙي جي خدمتن جي نہ سنڌي لئنگويج اٿارٽي کي ضرورت پئي، نہ سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي، شاهہ لطيف چيئر، سنڌ ڪلچر ڊپارٽمنٽ، سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ ۽ نہ سنڌ گورنمنٽ اهڙي ضرورت محسوس ڪئي.

سوڀي گيانچنداڻي، شمشير الحيدري ۽ جمال ابڙي لاءِ لکي ٿو تہ:

ڪاش حڪومت انهن کي رڪارڊ ڪري ۽ انهن جا

آڊيو وڊيو پروفائيل ٺهرائي، اهو ڪم سول سوسائٽي ۽ ادبي سنگت کي ڪرڻ جي به صلاح ڏئي ٿو. ڪامريڊ سوڀي سان طويل انٽرويو ڪجن ۽ هن جي پئدائش کان وٺي ٽياسي ورهين جي عمر تائين هن جي زندگي کي پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ محفوظ ڪري ڇڏڻ گهرجي، هي علم جي اها ممي فڪيشن ٿيندي جنهن کي سنڌ جا اينڊڙ نسل صدين تائين پڙهي ۽ پرجهي سگهندا.

ماڻڪ جو خالي ڇڏيل ادبي مورچو ۾ لکي ٿو ته:

اسان جي سنڌي سماج ۾ جيڏا وڏي قد جا ماڻهو پيدا ٿين ٿا انهن تي رسرچ ايتري ئي ننڍي ۽ مختصر ٿئي ٿي.

سليمان شيخ جي جنم ڏينهن تي لکي ٿو ته:

مون کي ڪڏهن ڪڏهن شدت سان محسوس ٿيندو آهي ته ڪاش سنڌي ماڻهو ڊاڪٽرسليمان شيخ، ميڊم مهتاب، شمشيرالحيدري، محمد ابراهيم جوئي يا سوڀي گيانچنداڻي جهڙن ماڻهن کي اسيمبلين تائين پهچائڻ جي پهل ڪن ته هوند هنن جي تقدير تبديل ٿيڻ لڳي ۽ هنن بابت لوهه محفوظ واري لکت بيهر ايڊٽ ٿيڻ لڳي.

مٿين ڳالهين مان خبر ٿي پوي ته هو سماج توڙي سياست ۾ اديبن جي شعور ۽ صلاحن کي ڪيتري اهميت ٿو ڏئي.

انور پيرزادي جي انهن سيني صلاحن تي هاڻي به عمل ٿيڻ گهرجي ۽ جيڪي جيئرا ڪردار آهن انهن جو حقيقي قدر سندن زندگي ۾ ئي ٿيڻ گهرجي.

سنڌي ادب ۾ هڪ بحث اهو به ٿيندو رهيو آهي ته ڪير سڀ کان وڏو شاعر آهي ڪير سڀ کان وڏو ڪهاڻيڪار آهي.ان ڪري گروپنگ، لابنگ ۽ پنهنجي پسند مڙهيندي به ادبي حلقا ڏنا ويا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪري شيخ اياز ۽ استاد بخاري جو مقابلو ڪيو ويندو هو جيڪو غير ضروري هيو. هڪ ڀيري نورالهدي شاهہ هڪ پروگرام ۾ چيو شڪر ٿيو تہ امداد عظيم شاعر هجڻ واري مقابلي جو حصو ٿيڻ کان بچي ويو. سنڌي ادب ۾ اهو لاڙو هونئن تہ پراڻو آهي پر اڄ اسان جا سينئر اديب هڪٻئي کي قبول ڪندا هئا، هڪ ٻئي جي عزت ڪندا هئا پر اڄڪلهہ اديب هڪٻئي کي عزت ڏيڻ بدران سڀ عزتون ۽ تعريفون پنهنجي پاڻ لاءِ ۽ پنهنجي دوستن لاءِ ٿا رکن جنهن ڪري جڻ تہ ڪير بہ ڪنهن کي قبول نہ ٿو ڪري ۽ جيڪڏهن وري ڪو سينئر ڪنهن کي قبول ٿو ڪري، ڪنهن جي تعريف ٿو ڪري تہ ٻيا سڀ اديب متحرڪ ٿي ٿا چون تہ توهان ان جي تعريف ڪري فلاڻي سان زيادتي ٿا ڪيو.اها صورتحال ڪنهن محرومي جو اشارو ڏئي ٿي.

ان سڄي بحث کي جڻ تہ انور پيرزادي هڪ انٽرويو ۾ سلجهايو آهي ۽ امداد حسيني ان تي فيس بڪ تي راءِ لکي هئي تہ انور جي ان موضوع تي راءِ جڻ تہ آخري راءِ ٿي لڳي. انور پيرزادو ٻڌائي ٿو تاجل بيوس کيس هڪ خط ٿو ڏيکاري جيڪو سندس مداح کيس لکيو آهي جنهن ۾ چوي ٿو تہ اوهان ٻنائي کان پو سڀ کان وڏا شاعر آهيو. ان تي انور پيرزادي راءِ ڏيندي هڪ انٽرويو ۾ چيو هو تہ:

> منهنجو خيال اهو آهي تہ اسان جي ٿهي وارن دوستن توڙي نوجوان نسل کي تڪڙ ۾ عظيم ٿيڻ جو شوق پورو نہ ڪرڻ کپي ڇاڪاڻ تہ جڏهن هو عروج ماڻيندا تہ پوءِ باقي شاعري ڇالاءِ ڪندا. هنن کي ڳوليان ڳوليان م لهان واري ڳالهہ ڪرڻ گهرجي. منهنجو خيال اهو آهي تہ ڀٽائي کان پوءِ سنڌي ٻولي جو عظيم شاعر ڪير بہ ناهي ۽ عظيم شاعر ٿيڻ لاءِ ظاهر آهي تہ هن وقت اسان وٽ ڀٽائي جي صورت ۾ جيڪا شاعراڻي عظمت موجود آهي ان جي ڪسوٽي تي شاعرن کي پيٽيندا اسين، سو جڏهن ڀٽائي سان ٻين جي شاعري جي ڀيٽ ڪجي ٿي تہ اسان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

> ڀٽائي ۾ ٻين عظيم ٽيڻ وارن شاعرن ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق نظر اچي ٿو. ان کان پوءِ انٽريو ۾ ٻڌائي ٿو ته ڀٽائي کا بہ مشاهدي جي غلطي ناهي ڪئي جڏهن ته جديد شاعرن اهڙيون ڪيتريون ئي غلطيون ڪيون آهن. جيترن لهجن ۾ ڀٽائي شاعري ڪئي آهي ايتري ٻي ڪنهن شاعر ناهي ڪئي. جيڪڏهن سنڌ بابت ڪنهن شاعر جو مشاهدو ڪمزور هجي ته اهو ڪيئن ٿو سنڌ جو عظيم شاعر ٿي سگهي.هو وڌيڪ چوي ٿو ته اسان جا جيڪي دوست لکي رهيا آهن انهن کي گهرجي ته عشق سان اٿاء پير پرين جي پار ڏي وانگي عشق سان، ولولي سان، هڪ اڏمي کي لفظن جو ويس ڏيڻ واري سروس جيتري ايمانداري ۽ درد سان پيش ڪندا اوترو اسان سندن گيت سازن تي ڳائيندا سي ۽ کين مجتا ڏيندا سين، باقي جيڪڏهن عظيم شاعري واري ان عهدي جي لاءِ هڪ ٻي سان چٽاپيٽي شروع ٿي وئي ته انهي سان نفرتون ئي وڌنديون، هڪ non intellectual environment پيدا ٿيندو. جيڪو مان سمجهان ٿو ادبي لڏي لاءِ فائديمند ناهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين، انور پيرزادو بحيثيت هڪ ادبي نقاد واري مقالي ۾ لکي ٿي ته انور پيرزادي جا تنقيدي مضمون باقاعدي تنقيدي انداز ۾ لکيل هئڻ بدران تاثراتي انداز ۾ لکيل آهن پر انهن ۾ سندس وسيع مطالعي جي جهلڪ ضرور نظر اچي ٿي. فهميده حسين ان مقالي ۾ ڪتاب جديد سنڌي ادب جي هڪ حصي جو جائزو ورتو آهي.

انور پيرزادي آزاد شاعري يا نثري شاعري جو بہ دفاع ڪندي نظر ٿو اچي. ان ڏس ۾ هو ڪامريڊ سوڀي جي ڳالهہ ڪوٽ ٿو ڪري ته جڏهن نثري نظم آيو ته هزارن ماڻهن کي اظهار ڪرڻ لاءِ نئون رستو ملي ويو جن کي فني پابندين جي ڄاڻ نہ هئي، اهي بہ اندر جي اڌمن

ڪي اظهارڻ لڳا. هڪ انٽرويو ۾ چوي ٿو ته:

آزاد شاعري هن دور جي تمام وڏي تقاضا آهي ۽ ان ڪي تخليقي صلاحيت نه رکندڙ ماڻهو ئي روڪڻ جي ڪوشش ڪندا.

انور ابڙي جي نثري نظمن جي ڪتاب تي انور پيرزادو مهاڳ لکي ويو هو پر اهو ڪتاب اڃا ڇپيو ناهي ان ۾ هن اهو به لکيو هيو ته نثري نظم جي گهاڙيٽي کي جيڪڏهن ڪو نالو ڏجي ته اهو درد ٿي سگهي ٿو.

ادب زندگي لاءِ ڇو ضروري آهي ان تي پنهنجي مضمون اڄوڪي ادب ۾ ترقي پسندي ڇاهي ۾ لکي ٿو ته:

انساني زندگي کي اجارڻ ۽ سينگارڻ جي جوابداري ۽ ڪم خاص ڪري ادب تي ئي رهيو آهي ڇاڪاڻ ته سائنس ۽ ٽيڪنالاجي نئون انسان ناهي نه ٺا سگهن. انسان اڌمن، جذبن ۽ سوچن جي سنگم جو نالو آهي. جذبن ۽ سوچن کان سوا انسان رڳو ماس جو پتلو آهي. ان ڪري ادب ئي انسان کي هڪ مان ٻيو انسان ناهي سگهي ٿو.

ٻلهڙيجي ۾ ٿيندڙ مشاعري جي صدارتي راءِ جيڪا ڪتاب جديد سنڌي ادب ۾ شامل آهي ڏاڍي سهڻي انداز ۾ ٻڌائي ٿو ته شاعريءَ جي ڪهڙي اهميت آهي، سندس خيال ۾ شاعر پنهنجي شاعري سان رهڻ لائق دنيا ناهن ٿا. هو ادب جي تصوراتي دنيا تي ڳالهائيندي چوي ٿو ته:

شاعر جنهن وقت شاعري ڪري ٿو ته واقعي هو هڪ نئين دنيا ناهي ٿو جيڪا دنيا رهڻ جي لائق آهي، موجوده دنيا جنهن ۾ اسان رهون ٿا اها ڪيترن معاملن ۾ رهڻ جي قابل ناهي. هڪ اهڙو معاشرو هن ڌرتي تي هجڻ گهرجي جنهن ۾ ڪمائي جا ڪلاڪ گهٽ هجن، ناڻي جي بالادستي گهٽي نه هجي ۽ ٿوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قوت قراريا واري زندگي گذارڻ جي طريقت ماڻهن کي سمجهه ۾ اچڻ گهرجي. زندگي اهڙي هجي جنهن ۾ هڻ هڻ گهٽ هجي، ماڻهو جدوجهد گهٽ ڪري، هن کي پنهنجي ۽ ٻچن جي جيئڻ لاءِ ايترو وقت ڏيڻو نہ پوي، ماڻهو جون طبعي ضرورتون مختصرهجن ۽ زندگي جو باقي سڄو وقت ڪنهن Intellectual development کي ڏيڻ گهرجي.

# انور پيرزادو هڪ مترجم

انور پيرزادو کي انگريزي ۽ سنڌي ٻولين تي دسترس هئي ان ڪري هو انگريزي ٻولي مان سنڌي ۽ سنڌي مان انگريزي ترجما ڪرڻ جي صلاحيت رکندو هيو. شاعر هجڻ ڪري اهي ترجما تخليقي هوندا هئا.

1977ع ۾ فيڊل ڪاسترو جي عدالتي تقرير تاريخ مون کي ٻي ڏوهي قرار ڏيندي ترجمو ڪيائين، جنهن ڪتابي صورت وٺڻ کان پوءِ اچا وڏيڪ مقبوليت ماڻي.

انور پيرزادي شاهه لطيف چيئر جي اسائنمنٽ تي مختلف اديبن جا ڀٽائي جي سوشل شاعري جي حوالي سان لکيل مقالا ۽ مضمون سنڌي مان انگريزي ٻولي ۾ ترجمو ڪيا، ان ڪتاب ۾ سندس پنهنجو انگريزي مضمون Shining star in the galaxy of poets پڻ شامل هيو. ڪتاب جو نالو Social content in Shah jo Risalo هو جيڪو 1998ع ۾ شايع ٿيو هو.

ان ڪتاب متعلق فهميده حسين پنهنجي مضمون ڀٽائي جو هڪ منفرد پارکو ۾ لکي ٿي ته:

> جڏهن 1998ع ۾ مون شاهه لطيف چيئر جي واڳ سنڀالي ۽ ڀٽائي کي سنڌ کان ٻاهر متعارف ڪرائڻ لاءِ انگريزي ۾ طبعزاد ۽ ترجما ٿيل مضمون ۽ مقالا لکڻ يا لکرائڻ بابت سوچيوسين ته ان ڏس ۾ جيڪو پهريون نالو ذهن ۾ آيو سو هو انور پيرزادو. پوءِ ساڻس ڪيتريون ئي ملاقاتون ٿيون ۽ ڪيتري ئي بحث مباحثي کان پوءِ ان نتيجي تي پهتاسين ته سنڌ کان ٻاهر توڙي سنڌ ۾ ڀٽائي کي صوفي، درويش، ولي ۽


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽ شاهه ۾ پوريل پڙن ۾ ويڙهيل پير بزرگ بدران
هڪ عظيم ترقي پسند شاعر، هڪ مهان مفڪر،
سوشل رفارمر، سوشل سائنٽسٽ ثابت ڪرڻ جي پڻ
ضرورت آهي ان لاءِ اردوءِ انگريزي ۾ به لکبو. پوءِ پاڻ
سنڌي ۾ لکيل اهڙن اهم مضمونن جي چونڊ ڪيائين
جن ۾ شاهه صاحب جي ترقي پسنديءَ، روشن خيالي،
وطن دوستي، انسان دوستي ۽ عوام سان ڪميٽمنٽ
جي حوالي سان پرک ۽ ڇنڊڇاڻ ڪيل هئي. انور
پيرزادي انهن کي انگريزي ۾ ترجمو ڪيو جيڪو
ڇپيئڙ طرفان ڇپرايوسي. ان سموري عرصي ۾ شاهه
لطيف جي ٻولي فڪر ۽ فلسفي بابت ٿيندڙ بحثن
مان سندس گهري مطالعي جي خبر پوڻ سان گڏ
ٻٽائي جي ٻولي تي گرفت جو به پتو پيم..

ڀٽائي تي لکيل مضمونن جو هڪ ٻيو ڪتاب جنهن جو نالو Legacy of Shah Latif نيو، اهو پڻ بابا ترجمو ڪيو هو. اهو ڪتاب منظور قناصري جو ترتيب ڏنل هيو. 1999ع ۾ پاڻ به ڪتاب ابيات سنڌي ۽ لواري جا لال ترجمو ڪيائين.

شاهه محمد مون کي ٻڌايو ته انور سورلي جو ڀٽائي تي لکيل ڪتاب Shah Latif of Bhitt پڻ سنڌي ۾ ترجمو ڪرڻ شروع ڪيو هو. ان جا سئو صفحا کن ترجمو ڪيائين پر پوءِ اها اسائنمنٽ ڪن سببن ڪري اڌ ۾ رهجي وئي هئي.

ترجمن سان گڏ هن ڪيترائي انگريزي ۽ سنڌي ڪتاب ايڊٽ پڻ ڪيا هئا. ايڊيٽنگ ڪرڻ پڻ هن جي خوبي هئي. اها ڳالهه سهيل سانگي پڻ هڪ تقرير ۾ چئي هئي ته انور ۾ خبرن جي ايڊيٽنگ ڪرڻ جي وڏي صلاحيت هوندي هئي. ڪيس ڪير شاعري اصلاح لاءِ ڏيکاريندو هو ته اضافي لفظ ڪڍي ان جي اهڙي شڪل بيهاريندو هيو جو ليکڪ جي دل خوش ٿي ويندي هئي.

انور پيرزادي اختر بلوچ جو جيل ۾ لکيل ڪتاب قيدياڻي جي

ڊائري پڙ سنڌي مان انگريزي ۾ ترجمو ڪيو هو. ان ترجمي دوران هو ان ڪتاب جي ساراهہ بہ ڪندو رهندو هيو. اهو ڪتاب شرڪت گاهہ جي ڏنل اسائنمنٽ هئي جيڪا هن پوري ڪئي پر پوءِ انهن ڪان ڪتاب جا آخري پنجويهہ صفعا وڃائجي ويا، اداري وارن ڪيس چيو اهي رهيل پنا ٻيهر ترجمو ڪري ڏيو پر انهن جا اوهان کي اضافي پيسا ڪو نہ ڏيندا سي. بابا چيو مان پروفيشنل مترجم آهيان، توهان جي ڏنل اسائنمنٽ تي ترجمو ڪري ڏنو هو. اوهان انهن گم ٿي ويل صفعن جا اضافي پيسا ڏيندا تہ مان ترجمو ڪندس، ٻي صورت ۾ ڪنهن ٻي ڪان اهي رهيل صفعا ترجمو ڪرائي سگهو ٿا. اسان وٽ ليکڪ يا آرٽسٽ مان هر ڪم مفت ۾ يا دوستي ۾ ڪري ڏيڻ جي اميد رکي ويندي آهي جيڪا بلڪل غلط آهي. ان ڳالهہ ڪري اهو ڪتاب اڃا تائين ڇپجي ناهي سگهيو. بابا جي لاڏاڻي ڪان پوءِ مون محترمہ سسئي پليجو کي چيو هيو تہ اهو ڪتاب هاڻي توهان ئي ڇپايو، اهي آخري صفحا پلي نہ هجن يا ڪنهن ٻي ڪان ترجمو ڪرايو، هن حامي تہ ڀري هئي پر اڃا بابا جو ترجمو ڪيل ڪتاب ڇپجي ناهي سگهيو.

انور پيرزادي سنڌي شاعرن ۾ شاهہ لطيف ڀٽائي، شيخ اياز، امداد حسيني ڪان ويندي جديد شاعرن جي چونڊ شاعري سنڌي مان انگريزي ۾ ترجمو ڪندو رهندو هو جيڪي مختلف ڪتابن ۾ پڻ ڇپيا. اهڙا ڪم آصف فرخي بہ ڪانس ڪرائيندو هيو. سنڌي ڪان سوا بين القوامي انگريزي شاعري کي بہ هن سنڌي ۾ ترجمو ڪيو جنهن ۾ رسول حمزاطوف، پيبلو نرودا، محمود درويش، خليل جبران ۽ ٻيا شاعر ۽ فلاسافر شامل آهن. ثريا مخدوم لکيو هو تہ انور پيرزادي مئڪسم گورڪي جي ڪهاڻي غدار جي ماء پڻ ترجمو ڪئي هئي جيڪا هڪ سنڌي رسالي ۾ شايع ٿي هئي.

پيبلو نرودا جو سندس هينيون ترجمو ڪيل نظم گهڻو مشهور ٿيو هو. هتي اهو نظم نموني طور ڏجي ٿو:

تون پڇين ٿو
رس ڀريا رابيلڙا

ڪاڏي ويا....
الهام جهڙا
موتيا
ڪاڏي ويا
هو... مينهن جي ٽپ ٽپ منجهان
هلڪن سرن ۾ سرجيا
لفظن جا پنڇي، گيت ۾ سرگوشيون
ڪاڏي ويا
آء ٿو توکي ٻڌايان
ڪيس مون تي ڪنهن ڪيو
منهنجو اجهو
سڏبو گلن جو گهر هيو
ٽانگر ٽڙڻ جو گهر هيو
ٻارڙن سان گلڙا
جنهن گهر ۾ گڏجي
کيڏندا ها
ڪات ڪاسائي ڪٽي تنهن ۾ گهڙيا
تلوار سان ۽ جيٽ سان
ٻارڙن تي جن ٻه ور ور وار ڪيا
پادرين خونين مٿان
دعائون گهريون
ٻارڙن جو رت
ٻارن وانگي
ٻانبڙا پائي
گهٽين ۾ وهندو ويو
وهندو ويو....

مون بابا کان مڌر ٽريسا جي هڪ نصيحت ٻـ انگريزي مان سنڌي ۾ ترجمو ڪرائي هئي جيڪا اياز جاني همرچو ميگزين ۾ شايع

ڪئي هئي.

اسان جو سيون ڪزنس گروپ فيملي ۾ ٻارن جي پڙهائي ۾ همت افزائي لاءِ Appreciation ceremony پروگرام ڪندو هيو. ان جي هڪ پروگرام لاءِ مان بابا کان خليل خبران جي ڪتاب The Prophet مان هڪ فلاسافي ٻه ترجمو ڪرائي هئي جنهن کي بابا پنهنجي آواز ۾ پروگرام دوران پڙهيو هيو. ٻار جي عنوان سان لکيل ان ترجمي جو حصو ٻه هتي ڏجي ٿو:

اوهان جا ٻار
اوهان جا ناهن
اهي پٽ ۽ ڌيئرون آهن
زندگي جا
۽ زندگي جي جياپي واري تڙپ جا
اهي اوهان ذريعي پيدا ٿين ٿا
پر اوهان منجهان نه ٿا ڄمن
۽ جيتوڻيڪ اوهان سان گڏ آهن
پر اوهان سان تعلق نه ٿا رکن
اوهان هنن کي ڀلي پيار ڏيو
پر کين پنهنجا خيال نه ڏيندا ڪريو
ڇاڪاڻ ته هنن جا خيال پنهنجا آهن
اوهان هنن جي جسم کي ڀلي گهر ۾ رکو
پر سندن روح کي گهر ۾ بند نه ڪريو
ڇاڪاڻ ته هنن جا روح
مستقبل جي محلاتن ۾ رهندا آهن
جتي اوهان داخل ٿي نه ٿا سگهو
خوابن ۾ به نه!
اوهان هنن جهڙا ٿيڻ جي
ڪوشش ڪري سگهو ٿا
پر کين پاڻ جهڙو ڪرڻ جي

غلطي نہ ڪندا ڪيو
چاڪاڻ تہ زندگي
پوئين پير رڙهندي ناهي
نہ ئي گذري ويل وقت جي گهر وڃي
مهمان ٿيندي آهي.....!!

# انور پيرزادي جون سنڌ تي لکيل گزيٽئرز

انور پيرزادو ڊاڪيومينٽيشن ۾ تاريخ کي قلمبند ڪرڻ تي سدائين زور ڏيندو هو. زندگي جي آخري دور ۾ هن سنڌ جي گزيٽيئرز تي باقائدي ڪم ڪيو هو. سنڌ تي لکيل گزيٽيرز جي تاريخ تي هڪ متان وساريو پڙ لکيو هو.جنهن ۾ هو مسٽر هيوز ۽ ايچ ٽي سورلي جي لکيل گزيٽيئرز کي بهترين قرار ڏئي ٿو. سنڌ ۾ علي احمد بروهي صاحب جي ڪيل ڪم جو بہ ذڪر ڪري ٿو. ساڳي متان وساريو ۾ لکي ٿو تہ 2003ع ۾ سنڌ سرڪار جي اطلاعات کاتي جي سيڪريٽري مئڊم مهتاب اڪبر راشدي ٻن مصنفن کان سنڌ گزيٽيئر لکرائي جنهن جو عنوان هيو سنڌ اپ ڊيٽ 2003ع پر اها گزيٽيئر اڃا تائين ڇپجي نہ سگهي آهي.

ان ئي متان وساريو ۾ 2003ع تائين انگن اکرن ۽ تاريخي حوالن تي ٻڌل لاڙڪاڻو گزيٽيئر جو بہ ذڪر ڪيو اٿائين. سنڌ اپ ڊيٽ جيڪا اڳتي هلي 2012ع ۾ ايڪسپلورنگ سنڌ جي نالي سان شايع ٿي اها انور پيرزادي ۽ شمشيرالحيدري گڏجي لکي هئي ۽ لاڙڪاڻو گزيٽيئر بہ صاحب خان چني ۽ انور پيرزادي جي لکيل هئي پر هتي نوٽ ڪرڻ جي اها ڳالهہ آهي تہ ان ڪالم ۾ انهن ڪتابن جو حوالو ڏيندي هن پنهنجو نالو ناهي لکيو اها سيلف ليس نيس اڄ جي صحافين توڙي ليکڪن ۾ اڻلڀ آهي.

سنڌ اپڊيٽ واري گزيٽير لکڻ لاءِ انور پيرزادو گلشن حديد مان روز انفارميشن ڊپارٽمينٽ ويندو هيو جتي پهچڻ ۾ ڪيس بہ ڪلاڪ لڳندا هئا۔ هڪ تہ هو نند مان دير سان اٿندو هيو ۽ تيار بہ پنهنجي مرضي سان ٿيندو هيو ڪا تڪڙ نہ ڪندو هيو ان ڪري اڪثر اتي دير سان پهچندو هيو ۽ واپسي ۾ وري ساڳيا بہ ڪلاڪ سفر جا لڳندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيس ان ڪري بابا پوءِ مئڊم مهتاب راشدي کي چيو ته اسان کي ايم پي اي هاسٽل جو ڪو ڪمرو ڏيو جتي اسان رهي اها اسائنمنٽ مڪمل ڪيون. پوءِ سنڌ جا اهي ٻئي دانشور ۽ شاعر ان ڪمري ۾ رهي اهو تاريخي ڪم ڪندا هئا. مئڊم جيئن ته ٻنهي شخصيتن جي حيثيت کان واقف هئي ان ڪري انهن جو گهڻو خيال به ڪندي هئي ۽ کين اتي سهولتون ڏياريون.

اتي رهڻ ڪري شمشير صاحب جي به بابا سان گهڻي ويجهڙائي ٿي. هو انور پيرزادي تي لکيل مضمون سي ئي جوين ڏينهن ۾ لکي ٿو ته:

> اسان ڪيترائي مهينا هڪ ٻئي جي ويجهو رهياسين. ايم پي اي هاسٽل ۾ گزيٽيئر سان گڏ اسين خيالن جي ونڊ ورڇ به ڪندا رهيا سين. شاهه جي زندگي، ڪلام، پيغام، سندس وقت جا حالات، سنڌ جي تاريخ، سنڌ جي ماڻهن جا مسئلا، سنڌ جا تاريخي ماڳ مڪان، سنڌ جون شخصيتون، سنڌ جي سياستدانن جو ڪردار مطلب ته ڪي ئي ڳالهيون بحث هيٺ ايندڙيون هيون. مون ڏٺو ته هر معاملي تي انور جي گهڻي سوچ ڪيل هئي جيڪا پختي ۽ مثبت هئي. سندس سوچ جو هڪڙو يادگار ۽ منفرد فقرو مون کي هر وقت ياد رهيو آهي ته مهين جي دڙي کان سنڌ جو زوال شروع ٿيو آهي جيڪو اڃا هلندڙ آهي. سوچ جي اها گهرائي انور کي سنڌ جي سماجي تاريخ جو انوکو شعور رکندڙ اڪيلو فرد ثابت ڪري ٿي.

ايم پي اي هاسٽل ۾ رهڻ دوران جيئن ته شمشير صاحب بابا کان سينئر هيو ان ڪري ان جي خدمت به گهڻي ڪندو هيو. جڏهن ايڪسپلورنگ سنڌ ڪتاب ڇپجي آيو ته انور ابڙي ان تي تبصرو سنڌ کي سمجهڻ وارو ڪتاب جي عنوان سان لکيو هو جيڪو اڳتي هلي سندس ڪتاب ايڪيهين صدي جو ادب ۾ شايع ٿيو. ان ۾ هو

لکي ٿو تہ:

> جڏهن هو ايم پي اي هاسٽل ۾ ڪتاب تي ڪم ڪرڻ لڳا هئا تہ مان پڙ ڪڏهن ڪڏهن وٽن ويندو هئس. جڏهن هو ڪم تي ويهندا هئا تہ سندن سنجيدگي ڏسڻ وٽان هوندي هئي. مان اتي انور صاحب جو اهو بہ روپ ڏٺو تہ هو پنهنجن سينئرس جي ڪيڏي نہ عزت ڪندو هو. ماڻهن کي عزت ڏيڻ جو فن ڪيس ايندو هيو. هو شمشير صاحب کي چانهن بہ ٺاهي ڏيندو هيو. اتي هو سائين شمشير جي ايئن خدمت ڪندو هيو جيئن ڪو پنهنجي وڏي جي ڪندو آهي.

اهو ڪتاب انور پيرزادي جي حياتي ۾ شايع نہ ٿي سگهيو. گزيٽئر جي ڇپائي جو مرحلو آيو تہ ميڊم جي اتان بدلي ٿي وئي، هوءَ بئي ڪنهن کاتي ۾ هلي وئي ۽ ائين گزيٽئر جي ڇپائي جو ڪم رولڙي جو شڪار ٿي ويو. ان کان پوءِ انور پيرزادو ڪينسر جي بيماري ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. سندس لاڏاڻي کانپوءِ سندس پٽن ۽ دوستن پاران جوڙيل انور پيرزادي اڪيڊميءَ ان معاملي ۾ هٿ وڌو ۽ واسطيدار ڌرين تي اها گزيٽيئر ڇپائڻ جو زور وجهندا رهيا. ايئن شمشيرالحيدري بہ هٿ پير هڻندو رهيو. آخرڪار جڏهن صفدر شاهہ جي سيڪريٽري شپ دوران اڳوڻو انفارميشن ڊائريڪٽر قربان پيرزادو سندس اسائنمينٽ تي ڪم ڪرڻ لڳو تہ هن ذاتي دلچسپي ورتي، گزيٽئر جا فائنل پروف ڏسي صفدر شاهہ کي ميار ڏني تہ ”هيءُ ڪم جيڪڏهن تنهنجي دور ۾ بہ نہ ٿيو تہ پوءِ ڪڏهن بہ ڇپجي نہ سگهندو ۽ ايئن آخرڪار اها گزيٽئر ڇپجي وئي، جنهن جو اصل نالو“

Sindh Update هو. اها گزيٽيئر Exploring Sindh جي نالي سان شايع ٿي. جڏهن اهو ڪتاب شايع ٿيو تہ شمشير صاحب موجود هيو پر سندس اکيون نور وڃائي ويٺيون هيون ۽ اهو ڪتاب ڏسي نہ پر رڳو ڇهي محسوس پيو ڪري سگهي. ان ڪتاب جي مهورت آرٽس

ڪائونسل ۾ ٿي هئي جنهن ۾ مئڊم مهتاب، امداد حسيني، سليمان شيخ، شازيه مري، يوسف شاهين موجود هئا. ان موقعي تي اسٽيج سيڪريٽري نصير مرزا مهورت ڪرڻ وقت زرار ۾ مون کي به انور پيرزادي جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ اسٽيج تي گهرايو هيو.

2004ع ۾ بدر ابڙو صاحب سنڌ جي ناليواري اديب محمد علي پٺاڻ کي ٻڌايو ته هو صاحب خان چنا جي لکيل لاڙڪاڻو گزيٽيئر ڇپائڻ جو ارادو ٿو رکي. محمد علي کيس صلاح ڏني ته تازو انور پيرزادي سنڌ تي گزيٽيئر لکي آهي سو توهان به اها گزيٽيئر جيڪر انور پيرزادي جهڙي اسڪالر کان ايڊٽ ڪرايو. بدر ابڙو حامي ڀري ۽ انور پيرزادي کي لاڙڪاڻي اچي اها اسائنمنٽ ڪرڻ جي دعوت ڏني. پٽ زبير جي گذاري وڃڻ کان پوءِ بابا لاڙڪاڻي ۾ به مهينا ايس ڊي ايم جي آفيس ۾ رهي اهو ڪم ڪيو. شروع ۾ کيس رڳو ايڊيٽنگ لاءِ گهرايو ويو هيو پر پوءِ انور پيرزادي انهن کي صلاح ڏني ته اوهان چاهيو ته مان نيئن سري سان ايڊٽ به ڪيان ۽ ان گزيٽيئر لاءِ تحقيق ڪري ان ۾ نوان اضافا ۽ ڪي پروفائيل به لکان. جنهن تي پوءِ اتي بدلي ٿي آيل عبدالرزاق قريشي صاحب راضي ٿيو. پوءِ انور پيرزادي ان ڪتاب ۾ ڪيترائي واڌارا ڪيا ۽ حيدر بخش جتوئي، محمد ايوب کهڙي، ذوالفقار علي ڀٽو، ڪامريڊ سوڀي جا پروفائيل به لکيا ۽ لاڙڪاڻي جي ادبي تاريخ ۾ ان جا ليکڪ به شامل ڪيا. ان گزيٽئر جي حوالي سان هن شاهنواز لائبريري مان لاڙڪاڻي جي تاريخ تي لکيل ڪيترائي ڪتاب پڙهيا ۽ انهن جا حوالا شامل ڪيا. اها گزيٽيئر انور صاحب جي حياتي ۾ 2005ع ۾ شايع ٿي هئي جنهن جو ٽائيٽل به هن پاڻ ٺهرايو هو.

بابا جيڪو ڪم ڪندو هيو پرپور انداز سان ڪندو هيو سو انهن ڏينهن ۾ هو گزيٽيئرز جي اهميت تي به گهڻو ڳالهائيندو هيو. مسرور پيرزادي مون کي ٻڌايو هيو ته ڪراچي جي هڪ ادبي پروگرام ۾ مامو انور، گزيٽيئرز جي اهميت تي ڳالهائي جڏهن اسٽيج تي پنهنجي جاءِ ورتي ته ڪمپيئر تاج بلوچ کي سڏيو. تاج بلوچ اسٽيج تي اچي چيو مان ته اجا تايئن انور جي تقرير جي سحر مان ئي ناهيان

نڪري سگهيو مون کي جيڪر ٿورو پوءِ گهرايو هان.

ايئن ٿي انهن ڏينهن ۾ سندس دوست منظور مارفاڻي به انهن ڪچهرين مان متاثر ٿيو ۽ انور پيرزادي سان صلاح ڪري وارهه گزيٽيئر مرتب ڪرڻ تي راضي ٿيو ۽ پوءِ انور صاحب اها سنڌ تي ٿين گزيٽيئر پڻ ايڊٽ ڪري پوري ڪئي جنهن ۾ بابا جا پنهنجا ڪيل انٽرويوز به آهن ۽ ايڊيٽر پاران پڻ لکيو اٿس. تازو منظور چانڊيو اها خوشخبري فيس بڪ تي ڏني ته ڪتاب ڇپجڻ لاءِ پريس ۾ ڇپجڻ تي چڪو آهي.

ان گزيٽيئر لکڻ لاءِ انور پيرزادو وارهه ويو هو ۽ پوءِ گلشن حديد ۾ اهي سڀ شيون گڏ ڪري اسان جي سوٽ شفيع پيرزادي کان ان ڪتاب جي پيج ميڪنگ ڪرائيندو هو.

اسان جو مائٽ شفيع اسان جي گهر رهي اهو ڪم ڪندو هيو. هڪ پيري شفيع چيو منهنجي شيو وڌي وئي هئي ته بابا انور سيفٽي وٺي آيو ۽ چيائين اڳ ۾ شيو ڪري تڙ ڪري اچ ته پوءِ ويهي ڪتاب تي ڪم ٿا ڪيون. انور صاحب پاڻ به گهر ۾ ايئن ئي تيار ٿي ڪم ڪندو هيو جڻ آفيس ۾ وينو هجي. هن جي اوسي پاسي جي هر شي به هن وانگر اجري نظر ايندي هئي.

وارهه گزيٽيئر انور پيرزادي جي زندگي جي آخري اسائنمنٽ هئي. هن ڪم مڪمل ڪيائين ته ڪينسر جي بيماري ظاهر ٿي. هو اسپتال ۾ داخل هيو. ڪيس ساهه جي تڪليف هئي پر اتي به ڪيس ان اسائنمنٽ کي پورو ڪرڻ جي ڳڻتي هئي. اسپتال ۾ بيماري جي تڪليف هوندي ان ڪتاب جي فهرست ۽ ايڊيٽر پاران محمد علي کي ٻڌائي لکرائيندو پيو وڃي. اها سندس پنهنجي ڪم سان ڪميٽمنٽ هئي.

ان ايڊيٽر پاران نوٽ ۾ لکي ٿو ته:

> ڪاش! سنڌ ۾ اهڙو علمي ۽ تحقيقي ماحول پيدا ٿئي جو مختلف علائقن جون گزيٽيئرون ڇپجي پڌريون ٿين. ماضيءَ ۾ اهڙي ڪم جي ابتدا انگريزن ڪئي هئي جن سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ، چرند

پرند، پکي پکڙ، فصل، وڻ، ٻوٽا ۽ جڙيون ٻوٽيون
وغيره بابت بنيادي معلومات گزيٽيئر ذريعي ڏني.
اها گزيٽيئر هاٽي چپچي پڌري ٿي آهي ۽ انور پيرزادي جي سنڌ
تي لکيل سندس ٿين گزيٽئر آهي، سنڌ بابت ايترين گزيٽئرز ٻي
ڪنهن سنڌي ليکڪ اڃ تائين ناهن ايڊٽ ڪيون.

# انور پيرزادي جي ڪمپئرنگ

نئديپڙ ۾ هڪ پيرو پي ٽي وي تي بابا سان گڏ ويو هيس اتي اسان پي ٽي وي جي سينئر پروڊيوسر تاجدار عادل جي ڪمري ۾ ويٺا هئا سي، اتي ڪچهري دوران ويٺلن دوستن ڪي تاجدار عادل ٻڌايو ته جڏهن مان انور پيرزادي کي ستر واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ پهريون پيرو ڏٺو ته مان دل ۾ چيو هي ايڏو خوبصورت ماڻهو پي ٽي وي کان ٻاهر ڇا پيو ڪري. پوءِ مان کيس پي ٽي وي تي گهرايو ۽ کيس سنڌي ٻولي جو پروگرام نئين ٿهي ڏنو ته هو ان جي ميزباني ڪري. پوءِ انور ڪمال ڪري ڏيکاريو ۽ ثابت ڪيو ته هو هڪ بهترين ميزبان آهي.

ان کان پوءِ هاڻي2021ع ۾ وري جڏهن تاجدار عادل سان موبائيل تي رابطو ٿيو ته هن ٻڌايو ته انور سان منهنجي ايڏي ته انسيت ٿي وئي هئي جو اسان لڳاتار ٽي سال 1973ع کان 1975ع تائين نئين ٿهي جي عنوان سان پروگرام ڪيو. اڳ ۾ اهو پروگرام ڇهين مهينن تائين ڇتاپيتي جو هوندو هيو. پوءِ ان ئي پروگرام کي ادبي پروگرام ڪيو سي جنهن ۾ انور اديبن جا انٽرويوز ڪندو هو ۽ آخر ۾ پروگرام کي وري ٽاڪ شو ۾ تبديل ڪيوسي.

هن ٻڌايو ته انور غير روايتي ڪمپئير هو. نئين ٿهي ان زماني ۾ اسان لائيو ڪندا هئا سي. هو عام ميزبانن کان الڳ ٿي ان ۾ ڪل پوڳ وارا جملا به شامل ڪندو هو ۽ ڪمپيئرنگ دوران ڪڏهن ٿهڪ به ڏيندو هو. ان تي مون کي پي ٽي وي جا وڏا آفيسر فون ڪري چوندا هئا ته تون ڪمپيئر کي اهو سڀ ڪرڻ کان روڪين ڇو نه ٿو ته مان کين چوندو هيس ته مان ان ڪري نه ٿو روڪيانس جو مون کي انور جو اهو انداز وڻي ٿو. هن چيو انور ڏاڍو حسين هيو مان کيس ”مونچھوں کے پیچھے مسکراتا ہوا آدمی“ سڏيندو هيس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر ياسمين قاضي ٻڌايو تہ ان زماني ۾ هوءِ ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهندي هئي ۽ بہ پيرا ان پروگرام ۾ شرڪت ڪرڻ پي ٽي وي وئي هئي. هن ٻڌايو تہ انور جي ڪمپئرنگ جو مخصوص انداز مشهور هيو ۽ پروگرام دوران هو سٺي ڊريسنگ بہ ڪندو هيو ۽ مهمانن سان سندس ورتاءُ بہ متاثر ڪندڙ هوندو هيس.

افسوس تہ ان پروگرام جي هاڻي ڪا رڪارڊنگ موجود ناهي.

ميڊيا جي حوالي سان هڪ هڪ دلچسپ ڳالهہ جيڪا گهٽ ماڻهن کي خبر هوندي تہ ستر واري ڏهاڪي ۾انور پيرزادي پي ٽي وي جي هڪ ڊرامي ۾ اداڪاري پڻ ڪئي هئي، امر جليل جي ڊرامي دوزخ ۾ بابا هڪ مختصر رول ڪيو هو، پروگرام ۾ غزالا رفيق ۽ قربان جيلاني مرڪزي ڪردار هيا.

رسول ميمڻ پنهنجي مقالي ”ڪوهيڙي ۾ لڪيل“ ۾ لکي ٿو تہ:

> 1976ع ۾ منهنجي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو امن جي نالي شايع ٿيو. انور انهن ڏينهن ۾ پي ٽي وي تي سنڌي پروگرام مخزن جي ميزباني ڪندو هيو. ڪجهہ ٻين ڪتابن سان گڏ منهنجي ڪتاب کي بہ تبصري لاءِ شامل ڪيو ويو. پروگرام جي آخر ۾ هن منهنجو آزاد نظم امن پڙهيو، جيڪو ان ڪتاب جي شروع ۾ ڏنل هيو. اها منهنجي ادبي شروعات هئي ۽ انور کان ٿي ويءِ تي اهو آزاد نظم پڙهندي جيڪا خوشي حاصل ٿي هئي اها اڄ ڪلهہ پوري ڪتاب شايع ٿيڻ تي بہ نہ ٿيندي آهي.

سو انور پيرزادي جي شخصيت جو هڪ حوالو ميزبان وارو بہ رهيو. هو ٽي وي تي وي توڙي مختلف ادبي پروگرامن جي ميزباني ڪندو هيو ۽ ريڊيو تي بہ پڙهائي جي موضوعاتي مطالعي جي حوالي سان سينئر پروڊيوسر نثار ميمڻ جي پروگرام رسالي ۾ ٻيتن جي سمجهاڻي ڏيندو هيو. نثار ميمڻ مون کي ٻڌايو تہ انور جي خاص خوبي هن جي ٻولي تي گرفت ۽ لفظن جا چٽا اچار ادا ڪرڻ هوندي هئي. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ

براڊڪاسٽنگ جي دنيا ۾ آواز ۾ بيس ۽ ڪليئرٽي اهم هونديون آهن ۽ انور ۾ اهي ٻئي خوبيون هيون. انور پڙهندو هيو تہ ان مان غلطي جي گنجائش ڪو نہ نڪرندي هئي. باقاعدي تياري سان پروگرام ڪرڻ ايندو هيو ۽ ڪٿي بہ ڪيس روڪي نہ سگهبو هيو.

مشهور ماڊريٽر ياسر قاضي ڳالهہ ٻولهہ دوران ٻڌايو تہ ان فيلڊ ۾ اچڻ لاءِ هن جي پهرين انسپائريشن انور پيرزادو هيو. اهو اتساهہ کيس تڏهن مليو هو جڏهن هن انور پيرزادي کي سال ٻيانوي ۾ لاڙڪاڻي ۾ سوڀي گيانچنداڻي سان رهاڻ واري پروگرام جي ميزباني ڪندي ڏٺو. ياسر ٻڌايو تہ مان تڏهن ننڍو هيس ۽ ان ايڏي وڏي پئماني واري پروگرام کي انور جهڙو علم رکندڙ ماڻهو ئي هلائي پئي سگهيو.

ياسر قاضي وڌيڪ ٻڌايو تہ انور پيرزادو ان وقت اسٽيج تي وي ۽ ريڊيو تي هڪ ئي وقت مهارت رکندڙ واحد ماڻهو هيو. جيڪڏهن انور صاحب ٻيا سڀ ڪم ڇڏي رڳو ڪمپيئرنگ ڪري هان تہ ان جي مقابلي جو ڪمپيئر ٻيو ڪير اسان ۾ نہ هجي هان. ياسر قاضي موبائيل تي ڳالهائيندي وڌيڪ چيو تہ ٻتائي جا بيت صحيح انداز ۾ اچارن سان پڙهڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي اهو ڏانءُ انور کي ايندو هيو ۽ بيتن جي پچاڙي وارن لفظن ۾ جيڪا sparkling گهربل هوندي آهي ان جي ادائيگي استاد انور کي خوب ايندي هئي.

هن چيو اسان انور کان ميڊيا جي اصولن تي رهنمائي وٺندا هئاسي. مون کي اسٽيج، ريڊيو، ٽي وي ۽ اخبار لاءِ انٽرويو وٺڻ ۾ ڪهڙو فرق هوندو آهي سمجهايو هو ۽ اهو ڏانءُ ڪيئن سکجي ان تي هڪ انگريزي ڪتاب پڙهڻ لاءِ بہ چيو هو.

انور پيرزادي پي ٽي وي تي اڳتي هلي اڄ جو مهمان پروگرام جي ڪمپيئرنگ ڪئي جنهن ۾ هو اديبن کان انٽرويو وٺندو هيو. ان پروگرام ۾ ساٿس ميزباني ۾ ڪڏهن تاج بلوچ، عطيہ دائود ۽ جامي چانڊيو بہ گڏ هوندا هيا. ان پروگرام ۾ سوڀي گيانچنداڻي، جمال ابڙي، خيرالنساء جعفري سميت ڪيترن ئي اديبن جا انٽرويو ڪيا ويا هئا.

ان کان سوا انور پيرزادي بيدل مسرور ۽ فيض ٻگهيو جي

ڊاريڪشن ۾ پروگرام اڄ جو سوال بہ ڪيو هو جنهن ۾ هو ڪنهن خاص فڪري سوال تي پروگرام ڪندو هيو مثال حسن ڇا آهي، ڇا ڪتاب پڙهڻ جو دور ختم ٿي ويو آهي وغيره. ان پروگرام ۾ مهمانن جو هڪ پينل هوندو هيو جن کان هو فڪر انگيز موضوعن تي ڪچهري ڪندو هيو. ان پروگرام ۾ هو مهمانن کي جيڪو مان ڏيندو هيو اهو بہ ٻڌڻ وٽان هوندو هيو مثال مئڊم مهتاب راشدي جو تعارف ڪرائيندي چيائين تہ:

"مئڊم مهتاب کي ڏسي سنڌي عورت جو مستقبل ۾ ايمان تازو ٿي ويندو آهي."

گلوبل وارمنگ واري پروگرام هڪ جملو چيائين تہ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ:

انسان جيڪا تيلي ٻاري ان آسمان کي وڃي ساڙيو.!

انور پيرزادي جا سوال بہ منفرد هوندا هيا مثال هن خيرالنساء جعفري کان پڇيو:

اوهان سنڌو جي پيٽ ۾ ڪڏهن واري اڏامندي ڏٺي؟

خيرالنساء جعفري جواب ۾ چيو:

"نہ صرف ڏٺي پر پنهنجي نڙي ۾ لهندي بہ محسوس ڪئي."

شيخ اياز جي سهڻي نمبر واري ادبي پروگرام جي ميزباني بہ ڪئي هئي جنهن ۾ شيخ اياز، سراج الحق ۽ ميڊم مهتاب اسٽيج تي مهمان هئا. طارق اشرف ڪنهن سنڌي رسالي ۾ ان پروگرام جي رپورٽ لکندي لکيو هو تہ:

سڀ مهمان پهچي ويا هئا پر انور اڃا نہ پهتو هيو جيئن ئي مان هال ۾ انور کي ايندو ڏٺو تہ مون کي دل جاء تي وئي تہ هاڻي پروگرام ڪامياب ٿي ويندو.

انجمن ترقي پسند مصنفين جي گولڊن جوبلي ڪانفرنس جي مختلف سيشنس جي پڻ ميزباني ڪئي هئي. ايئن سنڌي ادبي سنگت واري دور ۾ هن وائيس جي ڪئسٽ جي افتتاح واري پروگرام

سميت ڪيترن ئي ادبي سماجي ۽ سياسي پروگرامن جي ميزباني ڪئي.

ميڊيا سان تعلق هجڻ ڪري انور پيرزادي 1993ع ۾ هڪ برٽش ٽي چينل لاءِ نهندڙ ڊاڪيومينٽري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. ان ڊاڪيومينٽري جو عنوان هو Where Peacocks Dance جنهن ۾ مهين جي دڙي جي اهميت کي خاص ڪري اپاريو ويو هو.

جڏهن اسلم آزاد پرک پروگرام ۾ انور پيرزادي کي مهمان جي حيثيت ۾ گهرايو هو ته هن ڪيس گذارش ڪئي ته اوهان جو هڪ حوالو ڪمپئرنگ به رهيو آهي سو اها جهلڪ ڏسڻ لاءِ اوهان کي گذارش ڪندا سي ته اسان جي ناظرين کان هال مان هڪ سوال ڪيو. پوءِ انور پيرزادي هڪ سوال ڪري پراڻي نئين ٿهي واري پروگرام جي ميزباني واري ياد تازي ڪرائي هئي.

# هڪ فيمينسٽ

عورت جي آزادي ۽ انساني حيثيت ۾ ان جي مرد سان برابري انور پيرزادي جي لکڻين توڙي عملي زندگي جو هڪ اهم موضوع رهيو آهي جنهن کي هن پنهنجي زندگي، شاعري، نثر ۽ صحافت ۾ بار بار اظهاريو آهي. جيڪو پڻائي جو سچو ۽ حقيقي عاشق هجي سو فيمينسٽ نہ هجي اهو ممڪن ناهي ڇو تہ پڻائي عورتن جي حقن جو وڏي ۾ وڏو وڪيل توڙي انهن جي صلاحيتن جو قائل نظر ايندڙ فلسفي شاعر آهي.

انور پيرزادي جو عورتن جي حقن جو حامي هجڻ جو پهريون جڳ مشهور حوالو پنهنجي ڳوٺ جي پڻتي پيل ماحول ۾ ڇوڪرين کي انگريزي تعليم ڏيڻ جو بنياد وجهڻ هو جنهن جي شروعات هن پنهنجي گهر کان ڪئي. ان علم جي روشني جي شروعات ۾ هن جو تي شاگردياڻيون هيون. انهن ٽن مان هڪ سندس ڀاڻيجي زبيده هئي جيڪا اڳتي هلي ڳوٺ جي پهرين ليڊي ڊاڪٽر ٿي، ٻي سندس ننڍي ڀيڻ بهشت خاتون هئي جنهن پنهنجي سڄي عمر ڳوٺ جي نياڻين کي تعليم ڏيڻ ۾ گذاري ۽ هيڊ مسٽريس ٿي رٽائر ڪيائين، ان بهشت خاتون جون پڙهايل نياڻيون بہ هاڻي ڳوٺ ۾ پرنسپل توڙي ماسترياڻيون آهن انهن مان ڪيئي شهرن ۾ وڃي نوڪريون ڪري رهيون آهن ۽ وڏن عهدن تي آهن. ٽين ڇوڪري ميران هئي جيڪا خود ڳوٺ جي پهرين انگريزي اسڪول جي ماسترياڻي هئي ۽ جيڪا سنڌي نثري نظم جي منفرد شاعره آهي. انور پيرزادي انهن نياڻين کي گهر ۾ ڇهون، ستون ۽ اٺون ڪلاس انگريزي ۾ پڙهائي انهن جا پرائيوٽ امتحان ڏياري انهن کي ڪامياب ڪيو هو.

انور پيرزادي ڳوٺ جي ماحول ۾ عورتن کي انگريزي جي جيڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعليم ڏني ان عيوض هن کي وڏي مخالفت ڏسڻي ۾ پوڳڻي پوندي هئي، ايسنٽائين جو جان سان مارڻ جون ڌمڪيون به ملنديون هيس پر هو انهن کي بهادري سان منهن ڏيندو هيو ته مان گهر ۾ ويٺو آهيان ڪنهن کي همت آهي ته اچي ماري وڃي.

ميران فيس بڪ جي پوسٽ ۾ لکيو ته:

منهنجو چاچو احمد علي جيڪو پنهنجي زال قتل ڪري جيل جي سزا ڪاٽي پوڙو ٿي موٽيو هيو، ماڻهن انور کي ڏاڍو ڌمڪايو ۽ چيس ته هو مخالفت ٿو ڪري ته اسان ميدن خادمن وارا ڇوڪرين کي انگريزي ڇو پڙ هائيندا سين. هو تمام جذباتي لڳو پيو آهي خوني ماڻهو آهي، ڇوڪرين جي پڙهائي مان هٿ ڪڍي وڃ نه مڙندين مارينديئي ڇو ته هو خوني ماڻهو آهي. انور چيو ته مان ڪو لڪل ٿورئي آهيان مان ڇوڪريون پڙهائي هتي اسڪول ڪولرائيندس جتي هي ڇوڪريون سڄي ڳوٺ جي ڇوڪرين کي پڙهائينديون. پلي اهو مونسان وڙهي اچي. هو ان ڳالهه تي اٽل رهيو. ماسي شاهان انور جي ماءُ اچي ٻڌي ته پوڙو منهنجي پٽ کي ماريندو هو چريو آهي، امان کي چيائين ته باجي منهنجي پٽ کي ماري وجهي ڇوريون وڃي ڌوڙ پائن امان باجي کي به پيڻ جي ڳالهه ٻڌي اچي ڏکڻي ورتو انور اسان کي پڙهائي ويٺو امان اچي چيس ته انور شاهان پريشان آ پوڙي جي ڪري مون کي به خوف وڪوڙي ويو آ تون ابا ڇا ٿو چوين؟ انور صفا ڳاڙهو ٿي ويو ۽ امان کي چيائين ته مان ڪڏهن به نه مڙندس. خوف واري ڪيفيت هئي. پوءِ اسان جو مامو علي گوهر ڏوڪري جي اسڪول ۾ پٽيوالو هيو ان انور جو ساٿ ڏنو . پوءِ انور جي ڪوشش ۽تمام وڏي جاکوڙ کان پوءِ هو

ڪامياب ٿي ويو. زبيده ميڊيڪل ۾ وئي. انور پوءِ ادا امن کي چيو اسڪول منظور ڪرائي اڳ ۾ ماسي جي چوڪري اربر وٺرائي ڏيون. انور ڪراچي ۾ ڪا نوڪري ڪندو هو. ادا امن گهرايس ته اسڪول جي جڳهه ٿا چون سو مامي علي حيدر جي دڪان وارا ٻه ڪمرا ڏيکاريا ته پوءِ اسڪول منظور ٿيندو پر هو نٿو ڏئي منهنجي گهر تي اها چوڪري قبضو ڪري ويندي. سو تون اچي هن کي سمجهاءِ. انور آيو وڏا بحث مباحثا ڪري هن کي ڳالهه مڃرايائين ته هي ويچاري چوڪري قبضو نه ڪندي مان ضامن ٿو ٿيان اتي ٻار نه پڙهندا صرف اسان ڏيکاريندا سون ٻار اسان جي نم هيٺان پڙهندا ۽ جڏهن ڪو آفيسر آيو ته ان کي ڏيکارڻ لاءِ گهڙي ڪن ٻار اتي وهاريندا سون. اسان کي پڙهائڻ کان پوءِ ۽ خاص ڪري مون کي نوڪري ملڻ کان پوءِ انور جا ماٺهو مداح ٿي ويا ۽ انور هڪ هيرو ٻلهڙيجي جو ٿي اڀري آيو. جڏهن اسڪول کلڻ کان پوءِ پهريون ڀيرو انور اسڪول ۾ آيو ايڏيون گهڻيون چوڪريون ڏسي انور ايڏو ته خوش ٿيو جو آئون بيان ڪري نٿي سگهان ٻهڪي پيو صفا پنهنجي ڪاميابي تي. پاڙي جون سڀ عورتون ٻارن جون مائر انور سان اچي مليون. چواٽي هوندي آته اڳ ۾ گهر سڏاريو پوءِ ڳوٺ سڏاريو. اڄ ڳوٺ جون جيڪي چوڪريون پڙهيون آهن اهي برسري روزگار آهن. اهو سيڪجهه انور ڪيو. منهنجي سڄي تربيت ادبي توڙي سياسي انور ئي ڪئي. ڪراچي ملڪ پيرزادو ۽ آئون ويڪيشن ۾ ويندا هئا سين ته هر هفتي ته پاڻ سان گڏ ادبي سنگت جي گڏجاڻي تي وٺي ويندو هو جتي اسان

بئي پنهنجي شاعري پڙهنديون هيون سين ۽ اسان
جي تعريف ٻڌي خوش ٿيندو هو. چو ته اها سندس
ئي ڪاميابي هئي. امان مون کي زمين تي آندو ۽
انور مون کي آسمان تي چاڙهيو. منهنجي دل
چاهيندي آهي ته جنهن ڳوٺ کي ايڏو سڌاريو ان
ڳوٺ جو نالو به انور پيرزادو رکجي. چو ته اهڙا
انقلابي ڪم بنا ڪنهن اجر جي انور ڪيا.

اها عورتن جي تعليم صرف انهن ٽن عورتن تائين به محدود نه هئي. پر هو هر ان عورت سان گڏ بيهندو هيو جنهن جي علم آڏو سماج رڪاوٽون وجهندو هيو.

بابا جو وڏو ڀاءُ ڊاڪٽر پيرزادو شروعاتي دور ۾ عورتن کي پڙهائڻ جو حامي نه هو، هو ڪراچي شفٽ ٿي چڪو هو، پوءِ به پنهنجي وڏي ڌي کي اسڪول نه موڪليندو هيو، پوءِ بابا پنهنجي ڀاء جي مخالفت باوجود گهر ۾ ڪيس ٽيوشن پڙهائيندو هو. روشن هاٽي مون کي ٻڌايو ته ڪاڪي جي ٽيوشن ڪري پوءِ مان ننڍن ڀائرن ڀينرن کي اسڪول جو هوم ورڪ ڪرائيندي هيم. اڄ مان جيڪو ٿورو گهڻو پڙهي سگهان ٿي اهو سڀ ڪاڪي انور ڪري آهي. ايئن ئي ڳوٺ جي ٻين گهرن ۾ جتي عورتن کي تعليم جي حوالي سان ڪا مشڪل ٿيندي هئي ته بابا انهن جو آخري سهارو هوندو هيو. استاد لال بخش جي گهر واري ماسي ناز منهنجي ڀاء زرار کي ٻڌايو ته منهنجو سهرو ۽ ڏير ڇوڪرين جي انگريزي تعليم جي خلاف هوندا هئا پر انور مون تي زور ڀريو ته تون نياڻين کي انگريزي جي تعليم لازمي طور ڏيار، ڪير ڇيڇئي ته چئجان انور چيو آهي، پڻي ناز انور صاحب جي ماسي جي ڌي آهي، پاڙ ۾ ڀاء ڀيڻ وانگي تعلق هين تنهن ڪري به مداخلت ڪيائين، پڻي ٻڌائيندي آهي ته ائين انور جي ٽيڪ تي مان پوءِ به ڇوڪريون پڙهايون ۽ لال بخش به پوءِ مخالفت نه ڪئي.

انور پيرزادي جي ان ابتدائي روشن خيالي ايندڙ نسل جي عورتن لاءِ راهون آسان ڪيون ۽ اڳتي هلي اسان جي ڳوٺ جون سئو سيڪڙو

ڇوڪريون تعليم يافتہ ٿي ويون. هاڻي ڳوٺ جون ڪيتريون ئي عورتون نوڪريون ڪن ٿيون جن ۾ انٽرنيشنل نوڪريون ڪندڙ نياڻيون بہ شامل ٿي چڪيون آهن

ان زماني ۾ هو انهن ٽن نياڻين کي اها تعليم ڏيندو هو تہ اڳتي هلي اهو علم توهان کي ڳوٺ ۾ پکيڙڻو آهي. ان وقت جڏهن هو پيرڻ بهشت کي پڙهائيندو هيو تہ کيس هڪ خط ۾ لکي ٿو:

پيرڻ تون ايئن تصور ڪر تہ هينئر تون ڇهين جماعت پاس ڪري ستين ۾ آهين ۽ ائين ۾ اکيون اٿئي، يعني توکي مستقبل ۾ هڪ ماسترياڻي ٿيڻو آهي، تون هينئر پاڻ کي ماسترياڻي سمجهہ. اهو وقت دور ناهي جڏهن تون مردن وانگر تعليم ڏيندي روزگار پڻ حاصل ڪنديئن۔

ڪتاب متان وساريو ۾ لکيائين تہ:

انگريزن سنڌ ۾ زوري تعليم جي جيڪا روايت وڌي ان کي ٻيهر رائج ڪرڻ جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ تہ جيستائين سنڌ جي هر نياڻي تعليم يافتہ نہ ٿي ٿئي تيستائين سنڌ جي ترقي جو خواب اڌورو رهندو.

انور پيرزادي جي ئي ڪوشش سان ٻلهڙيجي ۾ ڇوڪرين جو پرائمري اسڪول ڪليوءِ ميران کي ان ۾ نوڪري ملي. امريڪا ۾ رهندڙ بابا جي دوست رنڪومون کي ٻڌايو هو تہ عورتن جي تعليم ۽ اهو اسڪول انور جو خواب هئو. ان اسڪول جو ذڪر ڪندي انور اموشنل ٿي ويندو هيو.

انور پيرزادي جو پنهنجي ڀاڻتي زبيده سان رشتو انوکو رشتو هو. ان رشتي ۾ ماء پيء واري تربيت بہ هئي، دوستن واري بي تڪلفي بہ هئي، هڪ استاد واري سرپرستي بہ هئي، هڪ دانشور واري دورانديشي بہ هئي تہ هڪ آدرشي انسان واري انقلابي سوچ بہ هئي. هن پنهنجي تصور جي رول ماڊل عورت ڊاڪٽر زبيده جي روپ ۾ متعارف ڪرائي. هن جي ابتدائي تعليم کان وٺي ميٽرڪ انٽر

۽چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج تائين هو هن سان هر موڙ تي گڏ رهيو. ان جي دوستن جو دوست ٿيو ۽ هن جي شخصيت بہ نـاهـيـنـدو رهـيـو. ان سان ايڏي محبت ۽ پنهنجائپ سان پيش ايندو هو جو زبيده جا ماء پيء بہ بابا جي فيصلن جي مخالفت نہ ڪندا هئا ۽ سمجهندا هئا تہ انور ئي بهتر سمجهندو هوندو ۽ وقت اچڻ تي هر ڳالهہ کي منهن ڏئي ويندو. ان دور ۾ پنهنجي گهر جي ڇوڪري کي پڙهائي ان کي ڊاڪٽر ڪرائي هن پنهنجي انقلابي سوچ کي عملي طور ثابت ڪري ڏيکاريو ۽ پنهنجي خواب کي اکين آڏو ساپيان ٿيندي ڏٺو. هن نہ صرف زبيده کي تعليم ڏني ان کي اڳتي آندو پر هن کي سماج سان ڪيئن اٿڻ ويهڻ آهي ڪيئن پاڻ کي پراعتماد رکڻو آهي ڪيئن پبلڪ گڏجاڻين ۾ ڳالهائڻو آهي، ڪمپئرنگ ڪرڻي آهي وغيره جهڙا سبق پڻ ڏنا. ظاهر آهي تہ اهي صلاحيتون زبيده ۾ موجود هيون پر انور پيرزادي انهن صلاحيتن کي اڀارڻ، اجاڳر ڪرڻ ۽ انهن کي سازگار ماحول ڏيڻ جو ڪم ڪيو. زبيده کي انور جي تصور ۽ جدوجهد واري عورت جو عملي نمونو چئي سگهجي ٿو. ڊاڪٽر زبيده ان ڪري ڊاڪٽر ٿي هئي جيئن ڳوٺ جي ڪا عورت ويم ۾ گذاري نہ وڃي پر اها خود جڏهن شادي ڪري پيٽ سان ٿي تہ جيري جي تڪليف ڪري گذاري وئي. اهو انور پيرزادي لاءِ وڏو صدمو هيو. ڊاڪٽرزبيده جي لاڏاڻي کان پو انور پيرزادي ڳوٺ واسين سان ملي ڳوٺ سڌار سنگت جي پليٽ فارم تان ڪوششون ڪري پنهنجي مدد پاڻ جي بنياد تي ڊاڪٽر زبيده ميموريل ڊسپينسري اسپتال ٺهرائي هئي جيڪا اڄ بہ قائم آهي.

ڊاڪٽر زبيده وانگي سندس نندي ڀيڻ ملڪ سان پڻ بابا سڄي عمر ساٿ نڀايو. سندس شخصيت کي سنواريو. ملڪ ٻڌايو تہ جيئن ڪاڪي سان منهنجو چاچي ۽ ڀائٽي وارو رشتو هو، اهڙو دوستي جو رشتو مون ڀيو ڪنهن ٻہ ناهي ڏٺو. هو هر جاء تي مون کي پاڻ سان گڏ رکندو هو. ڪاڪي مون کي فرسٽ ايئر، سيڪنڊ ايئر جي امتحان لاءِ ٽيوشن پڙهائي هئي، ايستائين جو مون سان گڏ باقراڻي ۾ رهي مون کي امتحان ڏيارِيا. مون کي لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي گهر رهائي بي اي جو

امتحان ڏياريو، اتي بہ ڪاڪو مون کي ٽيوشن ڏيندو هو. پوءِ وري مون کي بي ايڊ ڪرڻ جو شوق ٿيو تہ ڪاڪو سکر شفٽ ٿي ويو هو. ڪاڪي کي مان چيو مان بي ايڊ ڪرڻ ٿي چاهيان پر بابا اجازت نہ ٿو ڏي. ڪاڪي انور بابا سان ڳالهايو، کيس سمجهايو تہ اوهان ڪنهن بہ صورت ملڪ جي بي ايڊ جي مخالفت نہ ڪيو. پوءِ ڪاڪي ئي بي ايڊ ۾ منهنجي داخلا ڪرائي هئي. مان اجا اتي هڪ سيمسٽر ڏنو تہ ڪاڪو ايم آر ڊي دوران جيل هليو ويو، ڪاڪي جي فيملي ڪرائسس ۾ اچي وئي. مان پوءِ هاسٽل ۾ رهي تعليم جاري رکي. ڪاڪي انور جيل مان بابا ڏي خط لکيو تہ توهان کي پنهنجي ڌي تي فخر ٿيڻ گهرجي جيڪا هاسٽل ۾ رهي تعليم مڪمل پئي ڪري. ايئن ڪاڪي مون کي پڙهايو ۽ گڏ گڏ منهنجي ماء پيء کي بہ حوصلو ڏيندو رهيو.

عورتن جي حوالي سان ٻيو اهم ڪم ڳوٺ ٻلهڙيجي ۾ سنڌ جي ڏهاڪي ۾ عورتن جي سنڌي ادبي سنگت شاخ قائم ڪرڻ هيو. اهو اهم ڪم هيو جاڪاڻ تہ ايترا سال گذرڻ باوجود سنڌ جي ٻي ڪنهن بہ ڳوٺ ۾ عورتن جي شاخ قائم نہ ٿي آهي. اڳتي هلي اها شاخ بند ٿي وئي هئي جنهن کي تازو وري بہ سنڌو پيرزادي 2019ع ۾ زرار پيرزادي جي ڏنل صلاح سان ڳوٺ ۾ ٻيهر بحال ڪيو ۽ مرڪز ۾ ان شاخ کي رجسٽر پڻ ڪرايو.

انور پيرزادي جي پنهنجي ڌي ثمينہ ڪراچي يونيورسٽي مان سنڌي شعبي ۾ ايم اي ڪئي ۽ فرسٽ وومين بينڪ ۾ ورڪنگ وومين رهي. انور پيرزادو دولت جمع ڪرڻ جي چڪر ۾ ڪڏهن بہ نہ رهيو نہ ئي ڪيريئرسٽ رهيو پر امان بابا جي پگهار مان ايترا پيسا جمع ڪيا جو اسان ڪراچي ۾ پنهنجو جيڪب لائين ۽ پو گلشن حديد ۾ گهر وٺي سگهيا سي. بابا اهو گهر امان جي نالي ڪرايو هو جيڪو اڳتي هلي امان پنهنجي موت کان هڪ سال اڳ پنهنجن پٽن نالي ڪيو هو. بابا پنهنجي سڄي پگهار امان جي حوالي ڪندو هيو. گهر جا سب انتظام امان حوالي هوندا هئا ۽ بابا کي خرچ جا پيسا بہ

امان ڏيندي هئي.

بابا عورتن جي آزادي جي جيڪا ڳالهه ڪئي ان جي شروعات هن پنهنجي گهر کان ڪئي. هو ٻٽن معيارن جي سخت خلاف هيو ان ڪري ئي هن پنهنجي ڪتاب متان وساريو ۾ لکيو هو تہ:

> اسان مان ڪيترن روشن ضمير، قوم پرست، ترقي پسند ۽ انقلابي سنڌين جو اهو پسنديده نعرو آهي تہ اسان سڄي دنيا جي سيني عورتن جي مڪمل آزادي جا قائل آهيون سواءِ پنهنجي زال،ڌيءَ، ڀيڻ ۽ ٻين هم ذات وڏ گهراڻي خانداني عورتن جي!

هو ڳوٺ جي عورتن کان انٽرويو ڪندو هو، شادي جي تقريبن ۾ انهن جا ڳايل سهرا ٻڌندو هيو ڪين رڪارڊ ڪندو هيو، انهن جا ڳالهايل لوڪ محاورا ڊائري تي نوٽ ڪندو هو. ان ڪري ڳوٺ جون سڀ عورتون کيس پنهنجو سمجهنديون هيون.

عورت جي معاملي ۾ برابري کان بہ اڳتي جون ڳالهيون ڪندو هيو. هڪ ڀيري شاهہ لطيف چيئر طرفان ڪنهن پروگرام ۾ ٿائي تي تقرير ڪندي چيائين تہ مون کي يقين آهي تہ جينيٽڪل سائنس ۾ جيڪا تحقيق ٿي رهي آهي اها هڪ ڏينهن اهو ثابت ڪندي تہ جيڪڏهن خدا جو ڪو وجود آهي بہ تہ اها عورت ئي هوندي.

جڏهن ادبي سنگت ڪراچي ۾ هيو تہ ثريا مخدوم هن جي ٽيم ۾ هئي. بابا ٻڌائيندو هيو تہ سنڌي ادبي سنگت ۾ اسان بحث ڪندي اهو طي ڪيو هو تہ جيڪو مرد ٻي شادي ڪري ٿو اهو عورت سان ظلم ڪري ٿو ۽ جيڪا عورت مرد کي ٻي شادي طور مڙس قبولي ٿي اها بہ ان جي پهرين زال سان ظلم ٿي ڪري، ان ڪري اسان سدائين ٻي شادي جي خلاف رهياسي. ان حوالي سان هو پنهنجي ڪتاب متان وساريو ۾ لکي ٿو تہ:

> عشق برابر انڌو هوندو آهي ۽ اهڙين ڪهاڻين سان دنيا جو ادب ڀريو پيو آهي پر عشق کان پو شادي ڪرڻ وارن کي ايترو تہ سوچڻ گهرجي تہ اوهان پنهنجو گهر آباد ڪرڻ لاءِ ٻئي جو گهر چوٽا برباد ڪيو.

جڏهن عطيہ دائود ادبي سنگت ۾ آئي تڏهن هن لاءِ جيڪي فرد اتساهہ جو سبب رهيا انهن ۾ انور پيرزادو بہ شامل هيو ۽ عطيہ ٻڌائيندي آهي انور اسان کي وڏو حوصلو ۽ اينرجي ڏيندڙ دوست هيو ۽ جڏهن بہ ادبي سنگت ۾ عورت تي ظلم جي ڳالهہ ٿيندي هئي تہ انور جو چهرو غصي ۾ سرخ ٿي ويندو هو، ان جو چهرو آئيني وانگي تاثر ڏيندو هو.

جڏهن عطيہ ڪجهہ وقت اڳ مهين جي دڙي وئي هئي تہ اتان اسان جي ڳوٺ بہ وئي ۽ بابا جي تربت تي جڏهن پهتي تہ چيائين مون کي حيرت ٿي تہ انور خاموش ڪيئن ٿو رهي سگهي، پوءِ اتي ئي بابا جي تصور کيس اتساهہ ڏنو ۽ هن تصوراتي ادبي سنگت جون ڪچهريون فيس بڪ تي لکيون هيون جنهن ۾ انور، نقاش، فقير محمد لاشاري، بدر ابڙو، اياز جاني، شاهہ محمد، جان خاصخيلي، امير ابڙو، فيض سومرو، ستار، امير ابڙو، انور ابڙو سڀ هئا. انهن قسطن ۾ انور پيرزادي جي ڏنل تصور پڻ پڙهڻ وٽان آهي. عطيہ هڪ پروگرام ۾ چيو انور ان ڳالهہ ۾ اسان سيني کان اڳتي نڪري ويو جو هن جي سوچ جو جيترو اثر هن جي فيملي، خاندان، ڳوٺ تي ٿيو ايترو اسان مان ڪير پنهنجي ماحول تي اثر انداز نہ ٿي سگهيو.

بابا چوندو هو مهين جي دڙي جا ماڻهو عورت کي مدر گاڊيس چوندا هئا ۽ اڄ اسان عورت کي ڪاري ڪري قتل ڪري رهيا آهيون هن جو هڪ نظم آهي.

ڪاري آهي ڪهي ڇڏيوس
انسانيت جي منهن تي
دانگي ملي ڇڏيوس

هو چوندو هو تہ:

عورت کي نوڪري رڳو ان ڪري نہ ڪرڻ گهرجي چو تہ هن کي پيسن جي ضرورت آهي پر هن کي نوڪري ان ڪري ڪرڻ گهرجي جيئن هوءَ سماج ۾ پنهنجو ڪارج نڀائي سگهي. هو چوندو هو زاهد مخدوم کي مئدم مهتاب سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهايو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

> هو هاڻي اهو زاهد مخدوم امريڪا ۾ جج آهي ۽ اهو
> فخر سان ٻڌائيندو آهي تہ ميڊم مهتاب منهنجي
> استاد رهي آهي سو سنڌ جي عورت جو پڙهايل شاگرد
> امريڪا جو جج ٿي ويو. اهو عورت جي سماجي
> ڪارج جو هڪ مثال آهي.

ڪيس عورت جي اعتماد تي بہ پورو يقين هو تڏهن ئي هن ڪتاب پٺائي ۾ لکيو تہ:

> اڄ جي عورت ايترو سجاڳ ٿي چڪي آهي جو هوءِ
> مرد کي ان ڳالهہ جي اجازت ڏيڻ لاءِ تيار ناهي تہ هو
> ان کي پنهنجي پير جي ڪٺ وانگي اڳڙين سان ايترو
> ويڙهي ٻاهر ڪڍي جو هن جو پنهنجو سماجي وجود
> ئي ختم ٿي وڃي.

حسن مجتبي هڪ مضمون ۾ لکيو آهي تہ پٺائي ۽ انور پيرزادي جي سنڌ ۾ انتها پسندي ۽ عورت تي ظلم جي گنجائش نشتہ آهي.

# علم فيلڊ ۾ آهي

انور پيرزادو سفر تي نڪرندو هيو تہ هن وٽ هڪ ننڍي ٽيپ هوندي هئي جنهن ۾ هو ماڻهن جا انٽرويوز رڪارڊ ڪندو هو. پنهنجي ذاتي ڪيمرا هوندي هيس. هو تمام سٺو فوٽوگرافر بہ هيو. سنڌ جي تاريخي ماڳ مڪانن جا هن وٽ ڪيترائي آلبم آهن. هر فوٽو پويان هو مختصر ڪيپشن لکي ڇڏيندو هيو تہ ان جاء جو نالو ڇاهي، تاريخ، پسمنظر وغيره.

سدائين پاڻ سان گڏ هڪ دوربيني، نوٽ پيڊ، پين، ٽوپي، ٽارچ وغيره رکندو هيو. منظور چانڊيو چوندو آهي سفر ڪجي تہ انور سان ڇو تہ هن وٽ هڪ ٿيلهي ۾ اهو سڀ ڪجهہ هوندو هيو جيڪو اوهان کي سفر ۾ گهربل هوندو آهي، ايتري تائين جو سئي ۽ ڌاڳو بہ سندس ٿيلهي ۾ موجود هوندو ها.

اسان ڏٺو سي تہ ڳوٺ جي هر ماڻهو کان ڳوٺ جي ۽ سنڌ جي تاريخ تي ڄاڻ وٺندو هو کين رڪارڊ ڪندو هو.شاهہ محمد پيرزادي جي ڪتاب سونهن جون سئو صورتون جي مهورتي تقريب ۾ پڙهيل منهنجي مقالي ۾ هن لکيو تہ:

> شاهہ محمد جي ماءُ کان اسان سيئي سنڌي ٻولي جا چيدا اصطلاح چوٽيون ٻڌي، نوٽ ڪري ڪانفرنس ۾ پڙهندا آهيون.

فيض پيرزادو ٻڌائيندو آهي تہ فشر فوڪ ۾ نوڪري دوران مان اڪائونٽس سيڪشن ۾ ڪم ڪري رهيو هيس ۽ انور صاحب پنهنجي آفيس ۾ هڪ ڪراڙي ملاح جو انٽرويو ڪري رهيو هو انور صاحب مون کي سڏي پوڇڻ واري انداز ۾ چيو تہ:

> ادا ڊيلٽا جو مسئلو نوٽ ڳڻڻ سان حل نہ ٿيندو پر هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو جو انٽرويو ڪرڻ سان حل ٿيندو جيڪو چوي
پيو تہ ڪنهن زماني ۾ ٻيلٽنا جو پاڻي ايڏو صاف هوندو
هو جو سڪو اڇلائبو هيو تہ پاڻي مان صاف نظر
ايندو هو. هاڻي تہ ماڻهو بہ اڇلائجي تہ نظر نہ ايندو.

هو مونکي چوندو هو تون شاعر آهين ۽ شاعر لاءِ مشاهدو تمام ضروري آهي سو توکي سنڌ جا سفر ڪرڻ گهرجن.

هو سڄي عمر علم جو پياسو رهيو ۽ اها اڃ زندگي جي آخري سالن تائين هن کان ڏکيا سفر ڪرائيندي هئي. هو ان خيال جو بہ هيو تہ ماڻهن کي جيترو ٿي سگهي رڪارڊ ڪيو ۽ جيڪو بہ ڀن اکين سان ڏسو اهو لکندا وڃو ان سان سنڌ جي تاريخ قلمبند ٿيندي.

پنهنجي ڪتاب متان وساريو ۾ هو لکي ٿو تہ:

سنڌ سان محبت جي اها تقاضا آهي تہ ان جي هر
شيءِ بابت معلومات جمع ڪئي وڃي ۽ ايندڙ نسل
کي برٿدي گفت ڪري ڏني وڃي.

# موسيقي سان لڳاءُ

انور پيرزادي جي موسيقي سان انسيت ۽ ان لاءِ ڪيل ڪمن تي گهٽ ڳالهايو ۽ لکيو ويو آهي پر جيئن تہ هو هڪ آرٽسٽ هيو ان ڪري موسيقي ڏانهن هن جو لاڙو فطري هيو.

هڪ انٽرويو دوران نثار کوکر ۾ انور ڏنگڙائي کي ٻڌائي ٿو تہ:

ڳوٺ جي مڪان ۾ راڳ رنگ جي محفلن ڪري سنڌي سنگيت جي معلومات وڌي. هتي اسان جي نوجوانن کي تقريبن سڀ ديسي راڳ ايندا آهن. راڳن جي سڃاڻپ ايتري ٿي جو هڪ ماڻهو ويهي ڳائيندو تہ خبر پوندي تہ هي پيروي، جوڳ، تلنگ يا سورٺ وغيره ٿو ڳائي. اها هڪڙي جنرل ناليج اسان کي آٽو ميٽڪ اچي وئي. پٺائي سان تعارف انهن صوفي فقيرن ڪرايو. جڏهن اسان هنن جي واتان پٺائي جا بيت ٻڌا تہ پٺائي اسان کي ياد ٿيڻ لڳو. نہ رڳو پٺائي پر ڪبير، بلي شاهہ ۽ ننڍي کنڊ جي سڀني صوفين جو ڪلام اسان کي ٻڌائيندا هئا.

سو سندس اهي ڳالهيون ٻڌائين ٿيون تہ راڳ ڪري ئي هن جو لاڙو پٺائي ڏانهن ٿيو جيڪو اڳتي هلي هن جي زندگي جو مقصد بڻجي ويو. راڳ جي حوالي سان سندس وڏو پاءُ فقير يار محمد بہ هن جو گائيڊ رهيو ڇو تہ هو پٺائي ۽ راڳ کي سمجهندڙ صوفي فقير هو.

زاهد مخدوم جيڪو هن وقت ڪينيڊا ۾ جج آهي، پنهنجي دور جو سياسي ايڪٽيوسٽ ۽ هڪ ذهين پڙهيو لکيو انسان آهي ان موبائيل تي ڪچهري ڪندي ٻڌايو تہ انور جي مون وٽ جيڪا سڀ کان اهم سڃاڻپ رهي سا موسيقي کي سمجهاڻ واري خوبي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن اسان ڳوٺ ٻلهڙيجي ۾ مڪان تي راڳ ٻڌندا هئا سي اتي انور انهن راڳڻين تي به ڳالهائيندو هيو ۽ خاص ڪري اها صوفين جي شاعري هوا اسان کي اهڙي انداز ۾ سمجهائيندو هيو جنهن ۾ صوفي ازم نه هوندي هئي پر ان شاعري کي هواج جي سياسي سماجي حالتن سان ايئن ڳنڍي سمجهائيندو هيو جو اسان حيران ٿي ويندا هئا سي. انور جي اها سمجهاڻي اڄ به منهنجي رهنمائي ڪندي آهي.

انور پيرزادي جي دوستي خالد مخدوم سان هئي جنهن کي راڳ سان عشق جي حوالي سان ڪيس راء ڏياچ ڪوٺيندو هيو. خالد صاحب وٽ موسيقي جو وڏو خزانو هوندو هيو ۽ ڪلاسيڪل موسيقي جي هن عاشق سان عمر جي دوستي بابا کي موسيقي جي اجا وڏيڪ ويجهو آندو ۽ ننڍي کنڊ ۾ خاص ڪري هندوستان جي ڪلاسيڪل موسيقي سان انهن جي دلچسپي رهي. گڏوگڏ ڀٽائي جو راڳ ۽ سنڌي موسيقي انهن جي زندگي جو معمول بڻجي ويو.

اقرار پيرزادو پنهنجي ڪتاب ”سامي سهاڳي“ ۾ انور پيرزادي تي لکيل خاڪي ۾ لکي ٿو ته:

> اسان ڪيس ڳائيندي ڪڏهن نه ٻڌو پر جواني ۾ اهو شوق به ڪيائين ۽ پڇاڙي تائين ڳوٺ جي راڳي فقيرن سان سنگت ۾ شامل ٿيندو رهندو هو. ڪڏهن مٽي ۽ تي هٿ هڻندو هو. ڪڏهن ٿلي وڄائيندو هيو. شروع ۾ ڏاڏي وريل سان ڍولڪ تي سنگت ڪندو هو. سنڌي پيروي ۽ سورٺ سندس پسند جا راڳ هئا. اڪثر فنڪارن کي انهن جي فرمائش ڪندو هيو. ڪلاسيڪل موسيقي سان چاهه هئس. 2001ع ۾ آمريڪا ويو ته اتان مشهور گويي خان صاحب محمد حسين سر آهنگ جون نو عدد آڊيو ڪئسٽون آندائين. انور صاحب چوندو هو ته پل پلان جو چيهه ئي ناهي پر صوفي فقيرن ۾ جيئن عثمان فقير ڀٽائي کي پڙهي ٿو ائين ٻيو ڪو نه ٿو پڙهي.

بابا کي خالد مخدوم جي گهر راڳ تي ٽليون وڄائيندي مون به ڏٺو هيو.

انور پيرزادو جڏهن ڪميونسٽ پارٽي ۾ هيو ته اتي به هو آرٽ جي فرنٽس تان سياسي پيغام عام ڪندي نظر ٿو اچي. هڪ پاسي ادبي سنگت ۾ تمام گهڻو سرگرم هيو ته ٻئي پاسي وري ان ئي دور ۾ وائسز گروپ کي همٿائڻ ۽ اڳتي آڻڻ ۾ هن جو ڪردار سامهون اچي ٿو. بيدل مسرور پنهنجي مقالي انور جون ساروڻيون ۾ لکي ٿو ته:

> منصور سعيد جي گهر ڪافي ڪامريڊ گڏ ٿيا هئا پر اهي سڀئي اردو ڳالهائيندڙ هئا، جن ۾ سنڌي رڳو ٻه ڄڻا موجود هئا. هڪڙو شاهد پٽو ٻيو انور پيرزادو. مون ڳاتو پئي ته اتي اسلم اظهر به نمودار ٿيو. جڏهن مون ڳائي بس ڪئي ته انور منهنجي تمام گهڻي تعريف ڪئي. انور هونئن به جڏهن ڪنهن جي تعريف ڪندو هو ته سندس اکين ۾ عجيب چمڪ پيدا ٿي ويندي هئي ۽ منهن تي رت جو ڳاڙهسرو رنگ تري ايندو هوس، ان ڏينهن به مون ڏٺو ته انور پنهنجي اردو ڳالهائيندڙ ڪامريڊن سان تمام سٺن لفظن ۾ منهنجو تعارف ڪرايو هو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو ڊراماٽڪ سوسائٽي دستڪ جي سربراهن يا شايد انور جي صلاح تي فيصلو ڪيو ته دستڪ جي نالي ۾ پروگريسيو ميوزڪ گروپ به جوڙجي جنهن تي مون ذاتي راء ڏني ته دستڪ جي بجاء اهو وائسز نالي ميوزڪ گروپ هجي.

ان وائسز گروپ جي پوءِ هڪ ڪيسيٽ به تيار ڪئي وئي جنهن ۾ هڪ پاسي شيخ اياز ته ٻئي پاسي فيض احمد فيض جا گيت رڪارڊ ڪرايا ويا جنهن جي مهورت واري پروگرام ۾ ميزباني جا فرائض انور پيرزادي ئي ڏنا هئا.

جڏهن مون شاهد پٽي سان ڪچهري ڪئي ته هن ٻڌايو ته

جڏهن وائسز جي ڪيسيٽ تيار ڪرڻ جي حوالي سان اسلم اظهر، منصور سعيد، احمد سليم سان ميٽنگ ٿي هئي ته ان ميٽنگ ۾ انور به موجود هيو ۽ انور ئي اها آئيڊيا ڏني هئي ته هن ڪئسٽ ۾ اياز ۽ فيض سان گڏ اوهان پٽائي جو به ڪو ڪلام شامل ڪيو ۽ پوءِ ان ڳالهه تي عمل ڪندي اسان ان ۾ پٽائي جو ڪلام رات به مينهڙا وٺا، ڪنوٽين کيل ڪيا ڳايو هو.

بيدل مسرور سان ڳالهه ٻولهه ٿي ته ان ٻڌايو ته اهو به انور جو آئيڊيا هيو ته شيخ اياز کي آئسوليشن مان ڪڍجي ۽ ائين ان سان شام ملهائي سي ۽ وائسز جي ٽائيٽل هيٺ ڳايو سي. شاهد پٽي وڏيڪ ٻڌايو ته جڏهن مون شيخ اياز جو نثري نظم امان هو مون کي ڪاري ڪري ماريندا ڳايو ته اهو اتي تمام گهڻو پسند ڪيو ويو. جڏهن چانهن جو وقفو ٿيو ته انور ۽ شيخ اياز گڏ هئا، انور مون کي سڏي شيخ اياز سان منهنجو تعارف ڪرايو. شيخ اياز چيو اوهان اهي ڪلام ڏهه سال اڳ ٻڌايو هان ته مان تڏهن ئي ان ڊپريشن مان نڪري اچان هان. شاهد پٽي وڏيڪ ٻڌايو ته انور شيخ اياز جي چيل اها ڳالهه ڊان ۾ رپورٽ به ڪئي هئي.

پنهنجي پٽ زبير جي شادي تي بابا ڳوٺ ٻلهڙيجي ۾ وائسز جو راڳ ڪرايو هو جنهن ۾ ان گروپ مان بيدل ۽ حنيف لاشاري ڳايو هو. ان موقعي تي سڄي سنڌ مان بابا جا دوست شريڪ ٿيا هئا جن ۾ ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي به شامل هو. ان موقعي تي حنيف لاشاري جڏهن اي چنڊ پٽائي کي چئجان ڳايو هو ته انور پيرزادي جي دوستن توڙي ٻلهڙيجي واسين ڪيتري ئي دير تائين انور پيرزادي جي مٿان پيسا پئي گهوريا هئا.

اها محفل به هڪ يادگار محفل هئي ۽ بيدل مسرور جڏهن شيخ اياز جو ڪلام ڏوهي هان ڏوهي هان ڳائيندي اهو سٽون ڳايون هيون ته هي ڳاڙهي ڏاڙهي ملان جي هي ڪاري چوٽي پانڊي جي، مون لاءِ ٻنهي ۾ قير نه آ، ٻئي آڳ اجهاٽل ٽانڊي جي... ته ٻلهڙيجي جي باشعور نوجوانن ڪيتري ئي دير تائين تاڙين ۽ سيٽين سان انهن ٻولن جي

آجيان ڪئي هئي جنهن جي ڪري بيدل هر هر اهي سٽون پيو ورجائي ۽ ٻلهڙيجي وارن جو داد پيو وصول ڪري.

استاد حنيف لاشاري ۽ غفور سومري سان ڳالهه ٿي ته انهن ٻڌايو ته انور صاحب صلاح ڏني ته هڪ فنڪارن جي تنظيم ٺاهيو جنهن جي پليٽ فارم تان فنڪارن جا انٽرويوز ڪجن. انهن تي پروگرام ڪجن. انهن جا اشوز ڊسڪس ٿين ۽ انهن جي سهائتا ڪئي وڃي. ان سلسلي ۾ اڳ ۾ تنظيم ٺاهي سي سنڌ ميوزڪ پروگريسو گروپ ۽ ان پليٽفارم تان ڪيترن ئي فنڪارن جا انٽرويوز به شايع ڪيا سي. اڳتي هلي انور صاحب چيو ته تنظيم جو ڪو اهڙو نالو رکو جنهن جو شارٽ فارم ڪنهن راڳ جو نالو بڻجي. پوءِ غفور سومري ٻڌايو ته مان جڏهن انور صاحب کي نالو تجويز ڪيو ته آل سنڌ سنگيت ايسوسيئيشن جنهن جو شارٽ فارم آسا ٿيندو ته انور صاحب چيو بس ان کان خوبصورت ٻيو ڪو نالو نه ٿو ٿي سگهي. ايئن اها فڪارن جي نمائنده تنظيم ٺهي اپري. انور صاحب اسان جو گائيڊ رهيو ۽ ان جو مرڪزي ڪنونشن ڇهانوي ۾ ٽائون شپ آفيسر ڪلب ۾ ٿيو هو جنهن ۾ انور صاحب به يادگار تقرير ڪئي هئي.

ان پروگرام ۾ انور پيرزادي تقرير ڪندي چيو هو ته:

> اڳي راڳي ڳائيندا هئا ته ڳائڻ مهل انهن جون اکيون بند ٿي وينديون هيون جڏهن ته اڄ جو فنڪار ڳائڻ مهل سڄو ڌيان پاڻ کي پونڊز گهور تي رکندو آهي. هن ڪئسٽ ڪلچر تي ڳالهائيندي چيو هو ته اسان وٽ چيو ٿو وڃي ڪئسٽ ڪلچر خلاف اچو ته جهاد ڪيون. اصل ۾ اهو ڪو جهاد ناهي مارڪيٽ ۾ سٺي شي به هوندي آهي ۽ خراب شيون به هونديون آهن. اوهان جيڪڏهن خراب شيون ختم ڪرڻ ٿا چاهيو ته ايڏي معياري شي ڏيو جيئن ماڻهو اها خراب شي ڇڏي اوهان کي ٻڌن.

آسا تنظيم جي هڪ پروجيڪٽ هيٺ ئي استاد منظور علي

خان اڪيڊمي پڻ قائم ڪئي وئي هئي جيڪا اڄ بہ قائم آهي. غفور سومري ٻڌايو تہ، مون کي ليڪڪ بہ انور صاحب ئي ٺاهيو ۽ هن جي اتساهہ ڏيڻ جو پنهنجو انداز هوندو هيو. مون کي چيائين تون ڳالهائين ڏاڍو سنو ٿو ان ڪري تون لکي بہ سنو سگهندين. مون چيو پر انور صاحب مان تہ ڪڏهن ڪجهہ ناهي لکيو. هن سمجهائيندي چيو لکڻ ۾ شروعات ۽ پڇاڙي سني هجڻ گهرجي باقي وچ ۾ اوهان پنهنجي ڳالهہ ڪيو.

غفور سومري چيو مان بہ صلاح تي عمل ڪندي استاد گلزار تي مضمون لکي انور صاحب ڏي موڪليو جنهن کي هن رنگين ايڊيشن ۾ وڏين تصويرن سان جڏهن شايع ڪيو تہ مان پاڻ ڏسي حيران ٿي ويس تہ ڇا هي مون لکيو آهي.

غفور وڌيڪ ٻڌايو تہ مان شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي ۾ جيڪا ميوزڪ ٽيچر جي نوڪري ٿو ڪيان اها بہ مون کي انور صاحب جي ڪوشش سان ملي هئي. تڏهن حميد سنڌي وي سي هيو، انور صاحب ڪيس چيو هو تہ جيڪڏهن اوهان هن پوسٽ تي غفور سومري کي نہ ٿا رکو تہ سمجهو اوهان سنڌي موسيقي جو وڏو نقصان پيا ڪيو. انور صاحب جي اهڙي جملي ٻڌڻ بعد حميد سنڌي بہ ان ڳالهہ تي راضي ٿيو ۽ مون کي نوڪري ملي وئي.

حنيف لاشاري ٻڌايو تہ انور صاحب اسان فنڪارن جو پرجهلو ۽ اسڪول آف ٿاٽ هوندو هو. صحافت ۾ هجڻ ڪري هو فنڪارن جي مسئلن تي ڪلچر ڊپارٽمنٽ تي بہ سخت تنقيد ڪري کين قائل ڪندو هيو. استاد گلزار علي خان ۽ استاد يوسف جي ڪلچر وارن کان علاج ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار بہ انور صاحب جو هو.

پاڻ استاد منظور، مائي ڀاڳي ۽ ڀٽائي جي فقيرن سميت سنڌ جي ڪيترن ئي فنڪارن توڙي سنڌي سازن تي لکندو هيو.

هو ڀٽائي جي راڳ جو عاشق هيو ۽ سڄي رات ڀٽ تي اهو راڳ ٻڌندو هيو. سليم ميمڻ هڪ مضمون ۾ لکي ٿو تہ:

هڪ ڀيري ڀٽ ڌڻي جي عرس جي موقعي تي گڏ وڃڻ

جو موقعو مليو. رات جو درگاهہ تي راڳ جي محفل
ٿي آئون تہ ڪجهہ دير راڳ ٻڌي موٽي آيس پر انور
سڄي رات راڳ ٻڌندو رهيو. صبح جو جڏهن
ملياسون تہ اوجاڳي سبب سندس اکيون ڳاڙهيون مچ
جيان ٻرندڙ مليون. مون کي چيائين يار هي جيڪو
راڳ الاپين ٿا، جيڪو هر ڪنهن کي سمجهہ ۾ نہ ٿو
اچي پر ماڻهن جي عقيدت ڏس، سڄي سڄي رات
ويهي ٻڌن ٿا. شاهہ جي راڳ ڳائڻ جي انداز ۽ طريقي
تي کوجنا ٿيڻ گهرجي. اهي ٻئي ڏينهن سندس سوچ
جو محور راڳ ۽ ان تي تحقيق ئي رهيو.

ڪتاب ممبئي ياترا ۾ لکي ٿو تہ مان ٽينا ثاني کي هندوستان ۾ چيو تہ سنڌو ماتري جو دائمي درد ڳائڻو اٿئي تہ ٻٽائي جو راڳ ٻڌ ۽ ڳاء. متان وساريو جي هڪ ڪالم جو ڪلائيميڪس ڪندي لکي ٿو تہ:

هاڻي تہ اهي ڳائڻا بہ نہ بچيا آهن جيڪي سارنگ
ڳائيندا هئا تہ مينهن وسي پوندو هو. هاڻي تہ اسان
ڀٽائي جو سر سارنگ بہ نہ ٿا پڙهون ۽ نہ پاڻي جي
پوڄا ٿا ڪيون ان ڪري سڙي خاڪ ٿي ويا آهيون.

# ماءُ جهڙي دل رکندڙ پيءُ

انور پيرزادي جو اولاد هُجڻ، هن جو سڪيلڊو پٽ رهڻ ۽ هن سان زندگيءَ جا پهريان ستاويهه سال گڏ گذارڻ مون لاءِ زندگي جو سڀ کان وڏو ۽ واحد فخر آهي. بابا جي پيار ۽ شفقت اسان کي اهو احساس ڏياريو ته هڪ پيءُ به اولاد سان ماءُ جيترو پيار ڪري سگهي ٿو. ان لاءِ اسان وٽ ماءُ ۽ پيءُ جي ساڳي حيثيت رهي. جڏهن اسان بيمار ٿيندا هُئاسي، پريشان رهندا هُئا سي، گهر واپس پهچڻ ۾ دير ڪندا هُئاسي ته هو به امان وانگر اسان لاءِ پريشان ٿيندو هو. پر هو تمام بهارد شخص هُيو، ماڻهن کي پريشانين مان ڪيڻ جو هُنر ڄاڻيندو هُيو. جڏهن مان بيمار ٿيندو هوس ۽ بابا گهر ۾ نه هوندو هو تڏهن بخار لهڻ کان وڌيڪ بابا جي گهر اچڻ جو انتظار ڪندو هوس ڇو ته هن جي اچڻ سان جيڪو آٿت ملندو هُيو ان سان ڄڻ ته بُخار جو خوف ختم ٿي ويندو هو. جڏهن هو گهر ايندو هو ۽ بخار جي خبر پوڻ تي منهنجي ويجهو اچي پنهنجو ڪُشادو هٿ منهنجي ٻرندڙ پيشاني تي رکندو هو ته ڏاڍو سڪون ملندو هو.

اس نے جلتی ہوئی پیشانی پہ جب ہاتھ رکھا،
روح تک آ گئی تاثیر مسیحائی کی۔
(پروین شاکر)

هوئنن ته هو سدائين اسان جو خيال رکندو هو پر بيماري دوران اسان کي چاڪ ڪرڻ لاءِ هو جيڏي پيار جا جتن ڪندو هو انهن کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ ممڪن ناهي. فيض پيرزادو ٻڌائيندو آهي ته هڪڙي پيري امر کي بُخار هُيو ۽ ماموانور شهر ۾ ڪونه هو، ٻي ڏينهن گهر اچڻ تي هن زبير ۽ مونکي دڙڪا ڏنا ته اوهان ڪراچي ۾ رهي به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امر جو بخار لاهي نہ سگهيا آهيو!

هن جو اهڙ رويو صرف پنهنجي اولاد تائين محدود نہ هو پر هوبيماري ۽ پريشانين ۾ ٻين مائٽن ۽ دوستن جو بہ اوتروئي خيال رکندو هو.

ماڻهن کي پريشانين، جذباتي بحرانن مان ڪيڍڻ، ٻين جي خوشين کي پنهنجي خوشين کان وڌيڪ ترجيح ڏيڻ، انهن تي خوش ٿيڻ ۽ ٻين جي حقن لاءِ وڙهڻ هن جون انوکيون خوبيون هيون.

بابا کي سال 2002ع ۾ امريڪا ۾ ٿيندڙسانا ڪانفرنس ۾ مقرر جي حيثيت ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِگهرايو ويو. پاڪستان مان ڪيس ڇهن مهينن جي ويزا ملي هئي، اتان جي دوستن کيس اتي ئي رهڻ جو مشورو ڏنو ڇو تہ سنڌ جي حوالي سان اهڙي ايڪسپرٽ ماڻهو جي انهن کي اتي وڌيڪ ضرورت هئي. صلاح مشورا شروع ٿيا. گهر ۾ امان ۽ زبير کيس ڪجهہ عرصو اتي رهڻ جو مشورو ڏئي رهيا هئا جيئن گهر جي مالي صورتحال ڪجهہ بهتر ٿي سگهي، جڏهن تہ زرار، زيد، ثمينہ ۽ منهنجو خيال هيو تہ بابا ڪجهہ مهينا رهي سنڌ موٽي اچي. ڪراچي جا دوست توڙي خاندان جا ماڻهو بہ کيس اتي رهڻ جا مشورا ڏيڻ لڳا تہ اسان کي اهو احساس ٿيو تہ بابا ايئن نہ سمجهي تہ پيسي جي ڪري اسان هن کان سوا هن جي ڪمي محسوس نہ ڪندا سي سو زيد کيس انگريزي ۾ اي ميل ڪئي ۽ مون وري کيس سنڌي ۾ خط لکيو جيڪو مان شاهہ محمد جي هٿان امريڪا موڪليو هو. بابا انهن ٻنهي جا جواب اي ميل ۾ ڏنا هئا جيڪي ڏاڍا وڻندڙ هئا. زيد کي لکيائين مون کي جيڪي ماڻهو اتي رهڻ جا مشورا ڏئي رهيا آهن اهي سڀ پنهنجي لحاظ کان صحيح آهن پر ٻين کي خوش رکڻ سان گڏ مون کي پاڻ کي بہ خوش رکڻو آهي ڇو تہ جيڪڏهن مان ناخوش رهندس تہ پوءِ ڪمائي بہ نہ سگهندس ۽ منهنجي خوشي ۽ ترجيح سنڌ آهي. مون کي فخر آهي تہ منهنجي اولاد اها ڳالهہ سمجهي ٿي.

پر بابا امريڪا ۾ جيڪي چار مهينا رهيو ان اتان جي زندگي کي ڀرپور انداز سان گذاريو ۽ اتي بہ وچي ايڪسپلوريشن جاري رکي. زيد

ڪي جواب ۾ لکيائين

Your message has infact given me a great strength in my innerself. Fortunate enough must be all such persons whose offshoots are so intelligent and independent so as to become proud sons of their soil ،their motherland ،their mother ،their fatherland ، their father.

منهنجو خط پڙهي هو اموشنل ٿي ويو هو ۽ رات فون ڪري ڳالهائي پيو ته آواز مان لڳي پيو ته اڪين مان ڳوڙها پيا وهنس ڇو ته آواز ۾ لرزش هيس. مان به ڪجهه ڳالهائي نه پيو سگهان ۽ فون رکي ڇڏي سي. پوءِ وري ٻي ڏينهن مون ڪي اي ميل ۾ لکيائين ته تنهنجو خط پڙهندي مون سان مارئي واري ڪيفيت هئي ته لفظ نه لکڻ ڏين ڪريو پون قلم تي. هن لکيو:

So it is final that I will be back to my Sindh.

بابا ڏي لکيل ان خط جون ڪجهه سٽون هتي لکان ٿو

اوهان اتي رهو، دوستن سان ڪچهريون ڪيو، گهموڦرو. اوهان جا اهي تجربا سڄي سنڌ لاءِ اهميت رکن ٿا پر لڳ ڀڳ اڌ سال کان پوءِ اسان وري اوهان کي پنهنجي گهر ۾ ڏسڻ ٿا چاهيون. اوهان جي گهر ۾ هجڻ اسان لاءِ وڏو اتساهه آهي، اسان چاهيون ٿا ته اوهان جي مهمانن لاءِ اسان هر هر وڇي در کوليون، اسان چاهيون ٿا ته اوها جا ٽهڪ گهر ۾ گونجندا رهن، اسان چاهيون ٿا ته اوهان جو دوستن سان ڪيل روبرو ۽ فون تي ڪيل ڪچهريون اسان کن ڏئي ٻڌئون، اوهان تي ته سڄي سنڌ فخر تي ڪري ۽ اوهان جو اولاد هجڻ سان اهو فخر چڙ ته ٻيڻو تي وڃي ٿو. امان چوندي آهي ته مان انور کي رڳو ڪجهه

عرصي لاءِ ڇڏيو آهي باقي مسلسل مان انور کان سوا
ڪيئن رهندس، اهو ئي تہ آهي جيڪو منهنجو خيال
رکندو آهي ۽ جنهن کي منهنجي پرواهہ آهي.

هڪ لحاظ کان اوهان جي موٽڻ جي مون کي پڪ آهي پر منهنجو هي سڀ لکڻ جو هڪڙو مقصد اهو بہ آهي تہ ڪٿي اوهان ايئن نہ سمجهو تہ پيسن جي ڪري اسان پنهنجي سون جهڙي پيءُ کي وساري وينا آهيون.

اهو خط بابا موٽي اچڻ جي عنوان سان انور ابڙي ڪاوش دنيا ۾ هڪ فادرز ڊي تي ڇپيو هو.

انور ابڙي کي هڪڙي پيري منهنجي سامهون بابا چوي پيو تہ امريڪا مان ٻن شين مون کي واپس ڪيو هڪ امر جي خط ۽ ٻيو زبير جي ٻارن جي سڪَ! هو آئيڊيل پيءِ وانگر آئيڊيل ڏاڏو بہ هيو!

هڪڙي پيري بابا ٻلهڙيجي ۾ پنهنجو ڪتاب اي چند يٽائي کي ڇئجان پنهنجي ايم آر ڊي واري دور جي جيل جي ساٿي اختيار پٽي کي پٽائي صاحب جي هيءَ سٽ لکي ڏنو تہ:

بندي پيا قرار، اسين لوچيون لوهہ ۾

بابا مون کي ڏسندي اختيار پٽي کي چيو:

ابا! سکر جيل ۾ مون سان سڀ کان وڏو مسئلو امر
هوندو هُيو. هي تڏهن ٽن سالن جو هُيو ۽ سکر جيل ۾
گهر وارن سان گڏ مون سان ملڻ ايندو هُيو. پوءِ مان
وري هن کي جيل واري گرائونڊ ۾ چڪر ڏياريندو
هوس تہ هي ضد ڪري چوندو هيو تہ مون کي جيل
کان ٻاهر وٺي هل ۽ شي وٺي ڏي. مان ان وقت تمام
گهڻي بي وسي محسوس ڪندو هوس!

مائٽن ۾ باک سان منهنجي دل لڳي وئي، امان کي وچي پنهنجي پسند ٻڌايم. امان کي ڳالهہ وڻي جڻ مون امان جي دل جي ڳالهہ ڪئي هُئي پر امان اوچتو هرٽ اٽيڪ ۾ اسان کان جُدا ٿي وئي. امان کان پوءِ مون بابا کي چيو مونکي باک سان شادي ڪرڻي آهي، اسان هڪٻئي

ڪي چاهيندا آهيون. بابا بنا دير جي چيو ٺيڪ آهي، اهو تہ مسئلو ٿئي ناهي اهو ڪم ڪري ٿا وٺون. بابا چيو اها ڳالهہ مان پاڻ بہ شاهہ محمد سان ڪري ٿو سگهان پر امام بخش (بابا جو وڏو ڀاءُ ۽ شاهہ محمد جو والد) ۾ ياچائي گذاري ويا آهن سو بهتر ٿيندو تہ مان فيض پيرزادي ذريعي اها ڳالهہ شاهہ محمد تائين پهچايان. فيض اهو پيغام شاهہ محمد تائين پهچايو. شاهہ محمد جو خيال هو تہ اسان وقت اچڻ تي امر ۽ باڪ جي شادي ڪرايون تہ بهتر رهندو ڇو تہ مڱڻي اسان جي خاندان ۾ هڪ مسئلو ٿي وڃي ٿو. جنهن ڪي اختلافن هوندي بہ ڪڏهن ڪڏهن ٽوڙڻ مشڪل ٿي ويندو آهي. بابا اها ڳالهہ ٻڌي ڪجهہ اُداس ٿيو. شاهہ محمد پنهنجي جاءَ تي درست هُيو. هن اها ڳالهہ مون ڪي بہ سمجهائي پر تڏهن اسان ۾ جواني جو جوش، عشق جو جنون هُيو. پيو وري مون سان منهنجي شڪتي بابا هُيو. بابا منهنجيون سموريون بي چينيون سمجهي رهيو هو. هن مون ڪي چيو هنن جا سڀ انديشا ختم ڪنداسي تون فڪر نہ ڪر. اهو ڪم ٿي ويندو ۽ پوءِ نيٺ بابا، باڪ ۽ منهنجي مڱڻي ڪرائي، مون سان هٿ ملائي مون ڪي مڱڻي جي مبارڪ ڏني. بابا اها ذميواري ماءُ ٻڻجي پوري ڪئي.

مڱڻي کان پوءِ بابا جي وڏي خواهش منهنجي شادي ڪرائڻ هُئي. هو جڏهن بہ سنڌ جي سير تي نڪرندو هو تہ سنڌي ثقافت سان تعلق رکندڙ ڪا شي منهنجي شادي لاءِ وٺي ايندو هو. هو ٽر ويو تہ منهنجي لاءِ شادي جا موڙ وٺي آيو. پٽ شاهہ تان وڃڻو وٺي آيو. جڏهن بابا سفما وارن سان پنجن ڏينهن جي دوري تي ممبئي ويو هو تہ باڪ جي شادي لاءِ گُلابي رنگ جي خوبصورت ساڙهي وٺي آيو جيڪا باڪ شادي واري ڏينهن پاتي هئي. ان ساڙهي جو ذڪر پنهنجي سفر نامي ممبئي ياترا ۾ بہ ڪيو اٿائين. بابا جو دوست زاهد مخدوم امريڪا مان پاڪستان گهمڻ آيو تہ بابا لاءِ پرفيوم وٺي آيو بابا چيو هي ولائتي پرفيوم آهي تون پنهنجي شادي لاءِ رک.

اسان سنڌين ۾ ڪنوارجي بوچڻيءَ تي ڪڻ هڻڻ جو رواج هوندو آهي، اها رسم بہ بابا ماءُ ٻڻجي پوري ڪئي هُئي. ٻلهڙيجي ۾ ٿيندڙ ان

رسم ۾ مون کي گهوٽ ڪري ويهاريو ويو هو. پرسان بابا ويٺو هو، سچي تقريب ۾ هن جون اکيون آليون هيون ڇوته ان موقعي تي هو امان ۽ پنهنجي وڏي پٽ زبير جي ڪمي کي شدت سان محسوس ڪري رهيو هو. ان وقت هو پنهنجي پٽ زيد کي به ياد ڪري اُداس هُيو جيڪو تن ڏينهن ۾ آسٽريا پي ايچ ڊي ڪرڻ ويل هو ۽ ان موقعي تي موجود ڪونه هو. بابا جي اهڙي حساس طبعيت ڏسي ڀين جي به اکين ۾ ڳوڙها تري آيا هُئا. بابا لُڙڪ به پيئي اُگهيا ته وڏا ٺهڪ به ٿي ڏنا، جنهن وقت ڳوٺ جي مايون بوچڻي کي ڪڍ هٽي رهيون هيون ته هو پنهنجي مخصوص انداز ۾ پڻائي جي اها سٽ پڙهي رهيو هو ته سنهي سئي سبيو مون مارن سين من.

افسوس ته منهنجي نصيب ۾ ايترو ئي هيو، امان ۽ زبير کان پوءِ بابا به اسان کان وڇڙي ويو، عشق واري اها شادي ڏسڻ جو سندس خواب پورو ٿي نه سگهيو. شادي واري ڏينهن جڏهن سرگس ڪرڻ اسان سکي شاهه جمال تي پهتاسين ته مان بابا، امان ۽ زبير جون قبرون ڏسي اوڇنگارون ڏئي رُنو هُيس. شادي کان پوءِ جڏهن اسان کي ساز ڄائوته ساز ۽ بابا جي محبت واري رشتي کي تصور ڪري مون هڪ نظم "ڏاڏي ۽ پوٽي جي جوڙي" لکيو هيو. هو ساز ۽ سمبارا کي ڪيترو پيار ڪري هان ان جي انور پيرزادي جي ئي لفظن ۾ ڪا پيٽي ناهي!

بابا ڪڏهن به اسان تي پنهنجا خيال نه مڙهيا پر اسان سدائين هن جي خيالن جا عاشق رهياسين. هڪڙي گهر ۾ چوويهه ڪلاڪ گڏ رهندي به هو نئون نئون لڳندو هُيو. گهر ۾ جڏهن به بابا جا دوست ايندا هُئا اسان بار سندن ڪچهري ۾ ضرور ويهندا هُئا سي، هن ڪڏهن به پنهنجو پاڻ اسان کان نه لڪايو، بابا جا گهڻا دوست اسان جا به دوست آهن!

بابا تمام گهڻو حسين هيو ۽ منهنجي هن سان بي تڪلفي به گهڻي هوندي هُئي سو مان بابا کي اڪثر چميون ڏيندو رهندو هوس، امان چوندي هُئي هاڻي وڏو ٿي ويو آن پٽهين کي چميون نه ڏيندو ڪر (ها ها ها)، پوءِ جڏهن امان وڇڙي وئي هئي ته مان بابا کي ڀاڪر پائي رُنو هيس، بابا به سڏڪو پريندي چيو هو جوان آهيو پٽ همٿ ڪيو!

بابا پنهنجي ٻارن سان ڪيتري محبت ڪندو هُيو ان جو اندازو اسان کي زبير جي اوچتي دکدائڪ موت تي ٿيو. اسان بابا جهڙي اڏول ۽ بهادر شخص کي سڄي ڳوٺ جي سامهون ٻارن وانگر اوڇنگارون ڏيندي رئندي ڏٺو. هو پنهنجن درد ڀرين ٻارن ۽ لڙڪن کي روڪڻ جي بلڪل به ڪوشش نه پيو ڪري. اسان بابا کي سندس پيائرن ۽ ويجهن مائٽن جي موت تي ڳوڙها اُگهندي ضرور ڏٺو هو پر زبير جي موت تي هن جا لونءَ ڪانڊاريندڙ پارَ ۽ رت جا ڳوڙها سراپا ماتم هيا، هو چئي رهيو هو اڙي! منهنجو گهر تباهه ٿي ويو! اڙي زبير منهنجو پٽ نه منهنجو دوست هُيو! اڙي! اسان ته گڏجي پئنداهئاسين! هو ته منهنجي دوستن جو به دوست هيو! زبير تون منهنجو انتظار ڪجان، مان توسان جلدي ملڻ ايندس!

بابا پٽ شاهه تي زبير جي موت جي خلاف درج ڪرايل ايف آئي آر ۾ لکيو ته:

> پٽ ان ڪري چڱا آهن ته هو جوان ٿي پنهنجي پيءُ
> کي ڪلهو ڏين، هن کي قبر ۾ لاهن، سو جڏهن مون
> کان ملان زبير جي جنازي نماز پڙهائڻ لاءِ پڇيو ته مون
> وٽ اوڇنگارون ڏيڻ کان سوا ڪو به جواب نه هُيو!

زبير کان پو بابا تمام گهڻو تبديل ٿي ويو هو. زبير کان پوءِ هن پيئڻ ڇڏي ڏنو هو چوندو هيو زبير کان پو پيئڻ ۾ مزو نٿو اچي.

حسن مجتبي صحيح لکيو هو ته:

> انور کي نشي نه پر جوان پٽ ۽ زال جي موت ماري
> ڇڏيو!

منير شاهه اهو ٻڌائيندي پاڻ به سڏڪي پيو هو ته انور جڏهن زبير کان پوءِ مون سان مليو ته چيائين پٽ جو لاش ڪلهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. امان به زبير کان پو گهڻو وقت نه جي سگهي. اولاد ٿيڻ کان پو امان ۽ بابا جو درد هاڻي مان به محسوس ڪري ٿو سگهان.

زندگي جي آخري ڏينهن ۾ جڏهن بابا ڪراچي جي لياقت اسپتال ۾ داخل هيو تڏهن سخت تڪليف ۾ به اسان هن جي بهادري ۽

مهانتا کي سدائين جيان اوچو ئي ڏنو. جڏهن بابا آئي سي يو ۾ هئو ۽هن جي بچڻ جا امڪان تمام ٿورا وڃي بچيا هئا تہ اسان جي سوٽ ڊاڪٽر فياض پيرزادي جيڪو اسپتال ۾ اسان سان گڏ بابا جي ان جي پٽن وانگر خدمت ڪندو هيو. اسان کي ٻڌايو تہ هڪڙي رات اسپتال ۾ مامو انورمون کي پيو چوي تہ منهنجي ٻارن جي ماءَ هرٽ اٽيڪ ۾ اوچتو گذاري وئي هئي ۽ هن جي ٻارن کي ان جي خدمت ڪرڻ جو چڱ موقعو ئي نہ مليو. هاڻي مان هنن کي چوندو آهيان تہ مون کي اچي زور ڏيو تہ جيئن هنن کي اهو احساس نہ ٿئي تہ هنن آخري وقت ۾ پنهنجي پيءُ جي خدمت نہ ڪئي. هڪ عظيم پيءُ جو اهڙو حساس جملو ٻڌي اسان سڀ گڏجي رُنا هئاسين!

بابا کان پوءِ اسان سندس پٽن هن جي ڪجهہ ويجهن دوستن سان ملي انور پيرزادو اڪيڊمي ٺاهي ۽ ان جي پليٽ فارم تان هن جا ڪيترائي پروگرام، ڪانفرنس، ميلا ڪيا، ڪتاب ڇپرايا، اهو سلسلو اڃا هلندڙ آهي، ماڻهو اسان جي تعريف ڪندا آهن، صالح اولاد هجڻ جا لقب ڏيندا آهن پر اسان کي بابا جيترو پيار ڏنو، هن جا اسان تي جيترا احسان آهن، ان جي آڏو اهو ڪم انتهائي معمولي آهي ۽ هن جا ڪم ڪندي اسان کي ڪڏهن بہ ٿڪ جو احساس ناهي ٿيندو. هن جي وڇوڙي کي ڪيترائي سال گذري ويا پر گهر ۾ اهڙو ڪو ڏينهن ناهي گذرندو جڏهن گهر ۾ هن جو ذڪر نہ ٿيندو هجي، بابا پنهنجي شخصي سحر ۽ شفقت واري ساٿ سان اڄ بہ اسان سان هر وقت گڏ رهندو آهي.

# خودپسندي کان پري رهندڙ شخص

انور پيرزادو خوبصورت هيو پر هو ڪڏهن به نرگسيت ۽ خود پسندي جو شڪار نه ٿيو. ڪڏهن پنهنجي واتان پنهنجي تعريف نه ڪندو هو ۽ ٻيا به سندس تعريف ڪندا هئا ته موضوع مٽائڻ جي ڪوشش ڪندو هو يا هيڏي هوڏي نهارڻ لڳندو هو.

چوندو هو ته تعريف هر ماڻهو جي ڪمزوري هوندي آهي ان لاءِ مان اهڙو ماحول ئي جڙڻ ناهيان ڏيندو جو منهنجي تعريف ٿئي ۽ پوءِ اها مون کي وٺي.

اهي صرف ڳالهيون نه هيون. هو واقعي ائين ئي هيو.

جڏهن بابا جو ڪتاب "اي چنڊ ڀٽائي کي چئجانءِ" ڇپيو ته هڪ ڏينهن سنڌي ادبي سنگت جي هڪ عهديدار طرفان ڪيس فون آئي ته سائين اسان توهان جي ڪتاب "اي چنڊ ڀٽائي کي چئجان" کي سال جي بهترين ڪتاب جو ايوارڊ ٿا ڏيون سو اوهان فلاڻي تاريخ اهو ايوارڊ وٺڻ اچجو. بابا کيس فون تي چيو:

ادا هي ڪتاب ستر ۽ اسي وارن ڏهاڪن جي درد جي هڪ سيسراٽي آهي ۽ اهو ڪتاب ٽيهه سال مون وٽ پيو رهيو اوهان سميت ڪنهن اداري ان کي ڇپرائڻ جي تڪليف نه ڪئي ۽ هاڻي جڏهن هي ڪتاب فيملي جي ذاتي ڪوشش سان ڇپجي پڌرو ٿيو آهي ته توهان هن ڪتاب کي ايوارڊ ڏئي ڪهڙي پبلسٽي حاصل ڪرڻ ٿا چاهيو؟

جنهن ڏينهن ڪيس ايوارڊ مليو هيو هو وارهه هليو ويو هو. چيائين مون کي وارهه گزيٽيئر تي ڪم ڪرڻو آهي اسان جو اصل ايوارڊ اسان جو ڪم آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس ايوارڊ ممتاز مرزا آڊيٽوريم ڪراچي ۾ زرار وڃي سائين سراج الحق ميمڻ هٿان وصول ڪيو. سائين سراج اتي چيو منهنجي طبعيت ٺيڪ نہ هئي پر بس ان ڪري آيو هيس جو انور کي ايوارڊ ڏيڻو هيو پر انور نہ آيو.

ٽي وي تي سندس پروگرام ايندا هئا تہ پاڻ ڏسندو ئي نہ هو.

انور ابڙي هڪ ڀيري پنهنجي گهر ۾ بابا جي ستونجهائين سالگرهہ ملهائڻ جو پروگرام ٺاهيو هو جنهن ۾ سنڌ جا ناليوارا اديب گڏ ٿا هئا ان پروگرام ۾ بابا سان گڏ مان بہ ويو هيس. اتي دوستن چيو هاڻي اسان سڀ انور تي پنهنجي راءِ ڏينداسي تہ بابا ڪين چيو:

توهان سڀ هتي گڏ ٿيا آهيون ۽ مون کي اها خبر آهي تہ اڄ اوهان منهنجي ڪري ئي هتي موجود آهيو ان ڪري اهو مون لاءِ ڪافي آهي توهان پليز فارمل طريقي سان مون تي نہ ڳالهايو ائين مون کي اسٽريس ٿو ٿئي.

هو نہ پنهنجي تعريف ڪندو هو نہ ئي ٻين جو پاڻ متعلق اهڙو رويو ڪيس پسند ايندو هيو. هڪ ڀيري شاعر اياز جاني سان گلشن حديد واري گهر جي ٻاهران وينل هئاسي تہ بابا چيو:

ڪامريڊ سوڀي ۽ شيخ اياز ۾ اهو فرق آهي تہ اوهان شيخ اياز سان ملندو تہ توهان کي بار بار ٻڌائيندو تہ مان فلاڻو ڪتاب پڙهيو مان فلاڻي ليکڪ کي پڙهيو آهي پر ڪامريڊ سوڀو ڳالهائيندو آهي تہ هو پنهنجا پڙهيل ڪتاب ناهي ڳڻائيندو پر سندس گفتگو مان خبر پوندي آهي تہ هو ڪيڏي وڏي مطالعي وارو شخص آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نوجوانن جو اتساهه

انور پيرزادو پنهنجي طبعيت ۾ خود نوجوان لڳندو هو. هن سان ڪچهرين ۾ ايج ڊفرنس محسوس نه ٿيندو هو. هو نوجوانن جو آئيڊيل به هيو ۽ انهن سان ڪچهرين ۾ انهن سان دوستن وانگي گهلي ملي ويندو هيو. سنجيده بحثن کان وٺي لطيفن تائين هو انهن سان گڏ سفر ڪندو هيو.

ڳوٺ جي هڪ نوجوان عبدالرب پيرزادي مون کي ٻڌايو هو ته اسان جي متعلق هو ايتري ته دلچسپي سان سوال پڇندو هو، اسان کي ٻڌندو هيو جو اسان کي حيرت ٿيندي هئي. ايڏي دلچسپي اسان جا پنهنجا ماءُ پيءُ به اسان ۾ نه وٺندا هئا، ان ڪري اسان انور کي پنهنجو سمجهندا هئاسي ۽ اسان کان انور جيڪا معلومات وٺندو هيو ان جا هن کي به فائدا ٿيندا هئا هڪ ته اسان هن جي ويجهو ايندا هئاسي ٻيو هن جي معلومات زندگي جي هر شعبي وڏي ويندي هئي، اهو به هڪ سبب هو جو انور کي چاڙ تمام گهٽي هوندي هئي.

اقرار پيرزادي ڪچهري ڪندي ٻڌايو ته جنهن ماڻهو ۾ جهڙي ڪرت هوندي هئي ان کان ان متعلق ئي سوال پڇندو هيو پو انهن کي لڳندو هيو ته هي واحد دانشور آهي جيڪو اسان کان سوال ٿو ڪري، ڪچهري ٿو ڪري. ائين هو ان جا ديوانا ٿي ويندا هئا.

عاجز جمالي مون کي ٻڌايو ته جڏهن اسان انور صاحب سان عوامي آواز ۾ ڪم ڪندا هئاسي ته هو منجهند جي ماني ڪاڻ مندر ويندو هيو. جڏهن اوڏانهن نڪرندو هيو ته اسان کي به صلاح ڪندو هيو ۽ اسان کي اها خوشي هوندي هئي ته انور صاحب جهڙو سينئر صحافي اسان سان ٻاهر ٿو هلي. اتي پوءِ آفيس واري ماحول مان نڪري زندگي هي هر شعبي تي هن جي راءِ ٻڌنڌا هئا سي، ڪل پوڳ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارو ماحول هوندو هيو.

سينئر ڪهاڻيڪار، نقاد ۽ استاد غفور ميمڻ مون کي ٻڌايو تہ مان جڏهن بہ سندن گهر ويندو هوس تہ پاڻ دروازي مان نڪرندي ئي چوندا هئا. هلوينگ اسڪالر، انهيءَ وقت مان تازو پي ايچ ڊي ڪئي هئي اهو وقت 2001ع جو هو.

جڏهن زرار پيرزادي عوامي آواز جوائن ڪئي هئي تہ انور کي چيائين تہ اخبار لاءِ ڪالم لکو. انهيءَ تي پاڻ چيائين تہ يار اسان کي هاڻي ڇڏيو. نوجوانن کان لکرايو جيڪي نيون امنگون کڻي اڳتي اچن ٿا. مثال ڊاڪٽر غفورميمڻ کان لکرايو. پوءِ سندن ڳالهہ کي مان ڏيندي مان لاڳيتو ڪيترا سال "ماڻڪن موت تي" ڪالم لکندو رهيس. غفور صاحب وڌيڪ چيو تہ هڪ ڳالهہ جيڪا مون نوٽ ڪئي تہ انور پيرزادي ۾ انا ڪانہ هئي جيڪڏهن ڪا نئين ڳالهہ ٻڌندو هو تہ خوشي سان قبول ڪندو ڪندو هو. وڏي نِنڊي سان ڪچهري ڪندو هو. جونئرس کي همٿائيندو هو. پنهنجي علم جو رعب ڪنهن تي ڪونہ وجهندو هو

اقرار پيرزادو ڪتاب جن سين لئون لاڳي ۾ لکي ٿو تہ:

> 1994ع ۾ انور پيرزادي ۽ قربان مون کي صحافتي لڏي ۾ شامل ٿيڻ جي مت ڏني، روزاني برسات ۾ ڪم ڪرڻ لڳس. پهريون مضمون بہ انور صاحب زبردستي لکرايو.

1985ع سال نوجوانن جو عالمي سال ڪري ملهايو ويو هو. انور پيرزادي پنهنجن دوستن مينر شاهہ، ادريس جتوئي، جلال محمود، فيض پيرزادو، لياقت رضوي، ناز سهتو، ستار رند، غلام رسول، جاويد قاضي سان ملي سال پنجاسي ۾ نوجوانن جو هڪ فورم Sindh Young Progressive Thinkers Forum بہ ٺاهيو هو. جنهن جو سيڪريٽري جنرل منير شاهہ هو. ان فورم جو مقصد نوجوانن کي سرگرم ڪرڻ، گائيڊ ڪرڻ، انهن جي صلاحيتن کي اڀارڻ هيو. منير شاهہ ٻڌايو تہ ان فورم طرفان اسان ڪيترائي پروگرام بہ ڪيا هئا

جنهن ۾ خاص ڪري انور جيڪو ڪراچي پريس ڪلب ۾ هڪ ڏينهن جو پروگرام ڪرايو هو اهو ڇڙ تہ هڪ ڏينهن جو ميلو هو جيڪو تمام گهڻو مقبول ويو هو. ان پروگرام ۾ مختلف نشستون رکيون ويون هون جن ۾ آرٽسٽ رضوان احمد جي پيئنٽنگس جي نمائش ڪئي وئي، سنڌ جي مختلف سازن جي يادگار محفل پڻ ڪئي وئي جنهن ۾ مختلف ساز جهڙوڪ بوڙينڊو، الغوزو، بانسري، سرندو، نار، تلبون، چنگ، شهنائي وغيره شامل هئا. فيسٽيول جهڙي ان پروگرام جي ٽين نشست نوجوانن جي مسئلن تي ڊسڪشن توڙي تقريرون شامل هيون. ان پروگرام جي صدارت فقير محمد لاشاري ڪئي هئي جيڪو ان زماني ۾ ڪراچي سنگت جو سيڪريٽري هو، خاص مهمان ناميارو صحافي گرداس واڌواڻي هو. ان پروگرام ۾ بدر ابڙي جو ٺاهيل شاهہ لطيف جو مجسمو پڻ نمائش لاءِ رکيو ويو هو. پوسٽر لڳايا ويا هئا. نوجوانن ۾ وڌندڙ نشي جي رجحان تي سيشن رکيو ويو هو. ان پروگرام جي رپورٽ ۾ هڪ سنڌي اخبار انور پيرزادي جي تقرير جو هڪ جملو لکيو هو تہ:

> هن سماج جي اڇي چادر تي ڪو نندي ۾ ننڍو ڪارو
> ٽڪو بہ جيستائين موجود آهي تيستائين ان ڪاري
> ٽڪي خلاف بغاوت ۽ مهم جاري رکڻ ترقي پسند
> ادب جو اصول آهي.

انور پيرزادي ان پروگرام تي اسٽار اخبار ۾ وڏي اسٽوري لکي هئي جنهن جي هيڊنگ هئي

> Karachites get a unique opportunity to listen
> Sindhi instrumental music.

ان پروگرام لاءِ سنڌي ادبي سنگت ڪراچي ۽ پريس ڪلب جي ڪلچرل ڪميٽي پڻ سهڪار ڪيو هو. منير شاهہ پيو ٻڌائي تہ ان ڪان پوءِ مان جڏهن بہ پريس ڪلب ويندو هيس تہ چوندا هئا اهڙو يادگار پروگرام توهان ڪي وري بہ ڪرڻ گهرجي. اهو پروگرام انجمن ترقي پسند گولڊن جوبلي ڪانفرنس کان بہ اڳ ٿيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انور صاحب جا ڪيترا ئي نوجوان شاگرد ادب صحافت، آرڪيالاجي، اسڪول، يونيورسٽي ۽ زندگي جي مختلف شعبن ۾ هئا. صحافت ۾ جن نوجوانن جو سونهون بڻيو تن ۾ انور ابڙو، ظهير ميراڻي، همسفر گاڏهي، قاضي آصف، الله بخش راٺوڙ، رزاق ابڙو، عاجز جمالي، رزاق سروهي، منظور چانڊيو، زلف پيرزادو، الطاف پيرزادو، لطف، رشيد چنو، مولا بخش ڪلهوڙو، زرار، اقرار ۽ ٻيا ڪيترائي صحافي شامل هئا. ادب ۾ به سندس ڪيترائي نوجوان شاگرد هئا جيڪي هن جي شاعري جي اسلوب مان متاثر ٿياجيئن محمد علي پٺاڻ، حسن مجتبیٰ، شاهه محمد، فيض پيرزادو، ميران، ملڪ، انور ابڙو وغيره.

سياست ۾ به نوجوانن کي اڳتي آندائين جن ۾ امداد چانڊيو، شبير شر، عرس سيلرو، اختيار پٽو، رميش ڪمار، گلاب پيرزادو، محب، لطف ۽ ٻيا شامل هئا. ڳوٺ ٻلهڙيجي جا ان وقت جا سڀ نوجوان هن جي اثر ۾ هئا. هو ماڻهن کي پنهنجي موقف تي قائل ڪري نئون انسان ناهڻ جي ڪا فيڪٽري لڳندو هو.

# انور پيرزادي جي دوستي

انور پيرزادي جا دوست ڳڻڻ کان گهڻا هئا جيڪو ملندو هئس دوست ٿي ويندو هئس ۽ وڏي ڳالهہ اها هئي جو هر ڪو سمجهندو هو تہ هو ئي ان جو سڀ کان گهرو دوست هيو. بابا جو دوست ڪيلاش اسان جي گهر آيو تہ ڪچهري ڪندي چيائين انور جي اها خوبي دنيا جي اعلي انساني خوبين ۾ ڳڻي ويندي آهي تہ هر ماڻهو اهو سمجهي تہ توهان ڪيس سڀ کان گهڻي اهميت ڏيندا آهيو يا ان جي ئي سڀ کان گهڻو ويجهو آهيو. اسان جو چاچو ڊاڪٽر محمد حسن پيرزادو بابا جي تڏي تي پيو چوي تہ چوندا آهن تہ وڏو ماڻهو اهو آهي جنهن جا گهڻا دوست هجن، ان معاملي ۾ انور جو مقابلو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو.

جن دوستن سان هن گهڻو سفر ڪيو انهن ۾ بدر ابڙو، محمد علي پٺاڻ، منظور چانڊيو، خالد مخدوم، تاج بلوچ، منير شاهہ، مير محمد پيرزادو، قربان پيرزادو، انور بلوچ، حسن مجتبي، سيف بنوي، هدايت منگي، اسلم آزاد، ثريا مخدوم، منصور ميراڻي، صادق جعفري ۽ رنڪو شامل هئا.

ٻہ هزار ڇهہ ۾ بابا دل جو چيڪ اپ ڪرائڻ لاءِ لياقت اسپتال ۾ داخل ٿيو هيو، اتي زرار پڇيس تہ منظور چانڊيو فون پيو ڪري چا ان کي ٻڌايان تہ اوهان اسپتال ۾ داخل ٿيا آهيو، بابا چيس نہ، ايئن نہ ٿئي تہ هو ڪنهن سبب ڪري مون کي پڇڻ نہ اچي سگهي جنهن جو مون کي ڏک ٿئي، مان هن کي آزمائڻ نہ ٿو چاهيان.

مان هڪ ڀيري بابا کان پڇيو توهان جا ايترا دوست ڪيئن آهن بابا وراڻيو تہ:

مان ڪڏهن بہ دوستن کي ڪارنر نہ ڪندو آهيان ۽
انهن جي خامين کي نظر انداز ڪندو آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# صفائي سترائي ۾ سريلي هجڻ واري خاصيت

انور پيرزادو سدائين صاف سترو، روزانو شيو ڪندڙ، تڙ ڪندڙ، پرفيوم هڻندڙ، سنا ڪپڙا ۽ پالش ٿيل بوٽ يا سينڊل پائيندڙ انسان هيو. بي روزگاري جي زماني ۾ به سندس روٽين ساڳيو هوندو هيو. وهنجي سهنجي تيار ٿي ٽيبل تي ويهي لکندو پڙهندو هيو. جنهن ٽيبل تي ڪم ڪندو هيو اها به اڳ ۾ صاف ڪندو هيو. بابا جي هڪ عادت هوندي هئي ته روز رات جو سمهڻ کان اڳ هو گرم پاڻي ۾ لوڻ وجهي گروڙا ڪندو هو، جنهن ڪري سندس آواز سدائين صاف ۽ چٽو هوندو هو.

محمد علي قادري ٻڌائيندو آهي ته اسان جڏهن سفرن تي ويندا هئاسي ۽ جبلن ۾ ڏينهن پئجي ويندا هئا ته انور صاحب اتي به روز صبح شيو ڪري تيار ٿيندو هيو ته اسان چوندا هئاسي سائين هتي ڪير ڏسڻ وارو به ناهي پوءِ ڪنهن لاءِ ٿا تيار ٿيو، ته ڪلي چوندو هيو بابا اسان ڪچي جا زميندار آهيون سو سنو تيار ٿيڻ ضروري آهي.
منير شاهه ٻڌايو ته انور کان رني ڪوٽ ۾ پڇيم هتي ڪنهن لاءِ ٿو شيو ڪرين ته چيائين جيستائين شيو ناهيان ڪندو ايئن لڳندو آهي جڻ مان فريش ئي ناهيان.

منظور چانڊيو ٻڌايو ته انور ۾ صفائي سترائي جي عادت جو اهو عالم هو ته هو انب کائيندو هيو ته ڪائي انهن جي کلن کي کليل نه ڇڏيندو هيو پر هٿ سان انهن کي ٻيٽو ڪري ڇڏيندو هيو جيئين ڏسڻ ۾ خراب نه لڳن.

اسان لياقت اسپتال ۾ بابا کان پڇيو ته اها ايڏي صفائي جي عادت اوهان ڪٿان سکي آهي ته بابا چيو اها مان پنهنجي اسڪول جي استاد مان سکي هئي، هو جنهن هنڌ تي رات سمهندو هيو ان چادر کي به سمهڻ کان اڳ استري ڪري سمهندو هيو!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گلشن حديد ۾ رهائش وارو دور

89 ۾ سنڌي مهاجر فسادن کان بيزار ٿي انور پيرزادو جيڪب لائينس واري علائقي جي فليٽ مان شفٽ ٿي گلشن حديد جي گهر ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو. ان فيصلي جي قبوليت اسان جي فيملي ۾ به ان ڪري نه هئي جو اهو علائقو شهر کان تمام گهڻو پري هو ۽ ان علائقي ۾ اڃ ۾ ڪير ڇاڻ سڃاڻ وارو رهندو به ڪو نه هو پر انور صاحب چوندو هيو اهو علائقو امن امان جي لحاظ کان بلڪل محفوظ آهي. پهاڙي تي اڏيل هجڻ ڪري تمام گهڻو هوا دار ۽ پرسڪون آهي ۽ نوڪري صرف مون ڪي ڪرڻي آهي سو مون لاءِ مسئلو ناهي. زبير لاءِ ملير جتي هو نوڪري ڪندو هيو ايڏو پري ناهي. سو اسان سڀ اتي شفٽ ٿي وياسي.

اسان لاءِ خوشي جي صرف هڪ ڳالهه هئي ته اسان جيڪب لائينز جي ننڍي فليٽ مان نڪري ڇئن ڪمرن جي هڪ سئو ويهه گز جي گهر ۾ شفٽ ٿيا هئا سي. اتي شفٽ ٿيڻ کان پوءِ اسان سڀني کي به اهو علائقو پسند اچڻ لڳو. بابا ته ان علائقي جو عاشق ۽ وڪيل ٿي ويو هو. چوندو هو گلشن حديد ڪراچي جي اسلام آباد آهي چو ته پهاڙي تي آهي، هوا دار آهي، اسٽيل ٽائون جي نظارن ڪري ساوڪون به گهڻيون آهن ۽ انور پيرزادي جو پنهنجو گهر ويسٽ اوپن هجڻ ڪري اڃا به وڌيڪ هوا دار هوندو هيو سو چوندو هيو ته گلشن حديد ۾ منهنجي ۽ ثنا الله شيخ جي گهر جي لوڪيشن آئيڊيل آهي.

گلشن حديد شفٽ ٿيڻ کان پوءِ ترت ئي هن زبير جي شادي ڪرائي هئي. سندس واتان گلشن حديد جون تعريفون ٻڌي ڪيترائي سنڌي اديب ۽ ان جا دوست گلشن حديد شفٽ ٿي ويا جن ۾ خالد مخدوم، فيض ٻگهيو، رئوف نظاماڻي، راز ناٿن شاهي، شاهه محمد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيرزادو، غوث پيرزادو، شاهد پتو، عبدالرب، سميع بلوچ، قربان پيرزادو ۽ ٻيا شامل هئا. اسٽيل مل ۾ ڪم ڪندڙ سنڌي ٻه اتي رهندا هئا ۽ انهن ۾ سنڌي هندو دوستن جو ٻه گهڻو تعداد هيو جن سان بابا جي گهڻي دوستي هوندي هئي. اڪثر ڏياري ۽ ٻين ڏهاڙن جون هندن جي گهرن مان مٺايون ايندڙيون هيون ۽ انهن جي گهرن ۾ ملڻ ويندا هئا سي ته اتي انهن جي گهرن ۾ ننڍا مندر ٻه ٺهيل هوندا هئا. ڪامريڊ سوڀي جي پيڙ ٻه اتي رهندي هئي جنهن ڪري هو ٻه اڪثر گلشن حديد ايندو هيو ۽ بابا سان ٻه ملڻ اسان جي گهر ايندو هيو. ايئن گلشن حديد جڻ ڪراچي ۾ هڪ سنڌي وسندي جي حيثيت ماڻي ورتي جڏهن ته اتي پنجابي، مهاجر ۽ پٺاڻ ٻه رهندا هئا پر سنڌي اڪثريت ۾ هئا. گلشن حديد مان اڪثر اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي کٽندي آهي.

انور پيرزادي جي هجڻ ڪري اهو علائقو ادبي، ثقافتي، موسيقي ۽ صحافتي سرگرمين جو ٻه مرڪز ٿي ويو. خالد مخدوم جو گهر جتي انور پيرزادي سان هن جون جام ڪچهريون ٿينديون هيون جڻ گلشن حديد ۾ موسيقي جو آشرم هوندو هيو جتي سنڌ جا وڏا راڳي اچي راڳ ڳائيندا هئا.

گلشن حديد ۾ ملير پريس ڪلب قائم ٿيو جنهن ۾ اڪثر پروگرامن ۾ويندو هيو ۽ ڪيترائي نوجوان صحافي پريس ڪلب توڙي اسان جي گهر اچي هن کان رهنمائي وٺندا هئا. اياز جاني، راز شر، غفور ميمڻ ۽ ڪجهه ٻين دوستن اتي سنڌي ادبي سنگت جي شاخ کولي ۽ انور پيرزادو انهن جي پروگرامن ۾ شرڪت ڪندو هيو ۽ ڪيترائي نوان دوست ان ۾ شامل ٿيندا ويا. ڪراچي جي گهٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ اهو علائقو هڪ ٿڌي هوا جو جهوٽو محسوس ٿيندو هيو.

جنهن گهر ۾ اسان رهندا هئا سي ان جي سامهون هڪ گرائونڊ هوندو هيو. انور پيرزادي اتي پاڙي جي ماڻهن جي هڪ ڪاميٽي ٺاهي ۽ ان گرائونڊ کي اسٽيل مل مان منظوري وٺرائي ان کي پارڪ ۾ تبديل ڪيائين ۽ ٻارن لاءِ اتي جهولا وغيره ٻه لڳرائڻ جو ٻه بندوبست

ڪيائين.

گلشن حديد ۾ آخري دور ۾ صبح جو اٺين واڪ ڪندو هيو. ڪتاب ”ممبئي ياترا“ ۾ لکيائين تہ:

واڪ ڪرڻ جو جيڪو مزو گلشن حديد ۾ آهي اهڙو ڪٿي بہ ناهي.

گلشن حديد واري علائقي ۾ ڪجهہ عرصو اسان جي گهرجي پوئين گهٽي ۾ سائين شمشير الحيدري بہ اچي رهيو هو. پوءِ تہ روز رات اسان جي گهر انور پيرزادي ۽ شمشير الحيدري جي وٽندڙ ۽ ڄاڻ سان ڀرپور ڪچهري اسان سڀ ڏاڍو انجواءِ ڪندا هئاسي.

انور پيرزادو 1989ع کان زندگي جي آخري وقت سال 2007ع تائين اتي ئي رهيو.

اسان جي فيملي وڏي، ٻار وڏا ٿي ويا، شهر کان پري هجڻ ڪري نيٺ اسان بہ گلشن حديد جو اهو گهر ڇڏي آياسي جنهن لاءِ انور پيرزادو چوندو هيو جنهن کي وٽي اهو شهر وڃي رهي پر مان هي گهر نہ ڇڏيندس. ڪاش! ان گهر کي هتان جي حڪومت انور پيرزادو يادگار يا ميوزم ۾ تبديل ڪري هان ۽ گلشن حديد جي ڪنهن روڊ يا چوڪ تي هن جو نالو رکيو وڃي هان.

# امريڪا ياترا

سال 2001ع ۾ انور پيرزادي کي ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ طرفان سنڌ جي پاڻي جي مسئلي بابت ڳالهائڻ لاءِ ڪانفرنس جي دعوت ملي. ان سڄي تياري ۾ منور لغاري ساڻس رابطي ۾ رهندو هيو. بابا جو ڪورٽ مارشل ٿيڻ، ڪميونسٽ رهڻ، ايم آر ڊي دوران جيل وڃڻ وارين ڳالهين ڪري امريڪا جي دعوت ملڻ باوجود اسان کي لڳندو هيو ته ڪيس ويزا مشڪل ملندي. اتفاق جي ڳالهه ته ان کان اڳ ڪڏهن ٻاهرين ملڪ ويا به نه هئا ۽ پهرين ئي ويزا امريڪا جي لڳڻ ڏکي هوندي آهي. جڏهن اسلام آباد ويزا لاءِ ويو ته هن وٽ بس ڪانفرنس جو دعوت نامو هيو پر ڪيس ڪا به مشڪل نه ٿي. بابا ٻڌايو ته:

> اتي انٽرويو دوران مون کان پڇيو ويو ته تون واپس نه آئين ته پوءِ، مون وراڻيو ته مون کي هتي ٻار آهن پوٽا، پوٽيون آهن جيڪي منهنجي ڪمزوري آهن، فري لانسنگ ڪندو آهيان ۽ هوم سڪ آهيان سو موٽندس ضرور. انهن اهو جواب ٻڌي مون کي ڇهن مهينن جي ويزا هٽي ڏني.

بابا ڪراچي پهتو ته دوستن کي فون تي چوندو هيو ته:

> امريڪا جي ويزا جي چڪرن ۾ ڏهن سالن ۾ پهريون ڀيرو مون کان پٺائي جو ميلو مس ٿيو آهي.

بابا امريڪا روانو ٿيو ته گهر ۾ هن جي ڪمي ڏاڍي شدت سان محسوس ٿي پر گڏوگڏ اها خوشي به هئي ته بابا انٽرنيشنل ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ ويو آهي. ڪانفرنس جي اها تقرير اسان کي منور لغاري وڊيو سي ڊي ۾ موڪلي هئي. ان نشست جي ميزباني زاهد مخدوم ڪري رهيو هيو جنهن ڪيس اسٽيج تي گهرائيندي چيو ته مان دعوت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيندس انور پيرزادي کي جنهن جي سنڌ جي ڪنهن بہ موضوع تي دانشوراڻي راءِ کي نظرانداز ڪري ناهي سگهبو. بابا اسٽيج تي اچي شروعات ڀٽائي جي هن بيت سان ڪئي تہ:

پٽيندي سائي جنهن سور ٻڌايو سندرو
ٻي هرڪائي هٽندي هٿ ميار جا

ابتدا ۾ چيائين تہ منهنجو تعلق ٻلهڙيجي سان آهي جنهن جي اوير ۾ سنڌو درياهہ اتر ۾ مهين جو دڙو ۽ اولهہ ۾ سوڀي گيانچنداڻي جو ڳوٺ ٻنڌي آهي. اها سنڌ جيڪا مهين جي دڙي جي انڊس سويلائزيشن سان تعلق ٿي رکي جنهن جي هڪ مئٿالاجي مطابق جڏهن ڪو ماڻهو مستقل رهڻ لاءِ اتي ايندو هيو تہ ان کي اتان جو جمهوري نظام هڪ لک سون جا سڪا ۽ هڪ لک سرورن ڏنيون ڏيندو هيو جيئن هو پنهنجو گذر سفر آرام سان ڪري سگهي، اڄ ان سنڌ جي حالت ڏاڍي خراب آهي. پوءِ هن انگن اکرن سان ٻڌايو تہ سنڌو درياهہ کي ڪيترا ايم اي ايف پاڻي گهربل آهي ۽ ڪيترو ملي رهيو آهي، ڪيئن پنجاب پاڻي جي مختلف ناهن جي پيچڪڙي تاريخ جي هر دور ۾ ڪئي آهي ۽ ڪيئن سنڌ جا فصل تباهہ ۽ پنجاب جا آباد پيا ٿين، ڪيئن تمر جا وڻ ڊيلٽا مان ختم ٿي رهيا آهن ۽ ڪيئن پاڻي جي اڻهوند ڪري اسان کان پلو مڇي جي جڻ ٽيسٽ ئي وسري وئي آهي. اها تقرير ڪتاب انڊس ۽ ڊيلٽا ۾ شايع پڻ ٿيل آهي.

امريڪا ۾ رهائش دوران اتي منور لغاري ڪيس اتان نڪرندڙ انگريزي رسالي سنڌ واچ جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ۽ بابا اتي چار مهينا اهو مئگزين ايڊٽ ڪيو. پهريون پرچو بہ پاڻي جي موضوع تي ڪڍيائين جنهن جي ٽائيٽل تي ڪور اسٽوري جي هيڊنگ ڏنائين تہ:

WATER STOPS ،BLOOD FLOWS

اها هيڊنگ ان اسٽوري متعلق هئي جنهن ۾ دادو مورو پل تي پاڻي تي احتجاج ڪندڙ ٻہ ماڻهو ماريا ويا هئا.

ان رسالي ۾ هو پاڻ بہ لکندو هيو ۽ سنڌ جي صحافين اديبن کان

بہ لکرائيندو هيو.

ان زماني ۾ انٽرنيٽ اچي چڪي هئي سو رابطي جو ذريعو ياهو ۽ هاٽ ميل هوندا هئا، اسان کي بابا جي اي ميل جو ايئن انتظار هوندو هيو جيئن اڳي خطن جو انتظار ڪبو هيو. سندس ڪيل اي ميلز بہ ڄڻ ڪو ادبي يا صحافتي سانيڻ جهڙو ليک هونديون هون. انهن اي ميلز ۾ ڪيترين ئي نوٽ ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون لکندو هيو. هڪ اي ميل ۾ لکيائين تہ هتي اچي مان استار اخبار جي ايڊيٽر کي اي ميل ۾ لکيو تہ:

> We can develop our Sindh like USA. There is no harm in dreaming.

هڪ ٻي اي ميل ۾ اتان جي هڪ ثقافتي ميلي جو مشاهدو هن انداز ۾ لکيائين تہ:

> I visited a folk festival namely Renaissance Faire in Bristol town of Wisconcin state of USA. I was surprised to see on display
>
> 1. Borindo (a musical instrument excavated from Mohen Jo Daro)
> 2. Wooden wheel of the Bullock Cart (as we have in Sindh)
> 3. The horns of Sindh Ibex. Wild Goat and Deer.
>
> I thought the Europeans who were in dark age when Mohenjo-Daro civilization flourished, has adopted world culture later on when they had the turn of optimum development.

انور پيرزادو اتي رهڻ دوران ڪيترن ئي پراڻن دوستن سان مليو جن ۾ حسن مجتبيٰ، سهيل انصاري، مرتضيٰ سولنگي، اسحاق تنيو، سرفراز ميمڻ، زاهد مخدوم وغيره شامل هئا پر اتي جيڪا هن جي

نئين دوست ٺهي اها هئي رنڪو جنهن سان هن جي دوستي جو بنياد ڀٽائي جي شاعري هئي. اها رنڪو غير سنڌي هئي پر ڀٽائي جي شاعري جي مداح ٿي وئي مٿان وري ڪيس انور پيرزادي جهڙو ڀٽائي جو عاشق مليو تہ هوءَ ويتر ڀٽائي جي شاعري ۾ فنا ٿي وئي. رنڪو ڪي ياد ڪندي هو ڪتاب انٽرويوءِ تقريرون جي لکيل هڪ ايف آءِ آر ۾ لکي ٿو تہ:

رنڪو ڀٽائي جي شاعري پڙهي پڙهي پاڻ ڪي رنڪو
چري چئي رهي آهي. هن چيو تہ مون ڪي ڀٽائي جي
بيتن جا سنڌي لفظ ۽ اچار تہ سمجهہ ۾ نہ ٿا اچن پر
سٽن اندر لفظن جي جيڪا موسيقي ٻڌي رهي آهيان
ان تي اچرج اٿم، سوچيان ٿي هي وڏو شاعر آهي!!

پوءِ ڪجهہ سالن کان پوءِ رنڪو جڏهن سنڌ آئي هئي تہ بابا ڪيس ڀٽ شاهہ بہ وٺي ويو هو. رنڪو سان بابا جون ڀٽائي جي شاعري تي ڪچهريون روبرو فون پر گهڻو ڪري اي ميل تي ٿينديون هيون جن مان ڪجهہ اسان وٽ آهن. افسوس جو اهي اي ميلز هاڻي نہ اسان وٽ آهن نہ رنڪو وٽ محفوظ آهن نہ تہ ڀٽائي ڪي سمجهڻ جي حوالي سان اهي اي ميلز ڇپرائي سگهجن پيون. منهنجي هاڻي 2021 ۾ رنڪو سان فيس بڪ تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي تہ هن بابا ڪي سارينديءَ هي جملا لکيا.

Bhitai's poetry was the fire for his soul. If he could, he would have done all he could to free all the Maruees of the world to lead strong and independent lives. He disliked bondage of any kind. What made Anwer outstanding،was that he did not stop with writing about transformation, he was a hands- on social reformer.

بابا جيترو عرصو اتي رهيو اسان کي هر مهيني سنڌ واچ جي پگهار مان ڊالرن ۾ پيسا موڪليندو هيو سو اهو عرصو اسان بہ عياشي سان رهيا سي ۽ بابا جي انهن پيسن مان امان زيد جي شادي لاءِ گلشن حديد واري گهر ۾ مٿي ڪمرو ٺهرايو ۽ بابا جي واپسي تي زيد جي

ڳوٺ شادي ڪئي وئي جنهن ۾ بابا زيد جي فرمائش تي استاد فتح علي خان جو راڳ ڪرايو هيو ۽ ان ڪي راڳ تي سڄڻ مهل بابا پاڻ ڪمپئرنگ ڪئي هئي.

بابا ڪي اتي گهرائڻ، رهائڻ سنڌ واچ جو ايڊيٽر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار منور لغاري جو هيو جيڪو وري سندس مهمانوازي ڪندي پاڻ انور پيرزادي جو مداح بڻجي ويو. ڪتاب تون ڪيڏو ڏور هليو ويو آن ۾ لکي ٿو ته:

> انور صاحب چوندو هيو ته سنڌ کي پٽائي جي روح جي پارٽي جي ضرورت آهي. سنڌ ۾ نئين انداز جي پارٽي ڪيئن هجي، ان تي صحيح نموني ڪم ڪرڻ جو طريقو ۽ پروگرام، حڪمت عملي ۽ ان جا ڪافي تفصيل بلڪ ان پارٽي جو نالو به پاڻ رکي ويا.

بابا جي فائيلن مان ان پارٽي جو نالو مون کي مليو هو پر هاڻي پورو ياد ناهي. پر ان ۾ Indigenous Sindh وارا لفظ ضرور لکيل هئا. منور لغاري اهي تفصيل في الحال ڪنهن سان نه ٿو ونڊي. ڪاش بابا جي خوابن جي پارٽي جا تفصيل معلوم ٿي سگهن.

# انور پيرزادو ڪچي جو زميندار

اسان جا وڏا اصل ڪچي ۾ رهندا هئا پوءِ ٻوڏن ڪان تنگ ٿي پڪي تي اچي ويٺا، ان پڪي واري ڳوٺ پرسان ٻلهڙا ذات جا ماڻهو رهندا هئا جنهن ڪري ان ڳوٺ تي ٻلهڙيجي نالو پيوهو. اسان جي ڳوٺ جو وڏو حاجي لال بخش شيخ بہ هو جنهن جي هڪ زال جي ڏي شاهان خاتون انور پيرزادي جي ماء هئي.

اسان جي ڳوٺ جو نالو حاجي لال بخش شيخ بہ آهي جيڪو اسان پيرزادن جي شناختي ڪارڊ تي بہ ٻلهڙيجي سان گڏ لکيل آهي.

ڪچي مان لڏپلاڻ تہ ٿي پر اسان جي وڏن جي ڪجهہ زمين ڪچي ۾ بہ هئي جيڪا ورهين ڪان ويران پئي هئي، جنهن جو سبب هڪ تہ سهولتن جي اڻ هوند هئي، ٻيو ڪچي وڃڻ لاءِ درياهہ ٽپڻ ضروري آهي ۽ ٽيون وري زميندار ي خود هڪ ڏانء آهي جيڪو هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي. انور پيرزادي سڄي عمر صحافت ڪي ڏني پر معاشي حالت ايمانداري سان ڪرڻ وارن صحافين جي اسان جي ملڪ ۾ پوري ساري هوندي آهي تنهن ڪري انور پيرزادي ڪي بہ پنجاهہ ورهين ڪان پوءِ سال 2003ع ۾ اهو شوق ٿيو تہ چونہ پنهنجي وڏن جي ڇڏيل ويران ۽ غير آباد زمين آباد ڪجي ۽ ڳوٺ سان زندگي جو سفر ٻيهر بحال ڪجي.

بابا ڪراچي شهر ۾ رهندڙ جتي بجلي ۽ سواري جون سهولتون هجن اهو ڪچي ۾ رهڻ ۽ اتي زمين آباد ڪرڻ جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو تہ هن جي ياڻرن توڙي سيني دوستن چيس انور تون اهو سڀ نہ ڪري سگهندين ۽ توڪي زميندار ي جي ڪهڙي خبر اجايو پيسا بہ زيان ڪندين ۽ پنهنجو وقت بہ وڃائيندين. پر انور صاحب جو ذهن جنهن طرف مائل ٿي ويندو هيو پوءِ هو اهو ڪم ڪري ڏيکاريندو هيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انور ابڙي جڏهن سوجهري رسالي جي انٽرويو دوران بابا کان پڇيو تہ ڪچي جو زميندار ٿيڻ جو خيال ڀلا ڪيئن آيو تہ جواب ڏنائين:

معاشي ضرورت پنهنجي جاء تي پر جيڪو اديب پنهنجي ڳوٺ سان رشتو جوڙيندو اهو وڏيڪ سٺي سنڌي ٻولي سکي سگهندو. هن وڏيڪ چيو تہ منهنجي خيال ۾ هن وقت سنڌي نوجوان کي گهرجي تہ هو نوڪري واري رڃ ۾ ڀٽڪڻ بدران ابي ڏاڏي واري ڪرت يا ٻئي ڪنهن ڪاروبار ڪرڻ تي سوچي ۽ علم بہ حاصل ڪري.

سو ڪراچي ڇڏي ڳوٺ وڃي درياھ پار ڪري وڃي ڪچو آباد ڪيائين جتي نہ لائيٽ هئي نہ زندگي جون ٻيون سهولتون بس سنڌ و درياھ هيو. سنڌ جي فطرت هئي ۽ سنڌ جا مسڪين ماڻهو هئا جيڪي انور پيرزادي جو اصل عشق هئا جنهن ڪري اها سهولتن کان آجي دنيا کيس وڏيڪ پرسڪون پئي لڳي.

پنهنجي ڊائري ۾ هو لکي ٿو:

ڪچي ۾ آهيان ڪراچي ۾ آواز واري ماحولياتي گدلاڻ ڪيڏي آهي ان جو اندازو ڪچي جي ڪائنات ۾ ايڪانت ۾ خاموشي مان لڳائي سگهجي ٿو.

ڪچي ۾ وڃي فصل پوکڻ کان اڳ وارو مرحلو هو جهنگ کي صاف ڪرائڻ ڇو تہ اها زمين سالن کان غير آباد هئي سو بابا پنهنجي پٽ زبير کان ڪجھ پيسا ورتا، ڪجھ امان وٽ هئا ۽ ڪجھ دوستن جي مدد سان هن ڳوٺ ۾ مشن سان اهو جهنگ صاف ڪرايو. ڪچي وڃڻ اتي مقامي ماڻهن سان رهڻ ۽ زميندراي ۾ مدد ڪرڻ لاءِ بابا پنهنجي ڀاڻج فياض پيرزادي جو ساٿ ورتو جيڪو ساڻس ان سڄي عرصي ۾ گڏ هيو. ان سان گڏ ان جو ڀاء فاروق توڙي ڳوٺ جا ڪيترائي سنگتي هن جي صحبت ڪري بہ ڪچي وڃي هن سان رهيا. چون ٿا

تہ اتي انور صاحب پاڻ هڪ رهڻ جي مڏي ناهي جنهن ۾ ظاهر آهي سيني هن جي مدد ڪئي. اهو بہ ماڻهو چون ٿا تہ انور صاحب جو عوامي رنگ ڪچي ۾ ڏسڻ وٽان هوندو هيو. ڪچي جي غريب ۽ مسڪين ماڻهن سان انور پيرزادي جهڙو ماڻهو ڪچهريون ڪرڻ لڳو تہ اهي سندس مداح ٿي ويا پوءِ تہ ڪو مڪڻ ڪٽي اچي ڪو مڇي ڪو ڪڪڙ ڪو لسي تہ ڪو ڪير سڀ چون تہ انور صاحب اسان جو دوست آهي. سو ان اڻ هوند واري ماحول ۾ بہ انور صاحب عياشي سان رهيو. ان زماني ۾ پوڳن ۾ هو پاڻ کي ڪچي جو زميندار چوندو هيو.

انور پيرزادو زمينون آباد ڪرڻ ۾ لڳي ويو ۽ اتي ڪامريڊ سوڀي، محمد علي، قربان پيرزادي، مينهون خان بلوچ، انور بلوچ، منظور مارفاڻي سميت ڪيترن ئي دوستن سان ڪچي ۾ بہ محفلون ڪرڻ لڳو. اسان کي ان زمين مان ڪو جوڳو فائدو نہ ٿيو چو تہ اجا تہ پوک جو مرحلو هيو. ڪچي ۾ انور صاحب سان گڏ ڪم ڪندڙ ڳوٺ جي نوجوان احمد نواز مون کي ٻڌايو تہ انور صاحب هر ماڻهو کي اتي پنهنجو ڪري ويو هو ۽ ڏاڍو مزو ايندو هيس.

هن چيو پر هڪ ڏينهن اتي وينا هئا سي پاڻي ڇڪڻ واري مشين هلي پئي ۽ اوچتو مشن وڏو نڪاء ڏنو ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي ان وقت انور صاحب کان رڙ نڪري وئي ۽ هن درد مان ابول چيو ۽ پهريون پيرو سندس اکين ۾ مون لڙڪ ترندي ڏٺا. اها بہ هزار ٿي جي ڳالهہ آهي ۽ ان پاڻي ڇڪيندڙ مشين جو پرزا پرزا ٿيڻ کي هن ڊائري ۾ وڏو سيٽ بيڪ لکيو.

پوءِ انور پيرزادي اها زمين فياض پيرزادي جي حوالي ڪئي ۽ پاڻ واپس ڪراچي اچي صحافت ڪرڻ لڳو پر اهم ڳالهہ اها آهي تہ سندس دلچسپي وٺڻ ڪري اها ورهين کان بيڪار پيل زمين ٻيهر آباد ٿي وئي ۽ ماڻهن کي روزگار ملڻ لڳو.

ڪجهہ سال اڳ زرار، زيد ۽ مان پنهنجي چاچي ڊاڪٽر پيرزادي ۽ ڊاڪٽر فياض سان ڪچي وڃي اها زمين ڏٺي ۽ اتي جون ساوڪون ڏنيون تہ بابا جي ڪيل پورهئي تي ڏاڍو پيار آيو. بابا اها

وڏن جي زمين وچي آباد ڪئي پر ان زمين مان جيڪو بہ ان ۾ پيسا اسان کي مليا اهي سيني ڀائرن ۾ هڪ جيترا ورهائبا آهن ۽ هن ڪڏهن ايئن نہ چيو تہ سڄي محنت مان ڪئي آهي تہ پوءِ سڄو يا گهڻو حصو مون کي ملڻ گهرجي. بابا کان پوءِ بہ ان زمين جا پيسا خاندان ۾ سيني ڀائرن ۾ ورهائبا آهن.

# سينئرز جي عزت

اج جڏهن اسان سماج توڙي سوشل ميڊيا تي ڏسون ٿا تہ سنڌ جي سينئر اديبن جن سڄي عمر لکڻ ۽ ادب جي خدمت ۾ گذاري ڇڏي انهن جو قدر ڪرڻ بدران انهن جي ڳالهين تي تنقيد سان گڏ انهن جي تذليل بہ ٿي رهي آهي تہ ان حوالي سان انور پيرزادي جو هڪ واقعو ياد ٿو اچي

شيخ اياز نوي واري ڏهاڪي جي آخر ۾ پنهنجي آخري دور ۾ گلشن حديد هڪ ڏينهن آيو هو جنهن جو ذڪر هن پنهنجي آتم ڪٿا ۾ بہ ڪيو آهي. اهو سڄو ڏينهن اسان شيخ اياز سان گڏ گذاريو ۽ اسان لاءِ زندگي جو يادگار ڏينهن هو. سڄو ڏينهن اياز کي ٻڌندا رهيا سي ۽ حنيف لاشاري جي آواز ۾ سندس شاعري بہ اياز جي موجودگي ۾ ٻڌي سي. شام جو شيخ اياز کي پريس ڪلب وارن دعوت ڏني تہ صحافي ۽ اديب اوهان سان ملڻ ٿا چاهن. اتي صحافين ۽ اديبن شيخ اياز سان سوالن دوران ڪجهہ اختلاف رکڻ شروع ڪيا. هڪ شاعر پڇيو سنڌ جي مستقبل متعلق راءِ ڏيو جنهن تي اياز کو بہ جواب نہ ڏنو. وري اياز جڏهن چيو تہ اج انسان اڳ کان وڌيڪ وحشي بڻجي چڪو آهي. هڪ بم ڏماڪي سان گهڻو ڪجهہ برباد ڪري ٿو ڇڏي. ان تي هڪ دانشور هن کي پراڻي دور جون سزائون ٻڌائي اهو ثابت پئي ڪيو تہ اوهان جي ڄاڻ محدود آهي. ان تي اياز چيس مان وڪيل رهيو آهيان سزا ۽ جزا تي توکان وڌيڪ پڙهيو اٿم منهنجي چوڻ جو مطلب هو تہ انسان جو وحشي پڻو انفراديت کان اجتماعيت ڏي وڌيو آهي.

ان ادبي ڪچهري ۾ انور پيرزادو بہ موجود هو جيڪو غور سان اياز کي ٻڌي رهيو هو پر هن ڏٺو تہ اياز ڪجهہ بي چين پيو ٿئي تہ هو اٿي بيٺو ۽ سيني کي چيائين:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان سڀ اياز کان سوال ڪرڻ جي قابل تڏهن ٿيندا سي جڏهن اسان اياز جيترو مطالعو ڪندا سي اسان مان هتي ڪنهن جو به اياز جيترو مطالعو ناهي ان ڪري بهتر آهي ته اسان اياز کي پڏون ۽ ان مان سکون.

ان واقعي ۾ انور پيرزادي طرفان پنهنجي سينئر شاعر اياز لاءِ عزت ڏسي سگهجي ٿي. باوجود ان جي ته انور پيرزادي جا اياز سان ڪي فڪري اختلاف ضرور هوندا پر هو سينئرن کي مان ڏيندو هو. اها عزت اڄڪلهه اسان پنهنجي سينئرز جي نه ٿا ڪيون ان ڪري امر جليل هجي، امداد حسيني هجي، نورلهدا شاهه هجي، ڪير به اسان جي تنقيد ۽ تذليل کان بچل ناهي. اهو ئي هن دور جو اخلاقي زوال پڻ آهي.

# سحر انگيز شخصيت

انور پيرزادي جي شخصيت ايڏي اثر انگيز هئي جو اها سندس سيني پاسن مان حاوي لڳندي هئي. سندس شخصيت ۾ حسن، قد ڪاٺ، سهڻو آواز، ڳالهائڻ جو انداز، وڏا وڏا ٽهڪ، زور سان هٿ ملائڻ، وڏو ياڪر پائڻ، نوڙت، عاجزي، علم، دور انديشي، دانشوري گهڻو ڪجهه شامل هو پر هن جي انسان سان محبت ايڏي گهري هئي جو اها محبت اوسي پاسي رهندڙ ماڻهن تونڙي هن سان رڳو هڪ ملاقات ڪندڙ انسان کي چڪمق وانگي ڇڪي سندس شخصيت ۾ سياء جو مداح بڻائي ڇڏيندي هئي. هڪ پيري اسان جي سوٽ مسرور هڪ وائيس نوٽ ۾ چيو هو ته شيخ اياز جو شعر آهي ته:

عشق تنهنجو اياز آهه انسان سان هو
هو چون ٿا ته تون نانهن ايمان ۾

مسرور چيو هي شعر مامي انور تي لکيل لڳندو آهي، اياز کي انسان سان ايتري محبت هئي الائي نه پر انور صاحب کي بلڪل اهڙي محبت انسان سان هئي.

ماڻهن سان ڪيل سندس عشق وري انهن ماڻهن کي به انور صاحب جو عاشق بڻايو هو، سندس هزارين مداح هيا. عطيه دائود، ڪتاب ”فنا“ جي مهاڳ ۾ لکيو آهي ته:

اهڙيون شخصيتون، اهڙا انسان به دنيا ۾ رهيا آهن
جيڪي ٻين کي پنهنجي سحر ۾ متبلا ڪرڻ ۾
پنهنجي عشق ۾ فنا ڪري ڇڏڻ جو هنر، طاقت ۾
اهڙي قسمت پاڻ سان ڪٺي ايندا آهن. اهڙا ڪيترا
انسان هوندا پر مون پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙا به انسان

ڏنا ۽ ٻڌا. ان ۾ هڪ هو ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ٻيو انور
پيرزادو. ڀٽي جيان انور سان بہ ڪو ماڻهو هڪ ڀيرو
واٽ ويندي مليو هوندو تہ اهو انور کي دوست سمجهي
ياد رکندو ۽ اهو انور جي گفتار مان ضرور متاثر ٿيو
هوندو.

منظور چانڊيو هڪ ڪچهريءَ ۾ چيو تہ انور جا ٿهڪ ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ويندا هئا. هو اڪثر دانشورن وانگر سنجيده ٿي ماڻهن سان نہ ملندو هو. پر انهن وانگر ئي انهن سان ڪل ڀوڳ ڪندو هو، ان ڪري سندس قرب ڀريو عوامي رنگ ڏسڻ وٽان هوندو هو.

چوندا آهن تہ وڏو انسان اهو هوندو آهي جنهن جي محفل ۾ توهان پاڻ کي وڏو محسوس ڪيو سو انور صاحب جي محفل بلڪل اهڙي هوندي هئي جنهن ۾ هر ماڻهو پاڻ کي معتبر محسوس ڪندو هو. جن ماڻهن کي زمانو نظر انداز ڪندو هو انهن جي بہ ساراهہ ڪندو هو، ڪين سيني جي سامهون مان ڏيندو هو.

انور پيرزادي جي وڏي خوبي هن جي ڳالهائڻ جو سحر هوندو هو. هو ڳالهائيندو هيو تہ دل چوندي هئي وينو ٻڌجيس، فيض پيرزادي هن تي لکيل نظم ۾ چيو هو هن جي ڳالهائڻ ۾ ميسوءَ جهڙو مزو هوندو هو. منير شاهہ چوندو هو تہ انور سگريٽ جي نقصانن تي ڳالهائي تہ لڳندو ان کان خراب ڪا شي ئي ناهي وري ان جي فائدن تي ڳالهائي تہ دل چوندي جيڪر سگريٽ پيئجي.

ڪير ماڻهو توهان سان ڳالهائي ۽ ان سان توهان جي زندگي تبديل ٿي وڃي تہ اها واقعي غير معمولي خوبي آهي. هن جي ڳالهائڻ جو سحر هن جي رڪارڊ ڪيل تقريرن ۾ بہ ڏسي سگهجي ٿو. ڪاش هن جون آف دي رڪارڊ ڪچهريون رڪارڊ ڪري سگهجن هان، جامي چانڊيو چوندو آهي تہ انور جيڪو ڪچهرين ۾ اسان کي موهيندو هيو ان جو رڳو ڏهہ سيڪڙو هو پنهنجي ڪتابن ۾ موجود آهي.

بابا ٻڌائيندو هيو تہ:

مان امريڪا هڪ ميلي ۾ ويس اتي انهن چيو هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميلي ۾ جيڪو ايندو آهي اسان ان ڪان ان جي ڪلچر ۽ ثقافت جي ڪا استوري ٻڌندا آهيون، بابا چيو اسان تي دوست هياسي ۽ انهن سيني مون ڏي ڏنو ۽ چيو تون استوري ٻڌائي سنڌ جي، بابا چيو مان انهن کي مهين جي دڙي جي ڏند ڪٿا ٻڌائي. جڏهن مان ڪهاڻي ٻڌائي بس ڪئي تہ اتان جي ميزبان عورت چيو مان پنهنجي زندگي ۾ ايڏي خوبصورت ڪهاڻي ناهي ٻڌائي ۽ پو انهن مون کي انعام پڻ ڏنو.

جڏهن بابا گذاري ويو تہ سندس هڪ دوست تعزيت لاءِ آيو ۽ چيائين انور جڏهن ڳوٺ جي مڪان تي ويهي ڳالهائيندو هيو ۽ ويهہ ڄڻا ويهي ڪيس ٻڌندا هيا تہ مان انور کي چوندو هيس تو سيني کي سجاتو آهي بس تو پاڻ کي نہ سجاتو چو تہ تنهنجي حيثيت تہ اها آهي جو تون ڳالهائين ۽ لکين ماڻهو توکي ٻڌن پر انور ڪلي ڳالهہ نٽائي ڇڏيندو هيو.

سندس ڪچهري يا تقرير ڪنهن سيمينار هجي يا گهر ۾ هڪ جهڙو معيار رکندي هئي.

ماڻهن جي مدد، انهن کي بحرانن مان ڪيڏڻ ڪيس ايندو هو. ڳوٺ جي قاسم پيرزادي ٻڌايو تہ منهنجو پٽ ڳوٺ ڪافي وقت کان بيمار هو. انور صاحب زوري ڪراچي وٺي هليو، پنهنجي گهر ۾ پندرهن ڏينهن رهائي پٽ جو علاج ڪرائي جڻ مون کي ڊپريشن مان ڪڍيو.

سو جيڪي ماڻهو هن جي ويجهو رهيا تن وٽ بابا جي احسانن جا الڳ الڳ داستان آهن. ڪن ماڻهن کي خودڪشي کان ڇوٽڪارو ڏيارائي، ڪن کي بيماري مان ڇوبچائي، ڪن جون پسند جون شاديون ڇو ڪرائي، ڪن جي مورل سپورٽ ڇو ڪري، ڪن جي پراڻا اختلاف ڇو ختم ڪرائي، ڪن کي نوڪري ڇو وٺي، ڪن کي ليکڪ ڇو بڻائي، ڪن کي پڙهائي ڇو، ڪن کي سوشل ورڪر، سياسي ليڊر تہ ڪن کي صحافي ڇو بڻائي، ڪڏهن پهنجي قيمتي شي ٻين کي ڏئي ڇو ڇڏي، ڪڏهن ڪنهن کي اهڙي راهہ ڇو ڏيکاري جو سندس زندگي سنورجي تي وڃي.

ڳوٺ جي احمد ماڇي چيو هيٺين طبقي جي ماڻهن سان جيئن مون انور صاحب کي پيوست ڏٺو ڪنهن کي ناهي ڏٺو. ڪو پري کان ايندي ڏسندو هو ته اڳ ۾ ئي اٿي بيهندو هو، وڏي پاڪري سان آجيان ڪندو هو. مور فقير چيو پٽ شاهه تي ايندو هو ته ماڻهو مڙي ويندا هئا، لڳندو هو ڄڻ انهن جو مائٽ آهي. هڪ فقير چيو جيڏو حسن هيس ايڏي نوڙت هيس.

پاڻهان پاسي ٽئي واري پٽائي جي سٺ هن جو ايمان هوندي هئي. هن وٽ پاڻ نه هوان ڪري سڀ ماڻهو هن وٽ هئا.

# ڪينسر جي بيماري سان منهن ڏيڻ

اسان جي فيملي ۾ بابا جي پهريئي پٽ زبير جنهن کي هو پنهنجو سيڱين وصفين سڀ کان سهڻو پٽ سڏيندو هيو اوچتو پائيتاليهن سالن جي عمر ۾ هرٽ اٽيڪ ۾ گذاري ويو ته اسان جي گهر جون مضبوط پاڙون ڄڻ ته پٽجي پيون. ماءُ پيءُ لاءِ اهو وڏو زلزلو هيو. امان جيڪا اڳ ۾ ئي دل جي مريض هئي ان جي دل به زبير پاڻ سان کڻي ويو هو سو اها به زبير کان پوءِ هڪ سال ئي زنده رهي سگهي. جڏهن امان کي زبير پرسان دفنايو پئي ويو ته بابا اوچنگارون ڏئي چيو هن کي سڀ کان وڏو صدمو زبير جو هيو. پٽ کان سوا نه رهي سگهي.

اسان ٻارن لاءِ به ٻاءُ پويان امان جو وڇوڙو برداشت کان ٻاهر هيو. انهن ڏينهن ۾ اسان جو ٻاءُ زيد به ٻاهر پي ايچ ڊي لاءِ ويل هو. اسان جو گهر دردن ۾ گهيرجي چڪو هو. بابا کي بظاهر ڪو صحت جو مسئلو نه هيو پر اسان کي هر وقت اها ڳڻتي هوندي هئي ته هاڻي بابا جي حياتي هر قيمت تي بچڻ گهرجي. بابا کي ان کان اڳ به پيرا لور ايبسيس ٿيو هو پر هو ان مان نڪري آيو هو. زبير جي تڏي تي چيائين هاڻي مون کي زبير جي ٻارن لاءِ جيئڻو آهي سو مان پنهنجي زندگي جو لائيف اسٽائيل تبديل ڪندس. سڀ شوق ڇڏيندس. اوهان به زبير جي ٻارن لاءِ سوچيو ڇو ته هو بنهه ننڍڙا آهن. اوهان کي زبير جي زال جو به اڳ کان وڌيڪ خيال رکڻو پوندو.

اسان ڏٺو ته انور پيرزادو جيڪو راتين جا اوجاڳا ڪندڙ ۽ کائڻ پيئڻ جو شوقين هو سو بلڪل تبديل ٿي ويو. رات جو سوير سمهڻ لڳو، صبح اٿي واڪ ڪرڻ لڳو، گهه ۽ تيل کان سوا ڀاڄي ۾ پاڄيون نهرائي کائڻ لڳو. صحت جي باري ۾ گهڻو محتاط رهڻ لڳو ۽ بنا بيماري جي لياقت اسپتال هليو ته مان پنهنجو چيڪ اپ ڪرايان ته مونسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل جو مرض تہ ناهي چو تہ منهنجو وڏو ياءِ امام بخش، پٽ زبير ۽ زال هرٽ اٽيڪ ۾ گذاري ويا ۽ ڊاڪٽر پيرزادي کي بہ اينجيوپلاسٽي ڪرائڻي پئي تہ مان تہ صحت جي معاملي ۾ وڏيڪ لاپرواهہ رهيو آهيان. اسان کي اطمينان ٿيو تہ بابا صحت جو ايڏو اونو ٿو رکي. بابا جيڪو بہ ڪم ڪندو هو ان ۾ شدت ۽ جنون نمايان هوندو هيو سو هو صحت بابت بہ بيحد سنجيده ٿي ويو ۽ سيني کي صحت تي ليڪچر ڏيڻ لڳو. هر ڪنهن کي واڪ ڪرڻ جا مشورا ڏيڻ لڳو.

لياقت اسپتال ۾ اسان هفتو رهيا سي پر ڊاڪٽرن ڪجهہ بہ ڊائگنوز نہ ڪيو ۽ چيو تہ هرٽ جو ڪو گهڻو مسئلو نہ آهي سو بس دوائون کائو نيڪ ٿي ويندو. اسان بہ مطمعين ٿي ويا سي پر زبير جي وڇوڙي واري ڏک مان هو چاهيندي بہ نڪري نہ پيو سگهي. هو انهن دوستن کان پري رهڻ لڳو جيڪي هن جي تفريح واري ڪمپني ۾ هوندا هئا. هن راڳ تي دير تائين ويهڻ ڇڏي ڏنو. آهستي آهستي هن جي طبعيت ۾ بي چيني ايندي وئي هن جو بلڊ پريشر ڪڏهن وڌي ويندو هيو. اسان کي لڳندو هيو تہ اسپتال مان تہ ٿي آيا سي صحت جو ڪو مسئلو ناهي بس زبير ۽ امان جي وڇوڙي ڪري شايد پريشان ٿو رهي.

هڪ ڀيري ڳوٺ کان واپسي تي پنهنجي دوست اختيار پٽي ڏي ڏهرڪي ويو تہ اتي سندس طبعيت مصالن واري ڀاڄي کائڻ سبب خراب ٿي وئي. هو گهر آيو تہ ڪجهہ بخار هيس ۽ ڪمزوري پڻ. رات جو دير سان زرار آفيس مان گهر آيو تہ بابا چيس مون کي وات مان بلغم ۾ رت ٿو اچي. بابا اها ڳالهہ مون کان لڪائي هئي جڏهن زرار مون کي اها ڳالهہ ڪئي تہ مان پريشان ٿي ويس ۽ زرار کي چيم اسان کي اسپتال هلڻ گهرجي. بابا چيو هن وقت رات آهي صبح هلندا سي. زرار چيو اسپتال وڌيڪ محفوظ جاءِ آهي اسان رات جو لياقت وياسي اتي انهن ٽيسٽون ڪري انڪشاف ڪيو تہ هن ۾ رت جي ڪمي آهي پليٽيليٽس صرف سترنهن هزار وڃي بچيا آهن ۽ الٽراساوئنڊ ۾ ڪينسر جو شڪ آهي. اسان جي پيرن هيٺان چڙ تہ زمين نڪري وئي، اسان اهڙي ڪنهن بہ صورتحال لئہ بلڪل تيار نہ هئا سي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بابا کي آئي سي يو ۾ شفٽ ڪيو ويو. زرار اسپتال ۾ بابا سان گڏ هيو ۽ هن ٻڌايو ته اها رات ڏاڍي ڏکي گذري. ٻي ڏينهن ڊاڪٽر هن کي بچائي ته ويا پر انهن ٻڌايو ته ڪيس آخري اسٽيج جو ڪينسر آهي ۽ هن جي حياتي ڇهن مهينن کان مٿي ناهي. انهن چيو اهو سائلنٽ قسم جو ڪينسر آهي جنهن جي خبر ئي تڏهن پوندي آهي جڏهن جسم ۾ ڦهلجي چڪو هوندو آهي. اسان بابا کان اها ڳالهه لڪايون پيا پر بابا سڀ سمجهي پيو. هن اسپتال ۾ ڪينسر وارڊ ناول گهرائڻ لاءِ چيو جنهن مان اهو واضح هيو ته هو ڳالهه سمجهي ويو هو.

انور پيرزادو ڪيڏو بهادر ۽ اصولن جو مضبوط انسان هو ان جو وڏيڪ اندازو اسان کي انهن اسپتال وارن آخري ٻن مهينن ۾ ٿيو. ڪينسر جهڙي خطرناڪ بيماري جو علاج هن تمام گهڻي بهادري سان ڪرايو ۽ اسان ٻارن تي ڪڏهن به اهڙو تاثر نه ڏنو ته ڪو هو گهڻي جسماني تڪليف ۾ آهي. اسان پٽن کان سوا اسپتال ۾ اسان جو سوٽ ڊاڪٽر فياض به اسپتال ۾ رهندو هيو جنهن جي سڄي عمر مريضن جا علاج ڪرائيندي ساڻن گڏ گذري آهي، اهو چوندو آهي مان پنهنجي زندگي ۾ انور صاحب جهڙو بهادر مريض ناهي ڏٺو.

اسپتال ۾ داخل ٿيندي ئي چيائين منهنجي علاج لاءِ سرڪار کي اپيل ڪڏهن به نه ڪجو ۽ جيڪڏهن اخبار ۾ ڪا خبر ڏيو ته اڳ ۾ مون کي ڏيکارجو مان ڪنهن به قسم جي بيوسي جو اظهار نه ڪندس نه ئي مدد جي اپيل ڪندس.

هن وٽ روز ڪيترا ئي دوست ملڻ ايندا هئا انهن سيني سان هن جون اهي آخري ملاقاتون هيون. آصف فرخي ملاقات ۾ چيس اوهان ته حڪومتن کي لڪٽين سان پريشان ڪندا هئا هاڻي دوستن کي به پريشان پيا ڪيو. اعجاز منگي سان مليو ته بابا کيس چيو اعجاز هي انيتاليهه سال سموڪنگ ڪرڻ جو نتيجو آهي، هي دراصل هڪ انسان ۽ جيوڙي جي جنگ آهي ڏسون ڪير ٿو ڪٽي. پو جڏهن بابا گذاري ويو ته اعجاز هي ستون ڪالم ۾ ڪوٽ ڪري لکيو ته جيوڙن کان صرف جيوڙا ڪٽي سگهند آهن هڪ وڏو انسان جيوڙن سان ناهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڙهندو. بيدل مسرور آيو ۽ چيائين انور ڳالهائي ته پرسان ٽيپ رکي ڇڏيو ته جيئن اهو رڪارڊ ٿي سگهي، هن بابا کي زور ڀه ڏنا. چيائين انور جي خدمت جو موقعو مليو آهي ته ماڻي ونون.

اسپتال ۾ هڪ ڀيري بابا ننڊ مان اٿيو. ڦٽي ڏٺي اداسي مان دري ٻاهر نهارڻ لڳو ۽ چيائين گروهڙي ۽ پٽائي صاحب ڪچهري ۾ منظوم انداز ۾ سوال ڪري رهيا هئا ته گروهڙي پڇيو جو مڙيائين موچارو سو آهي ڪجاڙو ته پٽائي صاحب چيو هڪڙي صحت سرير جي ٻيو پرين جوپاڙو. بابا چيو ڳالهه ته صحيع آهي پر سرير جي صحت درست نه هجي ته پو پرين ٻه وسري ٿو وڃي.... ۽ هن جو اکيون گهري اداسي سان پرجي ويون.

بابا جڏهن آئي سي يو مان پهرين رات بچي نڪتو ته هو ڏسڻ ۾ فريش پيو لڳي، هن فرمائش ڪئي ته مون کي پين پنو آڻي ڏيو ته مان پنهنجي آتم ڪٿا جي شروعات ڪيان پر اهي بس ٻه ٽي صفحا هئا جن کي هزارن صفحن جو يادگار ٿيڻ جي زندگي اجازت نه ڏني.

اسپتال جي ڪينسر بيڊ تي ٻه هو اسان ٻارن جو خيال ڪندو هو. هڪ ڀيري آئي سي يو ۾ هو ته ياء چيس ثمينه ملڻ ٿي اچيو. بابا کي آڪسيجن جو ماسڪ پاتل هيو. هڪدم چيائين مون کي اٿاري ويهاريو هي ماسڪ لاهيو ۽ مون کي ڦٽي ڏيو. هو ثمينه جي سامهون نهي جڙي وينو ته جيئن ان جي ڏي کي سندس تڪليف جو اندازو نه ٿئي.ثمينه بابا سان ملي ٻاهر نڪتي ۽ چيائين بابا ته اڄ صفا نيڪ پيو لڳي.

ان بيماري دوران هڪ ڀيري فيض پيرزادو ملڻ آيس ته هن چيو مان مامي انور تي نظم لکيو آهي اسان چيس ٻڌائي، بابا کي فيض جي شاعري گهڻي وڻندي هئي. فيض نظم پڙهڻ شروع ڪيو ۽ جڏهن ان سٽ تي پهتو ته ماڻهو هن جي ڳالهائڻ مان ميسو جهڙو مزو ونندا هئا، هن جي ساهن ۾ سنڌ جي ڪيتن ٻيٽن جي سرهاڻ هوندي هئي، هاڻي هن جي ساهن ۾ آڪسيجن جي اپس آهي.... اهي سٽون ٻڌي بابا اوڇنگار ڏئي روئي وينو ته فيض نظم ٻڌائڻ بند ڪري ڇڏيو.

اڪثر ماڻهو بيماري ڪري ارادن جا ڪمزور ٿي ويندا آهن ۽ خدا جو سهارو وٺندا آهن پر بابا جي اهڙي ڪيفيت آخر تائين ڪو نہ هئي.
بابا جنهن لاءِ رڳو ڇهن مهينن جي زندگي اسان قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئاسي اهو فقط ٻہ مهينا اسان سان گڏ رهي هن دنيا مان گذاري ويو.

مـان تـہ تـوسـان مـري چـڪـو آهـيـان،
سـاهـہ هـي ڪـيـر تـو ڪـٽـي هـاڻـي.
امر پيرزادو

# ببليوگرافي

(1) تون کيڏو ڏور هليو ويو آن، انور پيرزادو.
(2) گورک منچر گاج دنيا، بدر ابڙو.
(3) ايڪويهين صدي جو ادب، انور ابڙو.
(4) فنا، امر پيرزادو.
(5) ڊاڪٽر پيرزادي جي آتم ڪٿا، ڊاڪٽر محمد حسن پيرزادو.
(6) پورائي ۾ پال، شاهه محمد پيرزادو.
(7) سنڌ جو سيوڪ، رمضان ساريو.
(8) ڪتاب انٽرويو ۽ تقريرون، انور پيرزادو.
(9) جن سي لئون لاڳي، اقرار پيرزادو.
(10) سامي سهاڳي، اقرار پيرزداو.
(11) سنڌ، انور پيرزادو.
(12) متان وساريو، انور پيرزادو.
(13) اي چنڊ ڀٽائي کي چئجان، انور پيرزادو.
(14) Cultural Heritage of Sindh, Anwer Pirzado.
(15) Indus and its Delta, Anwer Pirzado.
(16) ڀٽائي، انور پيرزادو.
(17) مهين جو دڙو، انور پيرزادو.
(18) ممبئي ياترا، انور پيرزادو.
(19) جديد سنڌي ادب، انور پيرزادو.
(20) سنڌ، انور پيرزادو.
(21) Khir Thar a Remote Beauty, Anwer Pirzado.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

